روشن خيال تعليمي ڪتابي سلسلو 14

بائيوگرافي

# ڏاهپ جو جنم

(ڪارل مارڪس جي شخصيت
۽ عالمي نُڪتي نظر جي اوسر)



ليکڪ: گينرخ وولڪوف

سنڌيڪار
ڊاڪٽر محبت پرڙو
رياضت پرڙو



# ڏاهپ جو جنم

(ڪارل مارڪس جي شخصيت
۽ عالمي نُڪتي نظر جي اؤسر)

ليکڪ: گينرخ وولڪوف

سنڌيڪار
ڊاڪٽر محبت پرڙو
رياضت پرڙو

سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي
127 سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽي، قاسم آباد، حيدرآباد
Ph: +92–22–2652401, Fax: +92–22–2652401
E–Mail: info@cpcs.org.pk
www.cpcs.org.pk

**سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**

**34**


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | ڏاهپ جو جنم |
| موضوع: | بائيوگرافي |
| ليکڪ: | گينرخ وولڪوف |
| سنڌيڪار: | ڊاڪٽر محبت برڙو ۽ رياضت برڙو |
| ڪمپوزنگ: | رياضت بُرڙو |
| ٽائيٽل ڊزائننگ: | سليمان سميجو |
| ڇاپو پهريون: | جولاءِ 2011ع |
| ڇپائيندڙ: | سي پي سي ايس |
| مُلھ: | 200 روپيا |

**ڪتابن ملڻ جا هنڌ**

ٿامس اينڊ ٿامس بُڪ هائوس، ڪراچي
ڪاٺياواڙ بُڪ هائوس ڪراچي
سنڌيڪا ڪتاب گهر، حيدرآباد
فڪشن هائوس، حيدرآباد
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
گل ڪتاب گهر، شڪارپور
جنيد ڪتاب گهر، دادو
سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر
مهراڻ ڪتاب گهر، ميرپورخاص
هلال ڪتاب گهر، ميرپورخاص
ماروي ڪتاب گهر ٽنڊوالهيار


All Rights Reserved


“**Daahap Jo Janam**”
[A translation in Sindhi language of the book “Birth of a Genius: The Development of the personality and World Outlook of Karl Marx”]
Written By: Volkov G.
Urdu Translation By: Taqi Hyder
Translated from Urdu By: Dr. Muhabbat Buriro & Riazat Buriro
1st Edition: July 2011
Published By: CPCS

**سي پي سي ايس پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.**






- كميونسٽ توهان تڏهن ئي ٿِي سگهو ٿا جڏهن پنهنجي دماغ کي علم جي انهن سڀني خزانن سان مالامال ڪيو جيڪي سڄي انسانيت جو لاڀ آهن.

**- ولاديمير لينن**

# ارپنا

نالي واري اديب ۽ دانشوَر،
سنڌ ۾ ترقي پسند فڪر جي پرچارڪ،
سنڌي علم، ادب ۽ ڏاهپ جي معمار،
هڪ صديءَ جي زنده تاريخ،
محبتي، ملنسار ۽ مهان ماڻهوءَ،
استاد، منتظم ۽ نقاد

**سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جي نالي.**

- رياضت برڙو



# سنـاءُ


• ٻه اکر . . . ........................................ رياضت ٻرڙو 6
• پنهنجن نوجوان پڙهندڙن ڏانهن ............................ 10
• ”خواب لهندڙبي عَمليءَ“ جون ٻيڙيون ..................... 14
• هڪ ڏنڏي جي ڳولا ................................................ 27
• ”مِهڻي جِي مار“ ۽”شاعراڻي شعلي جي طلبَ“ ............ 37
• ”آهي ڳالهه سِڌي، خدائن کان مون کي نفرت آهي“ ....... 51
• ”فلسفي کان سواءِ ڪا ٻه اڳيرائي ممڪن ناهي“ ......... 69
• ”حقيقت تي ٻنا رک رکاءُ تنقيد“ .............................. 85
• هڪ سچي جنگي نعري جي ڳولا ............................. 102
• ڪميونزم: مڪمل انسان دوستيءَ جي حيثيت ۾ ....... 114
• هڪ ڏاهوءِ ان جو ماحول ....................................... 133
• ڏاهي جي ساٿ ۾ _ هڪ پيو ڏاهو ............................. 155
• ”ناڻي“ جو فلسفو ..................................................... 167
• پُڇاڙي .................................................................. 181

# ٻه اکر

سنڌ ڌرتيءَ سان بي پناهه پيار ڪندڙ ۽ مسلسل جاڪوڙيندڙ ڊاڪٽر محبت برڙو (1952_1997ع) اسان جِي سنڌ جو **اهم فرد** هو. اهم ان ڪري جو هن پنهنجيءَ پوري سچائيءَ ۽ وابستگيءَ سان هڪ پاسي عملي طور سنڌ جي سياست ۾ سجاڳ، باشعور ۽ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. جنهن ۾ هن سڄيءَ سنڌ ۾ 50 کان وڌيڪ موضوعن تي 500 کان به وڌيڪ علمي، ادبي ۽ سياسي_تعليمي ليڪچر سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڏنا ۽ تنظيمي طور پڻ سڄاڻ اڳواڻ وارو فرض نڀايو ۽ ٻئي پاسي مختلف شعبن ۾ قلمي حوالي سان. بنا ساهي پَٽڻ ۽ ڪنهن ٿَڪ ۽ مايوسيءَ جو اظهار ڪرڻ جي، انيڪ مضمون، مقالا، ڪتابَ وغيره لکيا ۽ ترجمو ڪيا. جيڪي، ٿورن لفظن ۾ چئجي، ته سياسي، سماجي، سائنسي، علمي، ادبي، تاريخي، تهذيبي، تنقيدي ۽ ٻوليءَ جي موضوعن تي آهن. ٻيا به ڪجهه رُخ، جهڙوڪ: صحافتي ۽ سماجي ڀلائيءَ جي حوالي سان. منهنجي ڀاءُ، ڊاڪٽر محبت جي ان متحرڪ زندگيءَ جا آهن جيڪا باضابطا طور 1972ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄام شوري ۾ سندس ايم بِي. بِي ايس جي تعليم پِرائڻ کان شروع ٿِي ۽ 1997ع ۾ قنبر ۾، 9_اپريل تي، اوچتي وفات ٿيڻ سبب پوري ٿي. ڊاڪٽر محبت جي اها حياتي 25_ورهين تي مشتمل آهي، جنهن جو اڀياس اسين گذريل چوڏهن سالن کان ڪري رهيا آهيون.

ڊاڪٽر محبت جا جيڪي ننڍا وڏا ڪتاب هيل تائين، قلمي توڙي اصلوڪي نالي سان، 1988ع کان وٺي، ڇپيا آهن، سي هن ريت آهن:

1. ....جيڪو سچ چوي (1988ع. سياسي)
2. هٿ وڏايو _ سنڌ بچايو (1988ع. سياسي)
3. ’سنڌي ٻوليءَ جو دشمن نمبر پهريون ڪير؟‘ ۽ ’سنڌي قوم جو اردو ڳالهائيندڙ حصو سنڌ تي ميري نظر رکي ٿو‘ (1988ع. سياسي. ”....جيڪو سچ چوي“ جا آخري ٻه باب ڌار ڇپايل)
4. شهيد فاضل راهو ۽ سندس پارٽي (1988ع. سياسي)
5. ڄاڻي سڄاڻي ويهان ڪيئن ماٺ ڪري (1988ع. سياسي)
6. سنڌي عوام جو قومي اتحاد ۽ ڪي سازشي (1988ع. سياسي)
7. ڇا ايم ڪيو ايم_پ پ پ ناهه سنڌي ماڻهن خلاف خوفناڪ، تباهه ڪندڙ ۽ موتمار سازش ناهي؟ (1989ع. سياسي)
8. پ پ پ حڪومت جا پهريان 30 ڏينهن (1989ع. سياسي)
9. سنڌيو سڄاڳ ٿيو: سنڌ دشمن ۽ سنڌي دشمن سازشن کان هر گهڙي خبردار رهو (1989ع. سياسي)
10. سنڌي مار سورما (1990ع. سياسي)
11. اٽڪ قلعي کان (1990ع. سياسي. ترجمو. ليکڪ: ميجر آفتاب احمد)
12. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا (1998ع. تحقيقي مقالا ۽ مضمون)
13. ماڻهو ۽ ماڻهپو (1999ع. اصلي ۽ ترجمو ڪيل مقالا ۽ مضمون)
14. اڇو ته پنهنجي سنڌي لکت سنواريون (2000ع. لسانيات جي موضوع تي تحقيقي مقالا)
15. يادون ۽ سُڪون (2001ع. انٽرويو، ڪهاڻيون، طنز ۽ مزاح ۽ جارج آرويل جي ناول ”اينِيمل فارم“ جو ننڍايل ترجمو)
16. ٻوليءَ جو ٻُڻ (2002ع. ٻوليءَ تي تحقيقي ڪتاب)
17. سنڌي ٻولي: لفظ، لغت ۽ لکيت (2003ع. تحقيقي مقالا ۽ مضمون)
18. شعور (پهريون ڇاپو: 2004ع. ٻيو ڇاپو: 2008ع. فلسفو)
19. موسيٰ کان مارڪس تائين (2005ع. ترجمو. ڀاڱو پهريون. ليکڪ: سبطِ حسن)
20. سنڌ: حڪمران، ايم ڪيو ايم ۽ سنڌي عوام (2006ع. سياسي مضمون)
21. ٻول جو ٻڻ (2007ع. ٻوليءَ تي تحقيقي ڪتاب)
22. جدلي ماديت جا بنيادي اصول (2008ع. ترجمو. ليکڪ: اي اسپرڪن ۽ او. ياخوت)
23. ڌرتي: منهنجو گهر (2009ع. سائنسي معلوماتي ڪتاب)
24. آڳاٽي سنڌ ۽ سنڌي ٻولي (2010ع. ترجمو. مقالا ۽ مضمون. ليکڪ: ايم. ايڇ. پنهور)
25. موسيٰ کان مارڪس تائين (2010ع. مڪمل ترجمو. رياضت ٻرڙي سان گڏ. ليکڪ: سبطِ حسن)
26. ڏاهپ جو جنم (2011ع. ترجمو. ليکڪ: گينرخ وولڪوف) (هِي ڪتاب)

جڏهن ته جيڪي ڪتاب اڻ ڇپيل آهن، تن ۾ خاص طور هيٺيان شامل آهن:

1. ڪرانالاجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ (ترجمو)
2. سورس مٽيريل آن سنڌ (ترجمو)
3. سنڌين جا اتحاد (سياست)

4. فلسفو
5. ايم ڪيو ايم ڪِي دهشتگرد سياست (اردو. سياست)
6. سنڌ ڊيموڪريٽڪ گروپ ۽ ايم ڪيو ايم جي پٽيشن (ترجمو)
7. چين مٿان ڳاڙهو تارو (ترجمو. سياست)
8. ضميري پڇاڙيون (لسانيات)
9. ڇا اسين گڏ رهي سگهون ٿا؟ (ترجمو. ليکڪ: پروفيسر عزيزالدين احمد)
10. سياسي مضمون (اصلوڪا)
11. سياسي مضمون (ترجمو)
12. ليڪچرَ (مختلف موضوعن تي)
13. متفرق لکڻيون.

ان ريت ڳڻ ڪري سگهجي ٿي ته ڊاڪٽر محبت ڪيڏو نه ڀرپور علمي، ادبي ۽ سياسي ڪم تحريري طور ڪيو آهي.

هاڻ اچون ٿا موجوده ڪتاب **"ڏاهپ جو جنم"** تي.

هيءُ ڪتاب، سوويت سماجياتي ماهر ۽ صحافي پروفيسر گينرخ وولڪوف جو لکيل آهي ۽ ڪتاب جو پورو نالو انگريزيءَ ۾ "بَرٿ آف اَي جِينيَس: دَ ڊِولپمينٽ آف دَ پرسنَلِٽي ائنڊ ورلڊ آئوٽ لُڪ آف ڪارل مارڪس" (Birth of a Genius: The Development of the Personality and World Outlook of Karl Marx) آهي. ان ڪتاب جو اردو ٻوليءَ ۾ ترجمو تقي حيدر ڪيو هو جيڪو "ايڪ عالي دماغ ڪِي پيدائش: ڪارل مارڪس ڪِي شخصيت اور عالمي زاويہ نظر ڪا ارتقا" جي نالي سان، دارالاشاعت ترقي، ماسڪو روس، پاران سوويت يونين ۾ 1982ع ۾ ڇپيل آهي. ان اهم ڪتاب جو هيءُ سنڌي ترجمو آهي. هي ڪتاب 31_ڊسمبر 1982ع تي ڊاڪٽر محبت خريد ڪيو هو. تڏهن ڊاڪٽر محبت ڪراچيءَ ۾ هڪ خانگي اداري ۾ ملازمت ڪري رهيو هو ۽ "فيڊرل بِي ايريا" ۾ رهندڙ هو. ترجمي جي مطالعي ۽ ڊاڪٽر محبت جِي ٻين تنهن وقت وارين تحريرن ۽ ڪيل ترجمن جو جائزو وٺڻ مان، مون کي ايئن معلوم ٿو ٿئي ته ان ڪتاب جو ترجمو ڊاڪٽر صاحب تڏهن ئي، 1983ع ۾، ڄاڻايل نالي **"ڏاهپ جو جنم"** جي نالي سان ڪيو هو جيڪو ٻن نوٽ بُڪن تي رَف حالت ۾ لکيل آهي. اهو ڪتاب پيش لفظ، بعنوان "پنهنجن نوجوان پڙهندڙن ڏانهن"، 11 بابن ۽ "پڇاڙي" تي مشتمل آهي، جن مان ڄاڻايل ٻن نوٽ بُڪن تي "پنهنجن نوجوان پڙهندڙن ڏانهن" ۽ 8 بابن جو ترجمو موجود آهي، جڏهن ته رهيل ٽن بابن ۽ "پڇاڙيءَ" جو ترجمو مون کي ڊاڪٽر محبت جي ٻئي اڻ ڇپيل مواد ۾ ملي نه سگهيو. شايد ته ڊاڪٽر محبت اهو ترجمو ڪنهن به سبب، پورو ڪرڻ کان سواءِ، ڇڏي ڏنو هجي! مون کي ان بابت ڪا ڄاڻ ناهي. بهرحال، مون ضروري سمجهيو ته



ان رهيل مواد جو ترجمو ڪري، ڪتاب مڪمل صورت ۾ سنڌي پڙهندڙن اڳيان پيش ڪيان. ان ڪري اهو پڇاڙڪن ٽن بابن ۽ پڇاڙيءَ جو ترجمو مون پاران ئي ڪيل آهي. ان سان گڏ مون ڊاڪٽر محبت جي ڪيل رف ترجمي تي پڻ ضروري محنت ڪري ان کي موجوده روپ ۾ آندو آهي.

هيءُ ڪتاب يقيناً هڪ اهم ڪتاب آهي، جنهن جو مطالعو دنيا جي هڪ وڏي فلسفيءَ ۽ ڏاهي ڪارل مارڪس جي حياتيءَ ۽ سندس اهم تصنيف "ناڻي" (سرمائي) کي سمجهڻ ۾ وڏي مدد ڏئي ٿو. اڳوڻي سوويت يونين ۾ هن ڪتاب کي مارڪسزم جي مطالعي جو تعارف پڻ سڏيو ويو هو. جنهن مان ڪتاب جي اهميت جِي ڳڻ ٿئي ٿي.

مون کي خوشي آهي ته اسان جي سڄاڻ ڏاهي دوست جامي چانڊيي پنهنجي اداري پاران هيءُ ڪتاب ڇپڻ تي خوشيءَ سان راضپو ڏيکاريو. مون کي پڪ آهي ته پڙهندڙن کي ڊاڪٽر محبت جو ترجمو ڪيل هيءُ ڪتاب به، سندس ٻين ڪتابن جيان، بيحد وڻندو. مون کي سندن راين جو اوسيئڙو رهندو.

**رياضت ٻرڙو**
28_مارچ 2011ع
لاڙڪاڻو.

# پنهنجن نوجوان پڙهندڙن ڏانهن

هي ڪتاب ڪارل مارڪس جي حياتيءَ يا مارڪسي نظريي جي ڪا عام سمجهه ۾ اچڻ جهڙي تشريح نہ آهي. هي [ڪتاب] ان نيت سان لکيو ويو آهي تہ مارڪسزم [مارڪسي-راهہ] جو هڪ قسم جو ”تعارف“ هجي، ان عظيم نظريي جي وجود ۾ اچڻ ۽ ان جي اوسر جي هڪ ڳالهہ هجي، جنهن انسانذات جي مقدر تي، ڪنهن بہ ٻي نظريي کان وڌيڪ اثر وڌو آهي.

هن ڪتاب جي ليکڪ ڪوشش ڪئي آهي تہ پڙهندڙ کي پاڻ سان گڏ نوجوان مارڪس جي جستجوءَ، خيالن ۽ جذبن جي جَهانَ ۾، ان تخليقي تجربيگاهہ ۾ وٺي هلي، جتي هن جي پڙڪندڙ خيالن روپ ورتو هو. تہ جيئن پڙهندڙ جي همت افزائي ٿئي ۽ اهو پاڻ کي ان جَهان ۾ پوريءَ طرح محوِ (گم) ڪري ڇڏي، ان لاءِ جو اسان کي ڪا بہ شَي ايڏو توانو نہ ٿي ڪري جيترو ڪنهن ڏاهي سان روحاني ميلاپ. پوءِ اهو ڇو نہ ڪنهن سهاري وسيلي ئي هجي، جيترو سندس جستجوءَ جي دڳ تي وِک ۾ وِک وجهي هلڻ.

اها ڳالهہ سڀ ڄاڻن ٿا تہ مارڪسزم ڪو ڪٽر اصول ڪونهي، پر هڪُ عمل جو طريقو آهي. ان جو مطلب اهو آهي تہ مارڪسزم جو اڀياس ان جي اوسر ۾، چرپر ۾، عمل ۾ ڪرڻ گهرجي، نہ ڪنهن اهڙي ”تهيل توڪيل“ سچائين جي هڪ مجموعي جي حيثيت ۾، جنهن کي رڳو رَٽي ڇڏڻ ۽ طوطي جيان ورجائي ڇڏڻ جي گهرج هجي.

اسان مارڪسزم جي روح تائين ڪيئن پهچون ۽ سمجهون تہ ان دنيا کي سمجهڻ ۾ اسان جي ڪهڙي سهڪار ڪئي ۽ ڪهڙي شَي آهي جيڪا ان کي اڳيَن (پهريَن) فلسفياڻن ۽ سماجي ۽ معاشي نظرين کان مٿاهون ڪري ٿي؟ ايئن ڪرڻ لاءِ اسان کي پاڻ خيالن ۾ ان دڳ تي وک وک ۾ ڏئي هلڻو پوندو جيڪو مارڪسزم جي بانين طَي ڪيو هو. ايئن ڪرڻ لاءِ اهو ڏاڍو اڻٿر آهي تہ اسان پاڻ



تخليقي فڪر جي انهن رياضتن کي ”ورجايون“ ۽ انهن کي محسوس ڪيون جيڪي نئين عالمي نُڪتي نظر جو ڪارڻ ٿيون هيون. ۽ سڀ کان وڌيڪ هيءَ تہ اسان ماڻهوءَ جي تهذيب جي ان ميراث تي عبور حاصل ڪيون ۽ ان جي نئين سر اڏاوت ڪريون جنهن مارڪسزم لاءِ ماخذ جو ڪم ڏنو هو. ايئن ڪرڻ لاءِ اسان کي نظريي ۽ عمل ۾ مارڪسزم کي لاڳو ڪرڻ جي لياقت حاصل ڪرڻي پوندي.

ظاهر آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ ڏاڍو ڏکيو آهي ۽ سگهہ. جتن ۽ وقت جي گهڻي واهپي جو گهرجائو آهي، پر ”سائنس جو دڳ شاهي جلوس جو رستو نہ آهي ۽ ان جي چلڪندڙ چوٽين تائين پهچڻ جو ڪو بہ امڪان رڳو انهن جي لاءِ آهي جيڪي ان جي اُڀَن پيچرن جي ٿڪائيندڙ چاڙهيءَ کان نہ ٿا ڊڄن.“ (مارڪس)

سولـڙا رستا عام طور مارڪسزم کي حد کان وڌيڪ سادو ۽ عام ڪري ڇڏڻ طرف وٺي وڃن ٿا. اهي هڪ طرف تہ ڪٽر اصول پرست پيدا ڪن ٿا ۽ ٻئي طرف ”خوش فهمين جو ازالو“ ڪري ڇڏن ٿا. اها ئي ڳالهہ لينن جي ذهن ۾ هئي جڏهن هن نوجوان ڪميونسٽ لِيگ جي ٽِين ڪانگريس ۾ پنهنجي مشهور تقرير ۾ درسي ڪتابن ۽ عام فهم ڪتابڙن جي تَهيل گَهڙيل نتيجن ۽ نعرن جي مدد سان مارڪسزم (ڪميونزم) جي ”حد کان وڌيڪ سادي گهڙيل“ اڀياس کان خبردار ڪيو هو.

پاڻ مارڪس ”هر ان شَي تي نئين سر ويچار ڪيو، ان تي تنقيد ڪئي ۽ مزور طبقي جي تحريڪ ۾ پرکيو جيڪا ماڻهوءَ جي ذهن تخليق ڪئي هئي ۽ ان مان اهي نتيجا ڳولي ڪڍيا جيڪي بورجوازِي (Bourgeoisie، وچولو طبقو، امير کان گهٽ ۽ غريب کان مٿي) حدبندين ۾ ڦاٿل يا بورجوازِي ساڙَن سان ڀريل ماڻهو ڪڍي نہ سگهيا هئا.“ ♠

اسان جيڪڏهن ڄاڻڻ چاهيون ٿا تہ مارڪس ڪهڙيءَ واٽ وسيلي مارڪسزم تائين پهتو هو ۽ ماڻهوءَ جي ڏاهپ جو هڪ عظيم ڪارنامو ڪيئن ممڪن ٿيو هو. جيڪڏهن اسين ان ڳالهہ کي ڄاڻڻ گُهرون ٿا، تہ جيئن مارڪسزم کي ان جي سرجڻ جي عمل ۾، ان جي جوڙجڪ واري عمل ۾ سمجهون تہ قدرتي طرح اسين مارڪس جي پهرين لکڻين طرف، هن جي زندگيءَ ۽ سرگرميءَ جي پهرين دَور ڏانهن سڀ کان اڳ ڏيان ڏيون ٿا.

اهو مارڪس ئي ڇو هو جنهن فلسفي ۾ هڪ اهڙو انقلاب آندو جنهن جي نتيجي ۾ انسانذات کي نئين دِيد ملي وئي ۽ جنهن آڏو نيون باڪون ڦٽي پيون؟ ايئن ڪرڻ لاءِ ڪهڙن شخصي، انساني گُڻن جي ضرورت هئي؟ ڳالهہ پڌري پَٽ آهي تہ اهي سوالَ انهن ماڻهن لاءِ ضمني کان وڌيڪ اهميت رکن ٿا جيڪي مارڪس جي فلسفي ۽ سندس زندگيءَ جي پيروي ڪرڻ گهرن ٿا.

---

♠ لينن، ”نوجوانن جي تنظيمن جا فرض“، آڪٽوبر 1920ع.

اهو سچ آهي تہ ماڻهو اهو ئي هوندو آهي جيڪو هو ڪندو آهي ۽ اها ڳالهہ مارڪس بابت تہ اڃا بہ وڌيڪ سچ آهي. ان ڪري جو هُو ذڪر لائق ذهني هڪ‌گرائيءَ جو مالڪ ۽ بامقصد ماڻهو هو.

جيئن جيئن مارڪس جي فلسفي انقلابي روپ ڌاريو ۽ نکريو تيئن تيئن مارڪس جي شخصيت جي اڏاوت ٿي. سندس لکڻين جي ڇنڊڇاڻ ئي هن جي روحاني تجربيگاهہ جي گهراين جِي، هڪ عالم، انقلابيءَ ۽ شهريءَ جي حيثيت سان هن جي اخلاقي ڪردار کي نروار ڪرڻ جي ڪُنجي آهي. ان ڪري نظر هيٺ ڪتاب ۾ مارڪس جي شخصيت جي اوسر ۽ مارڪسزم جي اوسر کي هڪ اڪيلي عمل جي حيثيت ۾ ڏٺو ويو آهي.

هن ڪتاب جي ڌيان جو مرڪز سائنسي ڪميونزم جي بانيءَ جي حياتيءَ جو هڪ ننڍڙو مُدو، 1835ع کان 1844ع تائين وارو دَور آهي يعني جمنازيم مان تعليم وٺي واندو ٿيڻ کان وٺي پهريُن لکڻين تائين وارو اهو مُدو جنهن ۾ ماديت ۽ سائنسي ڪميونزم تائين عبور هڪ حقيقت بڻجي وڃي ٿو.

ماڻهوءَ جي حياتيءَ ۾ 10 سال ٿي سگهي ٿو تہ ايڏا اهم نہ سمجهيا وڃن. تڏهن بہ ان مُدي ۾ هڪ ننڍي بورجوا گهراڻي جي فرد ۽ جمنازيم جي اڪوٽي شاگرد روحاني اوسر جون اُوچايون اُڪريون ۽ پنهنجي دَور ۽ ان دَور جي ماڻهن (همعصرن) کان گهڻو اڳتي نڪري ويو.

مون نوجوان مارڪس جي روحاني اوسر جي تفصيلي يا پوري تصوير پيش ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي. هن ننڍڙي ڪتاب جي مقصد لاءِ انهن خاص خاص پاسن تي زور ڏيڻ ئي ڪافي آهي جن تي مارڪس جي شخصيت جي ۽ هن جي عالمي نُڪتي نظر جي اوسر ٿي. مقصد ايترو گهڻو اهو نہ آهي تہ مارڪس جي لکڻين جي مَتَن ۽ مواد جي تفسير ۽ تشريح ڪجي، جيترو هيءُ تہ انهن ۾ پڙهندڙ کي دلچسپي پيدا ڪرائي وڃي ۽ سندس همت ٻڌائي وڃي تہ هُو پاڻ سوچي ۽ ڄاڻ پرائي.

نوجوان پڙهندڙ کي هن ڪتاب ۾ شايد اهڙا نالا، اصطلاح ۽ مسئلا نظر ايندا جن کان هُو اڻڄاڻ آهي ۽ شايد هر شي ترت ئي سمجهہ ۾ نہ اچي. گهڻيون ئي ڳالهيون هن کي سوچڻ ۽ ويچار ڪرڻ تي مجبور ڪنديون ۽ ڪيترين ئي شين بابت سوال ۽ انهن جي وڌيڪ گهري اڀياس ڪرڻ جي سَڌ پيدا ٿيندي. اصل ماخذن جو انهن ڪتابن جي حوالن جو جيڪي سوچ لاءِ وڌيڪ ڪاڻو مهيا ڪري سگهن ٿا، مقصد هي آهي تہ اهي انهن پِڙن (ميدانن) جِي پنهنجو پاڻ تحقيق لاءِ رهنما ٿين، جن سان هتي پيدا ٿيندڙ مسئلن جو واسطو آهي.

۽ جيڪڏهن هن ڪتاب جي اڀياس کان پوءِ پڙهندڙ مارڪس جي خيالن جي دنيا ۾ وڌيڪ اونهو وڃڻ گهري ٿو جيڪڏهن مارڪس جي رَندن تي هلندي هُو بہ افلاطون ۽ ارسطو ڪانٽ ۽ فيختي، هيگل ۽ فيوئر باخ جي فلسفي ڏانهن، سينٽ



سائمن، فوريئي ۽ ريڪارڊو جي لکڻين ڏانهن، شيڪسپيئر ۽ بالزاڪ، گوئٽي ۽ هائني جي تحريرن ڏانهن ڌيان ڏئي ٿو تہ هُو ان ڳالهہ کي سمجهڻ جي وڌيڪ ويجهو اچي رهيو هوندو تہ مارڪسزم ڪيئن وجود ۾ آئي ۽ اها ڪهڙيءَ شي تي ٻَڌل آهي.

اسان عظيم ادب جو بہ ذڪر ڇو ڪيو؟ حقيقت هيءَ آهي تہ مارڪسزم جي اوسر ۾ رڳو فلسفياڻو سماجي ۽ معاشي ئي نہ، پر فني جمالياتي مقدمن بہ هڪ اهم ونڊ ونڊيو آهي. نوجوان مارڪس جي لاءِ آزادي پسند فن جي دنيا سندس عقيدن جو پهريون اسڪول هو. فن ئي مارڪس کان حقيقت بابت هڪ تنقيدي رويو اختيار ڪرايو ۽ پنهنجو پاڻ تي پڏندڙ ۽ ڊاول بدتهذيبيءَ تي ملامت ڪرائي. مارڪس جي فني سمجهہ جي اوسر هن جي سياسي سمجهہ جي اوسر ۾ ملي جذب ٿي وئي. هن بدتهذيبيءَ تي جيڪا تنقيد ڪئي، اها ئي ان بدتهذيبيءَ کي جنم ڏيندڙ سماج جي بنياد جي تنقيد بہ بڻجي وئي. فن ۾ مارڪس جي جوشيلي دلچسپي، ڦوهہ جوانيءَ ۾ ئي هن جي جمالياتي ذوق جي جوڙجڪ ۽ نثر ۽ نظم لکڻ وارا سندس پنهنجا تجربا – انهن سڀني شين اڳتي هلي هن جي لکتن تي بہ ڏاڍو سنو اثر وڌو، جن ۾ گهري سائنسي سوچ سان گڏ، وضاحت (تشريح، کولي بيان ڪرڻ) جي هڪ روشن فني هيئت جو ميلاپ آهي.

# ”خواب لهندڙ بي عمليءَ“ جون پيڙيون

**اهو سچ آهي تہ پراڻي دنيا بدتهذيب (اڻ سڌريل) جي دنيا آهي، پر ان کي پوائتو نہ سمجهڻ گهرجي، جو ان کان ڏجي ماڻهو پوئتي هٽي وڃي. ان جي ابتڙ، اسان کي ان تي نظر رکڻ گهرجي. دنيا جي اُن مالڪ جو اپياس ڪرڻ، فائدي وارو آهي.**

**ـ ڪارل مارڪس♠**

ها، بدتهذيب جي دنيا تي نظر وجهڻ اجايو نہ ٿيندو پوءِ اها ان حقيقت جي بنياد تي تہ انهيءَ دنيا سان جدوجهد ئي هئي جنهن خود مارڪس جي قابليت کي، هڪ سرويچ، مفڪر ۽ انقلابيءَ جي حيثيت سان ان جي شخصيت کي تيک ڏنو ۽ اُجاريو ۽ سنواريو. ان جو گهڻ ۾ گهڻ هڪ متاچرو خاڪو پيش ڪرڻُ ان پس منظر کي وڌيڪ چِٽو ڪري ڏيکارڻَ لاءِ اڻٽر آهي جنهن ۾ مارڪس جي ڏاهپ وڌي ويجهي.

جرمن بدتهذيبي ان ڳالهہ لاءِ مشهور آهي تہ هائني جي تيز نفرت ڀري ٺوڪ ۽ مارڪس ۽ اينجلس جي ساهہ نهوڙيندڙ ڦِٽ لعنت ان کي ڪُلي عام ذليل ۽ خوار خراب ڪيو. مارڪس جي لاءِ ڪا بہ شَي ايڏي ڪرپائتي نہ هئي جيڏي بي فڪر بدتهذيبي، پوءِ ڪٽي اها ڪهڙي بہ پِڙ ۾ يا ڪنهن بہ شڪل ۾ ظاهر ٿئي: ذاتي لاڳاپن ۾، روزاني زندگيءَ ۾، سائنس، شاعري، سياست ۾، يا انقلابي جدوجهد جي عمل ۾.

چا بہ هجي، بدتهذيبي ڪا ”قومي“ ايجاد تہ آهي ڪا نہ. اها ننڍڙي بورجوازِي بي فڪري، مڪار مذهبي اخلاق بازي ۽ اڳوٽي چاڪر جي تابعداراڻي نفسيات جي، جيڪو دل ۾ چاڪر ئي رهجي ويو آهي، قدرتي پيداوار هوندي آهي. هيءُ ان

---

♠ ڪارل مارڪس، ”’ڊوئچ فرانزيسيشي ياربيوخير‘ کان خطُ“، مارچ 1863ع.



سماجي نظام جو اڻٽر ميوو آهي جيڪو ”آزاديءَ، برابريءَ ۽ ڀائپيءَ“ جي ”انسان دوستيءَ واري“ نعري هيٺ ماڻهوءَ جي هٿان ماڻهوءَ جي بي رحم ڦرلٽ کي پنهنجو دستور بڻائي ڇڏي ٿو. جيڪو ماڻهوءَ کي مايا ـ موهہ جو غلام بڻائي ڇڏي ٿو ۽ ان کي انسانذات جو سڀ کان وڏو ”ڪارنامو“ سڏي ٿو.

بدتهذيبي مختلف ملڪن ۾ تاريخي حالتن ۽ قومي ڪردار مطابق وڌِي ويجهي. جرمن بدتهذيبيءَ جو بہ پنهنجو ئي رنگ هو ـ ۽ ان جا خاص سبب هئا.

”جرمن قوم جي مقدس رومي سلطنت“، جيئن انهن ڏينهن ۾ ان کي وڏي ٺَٺ سان چيو ويندو هو، اڻويهين صديءَ جي ابتدا ۾ ڪيترائي سَو ”خودمختار“ رياستن تي ٻَڌل هئي جن ۾ چڱيون وڏيون رياستون (مثال طور پروشيا ۽ آسٽريا) کان وٺندي تمام ننڍڙيون بادشاهيون، شهنشاهہ جي چونڊ لاءِ راءِ ڏيڻ جو حق رکندڙ حڪمرانيون، راجائن جون عملداريون، نوابن جا علائقا، تعلقا ۽ آزاد شاهي شهر شامل هئا. اهي سڀ چڱيءَ حد تائين سياسي آزادي رکندڙ هئا ۽ رڳو شهنشاهہ ۽ خون بها جي اقتدار هيٺ هئا ۽ اهو اقتدار ڪڏهن ڪڏهن صفا اڻ لَکو هوندو هو. نتيجو اهو هوندو هو تہ پاڻ ۾ جهيڙا، وٺ وٺان ۽ ڏاڍي ڏاهہ ڊوهہ جو راڄ پيو هلندو هو.

هر ننڍو راجا پنهنجيءَ رعيت لاءِ هڪ مرضيءَ وارو حڪمران هو. دربار ۾ اقتدار وزيرن ۽ حڪومتي عهديدارن [نوڪرشاهيءَ] جي هٿن ۾ هو، جن کي جيئن فريڊرڪ اينجلس ٻڌايو آهي، عمل جي پوري آزادي ۽ سزا جي ڊپ کان پوري ڇوٽ حاصل هئي، پر شرط اهو تہ اهي پنهنجي مالڪ جو خزانو ڀريندا رهن ۽ سندس ”حرم سرا“ (زنان خاني) لاءِ چڱو زنانو حسن مهيا ڪندا رهن.

ڏوڪڙ ريڙهيندڙ تنگ نظر ماڻهن يعني بورجوا ان حقيقت کي قبول ڪري ورتو هو تہ انهن تي ظلم ۽ ڏاڍ ڪيو پيو وڃي ۽ کين ذليل خوار ڪيو ويو وڃي. کين پڪ هئي تہ گندي پاڻيءَ ۾ مڇيءَ جو شڪار ڏاڍو سولو آهي ۽ اهي لاڳيتو سماجي بدنظميءَ ۾ دولت جا اٿاهہ سرچشما ڳولي وٺندا هئا. عوام سان متحد ٿي (ٻڌي ڪري) اهي پراڻي اقتدار جو تختو اونڌو ڪرڻ ۽ سلطنت جي اصليت بدلائڻ لائق ٿي سگهيا پئي، جيئن انگريز بورجوازِيءَ ڪنهن حد تائين 1640ع ۽ 1688ع جي وچ ۾ ڪيو هو ۽ جيئن فرانس ۾ انهيءَ وقت ٿيو هو.

پر جرمن بورجوا طبقي وٽ نہ تہ ايتري قوت هئي ۽ نہ ئي هن ڪڏهن ايڏي همت جي دعويٰ ڪئي هئي. ”هاري طبقو، واپاري ۽ صنعتڪار هڪ رت ـ پياڪ حڪومت ۽ ردي واپار جو ٻٽو بار محسوس ڪندا هئا. اميرن جي طبقي ۽ راجائن کي اها خبر پئي پوندي هئي تہ انهن جون آمدنيون، پنهنجن هيٺين کي نپوڙڻ باوجود، انهن جي وڌندڙ خرچن جو ساٿ ڏئي نہ ٿيون سگهن. هر شَي غلط هئي ۽ ملڪ تي هڪ عام بي چيني ڇانيل هئي. نہ تعليم هئي، نہ عوام جي ذهنن تي اثر

ڪندڙ وسيلا، نہ ڪا آزاد پريس هئي، نہ عوامي راءِ، تان جو ٻين ملڪن سان وڏندڙ واپار بہ نہ هو - ڪجهہ بہ نہ هو سواءِ ڪميڻائپ ۽ خود غرضيءَ جي - سڄي قوم ۾ هڪ ڪمينو ڪِريل، نياڳو دڪانداري روح رچي ويو هو.“ ♠

هيءَ تصوير ان ”سلطنت جي بيماريءَ“ سان ڏاڍي ملندڙ آهي جنهن جو اطلاع گوئٽي جي ”فائوسٽ“ ۾ چانسلر پنهنجي شهنشاهہ کي ڏي ٿو ۽ شڪايت ڪري ٿو تہ چئني ڏِسائُن ۾ ڏک ۽ ڏولاوا آهن، هڪ برائي ٻي برائيءَ کي جنم ڏيندي آهي:

هيڏِي اوچائيءَ تان هر پاسي نظر تہ وجهو!
هڪ پريشان خواب آ، هن ملڪ کي ڏسو تہ سهي!
هڪ عيب جي قالب ۾ هتي ٻيو عيب ٿو پلجي،
قانون جي چُرچ تي ٿي ٿو هر ڏوهہ پيو پلجي،
هڪ دَور غلط ڪاريءَ جو وڌندو ئي وڃي پيو...
هر نيڪ نيت انسان جو حشر اهو ئي ڏٺو آ
رشوت سان، خوشامد سان اهو نيڻ رِجي ٿو
عادل کي ناهي حق جڏهن ڪو بہ سزا ڏيڻ جو
ملي وڃي ٿو مجرم سان، انجام اهو ٿئي ٿو
مون هِي جو چِٽيو آهي، سنو نقش تہ ناهي،
وس منهنجو هلي ها جي، ان کان بہ برو چوان ها.

۽ پوءِ فرانسي انقلاب ان گهاٽي ننڊ ۽ جميل ۽ گندي ڌُنڌ واري ديس تي ڪنهن ڪنوڻ وانگر گڙڪيو. مايوسيءَ ۽ نااميديءَ بدران جوش جذبو اچي ويو. روشن خيال جرمن بورجوا تہ ”بي مهار فرونڊي“ ♦ قدمن کڻڻ جي بہ جسارت ڪري ورتي. اهي شراب گهرن ۾ وڏي جوش سان ”مارسيليز“ ڳائڻ لڳا ۽ هنن فرانسي قومي اسيمبليءَ جي نالي مبارڪن جا پيغام موڪليا. جرمن شاعرن هڪ-زبان ٿي فرانسي عوام جي واکاڻ ۾ نظمَ لکيا ۽ جرمنيءَ ۾ بہ جيڪبين ♣ جا حمايتي ظاهر ٿي پيا جن انقلاب برپا ڪرڻ لاءِ زوردار اپيل ڪئي.

پر اولهہ کان ايندڙ ان آنڌاريءَ جو نقشو صفا ٿورو وقت رهيو. جيڪو بي دهشت کان جرمن بورجوازي ڊڄي وئي. عزت وارن بدتهذيبن نجي ڪاروبار جي آزاديءَ جا ۽ ڊِيوگن ۽ ڪائُونٽن سان برابريءَ ۽ ڀائپيءَ جا خواب ڏسڻ تہ شروع

---

♠ فريڊرڪ اينجلس، ”جرمنيءَ جي حالت“، فيبروري 1845ع.

♦ فرونڊِي جي تحريڪ -. سترهين صديءَ ۾ فرانسي اميرن ۽ بورجوازي ۾ پکڙيل هڪ تحريڪ، جيڪا بي لغام (مطلق العنان) بادشاهيءَ خلاف هئي. (ايڊيٽر)

♣ جيڪوبِي - 18-هين صديءَ جي آخر ۾ بورجوا انقلاب وقت ڪاٻيءَ ڌر جو بورجوا سياسي ٽولو. (ايڊيٽر)



ڪري ڏنا هئا پر هاڻي هُو فرانس کان ايندڙ خبرن کي ڀاڙيائپ واري رڙهيءَ ۽ ڌڪ سان ٻُڌندا هئا. جيڪي اجهو ٿوري دير اڳ تائين انقلاب جا جوشيلا يار هئا اهي هاڻي ان جا سخت ۽ ڪٽر دشمن ٿيندا پئي ويا.

تڏهن ئي نيپولن جرمن سرزمين تي فوجي ڪاهہ ڪئي. معروضي طور هُو جرمنيءَ لاءِ انقلاب جو هڪ نمائندو هو ان ڪري جو هن ان جي اصولن جو رواج وڌو. پراڻين جاگيرداري رسمن ۽ ريتن کي ختم ڪري هن پنهنجو قانوني ضابطو قائم ڪيو جيڪو بنا شڪ وڏيڪ ترقي پسند هو. هن ڳريل سڙيل سلطنت کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ وڏيون رياستون ناهي ننڍڙين رياستن جو سلو ئي ساڙي ڇڏيو.

پوءِ بہ جرمن ڪو خاص نيپولن جا ٿورائتا نہ ٿيا. اها ڳالهہ سمجهہ ۾ ايندڙ هئي. فوجي شڪستن جي ڪري ٿيل بدناميءَ ۽ ان حقيقت جي ڪري جي انهن جي قومي غرور کي ڌڪ پهتو هو تہ ”غاصب“ پنهنجي بوٽ جي هڪ نوڪر سان جاگيرداري نظام جي انهن ڪارٽن کي بہ ختم ڪري ڇڏيو هو جيڪي بدتهذيب کي ڏاڍا پيارا هئا. جرمن بدتهذيب مرڻ پسند ڪري ها ان کان وڏيڪ جو اها پنهنجن مالڪن آڏو سيس نوائڻ ڇڏي ڏي.

نيپولن جي شڪست کان پوءِ جرمنيءَ کي وري ان ”خواب لهندڙ بي عمليءَ“ جي حالت ۾ موٽي وڃڻ جو موقعو مليو جنهن مان ڪيس ايڏي بدتميزيءَ سان جاڳايو ويو هو ۽ جنهن جي اها مدتن کان آس رکيو ويني هئي. هر پاسي رجعت پرستيءَ جي ڏُوڪ ڏوڪان ٿي وئي. هڪ جرمن اليڪٽر (شهنشاهہ جي چونڊ ۾ حصو وٺڻ جو حق رکندڙ راجا) تہ ايترو بہ ڪري ڇڏيو جو پنهنجي سپاهين جون چوٽيون بہ بحال ڪري ڇڏيون جن کي فرانسين جي ناپاڪ هٿن ڪَپي ڇڏيو هو.

بادشاهن مان بہ ڪي ترقيءَ جا حامي هئا. تنهنڪري ويورٽمبرگ جي بادشاهہ پنهنجي رعيت کي هڪ اهڙو آئينُ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو جنهن ۾ هڪ پارليامينٽ قائم ڪرڻ جو بندوبست ڪيو ويو هو. ان مقصد لاءِ هن رياستن جي نمائندن کي گڏ ڪيو پر پوءِ هڪ اهڙي ڳالهہ ٿي جيڪا رڳو جرمنيءَ ۾ ئي ٿي پئي سگهي. رياستن جي نمائندن بادشاهہ جي روشن خيال اڳيراين کي رد ڪري ڇڏيو ۽ ”پراڻا سنا قانون“ ئي بحال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو نيڪ ساڳيءَ طرح جيئن هائني جي نظم ”چيني شهنشاهہ“ ۾ ٿيندو آهي:

جيڪڏهن انقلاب جي موجوديءَ سان چينُ ملي
تہ چوڻ لڳن ٿا پاڻ ۾ مانچو جا امير
ضرورت ان جي آ تہ هٽو ترئين تي ڏنڊا
هتي اسان کي پِلا آئينَ جي ضرورت آ ڪهڙي!

ڇا ان قسم جي حالتن ۾ ڪا اهڙي تحريڪ اڀري سگهي ٿي جيڪا ڪنهن به نموني بنيادي تبديليءَ جي خواهش رکندڙ هجي؟ ڇا ان ڳالهه جي ذرڙي اميد به ڪري سگهجي ٿي ته عوام پنهنجي ملڪ جي مقدر ۾ مداخلت ڪندا ۽ پنهنجي مرضيءَ جو آزاديءَ سان اظهار ڪندا؟

جرمن بورجوازِيءَ پنهنجون سموريون اميدون پروشيائي بادشاهيءَ سان ڳنڍي ڇڏيون هيون ۽ ان کي هڪ اهڙي قوت سمجهڻ لڳا هئا، جيڪا ملڪ ۾ معاشي ۽ سياسي ارتڪاز ڪري پئي سگهي. پاڻ ۾ خانداني جهيڙا ۽ ملڪ جو ننڍا ننڍا ٽُڪر ٿيندو رهڻ، هر ڏينهن جون عام ڳالهيون هيون. انهن حالتن ۾ هڪ گڏيل بورجوا رياست جو آدرش جرمن بدتهذيب جي لاءِ قومي آرزوئن ۽ اميدن جو طلسم ٿي پيو هو. ”رياست جي ان حالت سان درٻاري ملازمن جي اهڙن خيالن جي وضاحت به ٿي وڃي ٿي جيڪي پيو ڪٽي به نه ٿا ملن، ۽ رياست جي باري ۾ انهن سيني خوش فهمين جي به، جيڪي جرمنيءَ ۾ عام آهن.“♠

جرمن بدتهذيب رڳو اقتدار تي قابض صاحبن جي اطاعت گذاريءَ تي راضي رهندڙ نه هئي. اها خدا جي به اطاعت گذار هئي جنهن کي اها ”پنهنجيءَ دل ۾ سانڍيو پئي گهمندي هئي.“ جرمنيءَ ۾ ئي عيسائيت جي سڌاري (ريفارميشن) ۽ پروٽسٽنٽ عقيدي جو جنم ٿيو هو ۽ مذهبي تقويٰ جو جذبو، جيڪو ”اخلاقي پاڪيزگيءَ“ ۽ خدا سان محبت جو مطالبو ڪندڙ هو، خاص طور سگهارو هو.

غلاميءَ (جي سيني صورتن) ۽ مڪار اخلاق ۽ ان جي اخلاقي بندشن سميت مذهب جي جائز اولاد جي حيثيت سان بدتهذيب جي تنگ نراڙ تي ماءُ پيءُ ٻنهي جي ڇاپ موجود هوندي آهي. اهو مالڪ به ٿي سگهي ٿو ۽ نوڪر به، اهو معمولي ڪٻاڙي به ٿي سگهي ٿو ۽ سستن خيالن جي ڪوٽِ ڪپائيندڙ به. ۽ هر صورت ۾ پاڻ کان برتر جي آڏو پوءِ ڪٽي اهو مالڪ هجي، بادشاهه هجي يا خدا هجي، ان جا پير چمڻ ۽ نوڪري چاڪري ڪرڻ ئي ان جي نمايان خاصيت هوندي آهي. اها اطاعت گذاري سوين سالن تائين پلجندي، وڌندي ۽ پختي ٿيندي رهي ۽ پوءِ بدتهذيب لاءِ سندس نفسيات، سندس روحاني دنيا جي لاءِ هڪ اندرِين، لاشعوري ضرورت بڻجي پوي ٿي. هن جي خيالن ۽ احساسن تي ڪٽر اصولن جي اوٽ اڇي ٿي، هن جي دل ۽ هن جو دماغ ٻَنڌڻن ۾ ٻڌجي وڃن ٿا ۽ اهو ساڳيءَ طرح ان جي عزت ڪري ٿو. اهو ڪجهه حڪمن، مٿان ايندڙ گشتي حڪمنامن ۽ هدايتن کان سواءِ پنهنجيءَ زندگيءَ جو تصور به نه ٿو ڪري سگهي. جڏهن هن کي آزاديءَ سان قدم وڌائڻ جو موقعو ملي ٿو ته اهو ڄڻڪ اندر ۾ بي چيني ٿو محسوس ڪري. جيڪڏهن ڪيس پنهنجي مرضيءَ تي ڇڏيو وڃي ته هُو ڪڏهن آزاديءَ جي چونڊ نه ڪندو.

---

♠ ڪارل مارڪس، فريڊرڪ اينجلس، ”جرمن آئيڊيالاجي“، 48-1845ع.



ان زماني جو پروشيائي بدتهذيب ضابطي (ڊسپلين، نظم ۽ ضبط) جو ڏاڍو شيدائي هو. ”اعليٰ حضرت شهنشاهه“ جي بيرڪن جو تربيت ورتل بدتهذيب، جنهن جي تربيت فوجي به هوندي هئي ۽ ذهني به، ڏنڊي جي زور تي ڪرايل ضابطي کي وڏي خوشيءَ سان قبول ڪري وٺندو هو ۽ ڏاڍي خلوص سان يقين رکندو هو ته انهيءَ ئي ضابطي تي سڄيءَ دنيا جو دارومدار آهي. ڏنڊي جي لاءِ هو سچ پچ ”ڪتن جهڙي“ شفقت محسوس ڪندو هو ۽ پنهنجي مالڪ سان وفاداريءَ جي ثبوت لاءِ هُو هر ان ماڻهوءَ کي چَڪي چٻاڙي کائڻ لاءِ تيار هو جيڪو ان ڏنڊي کي ڦرڻ جِي ڪري، ۽ ”فسادين“ کي ڪُٽڪو ڏيڻ لاءِ هو پاڻ وڏيءَ خوشيءَ سان ضابطي جي ڏنڊي جو ڪردار ادا ڪندو هو.

بدتهذيب تي خود پنهنجي تقويٰ جو پنهنجي ورثاءَ جي ناقابل اعتراض طور ”اخلاقي“ هئڻ جو اهڙو نشو چڙهيل هوندو آهي جو هر ڪنهن (غريب توڙي امير) کي ”اخلاقيات جو سبق سيکارڻ“، سيني کي صحيح رستي تي هلائڻ پنهنجو مقدس فرض سمجهي ٿو. هو هر ان شَي کان اڻ ڄاڻائيءَ کي خوبي سمجهي ٿو، جنهن سان ڪنهن ماڻهوءَ کي سُڪون ۽ سهولت ڀِري زندگي گذارڻ لاءِ مدد نه ٿي ملي.

مارڪس انهن مان هڪ جي تصوير هنن لفظن وسيلي بيان ڪئي آهي: ”ڪالهه گرائفسوالڊ کان هاسي آيا، جن جي سلسلي ۾ مون کي جنهن اڪيلي شَي تي اچرج لڳو ته اهي ها هنن جا زبردست ٽاپ بوٽ، جيڪي ڳوناٽن پادرين جهڙا هئا. ۽ هُو ڳوٺ جي پادريءَ جي ٽاپ بوٽ جيان ئي ڳالهيون ڪري رهيا هئا. هنن کي ڪنهن به شَي بابت ڪا به ڄاڻ ناهي پر هو بي ڪيف ۽ بي رنگ آنسليم آف ڪينٽربريءَ بابت هڪ ڪتاب ڇپائڻ جي تياري ڪري رهيا آهن جيڪو ڪيترن ئي جلدن ۾ ورهايل هوندو ۽ جنهن تي هو ڏهن سالن کان ڪم ڪري رهيا آهن. سندن خيال آهي ته هاٺوڪو تنقيدي لاڙو هڪ گهڙي آهي جنهن تي قابو پائڻ گهرجي. هو مذهبيت بابت چون ٿا ته اها زندگيءَ جي تجربي جي پيداوار ٿيندي آهي، جنهن مان شايد سندن مطلب آهي پنهنجن ٻارن کي ڪاميابيءَ سان پالڻ تاتڻ ۽ سندن پنهنجا وڏا ڍِڍ، ان ڪري جو ٿُلهن ڍِڍن کي هر قسم جا تجربا حاصل هوندا آهن ۽ جيئن ڪانٽ چوي ٿو: جيڪڏهن اهو هيٺ هليو وڃي ٿو ته ريح بڻجي پوي ٿو ۽ جيڪڏهن مٿي چڙهي ٿو ته مذهبي وجدان ٿي پوي ٿو. پنهنجي مذهبي قبضيءَ سميت هي متقي هاسي به ڪهڙا نه ماڻهو آهن!“♦

هاسي جهڙي قسم جي بدتهذيبن کي شاندار تقريرون ڪرڻ جو شوق هوندو آهي ۽ هنن وٽ پنهنجي ڪِريل ۽ محدود ضرورتن کي ”دل ۽ دماغ“ جون ضرورتون

---

♦ ڪارل مارڪس، آرنلڊ روڳي جي نالي خط، تاريخ 27 اپريل 1842ع.

ٻڌائي پيش ڪرڻ ۾ ڪو بہ عار نہ هوندو آهي ۽ نہ ئي انهن لاءِ پاڻ کي مجاهد سڏائڻ ۾ ڪو عار هوندو آهي، جڏهن تہ اهو ذڪر اجايو نہ ٿيندو تہ اهي هميشہ "پوئين پساهہ تائين" مجاهد ناهن، پر "پيٽ خاطر" مجاهد هوندا آهن.

پنهنجيءَ سوچ جي خماريل نفسيات کي حق جي ڳولا ۾ رومانيِ جَهان گشتي جاڻائي، اهي پاڻ کي مفڪر جي حيثيت سان پيش ڪرڻ گهرن ٿا پر عام طور الاهي حڪم (قضا) کان اڳتي وڌي نہ سگهندا آهن. اهي گنل پينل، ڪِريل خيالي ڳالهين ۽ "روح افزا" بيهودائپ جي اونداهين گهٽين ۾ پنهنجي گهٽ عقليءَ تي روشني وجهندا آهن.

مارڪس انگريز اخلاق پرست جيريمِي بينٿم (1748ع _ 1832ع) کي، اٺوهين صديءَ جي بورجوا عقل جي سنجيدگيءَ سان علميت جهڙيءَ ۽ بيزار ڪندڙ جاڙِي باز غيب جي مفتيءَ کي، "بورجوا بيوقوفيءَ جي انداز ۾ عالِي دماغ" کي "بدتهذيبن جي ڏاڏي آدم" جو نالو ڏنو هو. "سادڙي بيوقوفائپ" سان بينٿم اعلان ڪيو تہ بدتهذيب ئي، جيڪي پنهنجي خودپرستيءَ وارن مفادن کي انهن سڀني شين جو پيمانو سمجهي ٿو جيڪي سماج لاءِ "فائديمند" آهن، مثالي انسان آهي.

مارڪس "ناڻي" ("سرمائي") ۾ لکيو آهي تہ "فلسفين ۾ بينٿم ايئن ئي آهي جيئن شاعرن ۾ مارٽن ٽپر." پوئين صديءَ جي وچ ڌاري ٽپر کي انگريز تنگ نظرن جي حلقي ۾ ڏاڍي مقبوليت حاصل هئي جن کي هن جي نظمن جو انتهائي غلط خيالي پڻو ۽ ڏيکاءَ جي بلاغت پنهنجي ذوق مطابق معلوم ٿيندي هئي. مارڪس پنهنجي "اعتراف" ۾، جيڪو 1865ع ۾ سندس وڏين ڌيئرن پاران هڪ سوالنالو هو، "توهان جي چِڙ؟" جي جواب ۾ لکيو هو "مارٽن ٽپر." مُنشين، ذليل سياسي سازشين ۽ بي لياقتي واتوڙين جي سڄي لوڏ مان، جنهن سڄي زندگي مارڪس کي بي رحميءَ سان اذيت ڏني هئي، مارڪس بنا ڪا غلطي ڪرڻ جي هڪ نانءَ جي چونڊ ڪئي هئي. هڪ اهڙي ماڻهو جو نالو، جنهن سان ذاتي طور سندس واسطو ڪڏهن بہ نہ پيو هو پر جيڪو مارڪس جي نظرن ۾ سَستي ڪاميابيءَ جو پيڪر هو، جنهن جي ڪري تنگ نظرن جي ڪِريل مذاق جي تسڪين ٿيندي آهي، جيڪو ادبي بدتهذيبي جو مجسم هو.

ان قسم جو بدتهذيب "نظرئيدان" انهن سڀني شين جي پوڄا ڪندو آهي جيڪي اُوچيون، روماني ۽ "عيني" آهن ۽ "واهيات ماديت" کان نفرت ڪندو آهي. ماديت مان بدتهذيب جي مراد هوندي آهي گهٽو ڪائڻ، بدمستي، نفسانيت، جسماني لذتون، غرور، هوَس، بُخل، حرص، نفعو ڪائڻ ۽ سِٽي بازار جا ڌوڪا _ ٿورڙي ۾ اهو، تہ اهي سموريون بُڇڙيون بدڪاريون جيڪي هو پاڻ ئي ڳجهہ ڳوهہ ۾ ڪندو رهندو آهي. "عينيت" جي لفظ مان هُو سمجهندو آهي نيڪيءَ تي ايمان، عام رحم جو صلو



۽ "سٺي دنيا" تي ايمان، جنهن بابت هُو ٻين آڏو وڏي چڙهي ڳالهيون ڪندو آهي، جنهن تي هو پاڻ ان وقت تائين يقين رکندو آهي جيستائين خمار جي ڪري مٿي ۾ سُور هوندو اٿس يا جڏهن هُو ڏيوالي جو شڪار ٿيندو آهي جيڪو هن جي عادتي "ماديت پرستاڻي" فضول خرچيءَ جو نتيجو هوندو آهي. ۽ تڏهن هو پنهنجو پسنديده راڳ آلاپڻ لڳندو آهي: "ڇا آهي هيءُ انسان، اڌ فرشتو اڌ حيوان." ♠

ڇا جڏهن هائنرخ هائني شعر لکيا هئا تہ سندس ذهن ۾ بدتهذيب جو اهو ئي راڳ نہ هو:

نہ مان بُرو آهيان، نہ ئي سٺو آهيان،
نہ تِکو هلندو آهيان ۽ نہ ئي هوريان،
ڪالهہ جو اڳتي وڌيو هئس،
تہ اڄ مون کي پٺتي موٽڻو آ،
ظلمت تي فدا آهيان روشنيءَ ۾،
نہ مان آهيان گهوڙِي، نہ آهيان گهوڙو،
سوفوڪليز ۽ ڪينوت ♦ ٻنهي سان
هُنر جو فائدو ڪرڻ وارو. ♥

ها، هي "سوفوڪليز ۽ ڪينوت" جا جوشيلا شيدائي وڏا جذباتي هوندا آهن! "اها ئي بدتهذيب ڪميڻائپ جنهن کي پورهيت (پرولتاريءَ) ۾ هڪ نفرت جوڳي ۽ بدعنوان ڦاٽل حال کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نظر نہ ايندو آهي ۽ جيڪو جونِ 1848ع ۾ پيرس واري عام قتل تي مطمئن ٿي پنهنجا هٿ مهٽيندو آهي جڏهن انهن 'ڦاٽل حال ماڻهن' مان 3_هزار ماڻهو ڪُٺا ويا هئا _ اها ئي ڪميڻائپ ان مذاق تي ڏاڍي ناراض ٿيندي آهي جنهن جو شڪار جانورن سان بي رحميءَ جي خاتمي وارين جذباتي تنظيمن کي بڻايو ويندو آهي." ♣

ظاهر آهي تہ بدتهذيبيءَ جا ڪيترائي پاسا هوندا آهن. اها اهڙي نفاست واريون، مهذب صورتون بہ اختيار ڪري سگهندي آهي جن جي ڪري سولائيءَ سان سڃاڻي نہ سگهبِي آهي. اها فيشن جي پابند هوندي آهي ۽ هر نئين دَور ۾ پنهنجو لباس بدلائي ڇڏيندي آهي.

---

♠ فريڊرڪ اينجلس، "لدويگ فيوئر باخ ۽ ڪلاسيڪي جرمن فلسفي جي پڄاڻي"، 1886ع.

♦ ڪينوت (995ع - 1035ع) - ڊنمارڪ، انگلئنڊ ۽ ناروي جو بادشاهہ، جيڪو ظلم ۽ ڏاڍ جي ڪري مشهور هو.

♥ هائنرخ هائني، نظم "نئون سڪندر".

♣ ڪارل مارڪس، فريڊرڪ اينجلس، "'نوئيي رائنيشي زائتونگ' مان تبصرا"، فيبروري 1850ع.

اٺويهين صديءَ جي ابتدا ۾ بدتهذيبي جرمن سماج جي سيني رڳن ۾ ويهجي وئي هئي، ان جي ڇُوت سائنس، شاعريءَ ۽ سياست کي ڇهتي ڇڪي هئي.

پر ظاهر آهي تہ بدتهذيب جرمني ئي سچي جرمني نہ هئي. اپرنڊڙ پورهيت جي، ”سائيليشيا جي بئنڪرن“ جي جرمني بہ هئي جيڪا هائني جي چواڻي ”کُوڙي وطن لاءِ بد دعا“ ٻڌجي رهيا هئا. ليسنگ، گوئٽي، ڪانٽ، فيختي ۽ هيگل جي جرمنيءَ بہ وجود رکيو پئي، پر گوئٽي ۽ هيگل جهڙن روحن جا ديوَ بہ، جيڪي پنهنجي زماني کان گهڻو مٿي، بدتهذيبي جي ڏُٻڻ کان گهڻو اُوچا هئا، ڪڏهن ڪڏهن ان ڏبڻ ۾ وڃي ڪِرندا هئا ۽ اُها انهن جا پير پڪڙي وٺندي هئي، پوءِ بہ انهن سان انهن سيني ماڻهن جون اميدون ڳنڍيل هيون جن ”رُوءِ زمين تي جنت جوڙڻ“ بابت هڪ ”نئون گيت شروع ڪيو“ هو.

1840ع کان پوءِ واري ڏهاڪي ۾ يعني ان وقت تائين جڏهن مارڪس ۽ اينجلس سماجي سرگرمين جي ميدان ۾ نروار ٿيا، جرمنيءَ پنهنجي ”خواب لهندڙ بي عمليءَ“ مان نڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. اها انقلاب جي حامل ٿي چُڪي هئي ۽ جرمن ڪلاسيڪي فلسفي هن جي لاءِ هڪ قسم جي نظرياتي تياريءَ جو ڪم ڪيو هو.

هائني جائز چيو آهي تہ جيئن اڳ والٽيئر جو ٺهڪ گونجيو ۽ تڏهن بادشاهہ مٿان گلوٽين ڪري، جيئن مونٽيسڪيو، روسو ۽ ديدرو جا خيال، جن فرانسي سماجي شعور ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو 18 ـهين صديءَ جي پوياڙيءَ ۾ سياسي انقلاب جي تمهيدَ هئا، اهڙيءَ طرح گوئٽي جي اداس ميفسٽوفليزي مُرڪ ۽ ڪانٽ ۽ هيگل جي پُرفڪر نظرياتي لکتن دنيا منجهہ جرمنيءَ ۾ ايندڙ انقلاب جو پڙهو گهمائي ڇڏيو.

ڪانٽ جي فلسفي جي پرورش هڪ طرف تہ فرانسي انقلاب جي خيالن ڪئي تہ ٻئي طرف ان زماني جي قدرتي سائنسن جي ڪارنامن. هن جي سمنڊ جهڙي وسيع ذهن سڄي ڪائنات جو گهيرو ڪرڻ، انهن سڀني سوالن جا جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪي اڳوڻي مهيا ڪيل سوچ علم هيئت (فلڪي شين بابت علم) ۽ رياضيءَ کان وٺندي اخلاقيات ۽ جماليات تائين پيش ڪيا هئا.

روسو جي رند تي هلندي ڪانٽ اعلان ڪيو تہ انسان ٻين مقصدن کي حاصل ڪرڻ جو وسيلو نہ، پر پاڻ ئي سماجي ارتقا جو غرض وارو اصلي وجود آهي. خود پرستيءَ وارن، مالڪيءَ وارن مفادن جي مقابلي ۾ هن اخلاقي فرض جي اعليٰ گهرج کي اڳيان رکيو: اهڙيءَ طرح عمل ڪيو جيئن هر ماڻهوءَ کي عقل جي حڪمن مطابق عمل ڪرڻ گهرجي. هن عوامي اقتدار جي خودمختياريءَ وارن ۽ قانون آڏو سڀني جي برابر هئڻ وارن خيالن کي نکاريو ۽ سينگاريو.



ڪانٽ انسان جي عقل، ان جي سمجهڻ ۽ تخليق ڪرڻ جي صلاحيت کي فلسفياڻي ڇنڊڇاڻ جو مرڪزي موضوع بنايو. هن حاڪماڻي مذهبي فڪري نظام جي ڏنڊا ٻيڙين کان شڪ جي ديوَ کي آزاد ڪرايو ـ ”خدا پاران مَڙهيل“ سچائين جي قطعي ۽ مطلق هجڻ تي شڪ، ڪڏهن بہ مڪمل ۽ آخري علم حاصل ڪري وٺڻ واري اسان جي صلاحيت تي شڪ. سمجهہ ۾ نہ اچڻ جوڳي ”شين جي وجود“ ۾ ڪانٽ خدا کي بہ شامل ڪري ڇڏيو ۽ اهڙيءَ طرح جرمنيءَ ۾ مذهب جي فلسفياڻي تنقيد جو بنياد رکيو.

پر ڪانٽ کي خيال جي غيرمعمولي همت ۽ بي عيب مضبوطيءَ جو الزام ڏيڻ ڏکيو ٿيندو. هو نظريي جي ميدان ۾ بہ پيدائشي انقلابي نہ هو. ڪا بہ وِک اڳتي وڌائيندي هُو هميشہ پوئتي مُڙي ڏسندو هو. هن ڪوشش ڪئي تہ هو فرانسي انقلاب مان ۽ قدرتي سائنسن ۾ انقلاب مان وجدان پرايل روشن خيالن کي جرمن فلسفي ۾ ڳجهہ ڳوهہ ۾، ”چور در“ مان داخل ڪري ڇڏي، انهن کي اهڙيءَ طرح پيش ڪري، جو تنگ ذهن جرمن بدتهذيب کي ان مان صدمو نہ پهچي. هن انتهائي ناقابل يقين طور تي پاڻ منجهہ بورجوا لبرل ۽ بادشاهہ پرست، تشڪيل پرست ۽ معقوليت پسند،ماديت پسند ۽ خيال پرست خدا جو انڪاري ۽ نفاست پسند مذهبي بچاءُ ڪندڙ (خوبين کي) گڏ ڪري ورتو.

ڪانٽ جي مجبورين، نِيم دِليءَ ۽ احتياط تي ٺوڪ منجهان تنقيد ڪندي هائني ”خيال جي مملڪت جي ان ڦورُوءَ“ جي ڀيٽ فرانسي جيڪوبين جي اڳواڻ ميڪسملن روبيسپيئر سان ڪئي آهي جنهن جو نالو ئي فرانس جي امير طبقي ۾ دهشت پکيڙڻ لاءِ ڪوڙ هو. پوءِ بہ هائني اها کوجنا ڪري ٿو تہ انهن ۾ ڪا شَي هڪجهڙي آهي ۽ اها شَي سڀ کان پهريائين اُهائي اٽل، سمجهوتو نہ ڪرڻ وارِي، بي مزي، سنجيدي ديانت آهي. ان سان گڏ ٻئي ”بي اعتماديءَ جي مهارت“ رکن ٿا. فرق رڳو هيءُ آهي تہ هڪ ان جو استعمال خيالن تي ڪيو ۽ ان کي تنقيد جو نالو ڏنو جڏهن تہ ٻئي ان جو اطلاق انسانن تي ڪيو ۽ ان کي جمهوري خوبيءَ جو نالو ڏنو ۽ نيٺ ”ٻنهي ۾ بهرحال تنگ نظريءَ جو نمونو ئي نمايان هو ـ فطرت انهن کي چانهہ ۽ کنڊ تورڻ لاءِ پيدا ڪيو هو پر مقدر هڪ جي لاءِ بادشاهہ کي ۽ ٻئي جي لاءِ خدا کي تارازيءَ جي پُڙ ۾ رکي طَي ڪيو تہ اهي ٻين شين کي تورِن...“ ◆

اهي لفظَ روبيسپيئر جي سلسلي ۾ ڏاڍا سخت آهن، پوءِ بہ ڪانٽ جي سلسلي ۾ هر اکر صحيح آهي جنهن جي هڪ هٿ ۾ خدا جي لاءِ ”موت جي سزا“ آهي پر جيڪو پنهنجي ٻئي هٿ ۾ ”جان جي بخشش جو حڪم نامو“ پڪڙيو بيٺو آهي.

◆ هائنرخ هائني، ”جرمنيءَ ۾ مذهب ۽ فلسفي بابت“.

هائني هيٺ ڏنل منظر کي ڏاڍي دلچسپ نموني لکيو آهي، جنهن ۾ الميي کان پوءِ بچڙو مذاق اچي ٿو. شروع ۾ ايمانوئيل ڪانٽ بي رحم فلسفيءَ جو ڪردار ادا ڪري ٿو، آسمان تي ڪاهه ڪري قلعي جي سڄي نگهبان فوج کي پُورو ڪري ڇڏي ٿو ۽ خدا جي وجود جي سڀني دليلن کي رد ڪري ڇڏي ٿو ۽ دنيا جو اعليٰ حاڪم، جنهن جو وجود ڪُوڙو ٿي چڪو آهي، پاڻ پنهنجي ئي رت ۾ ترندڙ هوندو آهي. هاڻي نه ته ڪو ڪُل رحمت آهي، نه پيءُ واري عنايت آهي ۽ نه ئي هن دنيا ۾ تياڳ جي صلي ۾ ٻيءَ دنيا ۾ انعام آهي. روح جي بقا پنهنجي آخري ڳرٻ ۾ مبتلا آهي – ساهه اُکڙي چڪو آهي ۽ سُور کان سَتون پيو ڪائي. ۽ ڪانٽ جو وفادار نوڪر، ڪراڙو لامپي، جيڪو سڄي زندگي پروفيسر جي پويان پويان سندس ڇٽي کنيو پيو هلندو هو، اهو سڀ ڪجهه هِيسجي ڏسي ٿو. هن جو مُک پريشانيءَ جي ڪري پگهر ۾ شَل آهي ۽ اکين مان ڳوڙها ڳڙي رهيا آهن.

تڏهن ايمانوئيل ڪانٽ کي رحم اچي ٿو ۽ هُو ڏيکاري ٿو ته هُو رڳو هڪ عظيم فلسفي ئي نه، پر هڪ مهربان انسان به آهي. هُو غور ٿو ڪري ۽ ڪجهه نيڪ دليءَ ۽ ڪجهه ٺوڪ مان چوي ٿو: پوڙهي لامپي لاءِ هڪ خدا ضرور هجڻ گهرجي، نه ته ويچارو ماڻهو خوش رهي نه سگهندو – پر ماڻهوءَ کي زمين تي خوش رهڻ گهرجي – يعني عملي عقل موجب. چڱو ٺيڪ آهي، عملي عقل خدا جي وجود جو ڪارڻ بڻجي پوي.♥

جيتوڻيڪ ڪانٽ ۾ بدتهذيبيءَ جو عنصر هن جي اخذ ڪيل فلسفياڻن نتيجن ۾ به غالب اچي ويو، پوءِ به سندس لکڻين ۾ جيڪو تنقيد جو جذبو شامل هو، ان جرمنيءَ ۾ هڪ زبردست ذهني آنڌ مانڌ پيدا ڪئي، اهڙي آنڌ مانڌ جنهن جي پڄاڻي فيختي، شيلنگ ۽ خاص طرح هيگل جي فلسفي تي ٿي.

هيگل ڪانٽ جي شروع ڪيل فلسفياڻي انقلاب کي ان جي منطقي خاتمي تي پهچايو. هيگل جي لکڻين ۾ نظرياتي سوچ تي تنقيدي قوت خود سندس نڪاريل سنواريل جدلياتي شاهه راهه جي مدد سان هڪ طاقتور هٿيار حاصل ڪري ورتو. هيگل جي جدليات ان خيال کي زبردست نموني غلط ثابت ڪري ڇڏيو ته ڪو به نظرياتي اصول پوريءَ طرح مطلق ۽ لافاني هوندو آهي ۽ ان سان گڏ ئي ان خيال کي به ته ڪو به سماجي نظام لافاني ۽ دائمي هوندو آهي. هيگل جنهن جدلياتي فلسفي کي نڪاريو ۽ سنواريو، ان کي بيان ڪندي اينجلس لکيو ته ان جي لاءِ ڪا به شَي قطعي ۽ مقدس نه هئي. "اهو هر شَي کي ۽ هر شَي ۾ عبوري ڪردار کي بي نقاب ڪري ٿو."♠

♥ هائنرخ هائني، "جرمنيءَ ۾ مذهب ۽ فلسفي بابت".
♠ فريڊرڪ اينجلس، "لدويگ فيوئرباخ ۽ ڪلاسيڪي جرمن فلسفي جي پُڄاڻي".



هيگل جي ان مشهور مقالي جي ته "هر شَي جيڪا حقيقي آهي اها معقول آهي ۽ اهو سڀ ڪجهه جيڪو معقول آهي، اهو حقيقي آهي" جِي تفسير ان مفهوم ۾ به ڪري سگهجي ٿي ته انساني تاريخ جي دائري ۾ وقت سان گڏ هر شَي غيرمعقول ٿي وڃي ٿي ۽ نتيجي ۾ ان لائق ٿي وڃي ٿي ته انقلاب ان کي برباد ڪري ڇڏي.

هائنرخ هائني هڪ عظيم شاعر ئي نه، پر ڳُوڙهو فلسفي به هو ۽ فلسفي جو اڀياس هن پاڻ هيگل جي اڳواڻيءَ هيٺ ڪيو هو. هن بيان ڪيو آهي ته ڪيئن هو استاد "جي پويان بيٺو هو" جڏهن هيگل پنهنجي جدلي نگارشن (لکڻين) جي موسيقي ترتيب ڏئي رهيو هو.

"اهو سچ آهي ته هن تمام غير واضح ۽ گهڙيل علامتن ۾ لکيو هو ته ان کي هر ماڻهو نه پڙهي سگهي. ڪڏهن ڪڏهن مون کيس ڏٺو ته هو ڳڻتيءَ منجهان هيڏي هوڏي ڏسندو هو ان ڀَوَ کان، ته ڪٿي ڪو سمجهي نه وڃي. هو مون تي ڏاڍو مهربان هو، ان ڪري جو کيس پڪ هئي ته مان سندس راز کي ظاهر نه ڪندس. اهڙي وقت ۾ مان هن کي خوشامدي به سمجهندو هوس. هڪ ڏينهن جڏهن مون 'هر شَي جيڪا حقيقي آهي اها معقول آهي' لفظن تي اعتراض ڪيو ته هو ڏاڍي عجيب انداز ۾ مرڪيو ۽ چيائين، 'ان جي معنيٰ اها به ٿي سگهي ٿي ته اهو سڀ ڪجهه جيڪو معقول آهي ان کي ضرور حقيقي هئڻ گهرجي.' هن تڪڙ ۾ هيڏي هوڏي ڏٺو پر جلد ئي مطمئن ٿي ويو، ان ڪري جو هن جيڪو ڪجهه چيو هو ان کي رڳو هائنرخ ٻڌو هو. چڱي وقت کان پوءِ ان ڳالهه جا جزا مون کي سمجهه ۾ آيا. ۽ پوءِ ئي اهو به منهنجي سمجهه ۾ آيو ته هن تاريخ جي فلسفي ۾ ڇو اها دعويٰ ڪئي هئي ته عيسائيت ترقي پسند آهي، ان ڪري جو اها هڪ اهڙي خدا جي تبليغ ڪري ٿي جيڪو مري چڪو آهي، جڏهن ته بُت پرست جو خدا موت کان اڻڄاڻ هو، ته پوءِ اها ڳالهه قبول ڪرڻ ۾، ته خدا جو وجود ڪڏهن هوئي نه، ترقي (وري) ڪهڙي ٿي!..."♣

جيئن "فائوسٽ" ۾ ميفسٽوفليز چوي ٿو، تيئن ئي هيگل به چئي سگهي ٿو ته "مان اهو روح آهيان جيڪو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ منڪر ٿيندو پيو وڃي ۽ اهو صحيح آهي – ان ڪري جو جيڪو ڪجهه وجود ۾ ايندو آهي اهو فنا جو حقدار آهي."

پر پنهنجي جدليات سان دنيا کي ذرو ذرو ڪري ڇڏڻ واري "ميفسٽوفليزي" نتيجا اخذ ڪرڻ خود هيگل جي وس ۾ نه هو. هُو نهايت عزت وارو شهري ۽ پروشيا جي بادشاهه جو وفادار نوڪر هو.

ڪانٽ جيان هيگل به سائنس ۾ بدتهذيب ئي رهيو. هن جدليات جي تلوار کي مياڻ مان ڪڍيو ته سهي، پر رڳو ان لاءِ ته جيئن ان کي پنهنجي نظام جي ڳَٺُ

♣ هائنرخ هائني، "جرمنيءَ بابت خطَ"

لڳل مياڻ ۾ رکي ڇڏي، مياڻ کي پنهنجن ڇپن تائين آڻي، ”شجاعت سان“ گوڏن ڀر جُهڪي ۽ پنهنجو سيس بہ ان مشهور نندڍ جي ٽُري سميت پنهنجي حاڪم فريڊرڪ ولهلم ٽين جي درگاهہ ۾ جهڪائي ڇڏي جنهن جي صلي ۾ هن کي سرڪاري فلسفيءَ جو لقب مليو.

جرمن ڪلاسيڪي فلسفي جي ورثي مان ”انقلاب جي آلجبرا“ انهن لفظن جي صحيح معنيٰ ۾ تخليق ڪرڻ لاءِ ٻين دماغن جي، ٻين ڪردارن جي ضرورت هئي، اهڙن ماڻهن جي جيڪي پراڻي سماج جي سڀني بدتهذيبي وارين ٻيڙين کان آزاد هجن. جيڪي پنهنجي دَور کان گهڻو اتم هجن. اهڙا ماڻهو جيڪي پاڻ پنهنجي سوچ جي نتيجن کان ڊنل نہ هجن ۽ ڪين بنا ڪنهن هراس جي عمل ۾ آڻي سگهن. اهڙا ماڻهو جن وٽ علم سان وفاداري ۽ انقلاب سان لڳاءُ ئي اڪيليون وفاداريون هجن.

عظيم ماڻهو اتي ۽ ان وقت نروار ٿيندا آهن جتي ۽ جڏهن انهن جي عظيم عملن لاءِ حالتون رچي راس ٿيون هجن. جنهن سال هيگل جي وفات ٿي، ان سال تيرهين ورهين جو هڪ ڇوڪر ڪارل مارڪس ٽرائر جي جمنازيم ۾ پڙهي رهيو هو ۽ ان شهر کان ٿورڙو پريرو، بارمن ۾، يارهن ورهين جو فريڊرڪ اينجلس رهندو هو. ٻئي رهائن لئنڊ جا اصلوڪا رهاڪو هئا. ڇا اهو رڳو اتفاق هو؟

رهائن لئنڊ تي ٻن عظيم تهذيبن جو اثر هو – جرمن ۽ فرانسي. نيپولن جي زماني ۾ رهائن لئنڊ فرانس جو حصو هئي. باقي جرمني جي ابتڙ هتي جاگيرداري رسمون ۽ رواج پوريءَ طرح پورا ڪيا ويا هئا.

پر رهائن لئنڊ وارا جڏهن ٻيهر پوئتي پيل پروشيائي فرمانروائيءَ هيٺ آيا تہ انهن کي اجا بہ گهڻي مايوسي ٿي. پيٽ ڪرڻ سان فرق تمام گهڻو هو! اها بلڪل قدرتي ڳالهہ هئي تہ رهائن لئنڊ ۾ ڪجهہ رياستي عهديدار بہ روشن خياليءَ ۽ معقوليت پسنديءَ جي نمائش ڪندا هئا.

پاڙي ۾ فرانس کي ڌونڌاڙيندڙ انقلابي طوفانن جي گاج رهائن لئنڊ ۾ ڏاڍي چِٽي ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. ان جي سهاري فرانسيماديت پسنديءَ ۽ روشن خياليءَ جي خيالن جو وهڪرو جرمني ۾ داخل ٿي ويو. ڪنهن بہ ٻي جاءِ کان وڌيڪ رهائن لئنڊ ۾ ئي قدرتي طور جرمن ڪلاسيڪي فلسفي جا خيال خيالي (خاص طور سينٽ سائمن جي) سوشلزم جي خيالن سان ٽڪر ۾ آيا. هتي پاڙيسرين جا مزيدار، پُرمسرت، ٺوڪ جا تيرَ ۽ نشتر هڻڻ واري فن جي روح جرمنن جي خيالن ۽ احساسن تي هڪ حياتي بخشيندڙ اثر وڌو جيڪو جذباتي شاعري، وچين دَور جي درٻاري رومانن ۽ ڪليسا جي گانن تي پَليا هئا.

ان سان گڏ رهائن لئنڊ ۾ جرمنيءَ جي سڀ کان وڌيڪ ترقي يافتہ ۽ گهڻ قسمي صنعت هئي ۽ ان جو نتيجو اهو هو تہ صنعتي پورهيت جي، پراڻي سماج جي ”قبر کوٽيندڙ“ جي ڄڻپ بہ هتي ئي سڀ کان وڌيڪ هئي.

نہ اهو ڪو اتفاق نہ هو جو مارڪس ۽ اينجلس جي پيدائش جرمنيءَ جي رهائن لئنڊ ۾ ٿي.



# هڪ ڌنڌي جي ڳولا

**– توهان جي خوشيءَ جو تصور؟**

**– جدوجهد.**

**ڪارل مارڪس جي ”اعتراف“ مان چونڊ.**

بهار جو هڪ روشن ڏينهن هو جڏهن سخت جسم ۽ ڪارن وارن وارو هڪ ماڻهو مُک تي مهڪندڙ مُرڪ ۽ ٻانهن ۾ ويڙهيل سيڙهيل هڪ نئون ڄاول ٻار کنيو ٽرائر جي برگوماسٽر جي آفيس ڏانهن تيز تيز ٻرانگهون پريندو پئي ويو. ڪجهہ منٽن کان پوءِ هن کي هڪ عهديدار آڏو پيش ڪيو ويو. جنهن ان موقعي لاءِ مناسب ۽ عام طور ڪيا ويندڙ سوال پڇيا ۽ پنهنجي معمولي، مَس وهائيندڙ کنڀ واري قلم سان لکيو:

”سن 1818ع ۾ مئي مهيني جي ستين تاريخ تي شام جو چئين وڳي منهنجي سامهون، مان جيڪو ٽرائر جي برگوماسٽر جي آفيس ۾ ڄم، شاديءَ ۽ فوتيءَ جو رجسٽرار آهيان، هر هائنرخ مارڪس حاضر ٿيو. ٽرائر جو رهاڪو، عمر 37 سال، ڌنڌي جي لحاظ کان ٻي اپيل جي عدالت عاليہ ۾ بئرسٽر. جنهن مون کي هڪ نَر ٻار ڏيکاريو ۽ بيان ڏنو تہ ذڪر هيٺ ٻار ٽرائر ۾، مئي مهيني جي پنجين تاريخ تي ٻي وڳي صبح جو هر هائنرخ مارڪس، ڌنڌو بئرسٽر، رهاڪو ٽرائر ۽ هن جي زال هينريئٽي پريسبورڪ جي گهر پيدا ٿيو ۽ اهو تہ هيءُ پنهنجي ٻار جو نالو ڪارل رکڻ گهرن ٿا.“

عهديدار پنهنجي صحيح ڪئي ۽ ڄم جي سَند پيءُ کي ڏني. هن کي کهڙي خبر تہ هيءَ هڪ تاريخي سند آهي ۽ دنيا ۾ هڪ اهڙي انسان جي اچڻ جي تصديق ٿي ڪري، جيڪو جوان ٿيڻ وقت پنهنجي اباڻي ملڪ مان جلاوطن ڪيو ويندو ۽ سڀني ماڻهن کان وڌيڪ هن کي مشهوري عنايت ڪندو. ۽ ظاهر آهي تہ ٻهڪندڙ پيءُ کي بہ اهڙو شڪ ئي نہ هو. هن سان رستي ۾ جن ماڻهن جي ملاقات ٿي انهن سان دعا سلام ڪندو پنهنجي ڪٽنب ۾، بريوڪنگاسي ۾ موجود ننڍڙي بہ ماڙ گهر، نمبر 664، ۾ موٽي آيو.

ان شهر ۾ هائنرخ مارڪس پنهنجي سٺي تعليم، سلڇڻائپ، نيڪيءَ ۽ ڏکئي وقت ۾ ڪنهن بہ بي ڏوهي ماڻهوءَ جي مدد ڪرڻ لاءِ، پنهنجي وس آهر قانوني مهارت سان مدد ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار هجڻ جي ڪري ڄاتل سڃاتل ۽ مانائتو هو.

هو ربين (يهودي مذهبي عالمن) جي گهراڻي جو ٻار هو، پر پاڻ هن يهودي مذهب ڇڏي لُوٿر جي عيسائيت قبول ڪئي هئي.

پر مارڪس جي ڪٽنب ۾ رڳو عيسائي وَليُن جي پوڄا نہ ٿيندي هئي پر انهن جي بہ ايتري پوڄا نہ ٿيندي هئي جيتري والٽيئر، شيلر، راسين، روسو ليسنگ، اسپائينوزا ۽ ڪانٽ جي ٿيندي هئي. هائنرخ مارڪس يورپي تهذيب جي مالا مال ورثي کي پاڻ ۾ جذب ڪري ڇڏيو ۽ ان کي هن پنهنجي لاڏلي پٽ مارڪس جي حوالي ڪيو. انهيءَ جي ڪري انهن ڪيترين ئي لياقتن/قابليتن کي جيڪي ميرنگ جي چوڻ موجب ”فنن جي ديوين هن جي پينگهي ۾ رکي ڇڏيون هيون“ ننڍپڻ ۾ ئي ترقي ڪرڻ جو سڀ سانباهو ٿي مليو.

ننڍڙي مارڪس لاءِ اها خوش قسمتي هئي جو هن جو ڪٽنب پريوي ڪائونسلر بيرن لڊويگ فان ويسٽ فالين جي ڪٽنب سان دوستاڻہ لاڳاپا رکندو هو. ويسٽ فالين ڪٽنب جا ٽي ماڻهو سندس زندگيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ وارا هئا: سڀ کان پهرين تہ ڪٽنب جو وڏو جيڪو مارڪس لاءِ پيءُ جي حيثيت جهڙو ٿي پيو، پيو ان جو سيني کان ننڍو پٽ ايڊگر جيڪو ڪارل مارڪس جي ننڍپڻ جي راندين ۽ جمنازيم جي دلچسپين جو سٿو ساٿي هو (هو 1840ع کان پوءِ واري ڏهاڪي ۾ ڪجهہ وقت ڪميونسٽ ليگ جي گهٽو ويجهو رهيو) ۽ وري ايڊگر جي ڀيڻ جيني، جيڪا اڳتي هلي مارڪس جي زال ٿِي ۽ سڄي زندگي هن جي وفادار ساٿياڻي ٿي رهي.♦

لڊويگ فان ويسٽ فالين ڏاڍي رنگا رنگ شخصيت وارو ماڻهو هو. هُو اسڪاٽ لئنڊ ۽ جرمنيءَ جي هڪ اعليٰ ڪٽنب جو وارث، پنهنجي زماني جي انتهائي تعليم ورتل ماڻهن مان هو ۽ شاعريءَ جو ڏاڍو شيدائي هو. ڪارل جي پيءُ ڪيس والٽيئر ۽ راسين کان واقف ڪيو ۽ لڊويگ فان ويسٽ فالين وري هن کي (۽ ان سان گڏ ايڊگر ۽ جيني کي) هومر ۽ شيڪسپيئر ٻڌائيندو هو جيڪي هن کي زباني ياد هئا. پوڙهي ويسٽ فالين ئي مارڪس ۾ شاعريءَ جي ذوق جي تربيت ڪئي ۽ هن جي جمالياتي لاڙي کي نکاريو. سڀ کان پهرين هن جي واتان ئي ڪارل مارڪس سينٽ سائمن جو نالو ٻڌو. شايد ويسٽ فالين ئي پهريون ماڻهو هو جنهن مارڪس جي ذهن جو سماجي موضوعن ڏانهن ڌيان ڇڪايو ۽ چالُو نظام جي باري ۾ هڪ تنقيدي رويو پيدا ڪيو.

♦ جيني جو وڏو ڀاءُ فرڊيننڊ اڳتي هلي 1850ع کان پوءِ واري ڏهاڪي ۾ رجعت پرست پروشيائي حڪومت جي اندرين-معاملن-واري-وزير جي حيثيت سان مارڪس جو سخت سياسي مخالف ٿي پيو.



اها ڪا اتفاقي ڳالهہ نہ هئي تہ مارڪس علم جي ميدان ۾ پنهنجي پهرين ڪارنامي يعني ڊاڪٽريٽ لاءِ پنهنجي مقالي کي هن جي نالي هنن لفظن سان منسوب ڪيو: ”پنهنجي پياري پيءُ جهڙي دوست جي نالي“. انتساب ۾ هن ويسٽ فالين کي هڪ اهڙو ماڻهو سڏيو جيڪو ”زماني جي هر اڳتي وڌيل وِک جي آجيان جوش ۽ سچائيءَ جي ٽيڪ سان ڪندو آهي“، جيڪي ”پوئتي گهِليندڙ ڀوتن جي اونداهن پاڇولن کان ڊڄي ڪڏهن بہ پوئتي نہ موٽيا.“♥ ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ”پراڻي ويسٽ فالين گهر“ ۾ نوجوان مارڪس کي ايڏي سٺي روحاني غذا ملي جيڏي ڪيس پنهنجي ڪٽنب ۾ يا جمنازيم ۾ ملي هئي.

جمنازيم پاڻ تہ مارڪس کي روحاني ارتقا طور گهڻو ڪجهہ نہ ڏئي سگهيو. ان زماني جي جمنازيم جو تعليمي سرشتو رٽڻ ۽ ياد ڪرڻ جي ”اوائلي روايتن“ موجب هلايو ويندو هو. استاد پنهنجن شاگردن ۾ سڀ کان وڌيڪ ان صلاحيت جو قدر ڪندا هئا تہ نهيل گهڙيل علم کي اهي زباني ياد ڪري وٺن ۽ صفا صحيح طرح اُتارن پوءِ اُهي فقهي متا هجن يا تاريخي واقعا يا حسابن جا اصول. هنن وٽ بهترين شاگرد اهو هو جيڪو بنا هَٽڪ جي اهو سڀ ڪجهہ ٻڌائي جيڪو هن پڙهيو هجي ۽ ”مقدس فرمان“ جي اڻ تبديل ٿيندڙ سچائين کي سٺن اکرن ۾ لکي. راءِ جي آزادي، خيال ظاهر ڪرڻ جي همت پري اڏام، مسئلن کي حل ڪرڻ بابت ڪو طبعزاد رويو – انهن سڀني کي خوبيءَ کان وڌيڪ خامي ڄاتو ويندو هو.

جمنازيم جو تعليمي نظام شخصيت کي اوتري ترقي نہ ڏيندو هو جيترو ان کي چيپاٽيندو هو. اُهو نہ رڳو اهو تہ سائنس سان ڪنهن بہ قسم جي لڳاءَ جي سڪيا نہ ڪري سگهندو هو، پر بيزار ڪندڙ ڪُل اصولن جي مجموعي جي حيثيت سان ان مان بيزاري پيدا ڪندو هو. جيڪو ڪجهہ پڙهايو ويندو هو ان جي بحث جوڳي نہ هجڻ، قطعي ۽ مطلق نوعيت شاگردن جي ذهن کي خراب ڪندي هئي، سُستيءَ پري ۽ ڳيجهو سوچ جي انداز کي، ٻين جي خيالن کي ورجائڻ جي ۽ جيڪا ”قبولي لائق“ هجي، ان آڏو سيس جهڪائڻ جي عادت کي ترقي ڏيندي هئي. اهڙيءَ طرح اسڪول شاگردن جي نظر ۾ سائنس جي مانَ کي گهٽائيندو هو، ان ڪري جو اهو سوچ جي حاڪماڻي انداز کي، فتويٰ جي صورت ۾ سوچڻ کي پاليندو هو. سچائيءَ سان وفاداري بدران اهو گٽل پيٽل سچائين جي اٽل هجڻ تي يقين پيدا ڪندو هو. آزاديءَ سان حَل ڳولڻ ۾ تجسس سان ”سوچ جي رياضت“ بدران، اهو بي مقصد زباني ياد ڪرائڻ جي اذيت ڏيندو هو.

ٽرائر جو جمنازيم، جنهن ۾ مارڪس تعليم حاصل ڪئي، بهترين جمنازيمن ۾ ڳڻيو ويندو هو، ان ڪري جو اتي ڪجهہ گهٽ وڌ روشن خياليءَ جو جذبو غالب

♥ ڪارل مارڪس، ”دمقراطي ۽ ايپيڪيورسي فلسفي جي نوعيت جي وچ ۾ فرق“، 1839-1841ع.

هو. مارڪس جي جمنازيم جي استادن ۾ اهڙا ماڻهو شامل هئا جيڪي پنهنجي پنهنجي علمي شعبي ۾ چڱا ڀلا سڃاتل هئا. مثال طور يوهن هيوگو ويٽن باخ (هيڊ ماستر) جيڪو فرانسي روشن خيالي جي پوئواري ڪندڙن ۾ شامل هو ۽ ٽرائر جو مؤرخ هو، جنهن کي ان ڳالهه تي فخر هو تہ هُو گوئٽي کان ذاتي طور واقف هو. هُو پنهنجن شاگردن ۾ انسان جي ترقيءَ ۽ سڌاري تي هڪ مقدس يقين پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪندو رهندو هو. رياضيءَ ۽ فزڪس جي استاد يوهن اشٽائيننگر تي پوليس نظر رکندي هئي.

پر ظاهر آهي تہ اهي استاد تدريس جي ڪردار، مقصدن ۽ طريقن ۾ ڪا بہ قدر لائق تبديلي ڪري نہ سگهيا. پروشيائي حڪومت ان مقصد کي يقيني بڻائڻ لاءِ تہ استادن ۽ شاگردن جي سوچ جو انداز نيڪ رهي، انهن تي تکي نظر رکندي هئي. ان مقصد لاءِ هنن ويٽس لوئرس نالي هڪ ماڻهوءَ کي اسڪول جو مددگار ڊائريڪٽر مقرر ڪري ڇڏيو جيڪو پنهنجن رجعت پرست خيالن جي ڪري مشهور هو. ٽرائر جمنازيم کان گُهر ڪئي ويندي هئي تہ اهو رياست لاءِ پڙهيل ڳڙهيل بدتهذيب پيدا ڪري، جيڪي بادشاهہ ۽ ملڪ لاءِ بند جو ڪم ڏين، ۽ اهو ئي فرض جمنازيم پورو ڪندو هو.

مارڪس جي ڪلاس ۾، جنهن وقت هن جمنازيم جي تعليم ختم ڪئي، 32 شاگرد هئا، جن مان گهڻا اسڪول جي عمر کان گهڻو مٿي يعني 19 کان 27 ورهيہ ڄمار جا هئا. اهي وڏي عمر وارا شاگرد سست هئا ۽ عام طور هر درجي ۾ هڪ سال وڌيڪ ترسيا هئا. جيڪي شاگرد آخري درجي تائين لڙڪيل رهيا هئا، انهن مان 13 ڄڻا اسڪول ختم ڪرڻ جو آخري امتحان پاس ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا.

مارڪس جا هم ڪلاسي گهڻي ڀاڱي پيٽي بورجوا، هاري گهراڻن جا هئا ۽ مذهبي تقدس جو انڌو جادو انهن تي پوريءَ طرح ڇانيل هو. انهن جي سڀ کان اعليٰ آرزو اها هئي تہ ڪين پادريءَ جو عهدو ملي پوي. آخري امتحان جي مضمونن مان اهو اندازو ٿئي ٿو تہ ڪلاس جي 25 ڪيٿولڪن مان اڌ کان وڌيڪ شاگرد پاڻ کي فقهہ جي لاءِ وقف ڪري ڇڏڻ جا شوقين هئا.

انهن جون آسون پوريون ٿيون. ٽرائر جمنازيم مان جيترا ماڻهو 1835ع ۾ تعليم پرائي واندا ٿيا، انهن مان پروشيا کي 13 ڪيٿولڪ پادري، 7 بيرسٽر ۽ اعليٰ سرڪاري عهديدار ۽ 2 ڊاڪٽر مليا. ڀلا ڪنهن کي اهو خيال اچي پئي سگهيو تہ تعليم پرائي واندي ٿيندڙ انهيءَ ڪلاس مان دنيا کي ڪارل مارڪس بہ ملندو.

سندس استادن وٽ تہ اهو خيال ڪڏهن بہ نہ پئي ٿي سگهيو، ان ڪري جو ڪارل مارڪس ڪنهن بہ طرح هڪ ذهين شاگرد تصور ڪري نہ پيو سگهجي. سيني مضمونن ۾ هن جون مارڪون وچٿريون هيون ۽ سيني کان گهٽ مارڪون هن جي استادن تاريخي جدليات جي آئينده خالق کي تاريخ جي امتحان ۾ ڏنيون هيون.



ان ۾ اچرج جهڙي ڪا بہ ڳالهہ نہ آهي. استادن مارڪس کي جن معيارن تي پرکيو هو، اهي مارڪس لاءِ موزون نہ هئا. استاد هن جي خيالن جي نواڻ کان ڊڄندا هئا. هن پارن مسئلن جي پاڙ تائين پهچڻ، هر مضمون متعلق گهڻي کان گهڻي سمجهہ حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجن خيالن جي خيالي پٽي نہ، پر کُليل اظهار واري روش تي، استادن کي اعتراض هوندو هو. اهي ان کي "نادر اظهار جِي مبالغي وارو ضد"، "غير ضروري گهٽائي" ۽ "لفاظي" سمجهندا هئا ۽ اهي سندس پڙهڻ ۾ نہ ايندڙ لکٽيءَ تي تہ خاص طور چِڙي پوندا هئا. لاطيني ٻوليءَ جي استاد شڪايت ڪئي تہ "کهڙا نہ مَکا ماکوڙا ناهيا اٿائين" ۽ ٻيا استاد ساڻس متفق ٿيا.

اسڪول جي بينچ تان مارڪس انهن "نوجوانن جي استادن" جي نمائشي علميت جي لاءِ جيڪا بيزاري کڻي اٿيو، اها منجهس ڊگهي عرصي تائين برقرار رهي. هن 1862ع ۾ اينجلس ڏانهن هڪ خط ۾ انهن مان هڪ ڪتاب-پرست جو نقشو چِٽيو آهي. ظاهري طرح اهو استاد هڪ عزت وارو ماڻهو آهي، پنهنجي علم تي پڏندڙ آهي، پر ياد ڪرڻ ۽ زباني ياد ڪرائڻ کان اڳتي ڪڏهن بہ نہ نڪري سگهندو آهي. هن جو علم بس ايتري تي ٻڌل آهي تہ ٺهيل گهڙيل جواب ڳولي لهي. هو سچي رياضياتي ادب کان واقف آهي، پر رياضي نہ ٿو سمجهي. جيڪڏهن اهو ڪتاب-پرست ايماندار هجي ها تہ پنهنجن شاگردن لاءِ فائديمند هجي ها. ڪاش هو ڪُوڙي هيراڦيريءَ جو سهارو نہ وٺي ها ۽ انهن کي صاف صاف چئي ڇڏي ها تہ هتي هڪ تضاد آهي، ڪجهہ ماڻهو هِيِ پيا چون ۽ ڪجهہ هُو پيا چون، ان مسئلي تي منهنجي ڪا بہ ذاتي راءِ نہ آهي، ڏسو شايد توهين پاڻ ئي ان جي تہ تائين پهچي سگهو! "ان رويي جي ڪري هڪ طرف تہ شاگردن کي ڪجهہ مصالحو ملي پوندو ۽ ٻئي طرف ڪين پاڻ پنهنجي لاءِ محنت ڪرڻ جي همت افزائي ٿيندي." پر مارڪس هڪدم ئي اهو ٻڌائي ٿو تہ هو هڪ اهڙو مطالبو پيو ڪري جيڪو ڪتاب-پرست جي فطرت جي ئي خلاف آهي.

اهو چوڻ ڏکيو آهي تہ مارڪس جا جمنازيم وارا استاد ان تصوير سان ڪيتريءَ حد تائين ملندڙ جُلندڙ هئا. ممڪن آهي تہ ذاتي سطح تي اهي ڪتاب-پرست نہ رهيا هجن. پر هي معاملو ڪنهن ماڻهوءَ جي انفرادي نفسي بناوت جو نہ، پر نظام جو هو جيڪو اٽڙ نموني ڪتاب-پرستيءَ کي ۽ جمنازيم جي تدريس جي ساهہ وٺندڙ بي ڪيفيءَ کي جنم ڏئي ٿو.

ڪارل مارڪس جي روحاني دنيا جي اڏاوت، جمنازيم جي تعليمي نظام جي ڪري نہ آهي، پر تنهن هوندي بہ - آزاداڻي ۽ ڏاڍي تيز دانشوراڻي ڪم ۾، سنگتين جي هڪ ننڍيرڙي حلقي جي صحبت ۾، جن کي سٺي شاعري ۽ سٺي مذاق پسند ايندي هئي، ويسٽ فالين ڪٽنب جي ۽ ظاهر آهي تہ پنهنجي پيءُ جي صحبت ۾ ٿي.

ٽرائر ۾ ٻِي اپيل وارِي عدالت عاليہ جي صدر بيرسٽر هائنرخ مارڪس جي عهدي جي تقاضا هئي تہ پاڻ سياسي نوعيت جي مقدمن ۾ بہ حصو وٺي. پاڻ سياسي ناانصافيءَ جي پيانڪ حقيقتن کان چڱيءَ طرح واقف هو ۽ ايئن ٿو ڄاڻجي تہ پنهنجي پٽ سان ان جي باري ۾ ڳالهيون ڪندو هو.

اهي حقيقتون کهڙيون هيون، ان جو اندازو مارڪس جي هڪ مضمون مان ٿئي ٿو جيڪو هن 1843ع ۾ "رائنيشي زائتونگ" ۾ لکيو هو. ان مضمون ۾، جنهن جو نالو هو "موزيل جي نامہ نگار جو جواز"، هن اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي تہ موزيل جي علائقي جي آبادي پنهنجي راءِ جو اظهار صاف ۽ اعلانيہ ڪري نہ ٿي سگهي، ڪجهہ انهن مقدمن جو بہ ذڪر ڪيو آهي جيڪي 1830ع کان پوءِ واري ڏهاڪي يعني هن جي نوجوانيءَ جي سالن ۾ ٿيا هئا.

"هڪ شهريءَ، جيڪو پنهنجي نيڪ طبيعت جي ڪري خاص طور پسند ڪيو ويندو هو، هڪ ضلعي جي صدر جي نوڪرياڻيءَ سان، جنهن ان کان اڳ واري شام جو مسرت پري صحبت ۾ بادشاهہ جي سالگرهہ جو جشن ملهائڻ لاءِ بوتل سان شغل فرمايو هو، مذاق ۾ چيو تہ 'تنهنجو مالڪ رات ڪجهہ گڙٻڙائجي ويو هو'. ان ڳالهہ جي ڪري ڪيس ڪُلي عام ٽرائر جي پوليس عدالت ۾ پيش ڪيو ويو، پر جيئن توقع ڪري سگهجي پئي، ان کي ڇڏيو ويو."

ممڪن آهي تہ هي عدالتي مقدمو مارڪس جي ذهن ۾ تازو رهجي ويو هجي، ان ڪري جو ان ۾ بيرسٽر جي حيثيت سان هن جي بابا بہ حصو ورتو هو جنهن جي "ناقابلِ اعتراض ديانتداري" ۽ "قانوني لياقت" ماخوذ ماڻهوءَ کي آزاد ڪرائڻ ۾ مدد ڏني.

جڏهن ٽرائر جي انتظامي ضلعي جي ڪجهہ هارين صوبائي اسيمبليءَ ۾ پنهنجي نمائندي وسيلي ڪرائون پرنس ڏانهن هڪ درخواست موڪلڻ جو فيصلو ڪيو، تہ ان اسيمبليءَ جي ميمبر خلاف هڪدم ڪاروائي شروع ڪئي وئي. "ڪيترائي سال اڳ رياستي جائداد جي نظم ۽ نسق (انتظام) جي اصول جي پروفيسر هرڪائوفم ني" رائن جي هڪ اخبار ۾ "موزيل ۾ انگور پيدا ڪندڙن جي خراب حالت جي باري ۾، هڪ مضمون شايع ڪيو هو.... جنهن کي حڪومت جي حڪم سان غير قانوني سڏيو ويو."♦

ان حقيقت وسيلي ان سياسي فضا جي تصوير آڏو اچي ٿي جيڪا نوجوان مارڪس جي چوڌاري موجود هئي.

ٽرائر ۾ 1830ع کان پوءِ واري ڏهاڪي ۾ دانشورن جي حلقي ۾ پروشيائي حڪومت جي لبرل مخالفت شروع ٿي، جنهن جو هڪ سرگرم شريڪ ڪارل مارڪس جو پيءُ بہ هو. 1834ع جي شروع ۾ لبرلن جا جلسا ۽ مظاهرا ٿيا جن

♦ ڪارل مارڪس، "موزيل جي نمائندي جو جواز"، جنوري 1843ع.



۾ "مارسيليز" ڳايو ويو ۽ اهڙيون تقريرون ٿيون جن ۾ پوليس جا تيز ڳن فرانسي انقلاب جو پڙاڏو ٻڌي سگهيا پئي. هائنرخ مارڪس بہ "باغياڻا گيت" ڳايا ۽ تقريرون ڪيون جيڪي حقيقت ۾ وچٿري قسم جون هيون. پر اهي شيون سنڌس خلاف قانوني ڪاروائي شروع ڪرڻ لاءِ ڪوڙ هيون.

مارڪس کي پنهنجي پيءُ سان ڏاڍو پيار هو. هن جون پيار پريون يادون پٽ سان ڳني هن جي جوانيءَ دوران بہ رهيون. ڪارل مارڪس پنهنجي پيءُ جي تصوير هميشہ پاڻ وٽ رکندو هو ۽ اها ساڻس مرڻ مهل بہ گڏ هئي. پر پنهنجي سموري مذهبي ۽ سياسي روشن خياليءَ باوجود هائنرخ مارڪس هڪ پروشيائي وطن دوست ۽ متقي عيسائي هو. هو شيلر جو مداح هو ۽ پاڻ بہ شيلر جي هڪ ڪردار، نيڪ ۽ جذباتي مور جيان هو جنهن جي سڄي خوشي پنهنجي ڪٽنب ۽ ٻارن جي خوشحاليءَ ۾ لڪل آهي. هن پنهنجي لاڏلي پٽ جي روشن لياقت کي ننڍڙي ڄمار ۾ ئي پرکي ورتو هو پر کيس اها اميد هئي تہ ڪارل هن جي رندن تي هلندو ۽ پنهنجي لاءِ هڪ بنا شان شوڪت وارو، پر "شريف" ڌنڌو پسند ڪندو، جيڪو کيس ان لائق بڻائيندو جو هو عزتدار شهرين ۾ "شانَ لائق جاءِ" حاصل ڪري وٺي ۽ هڪ مثالي گهراڻي جو سرواڻ ٿئي.

ان متوقع امڪان بابت نوجوان مارڪس پنهنجي پيءُ کان گهٽ پرجوش هو. پنهنجي جمنازيم وارن سالن ۾ ئي هو بدتهذيبي واري زندگيءَ جي مسرت پري آدرش کان – ان جي ذهانت سان نفيس ناهيل روپ ۾ بہ – شديد نفرت محسوس ڪرڻ لڳو هو.

اسان کي ان جي پهرين تصديق مارڪس جي جمنازيم کان تعليمي پڄاڻي ٿيڻ واري مضمون ۾ ملي ٿي جيڪو ان وقت لکيو ويو هو، جڏهن پاڻ سترهن سالن جو هو. ان مضمون جو عنوان هو "ڌنڌي جي چونڊ بابت هڪ نوجوان جا خيال".

اها ڳالهہ دلچسپ آهي تہ پنهنجن هم ڪلاسين جي ابتڙ مارڪس ان مضمون کي "مان ڇا ٿيڻ گهران ٿو" جي نج ذاتي موضوع تي بحث ڪرڻ جو موقعو نہ سمجهيو پر هن ڌنڌي جي چونڊ متعلق معروضي ۽ داخلي حالتن ۽ ڌنڌي سان ذاتي لياقت جي مطابقت تي وسيع تر سماجي بحث جو موقعو سمجهيو. هتي نوجوان مارڪس جي ذهن ۾ اهي خيال، ميرنگ جي چواڻي، "گرمين جي وِچ جيان ڪڙڪي رهيا هئا" جنهن کي هن جواني ۾ پهچي پوريءَ طرح ۽ وضاحت سان نکاريو سنواريو.

مارڪس لکيو آهي تہ "اسين هميشہ اهو ڌنڌو حاصل نہ ٿا ڪري سگهون جنهن جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي مناسب سمجهندا آهيون. سماج ۾ اسان جا لاڳاپا ان کان اڳ ئي قائم ٿيڻ شروع ٿي ويندا آهن جڏهن اسين انهن کي مقرر ڪرڻ لاءِ وقف ۾ هوندا آهيون."

هن جا هم ڪلاسي تہ ڏاڍي نٽ نانگر سان هڪ واپاريءَ جي ڌنڌي تي فوجي پيشي جي برتري يا فقيهہ ۽ پادريءَ جي عهدي ڪري ملندڙ برڪتن تي بحث ڪري رهيا هئا. پر ڪارل مارڪس ڌنڌن جي ڪُوڙي چَمڪ دمڪ جي باري ۾ جيڪا گهمنڊ ڪي وڏاءُ ڏيندي آهي ۽ هوَس جي ديوَ ڏانهن لاڙو رکندي آهي ۽ انهن "خوش فهمين" جي باري ۾ لکيو جيڪي تخيل ۾ هڪ آئنده ڌنڌي کي سينگاريندي آهي. هن جي راءِ ۾ پنهنجين صلاحيتن جي باري ۾ خود فريبين جو اهو ئي سبب آهي "جيڪو اهڙو عيب آهي جو خود اسان کان بدلو وٺي ٿو ۽ ان کان وڌيڪ ڏيڄاريندڙ نوڪدار شيون هٽي ٿو جيتريون ٻاهرين دنيا جي اعتراضن ڪري لڳن ها." هڪ اهڙو عيب جيڪو خود پاڻ لاءِ حقارت پيدا ڪري ٿو جيڪو ماڻهوءَ کي اندر ئي اندر کائيندو رهندو آهي، ماڻهوءَ جي دل مان زندگي بخشيندڙ خون چوسي وٺندو آهي ۽ ان ۾ انسانن کان بيزاريءَ ۽ بي دليءَ جو زهر ملائي ڇڏيندو آهي.

ڪنهن بہ ڌنڌي جي چونڊ ڪرڻ ۾، جيڪڏهن ان چونڊ جو بنياد ڳنڊن خيالن تي هجي تہ "خود فريبيءَ" ۾ ڦاسي وڃڻ سولو آهي. جيڪو نوجوان ان وقت تائين ڪو بہ محڪم اصول، مضبوط، غير متزلزل پذير يقين نہ رکندو هجي، ان جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ ڌنڌا اهي آهن "جيڪي زندگيءَ سان ايترو ڳنڍيل نہ هوندا آهن جيترو انهن جو واسطو تجريدي سچائين سان هوندو آهي."

اهي دلچسپ اعلان ان دَور ۾ مارڪس جي روحاني دنيا تي روشني وجهن ٿا. شايد اها ان ڳالهہ جي شاهدي آهي تہ هو پڙهيايو ويندڙ علمن کان غيرمطمئن هو ۽ "تجريدي سچائين" کي. خود زندگيءَ سان وابستگي" سان ملائڻ جي خواهش هن ۾ وڌندي پئي وئي.

مارڪس ذاتي خوشحاليءَ جي بدتهذيبيءَ واري آدرش کي هيٺ بيان ڪيل طريقي سان چئلينج ڪري ٿو: "جيڪڏهن هو (ڪو بہ ماڻهو) رڳو پنهنجي لاءِ ڪم ڪري ٿو تہ شايد هو مشهور عالم، ڏاڍو وڏو داناءُ حڪيم، هڪ عمدو شاعر ٿي وڃي، پر هو ڪامل، صحيح معنائن ۾ هڪ عظيم انسان نہ ٿو ٿي سگهي."

ها، ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ انسان جو پنهنجو پاڻ کي ڪامل بڻائڻ هڪ مقصد آهي، جنهن جي سلسلي ۾ هر ڌنڌو هڪ وسيلو هوندو آهي. پر انسان پاڻ پنهنجو ڪمال حاصل ڪري سگهي ٿو "پنهنجي ساٿي انسان جي ڪمال جي لاءِ، ان جي ڀلي جي لاءِ ڪم ڪرڻ وسيلي". انسانذات جي ڀلائي (۽ انهيءَ ڪري خود اسان جو ڪمال بہ) اهو "خاص رهنما" آهي جنهن کي ڪنهن ڌنڌي جي چونڊ ۾ اسان کي هدايت ڪرڻ گهرجي.

پنهنجن خيالن جي پنيرائيءَ ۾ مارڪس انهن عظيم انسانن جي تاريخي مثالن جو حوالو ڏي ٿو جن گڏيل ڀلائيءَ جي لاءِ ڪم ڪري خود پنهنجو پاڻ کي



پاڪيزه تر ڪري ڇڏيو آهي. "تجربو ان ماڻهوءَ جو سڀ کان وڌيڪ خوش هجڻ جو اعلان ڪري ٿو جنهن ماڻهن جي سڀ کان وڏي ڳڻپ کي خوش ڪيو هجي."

پنهنجي آزاداڻي رستي جي ابتدا ۾ ئي مارڪس ان مقالي جي جوڙجڪ ڪري وٺي ٿو جنهن کي هن جي سڄي زندگيءَ جو اصول ٿيڻو هو: "انسانذات جي لاءِ ڪم." هو اعتراف ڪري ٿو تہ ان راهہ ۾ گلاب نہ، پر ڪنڊا وڇايل آهن، پر انهن جي ڪري ڪيس ڪا بہ پريشاني ناهي. هو پنهنجي چونڊ جي "وڏي ذميواريءَ" جو سڄو بار محسوس ڪري ٿو.

پر چونڊ ٿي چڪي آهي. "جيڪڏهن اسان زندگيءَ ۾ اهڙي حيثيت جي چونڊ ڪئي آهي جنهن ۾ اسين انسانذات جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ ڪم ڪري سگهون ٿا، تہ ڪو بہ بار اسان کي جهڪائي نہ ٿو سگهي، ان ڪري جو تہ سڀ جي فائدي لاءِ قربانيون هونديون." هتي بہ مارڪس وري بدتهذيبي واري زندگيءَ جي "ڪِريل، محدود، خودغرضي واري خوشيءَ" جي ڀيٽ هڪ اهڙي زندگيءَ سان ڪري ٿو جنهن جي خوشي "ڪروڙن جي لاءِ هوندي."

ظاهر آهي تہ هي مضمون وري بہ وڏيءَ حد تائين هڪ اسڪولي شاگرد جو مضمون آهي. هتي اسان کي مارڪس جي اڳوٽي روحاني ارتقا، سڀ جو سڀ هڪ نچوڙ جي صورت ۾ ملي ٿي، ڪانٽ ۽ فرانسي روشن خيالي جي اثر کي محسوس ڪري سگهجي ٿو ان وقت تائين ڪجهہ جذباتي ۽ روحاني ڳالهيون بہ آهن ۽ اهي حوالا بہ ملن ٿا تہ "خدا هڪ عام مقصد" ڏيندو آهي، ۽ "خدا جي گُهر آهي"، پر ان سان گڏ ئي سڄي مسودي تي ان وقت بہ ليڪ جي ڇاپ آهي. لکڻيءَ جي نموني ۽ مواد مان روح جي اها نِڪور قوت ۽ بامقصديت بَکي پئي جيڪا مارڪس جي ڪردار جي هڪ سٺي خصوصيت هئي.

هڪ نوجوان جي ان لکڻيءَ ۾ سڄي زندگيءَ جو پروگرام موجود آهي، جيتوڻيڪ ان جو اظهار عام صورت ۾ ڪيو ويو آهي. مارڪس پنهنجي دل جي "ڪُنڊليءَ" مطابق پاڻ پنهنجي قسمت جو حال ٻڌائي رهيو آهي.

ڪنهن ڌنڌي جي چونڊ بابت جمنازيم جي ان مضمون ۾ اڃا تائين ڪو بہ اهڙو اشارو نہ ٿو ملي، تہ مارڪس جون سياسي تمنائون جاڳي چڪيون آهن. پر ان مان هر ان شَي لاءِ نفرت ضرور ٿي ظاهر ٿئي جيڪا رجعت پرست آهي. جيئن اسان ڏٺو آهي اها نفرت هن رڳو ڪتابن مان نہ، پر پنهنجي چوڌاري دنيا مان بہ حاصل ڪئي هئي.

مثال طور اسين اهو ڄاڻون ٿا تہ 1833ع ۾ ٽي ٽرائر جمنازيم ۾ بندش وڌل لکڻيون ۽ سياسي نظمَ مليا هئا ۽ هڪ شاگرد کي گرفتار بہ ڪيو ويو هو. ان ڪري شاگردن جي ذهن ۾ اُٿل پٿل پيدا ٿيڻ ۽ زندگيءَ بابت مارڪس جي روبي جو متاثر ٿيڻ لازمي هو. جڏهن مارڪس کي جمنازيم مان تعليم پرائي واندو ٿيڻ جي سَند

ملي وئي ۽ هو بون يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ پنهنجي اباڻي شهر کان روانو ٿيو. ته هن جمنازيم جي مددگار ڊائريڪٽر ويٽس لوئرس سان موڪلاڻيءَ جي ملاقات ڪرڻ کان ڄاڻي واڻي انڪار ڪري ڇڏيو. جنهن جي ذمي جمنازيم جي شاگردن کي پوليس جي نگراني ۾ رکڻ جو خاص ڪم هو. ان سان ملڻ کان انڪار ڪري مارڪس ڪردار جي قوت جو مظاهرو ڪيو ۽ ٿي سگهي ٿو ته اهو پيءُ سان جهيڙي جو ڪارڻ به ٿيو هجي.

هائنرخ مارڪس پنهنجي پٽ جي نالي هڪ شروعاتي خط ۾ ئي هن کي ان قدم تي تنبيهه ڪري ٿو. ان خط مان اسان کي اها به خبر پوي ٿي ته ڪارل مارڪس سان گڏ جمنازيم جي هڪ ٻئي شاگرد هائنرخ ڪليمنس به لوئرس سان ملڻ کان نابري واري هئي. لوئرس ان ڳالهه جو ڏاڍو خراب اثر ورتو هو ۽ مارڪس جي پيءُ کي پنهنجي پٽ جي ”خطا“ لڪائڻ لاءِ هڪ ”نج نبار ڪُوڙ“ ڳالهائڻو ۽ اهو چوڻو پيو ته ”اسين آيا هئاسين پر توهين نه مليا.“

زندگيءَ ۽ تعليم سان مارڪس جو اصل جهيڙو بهرحال آئنده ٿيڻ وارو هو.



# ”مِهٽي جي مار“ ۽ ”شاعراڻي شعلي جي طلب“

توهان جو پسنديده اصول؟
ڊِي اومنِي بس ڊوبيتاندم.♠
ڪارل مارڪس جي ”اعتراف“ مان.

1835ع جي سرءُ ۾ مارڪس قانون جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ بون يونيورسٽي ويو. پر مارڪس لاءِ دنيا رڳو قانون جي علم کان گهڻو وڏيڪ هئي. نوجوانيءَ جي جوش سان گڏ هو هڪ آزاد زندگيءَ جي ڪُنَ ۾ ڪاهي پيو. ڪڏهن روحاني سرگرميءَ جي هڪ دائري ۾ قوت آزمائي ڪئي، ته ڪڏهن ٻي ۾. ۽ ان سان گڏ ئي شاگردن جي لاپرواهه ميڙن کي به نه وساريائين جتي اڻ جهل خوشي، دعوتون، مقابلي بازيون (ڊوئيل) ۽ هر قسم جون عجيب غريب حرڪتون ٿينديون رهنديون آهن. هڪ ڊوئيل ۾ ڪارل مارڪس زخمي ٿي پيو ۽ هڪ ڀيري ”رات جو امن ۾ رُخنو وجهڻ جي ڏوهه ۾“ گرفتار به ڪيو ويو. هن جي بي پناهه خوش مزاجيءَ جي ڪري سندس دوست هن سان پيار ڪندا هئا پر چُڀيندڙ فِقرن ۽ ڪم لاهي ڇڏيندڙ جملن کان ڊڄندا به هئا، جن جي ڪري ڪارل مارڪس جمنازيم ۾ به مشهور هو.

نيڪ پوڙهي هائنرخ مارڪس معقول سببن جي بنياد تي پنهنجي پُٽ کان سوال ڪيو ته هُو ”ڊوئيل ۽ فلسفي کي هڪ مُٺ ۾“ ڪيئن ٿو ڪري سگهي. پيءُ جا خط پٽ جي روحاني ڀلائيءَ لاءِ ڳڻتيءَ سان ڀريل آهن. هو پٽ کي تاڪيد ٿو ڪري ته پنهنجي صحت جو خيال رک ان ڪري جو ”سدائين بيمار عالم سڄي ڌرتيءَ تي سڀ کان وڏيڪ بدقسمت مخلوق هوندو آهي.“ هو پنهنجي پٽ کي سبق

♠ سيني شين جي باري ۾ پڇا ڳاڇا.

سيڪاريندڙ نصيحتون ڪري ٿو ۽ ڪنهن هرگيونستر جا مثال ڏئي ٿو جنهن ڪي پنهنجي ”نوجوانيءَ جي ڏوهن“ جي ”لڱ ڪانڊاريندڙ سزا“ ملي.

سندس پيءُ پنهنجي پٽ جي شاگرديءَ واري زندگيءَ جي رڳو اخلاقي ئي نه، پر ذهني پاسي بابت به ڳڻتي ۾ هو. بون يونيورسٽيءَ کان پيءُ جي نالي پنهنجن پهرين خطن مان هڪ ۾ سترهن سالن جي ڪارل مارڪس ظاهري طرح مذهب متعلق پنهنجن نون ڳرُ ڪڻندڙ شڪن بابت لکيو هو.

جواب ۾ هائنرخ مارڪس لکي ٿو: ”مون کي حقيقت ۾ ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته تون اخلاقي لحاظ کان سٺو رهندين، پر اخلاق لاءِ هڪ سڀ کان وڏو سهارو آهي خدا تي نج ايمان. تون ڄاڻين ٿو ته مان ڀيو ڪٽي ڪجهه به هجان، پر ساڙيلو ناهيان. پر اهو ايمان تڪڙو يا دير سان انسان جي لاءِ هڪ حقيقي گهرج ٿي پوندو آهي ۽ زندگيءَ ۾ اهڙيون گهڙيون به اينديون آهن جڏهن خدا جو انڪارِي به غير ارادي طور قادر مطلق جي پوڄا تي مائل ٿي پوندو آهي.“

هائنرخ مارڪس پنهنجي دليل ۾ وڏيڪ وزن پيدا ڪرڻ لاءِ نيوٽن، لاڪ ۽ لائبنز جي مثالن جو حوالو ڏي ٿو پر رڳو فهمائشن تي ڀروسو نه ڪندي، هائنرخ مارڪس ان ڳالهه تي به زور ڀري ٿو ته ڪارل بون جي ضرورت کان وڏيڪ آزاد فضا کي بدلائي ڇڏي ۽ پروشيائي سلطنت جي گاديءَ برلن جي وڌيڪ ضابطي ڀري ۽ رک رکاءَ واري فضا ۾ هليو وڃي. ان جا گهڻا اهم سبب به هئا. ان زماني جي جرمنيءَ جي نظرياتي سمجهه برلن يونيورسٽي ۾ مِڙيل هئي. لڊويگ فيوئر باخ چيو هو ته ”هن محنت-گهر جي ڀيٽ ۾ ٻيون يونيورسٽيون حقيقي شراب گهر آهن.“

هڪ قطعي ڏنڌي جي چونڊ جو سوال ڪارل آڏو هر هر ايندو رهيو ۽ جڏهن ٽرائر جي سڀ کان وڏيڪ سهڻي ڇوڪريءَ بيرونس جيني فان ويسٽ فالين، ”رقص جي راڻيءَ“ سان، مارڪس جو مڱڻو ٿي ويو. جيڪا ميرنگ جي چواڻي سندن ”ٻنهي کي سڀ کان وڏيڪ خوشي ڏيندڙ سوڀ هئي“ ته ڏنڌي جي چونڊ جو سوال اڃا به وڏيڪ اهم ٿي ويو.

مارڪس جو پيءُ پنهنجن خطن ۾ پنهنجي پٽ کي اهو ياد ڏياريندي ڪڏهن به نه ٿَڪبو هو ته جينيءَ سندس لاءِ ڏاڍي وڏي قرباني ڏني آهي. ۽ جڏهن ڪارل مارڪس خبر ناهي ڪيئن جينيءَ کي پنهنجو عاشق بڻائي ورتو جنهن پنهنجي لاءِ وڏيڪ حيثيت وارن خواهشمندن کي رد ڪري ڇڏيو هو ته ڪارل مارڪس کي سمجهڻ گهرجي ته ان غير معمولي جوان عورت جي زندگي سندس هٿن ۾ آهي ۽ ان ڪري هن کي ”دنيا ۾ عزت حاصل ڪرڻ“ ۽ پنهنجي آئنده خاندان جي لاءِ مادِي روزيءَ جي ڳڻتي ڪرڻ گهرجي.

ان جو احساس پاڻ ڪارل مارڪس کي به هو. برلن يونيورسٽيءَ ۾، جتي هو 1836ع ۾ هليو ويو هو، هُو علم حاصل ڪرڻ ۾ ساڳي ئي جوش سان، هر شَي تي



ڇانئجي وڃڻ واري جذبي سان ڪاهي پيو. جنهن سان هن بون ۾ زندگيءَ جي خوشين کي پنهنجو ڪيو هو. هن جون روحاني دلچسپيون گوناگون هيون. ڪيس قديم يونان ۽ روم جي ادب، ڊرامي، جماليات، شاعريءَ، فلسفي ۽ قانون سان گهري دلچسپي هئي. هڪ ڌنڌي جي تڪليف ڏيندڙ جستجوءَ ۾ هُو هاڻي به سرگردان هو. هڪ پَل هن کي خيال ٿيو ته تصنيف ۽ تاليف هن جو ڌنڌو آهي. هن بيلڊ، سانيٽ ۽ نظمن جا سڄا سڄا نوٽ بڪ ڀري ڇڏيا ۽ هڪ تاريخي ڊرامو ۽ هڪ خوشيءَ ڀريو ناول به لکيو. سندس پيءُ هن سان شاعر ۽ اديب، ادبي نقاد ۽ ڊرامي نگار جي ڌنڌي جي فائدن ۽ نقصانن بابت سنجيدگيءَ سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، ممڪن موضوعن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي ۽ ڪارل جي لياقت بابت ڳالهيون ڪيون.

هائنرخ مارڪس پنهنجي پٽ جي ابتڙ جيڪو پنهنجي پيءُ جي راءِ ۾ ”تجريدي آدرش پرستيءَ“ جو لاڙو رکندڙ هو، عملي سوالن جي باري ۾ ڳڻتي ڪندو هو. هن ڪارل کي صلاح ڏني ته هو ”وطن پرستيءَ واري“ انداز ۾ هڪ ڊرامو لکي، جنهن ۾ پروشيائي بادشاهت جي ”روح“ کي اجاگر ڪيو وڃي، هڪ تاريخي موضوع کي جرمن انداز ۾ رٿيو وڃي، ان ڪري جو ان قسم جو قصيدو ”شهرت جو بنياد رکڻ ۽ هڪ نانءَ کي پڪو پختو مڃائڻ“ جي حيثيت رکي ٿو. هو پنهنجي پٽ جِي ان رِٿ جي پوئواري ڪرڻ لاءِ تيار نه هو ته هو ادبي نقاد ٿئي، ان ڪري جو عظيم ليسنگ کي به پنهنجي حياتيءَ ۾ ٿورڙو ئي قدر مليو هو ۽ هو هڪ غريب لائبريرين جي حيثيت ۾ ئي گذاري ويو هو.

پر انصاف جي گهر اها آهي ته هائنرخ مارڪس کي شاباس ڇئي وڃي - جيئن اڳ ذڪر ٿي چڪو آهي، هُو ڪارل مارڪس جي غير معمولي لياقتن کي سڃاڻيندڙ پهريون ماڻهو هو. سڀ کان اول هن ئي مبهم طور ئي سهي، ڪارل جي شاندار آئندي کي تاڙِي ورتو هو. هن پنهنجي پٽ ڏانهن 1836ع ۾ لکيو هو ته ”توکي اڃا گهڻا ڏينهن جيئڻو آهي، خدا جي مرضي هجي، ته پنهنجي ۽ پنهنجي ڪٽنب جي ڀلي جي لاءِ ۽ جيڪڏهن منهنجو اندازو غلط ناهي ته انسانذات جي ڀلي جي لاءِ.“

پر ڪڏهن ڪڏهن هائنرخ مارڪس کي پنهنجي پٽ جي مقدر بابت ڌڄُ ٿيندو هو. ڪارل جي لياقت، پنهنجن همعصرن سان هن جي ناٺهپ، هن جي روح جي ڀرپور قوت ۽ حق جي ڳولا لاءِ پڪو ارادو، انهن سڀني شين جي ڪري پيءُ کي پنهنجي پٽ جي ”بدشگون بلا“ جو خيال ٿيو جيڪو هن کي دنياوي ڪاميابيءَ جي صاف راهه کان ڀٽڪائي ڇڏيندو ۽ پرسڪون زندگيءَ خلاف بغاوت ڪرڻ تي ڀڙڪائيندو.

”اها بلا بهشتي آهي يا فائوسٽي؟“ ان صورت سبب هائنرخ مارڪس ان سوال جو اظهار ڪيو جيڪو سندس روح کي ڏُڪائيندو پئي رهيو. گوئٽي جي فائوسٽ جو مقدر شفيق پيءُ کي اهڙو نه لڳو جو ان جي پيروي ڪئي وڃي. فائوسٽ جي هيئت، سچائيءَ ۽ زندگيءَ جي معنيٰ جو اهو ڳولائو جيڪو هميشه غير مطمئن رهي

ٿو ۽ جنهن کي شيطان برغلائي ڇڏي ٿو جنهن کي سهولت پري گهڙيءَ جي هٿ نه اچڻ جي رُڄ جي پويان هلندي ڪڏهن هڪ گهڙيءَ جو آرام به نصيب نه ٿو ٿئي، جيڪو سچي خوشيءَ جي ڳولا ۾ ان جي ننڍڙي حصي تي قناعت نه ٿو ڪري ۽ پنهنجي ويجهو رهندڙ ماڻهن کي ڏک پهچائي ٿو جيڪو زندگيءَ ۽ آزاديءَ جو حقدار رڳو انهن ماڻهن کي سمجهي ٿو جيڪي انهن جي لاءِ پاڻ پنهنجي زندگيءَ ۽ آزاديءَ کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار هجن _ اها هيئت مارڪس جي پيءُ لاءِ دلڪش نه ٿي پئي سگهي، هو ان کان هڪ اهڙي پوٽ جيان ڊڄندو هو جيڪو ڪارل لاءِ خطرو بڻيل هو.

"ڪڏهن ڪڏهن تنهنجي ۽ تنهنجي آئِندي جو سوچي منهنجي دل ڏاڍي خوش ٿيندي آهي، ته به ڪڏهن ڪڏهن انهن سوچن کان پاڻ کي ڇوٽڪارو ڏياري نه سگهندو آهيان جيڪي مون ۾ اداس ڪندڙ انديشا ۽ خوف پيدا ڪنديون آهن. جڏهن مون تي اهي سوچون وچ جيان ڪرنديون آهن ته ڇا تنهنجي دل تنهنجي دماغ، تنهنجي لياقت سان هم آهنگ آهي؟ ڇا ان ۾ انهن زميني پر لطيف تر جذبن جي گنجائش آهي، جيڪي هن ڏک ۽ سور جي سراءِ ۾ هڪ احساس رکندڙ انسان جي لاءِ ايتري قدر سُڪون بخشيندڙ هوندا آهن؟...... ڇا تون ڪڏهن ۽ اهو منهنجيءَ دل ۾ ان کان گهٽ تڪليف ڏيندڙ شڪ نه آهي، ته تون ڪڏهن صحيح معنائن ۾ انساني، خانگي خوشيءَ جو اهل ٿي سگهندين؟ ڇا، ۽ ان شڪ هتي ڪجهه ڏينهن کان مون کي گهٽ اذيت نه ڏني آهي جڏهن کان مان هڪ خاص هستيءَ سان پنهنجي اولاد جيان پيار ڪرڻ لڳو آهيان، ڇا تون ڪڏهن انهن ماڻهن کي خوشي ڏيڻ جو اهل ٿي سگهندين جيڪي تنهنجا سڀ کان وڌيڪ ويجها هوندا؟♥ ظاهر آهي ته اها خاص هستي جيني فان ويسٽ فالين آهي جنهن جي خوشيءَ بابت هائنرخ مارڪس ايتري قدر شفقت سان فڪرمند آهي.

پر نيٺ ماڻهو پاڻ خوشيءَ کي ڪيئن بدلائي؟ شايد ڪارل مارڪس "انهن ماڻهن کي" جيڪي سندس "سڀ کان وڌيڪ ويجهو هئا" اهڙي صاف ۽ روشن "گهريلو" خوشي نه پهچائي، جنهن جا خواب سندس پيءُ ڏٺا هئا. پاڻ ڪارل مارڪس جي لفظن ۾، هن صحت، خوشيءَ ۽ ڪٽنب کي پنهنجي زندگيءَ جي لاپ _ "ناٽي" تي قربان ڪري ڇڏيو. جيني کي پنهنجي مڙس سان گڏ هن جي بيچيِن زندگيءَ جي سيني بارَن ۾ شريڪ ٿيڻو پيو، ڏڪا ٿاٻا کائڻ، قيد، لَڏپلاڻ، مفلسي ۽ وحشي ظلم ۽ سختيون _ هن جا ٽي ٻار مري ويا _ پر هوءَ مارڪس جي سڀ کان ويجهي مددگار ۽ صلاحڪار، هن جي لاءِ رحمت جي حور جيان رهي. هن پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي ڏسي ورتو ته مارڪس جو نانءُ روس کان وٺي آمريڪا تائين نئين سرويچ دنيا جو نشان بڻجي ويو _ ۽ ان جي ڪري هر شيءِ جي تلافي ٿي وئي.

♥ ڪارل مارڪس جي نالي سندس پيءُ جو خط، تاريخ 2 مارچ 1837ع.



هائنرخ مارڪس جي انديشن هن کي ڌوڪو نه ڏنو هو. هن جي پٽ جو عفريت بهشتي نه، پر فائوسٽي اصل جو هو. هو ان کي ترسڻ نه ڏيندو هو هن کي پنهنجي روحاني ارتقا ۾، پنهنجي ڪمال جي ڳولا ۾، هٿ نه اچڻ واري ۽ من موهيندڙ "شيطاني منطق" جي، حقيقت جي پُوري ڄاڻ ۽ مڪمل سمجهه جي چانوَ جو پيڇو ڪندي اڳتي ئي اڳتي وڌندو رهڻ تي مجبور ڪندو رهيو ۽ ان جي لاءِ هو قربانيءَ جو مطالبو ڪندو هو. خود مارڪس کان به ۽ انهن ماڻهن کان به جيڪي "هن کي سڀ کان وڌيڪ ويجهو هئا." مارڪس سماجي سچائيءَ جي منطق جي خدمت ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي پوريءَ طرح وقف ڪري ڇڏيو هو. هُو خوشي جي ان خيال جو وفادار رهيو ("سيني جي ڀلائي لاءِ قربانيون"، "ڪروڙين ماڻهن" جي خوشيءَ جي لاءِ) جنهن جو اظهار هن جمنازيم ۾ ڪيو هو.

فائوسٽ جي ابتڙ مارڪس پنهنجي وجود اندر "ميفسٽوفليز" به هو. هو پاڻ پنهنجين لکڻين جو سيني کان وڌيڪ بي رحم نقاد به هو. هو پنهنجي پسنديده اصول "سيني شين جي باري ۾ پڇا ڳاڇا" سڀ کان اڳ پنهنجي قلم جي لکتن تي لاڳو ڪندو هو.

پنهنجي شاگرديءَ جي ابتدائي سالن جي شاعراڻن تجربن بابت هن سخت ترين فيصلا مڙهيا. پنهنجي پيءُ ڏانهن خط ۾، اٽويهن سالن جي مارڪس انهن بابت هيئين راءِ ڏني: "اسان جي زماني تي حملا، احساس جا ٽِٽل ٽڙيل ۽ اڻ پڪا اظهار، ڪا به شيءِ قدرتي ناهي، هر شيءِ خواب ۽ خيال سان ناهيل، جيڪو ڪجهه آهي ۽ جيڪو ڪجهه ٿيڻ گهرجي، ان جي وچ ۾ مڪمل تضاد، شاعراڻي سوچ بدران بياني زور جون جهلڪيون، پر شايد هڪ قسم جي احساس جي تابش ۽ شاعراڻي شعلي جو شوق به." ظاهر آهي هتي مارڪس جو تنقيدي احساس غلط نه هو.

پر جڏهن به هن ڪجهه نظمن ۾ "پري کان نظر ايندڙ پَري محل جيان سچي شاعريءَ جي جرڪندڙ دنيا" جي جهلڪ ڏٺي، ته به ان ڪاميابيءَ کي مارڪس پنهنجي شاعراڻي صلاحيت جي سنجيدي اندازي لاءِ هڪ موقعي جيان استعمال ڪيو ۽ "منهنجيون سموريون تخليقون سڙي خاڪ ٿي ويون." ان فِقري کي لفظي معنيٰ ۾ سمجهڻ گهرجي، ان ڪري جو مارڪس پنهنجن نظمن کي ۽ ناولن جي خاڪن کي ساڙي ڇڏيو.

"فنن جي ديوين جي رقصن ۽ قصن ڪهاڻين جي موسيقيءَ" کي ڇڏي مارڪس اڃا به وڌيڪ جوش سان سائنس ڏانهن ڌيان ڏنو. ڀهريائين به شاعري سندس لاءِ هڪ ضمني مشغلو هئي. هو هڪ اٽپوري بيلڊ يا منظوم ڊرامي کي هڪ پاسي رکي ڇڏيندو هو ۽ قانون ۽ فلسفي جي علم ۾ گم ٿي ويندو هو. هن ليسنگ جي لکٽي "لائوڪون"، وينڪل مان جي "فنن جي تاريخ" ۽ اوويڊ جا مرثيا پڙهيا ۽ انهن دوران رائماروس جو "جانورن جي فنڪاراڻي جبلت بابت"، لوڊين جي "جرمن قوم

جي تاريخ“ ۽ ارسطوءَ جي لکٽي ”ڳالهائڻ جو علم“ ۽ بيڪن، شيلنگ، ڪانٽ ۽ هيگل جون لکٽيون پڙهيون. هن قانون جي علم بابت خصوصي ادب جو هڪ ڍير پڙهي ڇڏيو. جيترو ڪجهه هن هڪ سال ۾ پڙهيو، ان جي حقيقي ضخامت ئي اچرج جهڙي آهي.

پر مارڪس رڳو پڙهيو ئي ڪو نه. هن هڪ عادت وجهي ڇڏي هئي جيڪا سڄي زندگي قائم رهيس – جيڪو ڪجهه هو پڙهندو هو، ان مان ڊگها ٽڪرا چونڊي لکي ڇڏيندو هو ۽ ان سان گڏ پنهنجا خيال به لکندو ويندو هو. ان ڪري کيس پنهنجي ڪم ۾ ڏاڍي مدد ملي، سندس سوچ ۽ يادگيرو منظم ٿيو.

مارڪس جي هڪ امتيازي خاصيت هيءَ آهي ته جڏهن هو علم جي ڪنهن نئين شعبي جو اڀياس ڪري ٿو، ته ٿڏي تي ئي ان شاخ جي آزاد ڇنڊڇاڻ به ڪري ٿو. سندس ادب جو اڀياس شاگردن جهڙو مفعولي عمل ڪڏهن به نه هوندو هو. پر آزاد تخليقي سوچ جي لاءِ رڳو هڪ موقعو، هڪ ترغيب ۽ هڪ تحريڪ هو.

پنهنجي فلسفي ۽ قانون جي اڀياس ۾ هو ”قانون جو هڪ اهڙو فلسفو“ ڏسڻ جي ڪوشش ڪري ٿو جيڪو قانون جي سڄي شعبي کي گهيري ۾ آڻيندو هجي.“ ان موضوع جي رڳو سياٽپ طور ارڙهن سالن جي مارڪس هڪ ”غير اطمينان بخش تصنيف، لڳ ڀڳ 300 صفحن جو هڪ ڪتاب“ لکي ورتو.◆

فن جي تاريخ ۽ فلسفي جي تاريخ جو اڀياس ڪندي انهيءَ ئي تعليمي سال هلندي هن 24_هن صفحن جو هڪ مڪالمو لکيو ”جنهن ۾ آرٽ ۽ سائنس ڪنهن حد تائين متحد هئا.“ ”ڪليانٿيز يا فلسفي جي شروعات جو نقطو ۽ لازمي تسلسل.“ افسوس، ته جو اهو مڪالمو اسان تائين نه پهچي سگهيو، ان ڪري جو ان دَور جي شايد اها اڪيلي لکت آهي جنهن جي پاڻ مارڪس ساراهه ڪئي آهي.“ باقي هر شَي تي هن اهڙي ئي تباهه ڪندڙ تنقيد ڪئي آهي جهڙي نظمن تي ڪئي هئي.

ان تعليمي سال (37_1836ع) هلندي ڪيترين ئي راتيون بنا ڪنهن ننڊ جي گذري ويون ۽ ڪيترين ئي تيز روحاني لڙايون ٿيون. ”روح جي ڀٽڪندي رلڻ“ جو نتيجو عام طور اهو ٿيندو هو ته جيڪو ڪجهه ڪيو ويو هو، ان کي رد ڪيو وڃي. مارڪس فسلفي ۽ قانون جي علم جي ميدان ۾ ڪنهن نه ڪنهن نئوس ثبوت ڏيندڙ استاد جي نُڪتي نظر کي اختيار ڪندو هو ۽ ان کي سندس منطقي نتيجي تائين ترقي ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو هو. پر نتيجو اهو نڪرندو هو ته بحث هيٺ نئوس ثبوت استاد جِي، سندس تعليمن جِي ۽ سندس پنهنجي ڪوششن جي اَڻ درستيءَ کي ڳولي لهندو هو. هو هڪ خدا جي عبادتگاهه کي

---

◆ ڪارل مارڪس، پنهنجي پيءُ ڏانهن خط، تاريخ 10 نومبر 1837ع.



برباد ڪري ڇڏيندو هو، پر رڳو ان لاءِ ته ان کي نوَن خدائن سان پري ڇڏي. هو هڪ بُت کي ڊاهيندو هو، سچائيءَ جي تخت تي ٻين بتن کي رکڻ جي لاءِ. هن پاڻ پنهنجي لکڻين جا جُلدن مٿان جُلد پريا – شاعراڻا، جمالياتي ۽ فلسفياڻا – پر انهن کي رڳو ساڙي ڇڏڻ لاءِ. هڪ سال ۾ هن ايترو لکيو جيترو ٻيا اديب سڄي ڄمار ۾ لکندا آهن، پر جيڪا شَي سائنس جي بدتهذيب لاءِ آڪڙ ۽ غرور جو سبب ٿي سگهندي هئي، ان مان نوجوان مارڪس کي بي اطمينانيءَ جو ڪرب مليو.

مارڪس پنهنجي تخيل جي دنيا جي تخليق به پوري نه ڪندو هو جو ان کي ڊاهي تباهه ڪري ڇڏيندو هو ۽ نين دنيائن جي ڳولا ۾ روانو ٿي ويندو هو. هڪ نظم ”ڳولا“ ۾، جيڪو جيني کي منسوب ڪيو ويو هو، هُو ان بابت پاڻ هيئن لکي ٿو:

سمورا ٻنڌڻ ٽوڙي مون جڏهن پنهنجي راهه ورتي
”ته ڪيڏانهن؟“، ”ڳولڻي آ مون کي هڪ دنيا نئين.“
”ڇا ڇيئه؟“ ”ڇا سُهڻو گهٽ آ هيءُ تنهنجو جهانُ —
هيٺ لهرن جو ترنم، مٿي تارن جو جُهرمٽ.“
”هيئن جو منهنجي روح مان ٿئي منهنجي دنيا جو ظهور
۽ انهيءَ جي سيني سان ٿي لڳي بي قرار
سمنڊ کيس هر طرف کان مون سان گڏ گهيرو ڪري
هن جي فلڪ جو گنبذ منهنجي ساهن سان پري.“
مون پنهنجي راهه ورتي، وري جڏهن آيس موٽي
هٿ ۾ گهٽن لفظن واريون دنيائون ڪٽي
جن ۾ جرڪندڙ اُس هئي ۽ روشني پئي کيڏندي
پر هڪڙي وِڄ ڪري ۽ هاڻي اهي دنيائون ناهن.

جيڪو ڪجهه حاصل ٿي چڪو آهي ان مان لاڳيتي بي اطميناني، ڪمال جي مسلسل ڳولا ان جي پختائي وارن سالن ۾ به هن جون امتيازي خاصيتون رهيون. سندس خيال اچا مشڪل سان نقش ڪيندو هو، ته پاڻ ان کان اڳتي نڪري ويندو هو. جيڪو ڪجهه حاصل ڪيو هئائين، جيڪو ڪجهه لکيو ويو هو، تنهن کي اڻ رَسندڙ اوچاين تان ٻيهي ڏسندو ۽ پوءِ هڪ نئين اوچائيءَ طرف هلي پوندو. ان جو مقصد اهو نه هو ته هُو اوچاين کي فخر سان پيرن هيٺان ڪري وڃي، پر اهو ته هڪ مثبت اوچائيءَ تي پهچي وڃي، جتان هن کي سچائي پنهنجي اصل روشني ۾ ڏيکارجي.

بالزاڪ هڪڙو ننڍڙو خاڪو لکيو هو، جنهن جو عنوان هو ”غير معروف شاهڪار.“ اهو هڪ غير معمولي طرح باڪمال فنڪار بابت آهي، جيڪو هڪ اڪيلي، عمدي تصوير ٺاهي ٿو، چاهي ٿو ته ان کي رنگ جي سڄي ڪمال جو

نمونو ٺاهي ڇڏي ۽ قدرت جي اهڙيءَ طرح تصوير چٽي جو اها تصوير پنهنجي اصل کان بہ سٺي ٿي پوي. سالن تائين هو ڏاڍي وجدان سان ڪم ڪري ٿو رنگن ۾ اهڙيءَ طرح روح ڦوڪڻ جي ڪوشش ۾ اڪثر سيني جُزن کي بدلائيندو رهي ٿو جيئن افسانوي پگميليئن جي هٿن ۾ مجسمو جيئرو ٿي پيو هو. نيٺ هو محسوس ڪري ٿو تہ سندس مقصد حاصل ٿي ويو آهي پر ڇميل ناظرين رڱو برش جي لِيڪُن جو هڪ بي ترتيب مجموعو ڏسن ٿا. ڪمال جي زيادتيءَ تصوير کي تباهہ ڪري ڇڏيو.

فيبروري 1887ع ۾ جڏهن ”ناڻي“ جي پهرئين جلد تي هن جو ساهہ سُڪائيندڙ ڪم پورو ٿيڻ ويجهو هو، تڏهن مارڪس بالزاڪ جي ان خاڪي کي وري پڙهيو ۽ اينجلس کي سفارش ڪئي تہ هُو بہ اهو پڙهي وٺي. هيءُ هڪ ننڍڙو شاهڪار آهي جيڪو نفيس ٽوڪ سان ڀريل آهي. ظاهري طرح ان ۾ مارڪس پنهنجي لکڻي ”ناڻي“ ۾ ڪمال لاءِ پاڻ پنهنجي صبر آزما ڳولا تي ٽوڪ ڏٺي، جڏهن جڏهن بہ ڪيس اهو لڳندو هو تہ اهو ڪم ڪڏهن بہ پورو نہ ٿيندو.

بالزاڪ جي هيرو جي ابتڙ، مارڪس پنهنجو پاڻ سان ان ويڙهہ ۾، پنهنجي بي رحماڻي خود تنقيد جي ڪري، پنهنجي ان اندرين مطالبي سبب سوپارو ٿيو، تہ موضوع کي جيتري قدر ڀرپور نموني ممڪن هجي سمجهجي ۽ جيتري بهترين طريقي سان ممڪن هجي اهو سمجهائجي. هن سرمائيداراڻي سماج جي جيڪا تصوير ناهي، اها صحيح معنيٰ ۾ شاهڪار ثابت ٿي، جيڪا صدين تائين باقي رهندي ۽ هُو جائز طرح پنهنجي ”ناڻي“ کي فني ڪُل چئي سگهيو پئي، پر ان لاءِ هن سالن جا سال ڪم ڪيو هو. اڃا بہ اهو چوڻ صحيح ٿيندو تہ ان ۾ هن پنهنجي ڄمار ڳاري ڇڏي، ان ڪري جو سندس سڄي ڄمار ”ناڻي“ جي تخليق لاءِ هڪ تياري هئي.

سمورن سچن تخليقڪارن جيان مارڪس بہ پنهنجين لکڻين کان هميشہ مٿير رهيو. هن جي روحاني دنيا جي مالداريءَ جي عڪاسي، جيڪو ڪجهہ هن لکيو ان جي دولتمنديءَ ۾ صرف جزوي طرح ۽ ڏاڍي اڻپوري طريقي سان ٿي. تنهنڪري سندس ”بهترين“ لکڻي اڻ لکيل رهجي هئي. اهو ئي بي اطمينانيءَ جي لاڳيتي ڪرب جو اصل سبب هو.

شَڪُ تہ سوچ جي سستيءَ ۽ پاڙيائپ جي نشاني بہ ٿي سگهي ٿو جيڪو زندگيءَ جي اسرارن جي رازن جي مونجهارن آڏو شرمندو ٿي پوي ٿو ۽ ان جي سٽن پردن ۾ لڪل هجڻ جو اعلان ڪري ڇڏي ٿو، جيئين عتيق عهدنامي جي راهبن ڪيو هو، جن ”آسمان هيٺ جيڪو ڪجهہ ٿئي ٿو ان سڀ ڪجهہ جي“ ڳولا ۽ جستجو ڏاهپ سان ڪرڻ گُهرِي ۽ ان نتيجي تي پهتا تہ ”سڀ ڪجهہ انا آهي ۽ روح جي گندگي.“

پر اهو ئي شَڪُ نظرياتي جسارت لاءِ اشد ضروري هٿيار بہ آهي. ان جسارت ۾ ماضيءَ جي فڪر جي پريشان آسيبن تي غيرجانبداراڻو حڪم هلائي ٿو ۽ ان ڪري جو انهن آسيبن جي طاقت ڪنهن بہ طرح مفروضو يا غير حقيقي ناهي.



هيگل طربيہ ٽوڪَ، الميہ ٽوڪَ ۽ وري شڪ جي ٽوڪ بابت لکيو جيڪو نيٺ ڪُل انانيت ڏانهن وٺي وڃي ٿو جڏهن، جيئن ڏيرو چيو آهي، هڪ صاحبِ احساس پيانو اهو تصور ڪندو آهي تہ اهو تہ دنيا ۾ اڪيلو پيانو آهي، پر هڪ ٻيو طنز بہ ٿيندو آهي جنهن کي ”تعميري“ طنز چئي سگهجي ٿو جيڪو هر تخليقي خمير لاءِ ضامن جو ڪم ڏيندو آهي، جيڪو هڪ نئين خيال جي جنم ۾ مدد ڏيندو آهي، ان لاءِ راهہ سِڌي ڪندو آهي ۽ ان کي اعتماد جو وجدان عطا ڪندو آهي.

انسانذات هڪ چوٽيءَ جي لفظن ۾، پنهنجي ماضيءَ کان <u>مرڪندي</u> موڪلائيندي آهي. اها پنهنجي <u>نظرياتي</u> ماضيءَ کان بہ مرڪندي موڪلائيندي آهي. سجاڳيءَ (Renaissance) جي دَور ۾ مذهب جي اقتدار ۽ ”ڪُوڙيل مٽي واري ارسطو“ جي اقتدار بابت هڪ طنزيہ رويو فڪر جي ميدان ۾ هڪ انقلاب جي اڳ ـ ڪٿي هو: فطرتي سائنسون ۽ نئين دَور جو فلسفو. پهريائين فرنسوآ رابلي جو هيج ڀريو، ڦاٽوڙو ٺهڪ گونجيو ۽ تڏهن سر فرانسس بيڪن وچين دَور جي ڪٽر اصولن جي ”بُتن“ کي منطقي دليلن سان ڀاڄوءَ نون خيالن ۽ آدرشن سان انهن کي رد ڪيو.

جيڪا ڳالهہ مجموعي حيثيت سان سماج بابت سچ آهي اها فرد لاءِ بہ صحيح آهي، خاص طور مارڪس جهڙي ماڻهوءَ لاءِ. هڪ ڏاهو هميشہ نفي ۽ ٽوڪ وارو روح رکندڙ هوندو آهي، ان ڪري جيڪو ڪجهہ ”عظيم“ ۾ عبوري، بدبخت ۽ رحم لائق نوعيت جو هوندو آهي ان کي ان شدت سان ڪو بہ نہ محسوس ڪندو آهي جيئن هو ڪندو آهي. ۽ ”عظيم“ کي انهن شين کان احتياط سان پاڪ ڪرڻ جو ۽ سنگتراش جي سنهڙي ڇيڻي ڪڍي ”عظيم“ کي آزاد ڪرڻ جو ڪم بہ ڪو ٻيو پورو ڪري ناهي سگهندو.

جيڪڏهن اسين مارڪس جي ٽوڪ جي ماخذن تائين پهچڻ گهرون ٿا تہ اسان کي فن ڏانهن ڌيان ڏيڻو پوندو.

بالزاڪ پنهنجي تِکي طبيعت واري ٽوڪباز هيرو کي فن ۽ ان جي سيني رازن، ان جي حال و قال ۽ جذب و ڪيف جو مجسمو قرار ڏنو آهي. اهو ڏاڍو ڳُوڙهو نُڪتو آهي ان ڪري جو فن هر قسم جي ڪٽر اصول پرستيءَ کان، زندگيءَ جي سيني پندپهڻ ٿيل خيالن کان مخالف هوندو آهي. اهو حقيقت کي هڪ لاڳيتي سلسليڪار جي حيثيت سان، چرپر جي حيثيت سان، عمل جي حيثيت سان سمجهندو آهي، نہ تہ اهو فن ئي نہ رهندو. اصول جي پابند صنفن ۾ بہ فن ”پندپهڻ“ مواد خلاف احتجاج ڪندو آهي ۽ ان ۾ حياتيءَ جو ڌَڙڪو پيدا ڪرڻ ۽ ساهہ ڦوڪڻ چاهيندو آهي.

حقيقت کي نظرياتي طور سمجهڻ جي ابتڙ، جيڪو عالم کان تعريفن، جوڙجڪن ۽ نظري شڪلين جي صحت ۽ ان جي مڪمل هجڻ جي گهر ڪري ٿو

۽ اهڙيءَ طرح گُهريل اڻ گهريل، هٿ ڪيل نتيجن کي ”استوار“، ”اٽل“ وغيره سچائي ٺاهي ڇڏڻ جو امڪان پيدا ڪري ٿو. فن ۾ (ظاهر آهي ته صحيح فن ۾) دنيا بابت اسان جي خيالن کي پنڌپهڻ ڪري ڇڏڻ لاءِ ڪا به جاءِ نه هوندي آهي.

سڀ کان وڏيڪ فن ئي فرد جي انهن صلاحيتن کي نکاري سنواري ها جيڪي ان ڳالهه جي اعتبار جوڳي ضمانت ڏين ٿيون ته سوچ ”سختيءَ“ جو شڪار ٿي نه سگهندي. ۽ گڏوگڏ اهي صلاحيتون ئي تخليقي خمير جون ”ضامن“. نون خيالن جي جنم لاءِ هڪ اٿاهه سرچشمو به هونديون آهن. اها دنيا کي هڪ ڪُل جي حيثيت سان ڏسي سگهڻ جي صلاحيت هوندي آهي، تناسب، آهنگ ۽ حسن، تخيل، خيال آرائي ۽ پيش حسي جو احساس هوندو آهي، مزاح جو ۽ وري ٽوڪ جو احساس هوندو آهي.

فن ڏنڏي وارين خوبين کي نکاريندو سنواريندو ناهي، پر اهو ان آفاقي ۽ صحيح معنائن ۾ انساني صلاحيت کي روشني ڏيندو آهي جيڪا ڪنهن به ڏنڏي لاءِ انتهائي ضروري هوندي آهي ـ ۽ اها آهي تخليق ڪرڻ جي صلاحيت. انهيءَ ڪري ئي ذهني تهذيب جي ارتقا ۾ ان جو ڪردار ايڏو زبردست آهي بنا ڪنهن رک رکاءَ جي، ته اهو ذهن ڪنهن جو آهي، ڪنهن سائنسدان جو، فنڪار جو يا انجنيئر جو.

صفا ننڍڙائپ کان ئي مارڪس هڪ اهڙي ماحول ۾ پَليو نپيو جيڪو فن سان ٽمٽار هو. هڪ پاسي شيلر ان ۾ جابراڻي فرمان روائي خلاف، بدنصيب ماڻهن تي تشدد خلاف نفرت پيدا ڪري رهيو هو. ته ٻئي پاسي شيڪسپيئر ان لاءِ انساني احساسن ۽ رشتن جي منجهڙيل دنيا جو نقاب لاهي رهيو هو ۽ حاضر جوابيءَ لاءِ ان جي فطري لياقت کي روشني ڏئي رهيو هو. ۽ گوئٽي ماڻهن کي ترغيب ڏئي رهيو هو ته احساس ۽ خيال کي، خيال آرائيءَ جي عجيب غريب تماشي ۽ موت ۽ حيات جي معنيٰ تي سوچ ويچار کي، روايتي اخلاق تي ميفسٽوفليز جهڙي ٽوڪ پري ڪِلِ ۽ علم لاءِ واگنر جهڙي تڙپ ۽ ان جي قادر هجڻ، مطلق هجڻ تي يقين کي متحد ڪن.

پر اچو ته اسين پراڻي برلن جي هڪ ماني سڙڪ تي موجود شاگرد جي ڪمري ۾ موٽي هلون جتي تماڪ جي ڌُونهين ۾، هڪ ٻري ٻري ختم ٿيندڙ ميڻ بتيءَ جي جَهڪِي روشني ۾ ڪارن وارن وارو هڪ نوجوان ـ جنهن جي نالي جي ان وقت، 1837ع ۾، ڪنهن لاءِ به ڪا اهميت نه هئي ـ پنهنجي پيءُ کي هڪ خط لکي رهيو آهي.

ان خط ۾ مارڪس پنهنجي پيءُ کي اطلاع ڏنو ته هاڻي ايتري سڀ ڪجهه جي نفي ٿيڻ کان پوءِ هُو ”هڪ زبردست ٽوڪ جي عتاب جي پَڪڙ“ ۾ آهي ۽ کيس اهو پيو معلوم ٿئي ته سندس سموري محنت ”بي ثمر“ هئي ۽ اهو ته هُو انهن ”هنگامي وارن امڪانن“ کي ختم ڪرڻ جي طاقت نه ٿو رکي جيڪي هنن پيدا ڪري ڇڏيا آهن.

پر اهو زندگيءَ ۾ هڪ موڙ جو عارضي بحران هو جنهن هن جو ڪم ڪجهه ته حقيقت ۽ سائنس سان هن جي ٽڪراءَ کان اڳ، اڻ پُختي دَور لاءِ ”موڪلاڻيءَ



وارو گيت“ هو ۽ ڪجهه آئِندي جي ڪجهه وڏيڪ سخت ۽ بنيادي ٽڪرائن لاءِ هڪ همت ڀري تمهيد هو.

ان تمهيد ۾ هِتي هُتي، تمام گهڻي ڀروسي ۽ وضاحت سان نه سهي، پوءِ به، انهن موضوعن جي جهنڪار ٻڌڻ ۾ پئي اچي جيڪي پوءِ وڏي سڄِي سمفني ٿيڻ وارا هئا. جنهن دانشوراڻي پورهيي هر شَي جي نفي ڪري ڇڏي هئي ۽ جيڪا دنيا جي معاملي ۾ به بي رحم هئي ۽ پاڻ پنهنجي باري ۾ به، اها بي ثمر نه هئي جيئن مارڪس سمجهيو پئي. ان جون نفيون بيڪار نه هيون ۽ نه ئي اجايون، ان ۾ نوَن ثمرن جا ٻج لڪل هئا. ان جي سوچ روايتي، ڏيکاءَ جي سائنسي لباڙجي ساڙَن کي پاڙان پَٽي رهي هئي ۽ حقيقي سائنس جي مڪڙين لاءِ ٻنيءَ جي جوٽائي ڪري رهي هئي.

پنهنجي پيءُ ڏانهن هن جيڪو خط 10 نومبر 1837ع تي لکيو، انهيءَ ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته صورت اهائي ئي هئي.

پنهنجي پيءُ ڏانهن قانون جي فلسفي تي پنهنجي وسيع ڪم جي باري ۾ تفصيل سان ٻڌائيندي، مارڪس ان جي ناقص هجڻ جي سببن جي ڳولا ۾ لکي ٿو ته ”سچائيءَ کي سمجهڻ ۾ شروع کان ئي هڪ رڪاوٽ هئي..... رياضياتي ڪٽر اصول پرستيءَ جي غير سائنسي شڪل“. مارڪس جي ذهن ۾ اها ”اقليدسي“ شاهراهه هئي، جنهن کي اسپينوزا جي دَور کان فلسفي ۾ ترقي ڏني وئي هئي، هڪ اهڙي شاهراهه جنهن ۾ شَي کي ائين سمجهيو وڃي ٿو ڄڻڪ اها ڏار ڏار پاسن کان هڪ ڌَڪِي ٿيل شَي هجي، ٺيڪ ساڳي طرح جيئن اقليدس ۾ هڪ ٽڪنڊي جي ڇنڊڇاڻ مختلف مناسبتن سان ڪئي ويندي آهي ۽ انهيءَ ڇنڊڇاڻ کي نظري شڪل ۾ يا انهن ڪُل تصورن ۾ درج ڪيو ويندو آهي جيڪي مقدمن کان پابند، ظاهري نتيجو ڪيڻ وسيلي حاصل ڪيا ويندا آهن. ٽڪنڊو پاڻ بنا ڪنهن ڦير ڦار لائق رهندو آهي ۽ ”ترقي ڪري ان کان ڪا وڏيڪ شَي نه ٿي سگهندو آهي“، ٻين لفظن ۾، ”ليڪ هِتي هُتي بحث ڪندو آهي، بحث هيٺ شي جي چوڦير چڪر هڻندو رهندو آهي، پر شي ڪنهن جاندار ۽ ٻه رُخي طريقي سان ترقي ڪندڙ شي جهڙي شڪل ۾ نه ايندي آهي.“

ان شاهراهه کان ”مُئل“ مادي جي خارجي صورتن جي اپياس ۾ بهتر نتيجا ظاهر ٿيندا آهن پر ”جاندار“ مادي جي اظهار لاءِ ۽ خاص طور سماجي ڏيکاءَ (مظهر) جي اظهار لاءِ، ”خيالن جي جيئري جاڳندڙ دنيا“ جي حتمي ڇنڊڇاڻ لاءِ اها صفا اڻ پوري آهي. ”هتي خود شي جو اپياس ان جي ارتقا ۾ ڪرڻ گهرجي؛ دل گهرِي ورهاست کي شامل نه ڪرڻ گهرجي، خود شي جي مناسب ڪردار کي اهڙي شي جيان ترقي ڪرڻ گهرجي جيڪا پاڻ منجهه ئي تضاد رکندڙ آهي ۽ ان کي پنهنجو ايڪو پاڻ منجهه ئي ملي سگهي ٿو“.

شي جو اپياس ان جي ارتقا ۾ "پنهنجي جوڙجڪ پاڻ ڪندڙ هڪ شي جي حيثيت سان، جاندار ۽ ٻه رُخي طريقي سان ترقي ڪندڙ شي جيان" – هي آهي اهو شاهراهه جهڙو مطالبو جيڪو "ناٽي" ۾ ايتري قدر شاندار طريقي سان مجسم ٿي ويو آهي.

جيڪو قانون مٿي نقل ڪيو ويو آهي ان ۾ گهڻو ڪجهه هيگل کان اڌارو ورتل آهي. هتي ان جو اثر محسوس ڪري سگهجي ٿو ۽ ان کي ان حقيقت ۾ به ڏسي سگهجي ٿو ته مارڪس ان عمل لاءِ پاڻ پنهنجي تنقيد ڪري ٿو ته هو مادي ۽ هيئت کي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون رکي ٿو اهڙيءَ طرح جو انهن کي "مادي" سان ڀريل خانن واري هڪ ميز ملي وئي. ان رويي بابت، جنهن کي مارڪس شابس به ڏني هئي، ٺوڪ ڀري انداز ۾ لکندي مارڪس ان نتيجي تي پهتو ته "هيئت کي مواد جو رڳو تسلسل هجڻ گهرجي".

مارڪس تڙ تڪڙ ۾ هيگل جي خيالن کي قبول نه ڪيو جيتوڻيڪ هيگل هن کي روايتي فلسفي بازيءَ جي ڪجهه گندگين مان ڪڍيو هو. هُو قبول ٿو ڪري ته ڀهريان ڪيس هيگلي فلسفي جي "بي ڍنگي ناهموار لئه" پسند نه آئي، پر ڏاڍي ٿڪ سبب بيمار ٿيڻ دوران جڏهن هن هيگل کي "شروع کان آخر تائين" پڙهي به ورتو تڏهن به ڪارل هن کان چڙ ڪندو ئي رهيو. هُو "جنهن نظريي کان نفرت ڪندو هو انهيءَ جو هڪ بت ٺاهي چڏڻ جي روح ڏکائيندڙ خلش" بابت لکي ٿو ته ظاهر ۾ "ناهموار لئه" سامونڊي جادوگرياڻين جي گاني جي چقمقي ڪشش رکندي ٿي ۽ ان ڏانهن ڇڪجي نه وڃڻ ڏکيو هو.

ڪٿي ڪري ڪجهه به ٿيو هجي، هيگل جي جوشيلن مداحن ۾، جيڪي مارڪس کي انهن نوجوان هيگيلن ۾ مليا جن گڏجي "ڊاڪٽرن جي ڪلب" ٺاهي هئي، هُو هڪ اهڙي ماڻهوءَ جيان اعليٰ هو جيڪو پوڄا جي ان گهيراءَ جي چمڪ کان اکيون نه ٿو ٻوٽي جيڪو ان مجيل استاد جي چوڌاري قائم ٿي ويو هو. اهو سوال اڻ نبيريل رهيو ته هُو هيگل جي رندن تي هلندو يا نه.

هيگل جو جامع اڀياس ڪرڻ کان اڳ مارڪس کي ڪلاسيڪي جرمن فلسفي جي ٻن عظيم هستين ڪانٽ ۽ فيختي جي اثر جو تجربو ٿي چڪو هو. ڪانٽ جي لکڻين ۾ اعليٰ اخلاقي آدرش ۽ فلسفياڻي ۽ مذهبي سوچ جي ڪٽر اصولن بابت پُرعزم شڪ پسنديءَ مارڪس جو پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪايو ۽ فيختي کان هُو بنيادي طور سندس فلسفي جي فعال، جذبن ڀري، محڪوم قوت اراديءَ واري فطرت جي ڪري متاثر ٿيو.

نوجوان مارڪس، جيڪو پاڻ عمل لاءِ بي چَين هو ۽ دنيا کي بدلائي ڇڏڻ لاءِ سائنسي سوچ کي باهه ۽ ترار ٺاهي ڇڏڻ جو خواهشمند هو، پنهنجي شاگرديءَ جي ابتدائي سالن ۾ فيختي جي فلسفي ۽ نُڪتي نظر کان گهڻو ڪجهه حاصل ڪيو.



فيختي جي شخصيت ان زماني جي بنيادي تبديلي چاهيندڙ نوجوانن کي ڏاڍي پسند ايندي هئي انهن ۾ نظري سوچ ۽ عمل لاءِ جوشيلي تڙپ جو ڏاڍو سٺو ميلاپ هو. اهي سرويچ به هئا ۽ فلسفي به. انهن لاءِ سوچ ۽ عمل هڪ هيڪڙائي هئا. اهي فلسفي جا بوناپارٽ جي نالي سان مشهور هئا. جيتوڻيڪ پنهنجي ڪم جي ابتدائي دَور ۾ انهن کي جائز طرح فلسفي جا جيڪوبي چئي سگهجي پيو. اهي ان ڳالهه کي پنهنجي لاءِ فخر جو ڪارڻ سمجهندا هئا ته انهن کي پنهنجو پاڻ کي انقلابي فرانس جو شهري چوڻ جو حق عنايت ڪيو ويو.

ڪانٽ جي ابتڙ فيختي ڪنهن به صورت ۾ سمجهوتو ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. هن جي سوچ ۽ عمل ۾ للڪار هئي ۽ هو "توهين ڪندڙ طور" بيباڪ هو. سندس لکڻين ۾ هڪ فخر ڀري خودمختياري، آزاديءَ سان محبت ۽ دليريءَ وارو وقار هو. هن جو اسلوب ڇِٽو، پُرشڪوه ۽ دل ۾ لهي ويندڙ هو. هن ۾ پنهنجي فلسفي جي مدد سان سڄي دَور جي روح تي حڪمراني ڪرڻ لاءِ بي لاگ دعويٰ جو احساس ٿئي ٿو.

مجهول مراقبي بدران فيختي تخليقي عمل کي، فرد جي تخليقي فعل کي رکيو. سندس خاص خيال اهو هو ته انسان پنهنجن عملن ۾ پنهنجي تخليق ڪري ٿو. هن جي خيال جو نوجوان هيگلين تي ڏاڍو اثر هو جن سان مارڪس پنهنجي شاگرديءَ جي زماني ۾ ملندو رهندو هو.

ظاهر آهي ته فيختي جو "عمل جو فلسفو" دنيا جِي هڪ خيال پرستيءَ واري تشريح هو ۽ هن جو عمل رڳو روح جو عمل هو. مارڪس کي روحاني ارتقا جو هڪ ڊگهو رستو طَي ڪرڻو هو، ان کان اڳ جو فيختي جي خيالن (۽ ٻين فلسفين جي خيالن) جو "معقول مغز" مکڙي ٻڻجي عمل بابت جدلياتي ماديتي نظريي جي صورت ۾، هڪ اهڙي سائنس جي تخليق جي صورت ۾ نمودار ٿئي جيڪو دنيا کي بدلائڻ جي لاءِ هڪ سچو ذريعو ٻڻجي پوي.

ڪانٽ ۽ فيختي ٻئي انسان دوست هئا پر آزاديءَ ۽ فرد جي ڀرپور ارتقا جي آدرش کي يا ته مستقبل بعيد لاءِ ملتوي ڪيو ويو هو (ڪانٽ وٽ) يا هن يوٽوپيائي منهن مهاندا حاصل ڪري ورتا هئا (فيختي وٽ). نوجوان مارڪس خيال پرستيءَ جي ڪلاسيڪي فلسفي کان چو مطمئن نه ٿي سگهيو، ان جي خبر هڪ سجع (ٺُڪ بند فُقرن) مان پوي ٿي جيڪا هن 1837ع ۾ لکي هئي:

ڪانٽ ۽ فيختي ته ڪٿي آسمانن ۾ گم آهن
پر انهن آدرشن جون دنيائون ڀيا اتي ڳولِن
ان کان گهٽي گهٽ آهي منهنجي دل نشين آرزو
ان کي سمجهان جيڪو هتي مون کي مليو راهه رَمندي.

جيڪو ڪجهه مارڪس ڪانٽ ۽ فيختي بابت لکيو آهي اهو ظاهر آهي ته هيگل بابت به سچ آهي. مارڪس نه رڳو "روح" جي ٻي ورهاست ڪئي پر جيڪو ڪجهه "راهه رَمندي" حقيقي زندگيءَ ۾ ٿي رهيو آهي، ان جي به نظري سمجهه حاصل ڪرڻ گهري ٿو.

گذريل سال بابت سندس خيالن جو خلاصو هيٺئين نتيجي ۾ پيش ڪيو ويو آهي: "خيال پرستيءَ کان، جنهن جي پيٺ ۽ جنهن جي سگهه، اهو ذڪر اجايو نه ٿيندو ته، مون ڪانٽ ۽ فيختي جي خيال پرستيءَ سان ڪئي هئي، مان خيال کي خود حقيقت ۾ ڳولڻ جي منزل تي وڃي پهتس. جيڪڏهن اڳ خدا زمين تي رهندا هئا ته هاڻي ان جو مرڪز بڻجي پيا."♦

هتي ماديت پسنديءَ تائين عبور جو ڪو به سوال ڪونهي. اهو اڃا پري آهي. "خدائن" کي لاٿو نه ويو آهي. انهن کي رڳو ٻيءَ دنيا کان هِن دنيا ۾ آندو ويو آهي، "وجود منجهان شين" کان "اسان لاءِ شَي" بڻايو ويو آهي. ان ڪري جو خود حقيقت بابت اعلان ڪيو وڃي ٿو ته اها ته الاهي خيال جو رڳو هڪ پوڃا ـ گهر آهي.

پر مارڪس ان پوڃا ـ گهر ۾ گهڙي پيو ان لاءِ نه، ته ان جو دائمي قيدي ٿي پوي ۽ گوڏن ڀر جهڪي تعظيم سان مطلق خيال بابت مراقبو ڪري، جنهن پاڻ کي هيگلي فلسفي ۾ پوريءَ طرح سمجهي ورتو آهي. مارڪس ته اهو ٿو آزمائڻ گهري ته ڇا هي ڍاوَل ديوتا حقيقت ۾ ايتري قدر "مطلق" آهي، ڇا اهو هن جي ڇينڊڙ تنقيد جي غضبناڪ وارن جو تاءُ سهي سگهي ٿو.

♦ ڪارل مارڪس، پنهنجي پيءُ جي نالي خط، تاريخ 10 نومبر 1837ع.



# "آهي ڳالهه سِڌي،
# خدائن کان مون کي نفرت آهي"

ٿوڪيانسِ ٿو ته سامهون اچ مقابلي تي،
تون هڪ ديوَ جهڙي دنيا، حقير، بدڪردار،
هڪ آهه ڀري ٿي، ڊهي پوي ٿي اتي جو اتي،
اهڙيءَ طرح مان رهان ٿو وري به شعلهء بار.

۽ هڪ خداوندي شانَ سان، بنا ڪنهن خلل جي،
مان هن ڪنڊر ۾ فاتح جيان پيو ٽِلان.
منهنجي زبان جو هر قول باهه ۽ عمل،
جو منهنجو سينو آهي هاڻي
هر ڳالهه کان واقف خالق جو مرڪز.
ـ ڪارل مارڪس♠

برلن ۾ شاگردي ڪارل مارڪس جي رڳو فلسفياڻي ئي نه، پر سياسي سمجهه جي به ارتقا جا سال هئا. اسين ڏسي چڪا آهيون ته هو جمنازيم جي سالن ۾ به هر رجعت پرستيءَ واري شَي لاءِ شديد بيزاري محسوس ڪندو هو. بون يونيورسٽيءَ ۾ هو نوجوان اديبن جي هڪ ادبي سنگت ۾ شامل ٿي ويو. ان تنظيم کي پوليس شڪ جي نگاهه سان ڏسندي هئي. بون يونيورسٽيءَ مان تعليم وٺي واندو ٿيڻ تي هن کي جيڪا سند ملي ان ۾ هڪ داخلا ان مضمون جي به هئي ته هُو "ڪولون ۾ منع ڪيل هٿيار کڻي هلندو هو".

ان ڳالهه ۾ ڪنهن به شڪ جي گنجائش ڪانهي ته برلن ۾، جيڪو پروشيائي سلطنت جي گادي هو، مارڪس کي ملڪ جي سياسي زندگيءَ جي نبض کي

♠ مارڪس جو نظم "فخر"، 1837ع.

وڏيڪ تيزيءَ سان محسوس ڪرڻ جو موقعو مليو. هو بنيادي تبديليءَ جي خواهش رکندڙ نوجوان اديبن کان واقف ٿيو. هانس هيفنٽر جهڙن روشن خيالي هيگلي پروفيسرن جي ليڪچرن ۾ شريڪ ٿيو ۽ هن بحث جوڳن سائنسي، سياسي ۽ مذهبي سوالن تي شاگردن جي بحثن ۾ حصو ورتو.

ايئن ٿو معلوم ٿئي ته ڪارل پنهنجن سياسي قسم جي وڏندڙ شڪن بابت پنهنجي پيءُ کي ٻڌايو هو. هائنرخ مارڪس پاڻ به هڪ چڱيءَ حد تائين ان قسم جا شڪ رکندو هو پر پوءِ به هو ان امڪان جي معمولي آثارن کان به ڊڄندو هو ته هن جي پٽ ۾ ”گهٽا وڏيڪ ڪاٻيءَ ڏر“ وارا خيال پيدا ٿي پون، ان ڪري جو ان جو مطلب ٿيندو هن جي ڏنڏي واري ترقيءَ جو خاتمو.

هن پنهنجي پٽ ڏانهن 1836ع جي آخر ۾ لکيو هو ته ”قانون جي باري ۾ تنهنجا خيال سچائيءَ کان خالي نه آهن، پر جيڪڏهن انهن جو هڪ نظام ٺاهيو وڃي، ته اهي طوفان اٿاري سگهن ٿا ۽ توکي ان جو احساس نه آهي، ته علم رکندڙ صاحبن جي وچ ۾ طوفان ڪيتري قدر زوردار هوندا آهن؟ جيڪڏهن ان معاملي ۾ جيڪا شي ڏکُ رسائيندي آهي، خود ان کي پوريءَ طرح ختم نه ٿو ڪري سگهجي، ته گهٽ ۾ گهٽ هيئت ته صلح پسنداڻي ۽ قابلِ قبول هجڻ گهرجي“.

طوفانن کان بچ، صلح پسند ۽ قابلِ قبول ٿيءُ، ان شَي کي ختم ڪري ڇڏ، جيڪا ڏک رسائي ٿي!

هيءَ نصيحت هڪ اهڙي نوجوان کي ڪئي وئي هئي جنهن ۾ ان وقت به مغلوب نه ٿيڻ واري سرويچ جي باهه اوٻاڇيندڙ مزاج جو، مستقبل جي انقلابي طوفانن جي ”وِڄ وسائيندڙ عظيم خدا“ جو اندازو ڪري سگهجي ٿو.

پيءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ غلط فهميءَ جو دائرو وڌندو پئي ويو. ايئن پئي لڳو جڻ شيشي جو ٽُڪرو انهن جي وچ ۾ اچي چڪو هو. هو هڪ ٻئي کي ڏسي هاڻي به مرڪندا هئا ۽ رشتيداريءَ جا انتهائي خلوص ڀريا جذبا هاڻي به انهن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍيون بيٺا هئا، پر هاڻي انهن کي اهو ٻڌڻ ۽ سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي هئي ته ڇيو ڇا پيو چوي. ان سلسلي ۾ سڀ کان وڏيڪ معنيٰ رکندڙ آهي ڪارل مارڪس جي ان ڊگهي اعترافي خط تي پيءُ جو ردِعمل، جنهن جو ذڪر گذريل باب ۾ آيل آهي.

سڄو سال مارڪس جي شديد محنت، هن جي عالماڻي ۽ شاعراڻي ڪاوش تي، سندس پيءُ پسند جو نه، پر ڏاڍي چِڙ ۽ بيزاريءَ جو اظهار ڪيو. هن پنهنجي پٽ تي ڳوڙهن ۾ ٻڏل ڏمڪين ۽ ملامتن جو حملو ڪري ڏنو. هائنرخ مارڪس اهو محسوس ٿو ڪري ته اهڙي وقت ۾ جڏهن سندس مرڻ جا ڏينهن ويجها آهن، جڏهن سندس ننڍڙو پٽ ايڊورڊ تازو ئي مري چڪو آهي، ته ڪارل، جنهن سان هاڻي سڄي ڪٽنب جون اميدون لاڳاپيل آهن، کيس سواءِ ڳڙين مايوسين جي ٻيو



ڪجهه به نه پيو ڏئي. هو اجايُن سرگرمين ۾ پنهنجو وقت، سگهه ۽ صحت پيو وڃائي، ”جيڪو ڪجهه اڄ پيو اَڏي، ان کي سڀاڻي برباد پيو ڪري“. هو پاڻ ”پنهنجي ڪم جو“ قدر نه ٿو ڪري ۽ ”ٻئي جي ڪم“ مان پورو فائدو نه ٿو وٺي، هو مبهم تجريدن تي، جيڪي ڪنهن به ڪم جون ناهن، ”اجائي ۽ غير ضروري“ علم تي، جنهن مان ڪجهه نه ٿو وري، پنهنجي لياقت کي وڃائي رهيو آهي.

هائنرخ مارڪس پٽ جي زندگيءَ جي نموني جو تصور ڪري بزدل ٿي پيو: ”بدنظمي، علم جي سڀني شين ۾ ٿڪل ٿڪل سياحت، هڪ اداس ڏيئي جي روشنيءَ ۾ ٿڪل ٽٽل سوچ ويچار، هڪ گلاس بِيئر پِي بدمست ٿيڻ بدران هاڻي عالم جهڙو ڊريسنگ گائون پهريل ۽ وار وکريل وحشي، هر قسم جي شائستگي، پر ايتري قدر جو پيءُ جو به ڪنهن به طرح خيال ڪرڻ کان غيرسماجي پاسو ڪرڻ. دنيا سان ربط ۽ ضبط رکڻ جو فن ڪم ڪرڻ جي هڪ گندي ڪمري تائين محدود ٿي ويو آهي جنهن جي روايتي بدنظميءَ ۾ شايد جيني جا پيار ڀريا خط ۽ پيءُ جي ڀلائي گهرندڙ تاڪيدون، جيڪي شايد لُڙڪن سان لکيون ويون، پائيپ ٻارڻ لاءِ استعمال ٿين ٿيون....“

اها ته ٿي حال جي ڳالهه پر مستقبل بابت؟ هڪ ”وحشي عالم“ سان هڪ ڪچي ڪوٺڙيءَ ۾ زندگي گذارڻ جيني جهڙِي نينگريءَ لاءِ ڪو سندس شانَ جهڙو آئيندو ٿي سگهي ٿو؟ هائنرخ مارڪس جڏهن اهو سوچيندو هو ته جنهن وقت هن جي غيرعملي پُٽ جي اڳواٽي ڪرڻ لاءِ پيءُ جو هٿ نه رهندو، ته هن جو حشر ڪهڙو ٿيندو، تڏهن سندس اکيون رت ٿيون روئينديون هيون. هن کيس منٿ ڪئي ته ”بدروحن“ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري ۽ شين کي سنجيدگيءَ سان عملي نظر سان ڏسي. هن ڪارل کي سندس والدين ۽ سندس مڱيندي ڏانهن فرضَ ۽ ذميواريون ٻڌايون. هن کي اميد هئي ته انهن کي پورو ڪرڻ سان سندس پٽ کي ”سچائيءَ“ جي راهه تي موٽي اچڻ ۾ مدد ملندي. انهن فرضن ۽ ذميوارين جي پورائي هڪ ”غير مهذب ڇوڪر کي هڪ باتميز انسان، هڪ نفي ڪندڙ ڏاهي دماغ کي هڪ خاص مفڪر، مٺي ڦريل نوجوانن جي هڪ سرواڻ کي هڪ اهڙو انسان بڻائي ڇڏيندي جيڪو سماج جي لائق هجي، جيڪو ايتري چڱي خودداري رکندو هجي جو بام مڇيءَ جيان ور وڪڙ هڻندو ۽ مُڙندو نه هجي، پر ايتري چڱي ذهانت ۽ سليقو رکندو هجي جو ان ڳالهه کي سمجهي ته اخلاق وارن ماڻهن سان گڏجي رهي ئي، هو پنهنجو پاڻ کي پنهنجي انتهائي خوشگوار ۽ فائديمند پاسي کان دنيا جي آڏو پيش ڪرڻ جو جيترو جلدي ممڪن هجي، هن دنيا جو احترام، محبت ۽ وقار حاصل ڪرڻ جو ۽ ان لياقت جو عملي استعمال ڪرڻ جو فن سکي سگهي، جيڪا قدرت ماتا ان کي واقعي فياضيءَ سان کيس عطا ڪئي آهي.“

اهي پنهنجي پُٽ لاءِ هن جا الوداعي لفظ هئا. هائنرخ مارڪس ايڏو بيمار ٿيو جو کٽ تي ڇئجي ويو. تان جو مئي 1839ع ۾ هن جو لاڏاڻو ٿيو. اوگسٽ ڪارنو

ٺيڪ چوي ٿو تہ هائنرخ مارڪس جي تڪڙي وفات هن جي ۽ سندس پُٽ جي وچ ۾ هڪ تلخ جهيڙو ٿيڻ نہ ڏنو ۽ انهيءَ ڪري مارڪس سڄي زندگي پنهنجي پيءُ جي خوشي پري ياد تازي رکي سگهيو.

جيستائين مارڪس جي ماءُ هنريئيٽي جو سوال آهي، هوءَ پنهنجي پُٽ جي صحت بابت هميشہ ڏاڍي ڳڻتي ظاهر ڪندي رهي، پر هوءَ مارڪس جي روحاني ڪاوشن ڪي صفا نہ سمجهندي هئي. هوءَ 1863ع تائين جيئري رهي ۽ تاحيات پنهنجي پُٽ ڪي هڪ ڏکويل ناڪام پُٽ سمجهندي رهي. هوءَ ڏاڍي ڪڙاڻ مان چوندي هئي تہ ناڻي بابت ڪتاب لکڻ کان وڌيڪ سُٺو هو تہ هو ڪجهہ ناڻو هٿ ڪري ها. پنهنجي ليکي هن ٺيڪ ئي سمجهيو پئي، ان ڪري جو ”ناڻي“ جي اشاعت ڪري ملڻ واري رايلٽي (اُجورو)، جيئن مارڪس پاڻ اعتراف ڪيو آهي، ان تماڪ جي قيمت جي برابر بہ نہ هئي جيڪو هن ان ڪي لکڻ دوران ساڙيو هو. بورجوا، بدتهذيب معيارن جي لحاظ کان تہ اهو مقصد، جنهن جي لاءِ هن پنهنجي حياتي سيڙائي ڇڏي هئي، انتهائي بنا فائدي وارو هو!

”معزز“ عالم جي باري ۾ سندس پيءُ جو آدرش، تہ هو سوسائٽيءَ ۾ اٿندو ويهندو هجي ۽ پنهنجي علم وسيلي گهڻي کان گهڻو (ظاهر آهي تہ ”سماجي ڀلي جي لاءِ“!) حاصل ڪندو هجي، مارڪس جي لاءِ شاگرديءَ وارن سالن ۾ صفا اوپرو ۽ سخت ناپسند هو. هن ليڪچر هال ۾ ۽ حياتيءَ ۾ تہ اهڙا الائي ڪيترا ”عالم“ ڏٺا هئا. (ناڻي جي ڪيترن ”سنديافتہ خدمتگارن“ جي مهمان نوازي مارڪس اهڙي طرح ئي ڪئي هئي جنهن جا اهي حقدار هئا!)

جڏهن تہ پيءُ جي ايلازن جي جواب ۾ تہ هو ”علم رکندڙ صاحبن جي وچ ۾ طوفانن“ کان پاسو ڪري، نوجوان مارڪس پنهنجي هڪ نظم ۾ لکيو هو:

ڪيئن مان مجهول ۽ بي پرواهہ رهان ان شَي کان
روح خاطر جيڪا وڃ جي گاج، طوفان آهي
آرام وسيلي ۽ سُستيءَ سان پيلا مون کي چا وڻٿو
مان اُتي آهيان جتي طوفان آ، يلغار آ.

ڪا آرزو اڻپوري ئي نہ رهجي وڃي
فضل ربي کي سمجهڻ لاءِ ڪوشش ۾ آهيان مان
علم جي گهراين ۾ ڳري رهيو آهيان جستجو
عالم آهنگ و فن ۾ بار جو چاهيندڙ آهيان مان.

ڪاش جرئت ۽ همت هاڻي اسان جو ساٿ ڏي
هيءُ ناهي پنهنجو مقدر - صُلح ڪُل، سڀ جي رضا



اجا ڪيترا ڏينهن رهنداسون بي زبان؟ بس ڪافي ٿيو
پُورو ٿيو بي عقل ۽ بيڪار جيئڻ، پُورو ٿيو.

اهو نہ ٿئي جو اسين پاڙين جيان هارايون
ڏاڍ کان، اطاعت کان ڊِڄَ جي بار کان
سگهہ هر آرزوءَ ۽ سَگهہ سوچن ۽ عمل جي
توهان کان شرمسار ٿي دل ئي دل ۾ رهي.

مارڪس جا شاعراڻا تجربا، ظاهر آهي تہ ڪنهن بہ طرح ڪامل نہ هئا. اها اهڙي حقيقت آهي جنهن جو نوجوان شاعر کي بہ چڱيءَ طرح احساس هو. پر هي نظمَ وري بہ ڏاڍا دلچسپ آهن، ان ڪري جو اهي سندس روحاني جوش جي آئيني جيان آهن، اهي دنيا جي باري ۾ سندس رويي جي، سندس سماجي پسند ۽ ناپسند جي ۽ هن جي نکرندڙ سماجي سمجهہ جي عڪاسي ڪن ٿا.

عام طور فن ۽ خاص طور شاعري سياسي فضا ۾ ٿيندڙ تبديلين کان ڏاڍي حساس طريقي سان متاثر ٿيندي آهي ۽ سماجي اٿل پٿل جي لاءِ هڪ ماپي جو ڪم ڏيندي آهي ۽ خاص طور اهڙي وقت ۾ جڏهن ٻين شڪلين ۾ سياسي وکون وقتي طور ناممڪن هونديون آهن. 1830ع کان پوءِ واري ڏهاڪي جي آخري سالن ۾ جرمني ۾ اها ئي حالت هئي جتي هر سماجي تحريڪ.... ختم ٿي ويندي هئي.“◆ پر اها طوفان کان اڳ واري ماٺ هئي.

نئين هوا جون ٻهريون هيرون لڳي رهيون هيون. 1835ع کان نوجوان اديبن جو آواز ڏينهون ڏينهن زور سان گونجي رهيو هو. اهي ”نوجوانُ جرمني“ نالي تنظيم جا ميمبر هئا ۽ اهي پريس جي آزاديءَ، پوڄا جي آزاديءَ ۽ هڪ آئين جي گُهر ڪري رهيا هئا. هائني جي ساز جِي ٽوڪ پري ڏُن سڄي جرمنيءَ ۾ ٻُڌِجي رهي هئي، پلاٽين ۽ فرائلي گراٿ جا آزادي گهرندڙ نظم ڇپجي رهيا هئا ۽ گيورگ هيرويگ جي شاعراڻي زندگيءَ جي شروعات ٿي چُڪي هئي. باڪمال شاعراڻو پَڙهو ڏيندڙ ۽ صحافي لدويگ بيرني پرڏيهہ کان پروشيائي ڏاڍ پرِي حڪمرانيءَ تي گولا هڻي رهيو هو.

هونءَ تہ شاعريءَ سان اها غيرمعمولي دلچسپي بلڪل قدرتي هئي جيڪا تنهن وقت نوجوان مارڪس ۽ نوجوان اينجلس ٻنهي جي خاصيت هئي. انهن پنهنجي تخليقي سرگرميءَ جي شروعات شاعر جي حيثيت سان ڪئي. سندن ٻهريون ڇاپي هيٺ لکٽيون نظم هئا. هڪ ڊگهي عرصي تائين مارڪس کي پيشيور اديب بڻجڻ جي اميد هئي.

◆ فريدرڪ اينجلس، ”جرمنيءَ جي حالت“، فيبروري 1846ع.

نوجوان مارڪس جا شاعراڻا تجربا هڪ طوفان جي اميد ۽ باغي جذبن سان ڀرپور آهن. انهن ۾ ڀرپاسي جي دنيا جي فعال ناپسنديدگيءَ جو ۽ ان کي للڪارڻ جو چٽو احساس ٿئي ٿو. هن جي تخيل جوش ۾ آيل جنوني جذبن جي هڪ انبوهہ کي، ڏک جي هيرو جِي حد کان وڌايل شخصيت کي، جيڪو "شعلي جي ڦيري ۾ وڪوڙيل آهي" ۽ اها آرزو رکي ٿو تہ پنهنجين ٻانهن ۾ هن دنيا جي "بي رحم هستيءَ کي سوگهو ڪري" ۽ ان کي "پنهنجي ڏِگهاريل لعنت" سان ٽڪرائي ذرا ذرا ڪري ڇڏي (الميو "اولانيم"). هائني وانگر، جنهن آواز اوچو ڪيو هو تہ "مان شعلو بہ آهيان، تلوار بہ آهيان!" مارڪس بہ اها تمنا ڪري ٿو تہ هن جا لفظ "عمل ۽ باهہ" بڻجي پون.

انساني مقدرن جون سجاڳيون بہ ڪيتري قدر عجيب هونديون آهن! 1840ع کان پوءِ واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري مارڪس سان هائني جي ملاقات هائني جي زندگيءَ جو هڪ عظيم واقعو هئي – هن جي شاعراڻي تير ۽ خنجرن جي سياسي تکاڻ اجا تِکي ٿي وئي – پر ان کان ڪجهہ اڳ ۾ 1830ع کان پوءِ واري ڏهاڪي جي ٻئي اڌ ۾ هائني جي شاعريءَ بہ خود مارڪس جي تخليقي ارتقا ۾ ايڏو ئي اهم ڪردار ادا ڪيو.

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ 1837ع تائين اڻويهن سالن جو مارڪس، هائني جي لکڻين کان واقف ٿي چڪو هو. جيتوڻيڪ ان وقت جرمنيءَ ۾ هائني جو نالو وٺڻ بہ منع هو. پنهنجي پيءُ جي نالي ان خط ۾، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ٿي چڪو آهي، مارڪس ڄاڻي واڻي جلاوطن شاعر جي مشهور نظم جو هڪ مصرعو اُتاري ٿو جيڪو اشپري نديءَ جي ميرانجهي پاڻيءَ بابت آهي، جنهن سان "چانهہ ميري ٿئي ٿي ۽ روح پاڪ".

جرمني شاعريءَ جو باغي هائني بيشڪ ان وقت مارڪس لاءِ هڪ "پوڄا لائق هستي" هو ۽ ان جي عڪاسي مارڪس جي نظمن ۾ بہ ٿئي ٿي. انهن نظمن ۾ هائني جي نين ترڪيبن جو ۽ هن جي انداز جهڙي اڪثر ٻي سُرائپ جو احساس ٿئي ٿو جيڪو مارڪس جي "باغي روح" جي ٻي سُرائپ سان چڱيءَ طرح هڪجهڙائي رکي ٿو ۽ سڀ کان اهم شَي هيءَ آهي تہ ان ۾ هائنيءَ جي ٽوڪ جو احساس ٿئي ٿو جيڪو رومانيت ۽ انتهائي "زميني" حقيقت پسنديءَ جو دلِي غنائيت ۽ مدني جذبي جي ميلاپ جو مرڪب هوندو آهي.

"دنيا جي داڦُوڙي مُنهن" جي مقابلي لاءِ للڪارڻ واسطي هڪ درٻاري شانَ سان هٿن ۾ پهريل غلاف هڻڻ باوجود مارڪس مٿس آقائن جي اخلاقيات ۽ وڏي پيٽ وارن جي پاڪائي" بابت ٽوڪ ۽ ٺڪار سان وڌيڪ زَبرا وار ڪرڻ نہ ٿو ڀُلجي. ان سلسلي ۾ هن جا اهي شعر خاص طور دلچسپ آهن جن ۾ هو جرمن بدتهذيبيءَ جو، "بيوقوف ۽ بي زبان جرمن پبلڪ" تي چِٽر ڪري ٿو:



ويهِي آرام ڪرسيءَ تي ۽ خيالن ۾ وڃائجِي
جرمنيءَ جا ماڻهو ماٺ هئا، ڪجهہ سُتل هئا
هيڏانهن طوفان هو ۽ هوڏانهن آنڌاريءَ جو ٺڙڪو
ڪارن ڪارن ڪڪرن جو هو اُڀ تي انبوهہ
نانگ جيان ڦڦڪارون پئي ڏنيون وِڄن مٿان وِڄِن
اهو سڀ اهڙو ڇا هو، جنهن تي اُهي پاڻ کي ڪن ها هلاڪ
جڏهن پر طوفان بند ٿيو ۽ هوا ڏِري ٿي
۽ ٿَڌي نرم سج جي جهلڪِي ڏيکارجڻ ۾ آئي
تڏهن ئي هڪدم سڀ اٿي ٻيٺا سورهيہ ۽ بهادر
۽ لکي ورتائون ڪتاب "سِرَ تان بلا ٽَرِي"
ڪيتري قدر خوشيءَ جو ڪارڻ آهن خيالي ڳالهيون ڪرڻ
پهريان جيڪو ڪجهہ ٿي چڪو ان کي ڪري ڇڏيو ليڙون ليڙون
پوءِ اهو ڪيو فيصلو ان سڀ ڪجهہ ۾ ڪا بہ معنيٰ ناهي
اهو ڪڪرن جو انبوهہ هو بيڇڙو پوڳ، ٻيو ڪجهہ بہ نہ
ڪم آهي ماڻهن جو اهو، مٿان کان هيٺ تائين هاڻي
نظم هڪڙو پيدا ڪن، ڪوجي وٺن راز سڀ.

ننڊڙن ۽ اڻ سمجهو ٻارن جيان آهي ڳوليو
ان کي جيڪو قطعي طور، هميشہ لاءِ گم ٿي ويو
اڄ جي اڏاوت ۾ مصروف ٿيڻو آهي انهن کي
هن زمين ۽ آسمان کي پلجي وڃڻو آهي انهن کي
انهن کي سندن حال تي ڇڏي ڏيو، ايئن ئي هلندا رهون
۽ عرصي تائين ٽڪريون لهرن کي ٺوڙينديون رهن.

مارڪس بدتهذيب جي پيٽَ پرائيءَ جو مذاق اڏائي ٿو، جنهن جي سمجهہ ۾ ئي نہ ٿو اچي تہ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ پنهنجي ٿيلهِي حفاظت سان سنڀالي رکي آهي تہ پوءِ اهو پنهنجو پاڻ کان خوش ڪيئن نہ ٿو ٿي سگهي. خوشيءَ ڀريي ناول "وچون ۽ فليڪس" ۾ مارڪس هڪ "اصل نسل جرمن" جي "هڪ پوري طرح عيسائي" گهراڻي جي ٽوڪ ڀري تصوير چِٽي ٿو، جنهن ۾ هو رجعت پسند ڪردارن ۽ روشن خيالي خلاف وڙهڻ وارن تي چٽر ڪري ٿو. اِن ۾ اُن سٺي حاضر جوابيءَ جون جهلڪيون ملن ٿيون جيڪا مارڪس جي پختين لکڻين جي امتيازي خاصيت آهي. هو چوي ٿو تہ هر عظيم شَي جو ضد بہ ٿيندو آهي، جيڪو ان عظيم شَي کي هٽائي ڇڏيندو آهي. ديوَ کي ڊينبو هٽائي ڇڏي ٿو، اعليٰ دماغ کي ڪورو بدتهذيب، سورمي سيزر کي ڊونگِي آڪٽيويئن، شهنشاهہ نپولن کي بورجوا بادشاهہ لوئِي فلپ، فلسفِي ڪانٽ کي غاليچي جو شينهن

ڪروگ، شاعر شيلر کي ڪائونسلر راؤ پاخ ۽ لائبنز جي جنت کي وولف جو اسڪول. عظيم شَي گذري ويندي آهي ۽ ان جو ضد رهجي ويندو آهي. اهڙيءَ ريت هر سامونڊي سمنڊ کان پوءِ ڪناري تي گند ڪچرو رهجي ويندو آهي.

پوءِ "لوئي بونا پارٽ جي ارڙهين بروميئر" ۾ مارڪس وري ان تمثيل کي ياد ڪري ٿو جنهن جي تخليق هن پنهنجيءَ نوجوانيءَ ۾ ڪئي هئي: "هيگل ڪنهن هنڌ لکيو آهي تہ سموريون عظيم اهميت جون حقيقتون ۽ شخصيتون عالمي تاريخ ۾ ٻہ ڀيرا ظاهر ٿينديون آهن. هُو اهو واڌارو ڪرڻ ڀلجي ويو تہ هڪ ڀيرو الميي جي حيثيت ۾ ۽ ٻيو ڀيرو ڀهروپ جي حيثيت ۾. دانتون جي بدلي ۾ ڪوسيدئير، روبيسپيئر جي بدلي ۾ لوئِي بلان، 95_1993ع جي مونتان جي بدلي ۾ 51_1848ع جو مونتان، چاچي جي بدلي ۾ ڀائٽيو ۽ اهو ئي ڀُونڊو نقل انهن حالتن جي صورت ۾ بہ ملي ٿو جيڪي ارڙهين بروميئر جي ٻئي ڇاپي وقت هيون."♠

بدتهذيب هميشہ ڀونڊي نقل کي ان جي اصل کان مٺيرو سمجهندو آهي، طوفان کان هو ڊڄندو آهي پر ان کان پوءِ جيڪو گند ڪچرو رهجي ويندو آهي، ان ۾ ڏاڍي شانَ سان رهندو آهي. هو وري "نظم ۽ ترتيب پيدا ڪرڻ جي" سڄي طوفان کي اهڙن ڪتابن ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي جن جو خريدار ملڻ سولو هجي. نوجوان مارڪس ان موضوع کي پنهنجن هم قافيہ فُقرن ۾ هر هر ياد ڪري ٿو:

هڪ ڀيري هيئن ٿيو جڏهن جرمنيءَ وارا سيئي
جيئن تيئن عوام جي سوڀ جي منزل ويجهو اچي پهتا
جڏهن ٻڌائيندا ڦريا پئي ڪاميابيءَ جي خبر،
ڏسن ٿا تہ لکيل آهي هر هڪ موڙ تي:
"اٽتر هڪ معجزو چئني پاسي ڏنو ويو
تي ٽنگون هونديون سيني کي، اڄ کان اهو طَي ٿيو!"
ڏسندي ئي ڏسندي سڀ مُنهن ٿي ويا اداس
پاڻ کان سڀ هئا شرمسار ۽ دلين ۾ هُين ڊپ هراس.
"حد کان وڏيڪ ٿي ويو تڪڙ جي ان جوش ۾
هاڻي سمجهہ جي ڳالهہ وري ٻُڌڻ لڳي آهي ڪن ۾
هڪ ڪتاب هاڻي هو لکن اڻ سَمجهيَن کي سوچي ڪري
جنهن جا گراهڪ ڳولي وٺندا ڏسندي ئي ڏسندي."

---

♠ مارڪس فرانسي انقلاب جي عظيم اڳواڻن ڊانتي ۽ روبيسپيئر جي ڀيٽ ٿوڪ ڀري انداز ۾ نيم مخلص ڀيٽي بورجوا سياستدانن ڪوسيدئير ۽ لوئي بلان سان ڪري رهيو آهي جن 1848ع جي انقلاب ۾ اڳواڻيءَ وارو ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.



انهن تخليقن ۾ نوجوان مارڪس پنهنجن سياسي احساسن جو اظهار ڪري ٿو: رجعت پرستيءَ لاءِ اڻ رواداري، هڪ انقلابي طوفان جي ۽ عوام جي سوڀ جي اميد، سياسي بزدليءَ ۽ بي نيازيءَ جي تنقيد، زندگيءَ ۾ نہ، پر ڪتابن ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ جرمنن جي نمايان مهارت.

فرانز ميئرنگ جو هيءُ چوڻ گهڻو صحيح ناهي تہ فن جي ديوين مارڪس جي پينگهي ۾ جيڪي اڻ ڳڻ فضل رکيا هئا انهن ۾ منظوم ڪلام جو فضل ڪو نہ هو. جيتوڻيڪ مارڪس جا ڪيترائي نظم تقليد ڪندڙ آهن ۽ جيئن نوجوان شاعر پاڻ سمجهندو هو، منتشر ۽ مبهم آهن. پوءِ بہ انهن ۾ شاعريءَ جو جوهر موجود آهي جيڪو "پري کان نظر ايندڙ پرِيَ محل" جيان چمڪي پيو. اهو جوهر انهن غنائي نظمن ۾ بہ آهي جيڪي "منهنجي پياري، هميشہ محبوب جيني" جي نالي منسوب ڪيا ويا آهن ۽ انهن ٿوڪ ڀرين نظمن ۾ تہ خاص طرح موجود آهي جن ۾ هن جي ڳُوڙهي سوچ ۽ ڪاوڙ نمايان هوندي آهي. هن جي ابتدائي شاعراڻن تجربن ۾ شيلر جي جذباتي رومانويت جي جهلڪ ملي ٿي، پر پوءِ وارن نظمن ۾ گوئٽي ۽ خاص طور هائني جو اثر آهي.

مارڪس چڀندڙ ٿوڪ سان ڪليسا جي پادرين، بدتهذيب جي روحاني استادن جي رياڪاريءَ وارين هدايتن تي حملو ڪري ٿو. هن جا ڪيترائي هم قافيا فقرا لُوٿري (پروٽسٽنٽ) پادري پوسٽڪوهين بابت آهن، جنهن گوئٽي جي لکٽيءَ "ولهلم مائسٽر" جو هڪ ڪِريل ۽ ڪِلِ جهڙو نقل 1820ع کان پوءِ واري ڏهاڪي ۾ لکيو هو ۽ عظيم جرمن شاعر تي "بد اخلاقيءَ" جو الزام هنيو هو.

پادري پوسٽڪوهين کي گهرجي تہ اهو ها، تہ هُو ڪليسا جي رَڏٽي ۾ پنهنجن وفادار مريدن لاءِ پنهنجن خالي واعظن جا پڪوڙا ٺاهي ها، پر "بونن" کي اڪثر ڪري پاڻ کي ڏاڍو وڏو سمجهڻ جو جنون هوندو آهي ۽ اهي پنهنجي گُهمنڊ ۾ پاڻ کي ڪنهن "ديوَ" برابر ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهي پنهنجن معيارن سان گڏ ان تائين پهچندا آهن ۽ رڳو هن جي جوتن تي لڳل مٽيءَ کي ڏسي سگهندا آهن. ان تي "بونا" ڏاڍي خردماغيءَ سان ڪرم تي مائل ٿي پوندا آهن _ اهي "ديوَ" جي خوبين کي خاميون سمجهندا آهن ۽ ڪين ان ۾ انهن ئي شين جي کوٽ نظر ايندي آهي جن جو اهي "بونا" پنهنجو پاڻ منجهہ ڏاڍو قدر ڪندا آهن، تہ پوءِ انهن "ديوَن" جي عزت ڇو ڪئي ويندي آهي؟ مارڪس ٿوڪ منجهان پوسٽڪوهين جي زباني، جيڪو پنهنجي روحاني سادگيءَ ۾ ايترو تہ پارسا آهي، چوي ٿو تہ گوئٽي جڏهن تہ هڪ بہ واعظ نہ لکيو تہ نيٺ ڪسي ايتري اهميت ڇو ٿي ڏني وڃي؟ هن رڳو قدرت جو اپياس ڪيو جڏهن تہ ڪيس گهربو هو تہ هو لوٿر جي شرح جو اپياس ڪري ها ۽ ان بابت نظم لکي ها.

گوئٽي پڙهڻ بلڪل اڻ وڻندڙ آهي عورتن لاءِ
۽ جيڪڏهن سندر هجي تہ پوءِ ان لاءِ اهو اجايو آهي.
قدرت کي تہ هن ورتو جهڙي بہ سندس هٿ لڳي
پر ڪجهہ ڪليسائي اخلاق سان ان جي سونهن نہ وڌائي
ڪيس گهربو هو تہ لوٿر جي اصولن ڪٽي ها
۽ انهن جي بنياد تي سٺا سٺا نظم چوي ها.
آهہ گوئٽي! سچ آ هُن حسن جي ڪجهہ تخليق بہ ڪئي
پر پلجي ويو اهو چوڻ: "هذا من فضل ربي."

۽ سندس لکڻين ۾ ڪم جي شَي ڪهڙي آهي؟ نيٺ بہ "مدرسي جي سبق ۾ بہ هن کي ڏکيائي هئي!"

عجيب آهي نہ هيءَ خواهش تہ مٿي تي ويهاريندا سون
تہ آسمان تي گوئٽي کي ويهاريندا سون
ڪڏهن بہ اهڙي لکٽي نہ هن کان لکي وئي
جو "واعظ ڪوه" تي جنهن سان ڪجهہ روشني پوي ها
آهي ان وٽ ڪو اهڙو ذرڙو بہ
هاري جنهن تي لالچي ٿئي يا مدرس بہ
نہ ڪيس حق جي رضا ڪڏهن سمجهہ ۾ آئي
جو مدرسي جي سبق ۾ بہ ڪيس ڏکيائي هئي.

۽ "فائوسٽ" بابت ڇا خيال آهي؟ اهو هڪ سبق ڏيندڙ ڪهاڻيءَ لاءِ ڪيتري قدر شاندار موضوع هجي ها تہ ڏوهہ ڪيئن "انسان کي شيطان ڏانهن وٺي وڃي ٿو" ۽ ڪيئن ماڻهوءَ کي پنهنجي روح جي نجات جي ڳڻتي ڪرڻ گهرجي. پر گوئٽي ان سڀ کي غلط طريقي سان پيش ڪيو. سندس فائوسٽ "خدا تي ۽ دنيا تي شڪ ڪرڻ جي همت ڪري سگهندو هو" پوءِ بہ "نادان نوجوان گريٽا کي ان جي پوڄا ڪرڻي پئي، جڏهن تہ ٺيڪ ايئن گهربو هو تہ هو ان جي ضمير کان ملامت ڪرائي ها" ۽ هن کي ٻڌائي ها تہ "ڪيس شيطان گهيرو ڪري وٺي ويو ۽ هاڻي قيامت جي ڏينهن ۾ ڪا دير ناهي."

فائوسٽ جو قصو اهڙيءَ طرح لکيائين، يقين ڪريو
سڀ بُهتان ۽ ڪوڙ شاعر جو آ، ٻيو ڪجهہ بہ نہ اٿس!
اصل ۾ فائوسٽ عاصي ۽ سُست هو
خدا جي ڊپ کان غافل هئي زندگي
ڪيس مٿان کان مدد نيٺ ايتري بہ نہ ملي



شرم جهڙو موت اچي ها ۽ ختم ٿئي ها زندگي
ان ڪري رڳو گهٽو ئي خوف دل ۾ هيس رکيل
انتظار ۾ هو تہ ختم دوزخ جي باهہ جِي زحمت ڪري
۽ پوءِ سوچڻ لڳو تہ ڪهڙي شَي آهن موت ۽ حياتي
علم ڇا آهي ۽ فنا ڇا، ڇا آهي ڪائنات جو حشر
۽ هڪ ڍير لفظن، انگن جو ٻڌجي پيو
جن جي معنيٰ جو سرو اونداهين ۾ گم رهيو
ڪاش شاعر سينگاريو هجي ها ان سڀ ڪجهہ کي
۽ اهو چوي ها تہ 'شيطان ان ڏوهہ تائين وٺي ويو.'
وري ڪڏهن بہ جي گهري ها قرض کان ڇوٽڪارو
ان کي چون ها، 'روح خاطر ڪيو نجات جي ڳڻتي.'

شيلر جي ڳالهہ ئي ٻي آهي. "سندس لکڻين ۾ آهن ڪجهہ تہ خيال آرائيون، ها پر هجن اتي ها ڪجهہ ٻيون بہ رعنائيون"، ڪاش "جيڪڏهن هن ڪجهہ ڏيان سان انجيل پڙهيو هجي ها."

گوئٽي جي عظمت کان پوسٽڪوهين جهڙن ڍاولن "بونن" کي ڇَوٽ رَسي ٿي، ان سان سندن پرهيزگاريءَ کي تڪليف ٿئي ٿي ۽ هو وڏي خوشيءَ سان سندس سِرُ وڍي ان کي ڪجهہ "ننڍو" ڪري ڇڏيندا.

پوسٽڪوهينن جي گندي، پراڻ پرست دنيا تي تنقيد جو مطلب هوندو هو ڪٽر مذهبي تقويٰ تي بہ تنقيد. جيڪا ان قسم جي ماڻهن جي پرورش ڪري ٿي، ۽ اها اٽٽر طرح پاڻ مذهب بابت بہ ٻچا ڳاڇا جو ڪارڻ بڻبي هئي.

1837ع جي هم قافيا فقرن ۾ پادرين جي اڳرائيءَ واري حماقت خلاف جنگ جو اعلان ڪري مارڪس پاڻ "ٿڌي خدا" خلاف بہ جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو، جيڪو سڀ کان وڏو رياڪار ۽ سڀ کان وڏو جابر حاڪم هو.

مذهب سان مائٽي ٽوڙڻ بنا بورجوا بدتهذيب دنيا کان پورو ناتو ٽوڙڻ ممڪن ئي نہ ٿي پئي سگهيو ۽ ٻئي طرف مذهب تي سنئين سڌي ۽ بي رحم تنقيد خيال پرستيءَ وارن مؤقفن کان ناممڪن هئي. ان جون پاڙون بہ حقيقت جي تنقيد ۾ پيوست هيون. هيءُ هو ان راهہ جو اٽٽر منطق، جنهن تي ڪارل مارڪس سندرو ٻڌِي وڌيو.

1830ع کان پوءِ واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ڌارا "ڊاڪٽرن جي ڪلب" جي نوجوان هيگلين ۽ پنهنجن وڏيڪ دوستن جيان مارڪس جو ڌيان بہ خاص طور مذهب جي تنقيد ڏانهن ٿيو. مذهب تي فلسفياڻي حملي جي ابتدا ڊيوڊ اشٽرائوس جي ڪتاب "يسوع جي حياتي" سان ٿي، جيڪو 1835ع ۾ ڇپيو. ان ۾ انجيل

جي ”الاهي معصوميت“ کي رد ڪيو ويو هو. برونو بائر، جيڪو ”ڊاڪٽرن جي ڪلب“ ۾ مارڪس جو ڏاڍو ويجهو سنگتي هو ان ڪان بہ اڳتي وڌي ويو ۽ چيو تہ چئني حوارين جي انجيلن مان ڪنهن ۾ رتيءَ جيتري بہ سچائي نہ آهي.

انهيءَ وقت لڊويگ فيوئر باخ ”هاليشي ياربيوخير“ ۾ مذهب ۽ فلسفي جي ايڪي بابت هيگل جي مقالي تي تنقيد اهڙن مؤقفن سان شروع ڪئي جيڪي هن کي جلد ئي ماديت پسنديءَ طرف وٺي ويا.

مارڪس جي هڪ ٻي پراڻي دوست فريڊريخ ڪيپن 18ـ هين صديءَ جي فرانسي ۽ جرمن روشن خياليءَ جي روايتن جي بحاليءَ لاءِ ويڙهہ ڪئي. ڪيپن هڪ ڪتابڙي ڪي، جيڪو هن 1840ع ۾ ڇپيو، منسوب ڪيو ”پنهنجي سنگتي ٽرائر جي ڪارل مارڪس جي نالي“.

مارڪس ”ڊاڪٽرن جي ڪلب“ جو سڀ ڪان ننڍي ڄمار وارو ميمبر هو، پر ان هوندي بہ ڪيس پروفيسرن ۽ مددگار پروفيسرن جي وچ ۾ هڪ مٿاهون مقام مليو. اهي مارڪس جي غيرمعمولي ذهن، هن جي سوچ جي نواڻ واري سگهہ ۽ آزاديءَ کي محسوس ڪندا ۽ سندس روحاني دلچسپين جي غيرمعمولي وسعت جو، هن جي راءِ جي جسارت جو ۽ هن جي خوش مزاجيءَ جو بہ قدر ڪندا هئا. برونو بائر ان وقت مددگار پروفيسر ۽ نوجوان هيگلين جي تحريڪ جو مڃيل سربراهہ هو، پر پنهنجي شاگرد مارڪس ڏانهن بون ڪان دوستاڻا خط لکندو هو جيڪي هن جي لياقت لاءِ احترام سان ٽمٽار هوندا هئا. بائر لکيو تہ ”’ڊاڪٽرن جي ڪلب‘ جي دانشوراڻي دلچسپي“ جو مقابلو ڪا بہ شَي نہ ٿي ڪري سگهي ۽ مارڪس سان هن اعتراف ڪيو تہ هو ”ڪڏهن بہ ايترو نہ کِليو جيترو برلن ۾، جڏهن مان تو سان رستو اُڪري رهيو هوس.“

ڪارل مارڪس ان ويڙهہ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو جيڪا نوجوان هيگلي مذهب خلاف وڙهي رهيا هئا. هن فقهہ جي هڪ پروفيسر خلاف هڪ مناظري وارو ڪتاب بہ لکيو، پر اهو ڇپايو نہ. پر هن جا خيال صفا ميٽجي نہ ويا، انهن کي هن جي وڏيءَ ڄمار وارن دوستن قبول ڪيو ۽ نکاريو سنواريو. ان جي خبر ڪيپن جي اعتراف مان پوي ٿي، جيڪو هن مارڪس ڏانهن لکيل هڪ خط ۾ ڪيو. ڪيپن 1841ع ۾ پاڻ پنهنجي مٿان کِلندي لکيو تہ جڏهن ڪان ڪارل بون مان هليو ويو آهي، تڏهن ڪان هن نيٺ ”ڪجهہ پنهنجا ئي خيال، ايئن چوڻ گهرجي تہ شروع ڪان آخر تائين آزاديءَ سان“ حاصل ڪيا ۽ مارڪس ڪان اڌارا نہ ورتا. ڪيپن لکي ٿو تہ ”هاليشي ياربيوخير“ ۾ برونو بائر جو ڏاڍو سنو مضمون بہ پنهنجن خيالن لاءِ مارڪس جو ٿورائتو آهي. پنهنجي خط ۾ هو لکي ٿو تہ ”ايئن سمجهہ تہ تون خيالن جو خزانو، هڪ ڪارخانو يا برلن وارن جي انداز ۾ چيو وڃي تہ خيالن جو گائوسر آهين.“



پنهنجي شاگرديءَ جي سالن ۾ ئي مارڪس دانشوراڻي ذهنيت رکندڙ نوجوانن ۾ هڪ غالب اثر ٻڌجي ويو. هو ڪاٻيءَ ڌر وارن هيگلين جي ڪاٻي سري تي هو ۽ سندس سنگتي بہ ڪيس ’بيباڪ انقلابي‘ سمجهندا هئا.“♦

ظاهر آهي تہ اجا سوڌو اهو هڪ نظري انقلاب جو سوال هو ۽ سڀ ڪان وڌيڪ مذهب بابت هڪ ”انقلابي“ رويي جو. ان معاملي ۾ بائر، ڪيپن اينڊ ڪمپنيءَ جي پيٺ ۾ مارڪس گهڻو اڳتي وڌي ويو. شاگرد جي حيثيت سان پنهنجن آخري ٽن سالن ۾ هن مذهبي رياڪاريءَ خلاف احتجاج ڪرڻ ڪان اڳتي وڌي، خود مذهب کي ئي صفا رد ڪري ڇڏيو. نوجوان هيگلي جارج گيورگ يونگ آرنلڊ روگي ڏانهن 1841ع ۾ لکيو تہ مارڪس چوي ٿو تہ عيسائي مذهب ”بداخلاق“ آهي ۽ اهو تہ هُو، بائر ۽ فيوئر باخ پوڙهي حضرت خدا کي آسمان ڪان ڪڍي ٻاهر ڪندا ۽ مٿس مقدمو هلائيندا.

خدا کي آسمان مان ڪڍي ٻاهر ڪرڻ جي تياريءَ ۾، مذهب جي بُتن کي ڪيرائڻ لاءِ مارڪس 1838ع ۾ ئي قديم زماني جي عظيم خدا جي منڪرن ايپيقيورس ۽ لوڪريشيئس جي مدد ورتي هئي. خدائن خلاف انهن مفڪرن جي همت ڀري للڪار مارڪس کي پنهنجي ان زماني جي ڪاوش ۾ ڏاڍي ڀلي معلوم ٿي هئي ۽ هو انهن جي ان بليغ ڪوشش ۾ پوريءَ طرح شريڪ هو تہ ”انسانن جي ذهن کي مذهب جي سوڙهيءَ ڳنڍ ڪان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي“♠ ۽ اهڙيءَ طرح ”خدا جي ٻانهن“ کي اوچو ڪري آسمانن تائين پهچايو وڃي.

پنهنجي ڊاڪٽريٽ جي مقالي ۾ هن ”يوناني روشن خياليءَ جي عظيم ترين نمائندي“ ايپيقيورس بابت لوڪريشيئس جا عظيم الشان شعر اُتاريا آهن:

ان وقت جڏهن سڀ ڏسي رهيا هئا بيوس ۽ مجبور بيٺا
ماڻهن جي زندگي ڏُکي هئي مذهب جي ڳري بار هيٺان
يونان جو هڪ فاني بَندو ان وقت اٿيو سڀ ڪان اڳ
جيڪو بيٺو سرڪش ٿي ۽ مذهب کي جنهن للڪاريو
خدائن جي قصن ڪان نہ ڊنو لِڪو نہ جيڪو وڄ ڪڪر ڪان
آسمانن جو سمورو غضب جنهن کي ڊيڄاري نہ سگهيو
هي فيض آ هن جي همت جو، مذهب آ اسان جي پيرن هيٺان
۽ سوڀ سٽائيءَ پاڻ اسان کي آسمان برابر ڪيو آ.

ايپيقيورس جي دَور ۾ 1830ع ڪان پوءِ واري ڏهاڪي جي پڄاڻيءَ ڌارا جرمني ۾ مذهب بابت ”طوفانن ۽ ڪاهُن“ جي عهد ۾ ڪيتريون ئي شيون

♦ گيورگ يونگ، آرنلڊ روگي نالي خط، تاريخ 18 آڪٽوبر 1841ع.
♠ ڪارل مارڪس، ”ايپيقيورسي، رواقي ۽ شڪي فلسفي متعلق لکڻيون“، 1839ع.

هڪجهڙيون هيون. قديم يونان ۾ مذهب تي ٻين بہ حملا ڪيا ۽ ايپيقيورس بہ، پر ٻين اهي حملا بزدليءَ سان ۽ غير مضبوط طريقي سان ڪيا. مثال طور رواقين قديم مذهب کي پاڻ پنهنجي قياس جي جوڙجڪ تي گهڙيو ورتو، جيئن نوجوان هيگلين ڪيو. مارڪس ايپيقيورس جي واکاڻ ڪئي ان ڪري جو، هن ڪا بہ رعايت نہ ڪئي هئي، نہ هو "چالاڪ" ۽ "عيار" ٿيو هو پر هن هڪ "پڌري خدا جي منڪر" جيان ورتاءُ ڪيو ۽ "مذهب تي حملو ڪيو" ۽ ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ صدين کان ڪليسا جا پادري هن کي لعنت جو حقدار چئي رهيا آهن.♠

جرمنيءَ ۾ ڪيترائي مذهبي فلسفي هئا جن ۾ هيگل بہ شامل هو، جيڪي اڻ ٽُٽ ذرڙي (ائٽم) جي فلسفي جي عظيم يوناني نمائندن جا ذڪر ڏڪار سان ڪندا هئا.♦ هيگل جي مڃيل استاديءَ کان مارڪس ڊنو نہ. جيتوڻيڪ ان وقت هُو هيگلين جي ويجهو هو پوءِ بہ هن جي لاءِ سچائيءَ جي عظمت ٻين سڀني مصلحتن کان هميشہ وڌيڪ حيثيت واري رهي. ڊاول خدائن ۽ سائنس جي بتن کي ۽ روح جي انهن سڀني پنڊتن پروهتن کي، جيڪي پاڻ پنهنجي خيالن جي ڦڻ تي ڏيان ڏين ٿا، خوار ڪندڙهي ماڻهو رڳو هڪ خدا جي عبادت ڪندو هو ـ سچائي جي.

مارڪس پنهنجي مقالي جي پيش لفظ ۾ لکيو هو تہ هيگل جو "قياسي" رويو روڪيندڙ ٿيو جنهنڪري هي "ديوَن جيڏا مفڪر" ايپيقيورسي، رواقي ۽ تشڪيڪي نظامن ۾ يوناني فلسفي جي تاريخ جي لاءِ ۽ عام طور يوناني ذهن جي لاءِ هن جي زبردست اهميت کي نہ سڃاڻي سگهيو.

اڳتي هلي پلوٽارڪ بابت ڳالهہ ڪندي، جيڪو فلسفي کي مذهب جي اجلاس ۾ وٺي آيو، مارڪس حقيقت ۾ هيگل سان، اجا بہ سندس حامين جي ساڄيءَ ڌر سان مناظرو ڪري ٿو.

هيگل جي معاملي ۾ مارڪس "خدا جي وجود جي ثبوتن" جي سلسلي ۾ بہ ان تي تنقيد ڪري ٿو. ڪانٽ انهن "ثبوتن" کي رد ڪري چڪو هو، پر هيگل انهن کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو يعني "انهن جو جواز پيش ڪرڻ لاءِ انهن کي رد ڪيو." مارڪس ٺوڪ پري انداز ۾ چوي ٿو تہ "اهي ڪهڙي قسم جا مُؤڪل آهن جن جو وڪيل صفائي انهن کي سزا کان بچائڻ لاءِ پاڻ ئي قتل ڪري ڇڏي ٿو؟"

مارڪس اهو ثابت ڪري ٿو تہ "خدا جي وجود جو ثبوت" دراصل هڪ اعليٰ انساني سمجهہ جي وجود جا ۽ ان ڪري "خدا جي عدم وجود جا ثبوت" آهن. حقيقت ۾ هڪ "ثبوت" چوي ٿو تہ جيئن تہ قدرت جي اڏاوت اهڙي سٺي نموني سان ڪئي وئي آهي ان ڪري خدا جو وجود آهي. پر قدرت جي "معقول" تنظيم ان جي ابتڙ خدا جي فضول هجڻ کي، خدا جي ڪنهن بہ ضرورت نہ هجڻ کي ثابت ڪري ٿي.

♠ ڪارل مارڪس ۽ فريڊرڪ اينجلس، "جرمن آئيڊيالاجي"، 48-1845ع.

♦ اڻ ٽُٽ ذرڙي جي فلسفن بابت ڏسو پنجين باب ۾ دمقراطيس بابت نوٽ. (ايڊيٽر)



"خدا جي وجود جي" سچن "ثبوتن" کي چوڻ گهرجي تہ "جيئن تہ قدرت جي اڏاوت بري طرح ڪئي وئي آهي. ان ڪري خدا جو وجود آهي"، "جيئن تہ دنيا عقل کان عاري آهي ان ڪري خدا جو وجود آهي"، جيئن تہ سوچ نہ آهي ان ڪري خدا (موجود) آهي."

"پر ايئن چوڻ جو مطلب ڇا ٿو ٿئي سواءِ ان جي، جو <u>جنهن کي دنيا عقل کان وانجهيل معلوم ٿئي، ان جي لاءِ خدا جو وجود آهي؟ يا اهو تہ عقل کان وانجهيل هجڻ ئي خدا جو وجود آهي.</u>"

اهو نتيجو پنهنجي زماني لاءِ ڏاڍو همت ڀريو هو.

مارڪس اڏول ارادي سان اعلان ڪيو تہ خود پنهنجي سمجهہ ئي "سڀ کان مٿاهين الاهيت" آهي ۽ چيو تہ "اهو ڪنهن ٻي کي جائز نہ ٿو ڪري." هن پروميٿيس جي همت ڀريي اعتراف کي تہ "آءٌ ڳالهہ سڌي، خدائن کان مون کي نفرت آهي" "سڀني آسماني ۽ زميني خدائن سان" موافق ڪري ڇڏيو. هيءُ همت ڀريو بيان رڳو مذهب جو مخالف ئي نہ، پر هڪ سياسي نوعيت جو بہ هو.

شاگرديءَ جي زماني کي موڪلائي چوندي مارڪس شعوري طرح "ويچارن سَهَن"، اقتدار تي ويٺل اربابن جي بدبخت خدمتگارن جي نالي هڪ چئلينج جاري ڪري ڇڏيو. ايسڪيلس جي پروميٿيس سان هم زبان ٿي، جنهن زيئس جي خادم هرميز کي، جڏهن هن زنجيرن ۾ جڪڙيل باغيءَ کي "عقل کان ڪم وٺڻ" ۽ اطاعت قبول ڪرڻ جي صلاح ڏني تہ حقارت سان رد ڪري ڇڏيو، مارڪس انهن کي ڄاڻائي ڇڏي ٿو تہ:

سمجهي ڇڏ چڱيءَ طرح، مون کان ٿِي نہ ٿو سگهي
مان رنج ۽ تڪليف جي بدلي ۾ چاڪري ڪريان
زيئس جو نوڪر اطاعت گذار بڻجڻ کان
مون کي جبل سان جڪڙيو رهڻ پسند آهي.

"ويچارا سها" مارڪس جي ڏاڍي گهٽي "ڪابيءَ ڌر واري" مؤقف کان واقعي ڊڄي ويا. آرنلڊ روگيءَ مارڪس جي مونتانارڊازم♥ بابت لکيو. بائر بہ، جيڪو نظريي جي دهشت پسنديءَ جي گُهر ڪندو هو، مارڪس جي چئلينج کان ڊڄي ويو ۽ هن مارڪس کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هو پنهنجي مقالي جي همت ڀريي

♥ مونتانارد (مونٽين) پارٽي ـ ارڙهين صديءَ جي آخري سالن ۾ جڏهن فرانسي بورجوا انقلاب برپا ڪيو، ان وقت نيشنل ڪنوينشن ۾ هيءُ هڪ انقلابي جمهوريت پسندن جو ٽولو هو. (ايڊيٽر)

پيش لفظ کي نرم ڪري. هن اها رِٿ ڏني ته هو رجعت پرست آئخهارن کان معافي وٺي ۽ هن کي صلاح ڏني ته هو جدوجهد ۾ محتاط رهي ۽ حڪومت جي ڪڙ نه پوي.

پر ان قسم جي نصيحتن کي ٻڌڻ، پوءِ اهي ڪنهن جي به پاران هجن، پيءُ پاران يا سنگتين پاران، مارڪس جي فطرت ۾ نه هو. آسماني ۽ زميني خدائن کي مقابلي لاءِ للڪارڻ کان پوءِ سندس ايتري تي ئي بس ڪرڻ جو ڪو به ارادو نه هو. مارڪس هڪ پيرو جدوجهد جي راهه تي رَميو ته پوءِ پڇاڙيءَ تائين وڙهڻ لاءِ تيار هو ۽ هن جي ويجهڙن واقفڪارن ۾ ڪو به اهو قياس نه پيو ڪري سگهي ته ان جدوجهد ۾ هو ڪيترو اڳتي وڃي ويندو.

سندس مغلوب نه ٿيندڙ سرويچاڻي مزاج کي نوجوان اينجلس پنهنجي هڪ ٺوڪ پري رجزيه نظم "پڪي يقين جي سوڀ" ۾ ڏاڍي خوبيءَ سان بيان ڪيو آهي. اهو نظم 1841ع ۾ لکيو ويو هو. شروع ۾ اينجلس برونوبائر جو نقش چِٽيو آهي:

بڪي رهيو آ طيش ۾ هو ڪُبو سبزپوش
هن جي مهانڊي مان بَڪي پيو غصو، هيجانُ ۽ جوش
بائيبل تي اعتراضن جو آ هڪڙو وهڪرو هلندڙ
هٿ ۾ جهنڊو کنيو ڪندو وتي پيو آسماني سير.

پوءِ مارڪس ظاهر ٿئي ٿو:

۽ وري طوفان جيان هي ڪير آيو؟
ٽرائر جو رهاڪو، ڪارا وار، ڪاوڙ ۾ پريل
سندس اچڻ، ڇٽڪ هڪ ٻرو جبل آ ڦاٽي پيو
هن جي اکين مان بَڪي پيو عقابي حوصلو
هٿ بيباڪي سان آهن اهڙيءَ طرح اڳتي وڌيل
آسمانن جون رسيون پَٽي، ڪندو پر تي ڦِٽو.

آئِندي اهو ثابت ڪيو ته مارڪس ۽ برونو بائر جي حياتيءَ جون راهون جيڪي 1841ع ۾ هڪ چَوواٽي تي اچي مليون هيون، جڏهن هنن مذهب تي تنقيد جو ڪم گڏجي ڪيو، اڳتي هلي، هڪ ٻئي جي ابتڙ رخ ۾ وڃڻ واريون هيون. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ بائر جي نظرياتي "دهشت پسندي" حڪومت جي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ وفادار ٿيندي وئي ۽ پوءِ بلڪل منطقي طور بسمارڪ واري انتهائي وفاداري واري حمايت ۾ بدلجي وئي، جنهن جرمن سوشل ڊيموڪريٽن خلاف بورجوا دهشت واري حڪمراني هلائي.

1843ع ۾ ئي مارڪس مذهب تي تنقيد ۾ بائر کان اڳتي نڪري چڪو هو. "ڊوئچ فرانزيسيشي ياربيوخير" ۾ شايع ٿيل مضمونن ۾ مارڪس ثابت ڪيو هو ته مذهب تي بنيادي تنقيد لاءِ مذهب جي فلسفياڻي ترديد ڪافي ناهي.



جڏهن ماڻهو پاڻ ئي مٽي ڪکرن ۾ هجي ته "آسمان جي خيمي جون رسيون نه ٿو ڳٽي سگهي." ان ڪري زمين تي هجڻ ضروري آهي. مذهب جون پاڙون پنهنجي ٻڻ جي لحاظ کان "زميني" آهن. مذهبي ٽَٽ پونجيائپ سماجي رشتن جي حقيقي ٽٽ پونجيائپ جو هڪ اظهار آهي ۽ اها ئي ان کي پيدا ڪندي آهي.

"بلند ۽ بدتر" آڏو "خدا جي ٻانهِن" جي خاڪساريءَ واري تابعداري سماج ۾ انسان جي اطاعت گذار، محڪوم، محتاج حيثيت جو رڳو هڪ ڪوڙو عڪس، ان حقيقت جو هڪ عڪس آهي ته سماجي ناتا اجا سوڌو صحيح معنيٰ ۾ انساني نه ٿيا آهن.

"مذهب ان انسان جي خود پنهنجي سمجهه ۽ خود پنهنجي عزت آهي جنهن يا ته اجا سوڌو پنهنجو پاڻ کي حاصل نه ڪيو آهي يا ٻيهر پنهنجو پاڻ کي وڃائي ڇڏيو آهي."♥ مذهب هڪ غير انساني دنيا جي پيداوار آهي جتي انسان تي مٿس مخالف قوتون حڪومت ڪنديون آهن.

"اونڌي دنيا" هڪ "اونڌو" عالمي نُڪتي نظر پيدا ڪندي آهي. اهو انسان "جنهن اجا سوڌو پاڻ کي هٿ نه ڪيو آهي" ان ڏک جي ماٺريءَ ۾ هڪ مٿاهين (مابعد) زندگي جي پرفريب خوابن ۾ تسڪين حاصل ڪري ٿو. جيئن ته هو زمين تي ڏک ۽ سور ۾ مبتلا آهي ان ڪري هو جنت جي برڪتن بابت واعظن وسيلي پنهنجو پاڻ کي آٿت ڏي ٿو.

پنهنجي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ ۽ قدرت خلاف جدوجهد ۾ انسان پنهنجو پاڻ کي هيڻو ۽ بيوس پائي ٿو، ته خدا کي طاقت ۽ مطلق قدرت جو حامل ٺاهي ڇڏي ٿو. خدا ۾ انسان خود پنهنجي وجود جي بدبختيءَ جو بدل ڳولي وٺي ٿو. ان ڪري ان زماني جو مذهب نه رڳو هي ته "هي بي دل دنيا جي دل" ۽ "بي روح حالتن جو روح" آهي، پر هو هن دنيا ۽ ان جي حالتن خلاف هڪ احتجاج به آهي.

پر اهو احتجاج هڪ مجهول احتجاج آهي. مفلسي (پوءِ سماجي هجي يا انفرادي) ڪا اهڙي شَي ناهي جيڪا الاهي جي خلاف هجي پر ان جي اُٽٽ صفت آهي. هڪ مان ٻئي جو جنم ٿئي ٿو ۽ تعين ٿئي ٿو.

مذهب خلاف بنيادي جدوجهد جي لاءِ "هن دنيا خلاف" جدوجهد پهريون شرط آهي "جنهن جي روحاني خوشبو آهي مذهب". هيءَ تفاوت جي سڀني صورتن سان انسان جي آزادي لاءِ جدوجهد، ان جي ڀرپور ارتقا لاءِ جدوجهد آهي.

برونو بائر ۽ لدويگ فيوئر باخ ٻئي مذهب تي تنقيد تائين پهچي ويا، جڏهن ته "مذهب تي تنقيد ته سڀني تنقيد جو مقدمو آهي."

♥ ڪارل مارڪس، "هيگل جي قانون جي فلسفي تي تنقيد ۾ واڌارو"، 44-1843ع.

جيڪڏهن. جيئن فيوئر باخ جو خيال هو انسان ئي انسان جي لاءِ بلند ترين هستي آهي، تہ مارڪس منطقي طرح نتيجو ڪڍيو تہ انهن سڀني رشتن کي، جن ۾ انسان ذليل، غلام، بيڪس، نفرت لائق آهي، ختم ڪري ڇڏڻ گهرجي. ان ڪري جو انهن رشتن کي ان کان وڌيڪ سٺي نموني بيان ڪري نہ ٿو سگهجي جيترو هڪ فرانسي ماڻهوءَ جي واتان بي اختيار نڪتل لفظن ۾ ملي ٿو جيڪي هن ان وقت چيا هئا جڏهن هن اهو ٻڌو تہ ڪتن تي ٽيڪس هڻڻ جو منصوبو سِٽيو پيو وڃي. هن چيو "ويچارا ڪتؤا! هي ماڻهو توهان سان بہ انسانن جهڙو سلوڪ ڪرڻ گهرن ٿا!"◆

مارڪس پنهنجي ڊاڪٽريٽ جي مقالي ۾ خدائن جي نالي جيڪا همت ڀري چئلينج جاري ڪئي هئي، ان جا نتيجا ڏيکارڻ جي سلسلي ۾ پنهنجي ذڪر ۾ ڪجهہ اڳتي وڌي وياسون. مقالي جي ان نتيجي مان، تہ "عقل جو نہ هجڻ ئي خدا جو وجود آهي"، "عقل کان وانجهيل" دنيا جي نئين انقلابي جوڙجڪ جي ضرورت جو نتيجو اخذ ڪرڻ تائين بس هڪ ئي وک جي ڳالهہ هئي، پر اها ئي اُها وِک هئي جيڪا بنيادي تبديلي چاهيندڙ نوجوان هيگلي کي انقلابيءَ کان الڳ ڪندي هئي.

مذهب تي تنقيد انهن پاسن مان رڳو هڪ هئي جيڪا نوجوان مارڪس جي سائنسي عالمي نُڪتي نظر جي ارتقا اختيار ڪئي. شاگرديءَ جي آخري سالن ۾ هن کي خاص دلچسپي فلسفي سان رهي. ۽ مذهب بابت تنقيدي رويو خود وڏيءَ حد تائين مارڪس جي فلسفياڻي ارتقا وسيلي مقرر ٿيو.

◆ ڪارل مارڪس، "هيگل جي قانون جي فلسفي تي تنقيد ۾ واڌارو"، 1843-44 ع.



# "فلسفي کان سواءِ ڪا بہ اڳيرائي ممڪن ناهي"

فلسفياڻي جاچ جي لاءِ پهرين ضرورت آهي هڪ
همت ڀريو ۽ آزاد ذهن.
_ ڪارل مارڪس◆

مارڪس جو هي قول سندس ڊاڪٽريٽ لاءِ تياريءَ وارين لکتن مان ورتو ويو آهي. ان جي لفظن جي ترتيب ٿورڙي بدلائي سگهجي ٿي، ان ڪري جو فلسفياڻي سکيا بہ هڪ همت ڀريي ۽ آزاد ذهن لاءِ يعني آزاد نظري سوچ جي لاءِ ايترو ئي ضروري بنياد آهي. ان جو بهترين مثال پاڻ مارڪس آهي.

اسين اهو ڏسي چڪا آهيون تہ جيئن ئي هو قانون جي علم جي ميدان ۾ آزاد نظري اڀياس ڏانهن مائل ٿيو تيئن ئي کيس خبر پئي تہ فلسفياڻي لحاظ کان هو چڱيءَ طرح هٿياربند آهي. هن محسوس ڪيو تہ عام هيئتن تي عبور حاصل ڪرڻ کان سواءِ، جن ۾ نظري سوچ اڳتي وڌڻ ۽ هڪ نکرندڙ موضوع جو ٺيڪ ٺاڪ ڇَربو پيش ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي، هو نظريي جي هڪ قطعي ميدان ۾ ڪجهہ بہ اڳتي وڌي يا پوئتي هٽي نہ ٿو سگهي.

هيگل جي مشهور جملي کي نقل ڪري سگهجي ٿو تہ منروا جو چبرو – جيڪو حڪمت ۽ فلسفي جي نشاني آهي – شام جو جڏهن زندگيءَ جو سج لهي وڃي ٿو تہ، جڏهن هر ڏينهن ٿيندڙ سڀ ڪم ڪاريون پورا ٿي وڃن ٿا ۽ خيال پاڻ پنهنجي سمجهہ جي اوچاين تي پهچي چڪي ٿو تہ، اڏامي ويندو آهي تہ جيئن اتي، انتهائي اوچن دائرن ۾، روح جي خوابيده دنيا مٿان اڏام ڪري. ان مثال جو تفسير انهن معنائن ۾ بہ ڪري سگهجي ٿو تہ فلسفي جو اڀياس وڏيءَ عمر وارن ماڻهن لاءِ

◆ ڪارل مارڪس، "ايپيقيورسي، رواقي ۽ تشڪيڪي فلسفي بابت لکتون"، 1839 ع.

موزون آهي جيڪي پنهنجي زندگيءَ جي تجربن جي بنياد تي داناءَ ٿي چڪا هجن، پر اها صورت ناهي.

انساني تهذيب جي عظيم تجربيگاهه ۾، جيڪو ڪماليت جي راهه تي نوجوان ذهن کي تيار ڪري ٿو ٻه دائرا، چئي سگهجي ٿو ته هڪ غير معمولي ڪردار ادا ڪن ٿا: جيڪي آهن فن ۽ فلسفو.

توهان علم رياضي جو اڀياس فزڪس ڄاڻڻ کان سواءِ به ڪري سگهو ٿا (جڏهن ته اهو ڪو سنو طريقو ناهي)، توهان ڊاڪٽر ٿي سگهو ٿا مادن جي رڪاوٽ بابت ڄاڻڻ جي تڪليف سَني بنا، ۽ علم هيئت بابت توهان کي ڪو به اندازو نه هجي، ته به توهان ٽيڪنيڪي اوزار ۽ مشينون ايجاد ڪري سگهو ٿا، پر فن ۽ فلسفي جي علم کان سواءِ توهان مهذب انسان نه ٿا ٿي سگهو. مان هيءَ ڳالهه اجا وڌيڪ قطعي طور چئي سگهان ٿو ته انهن کان سواءِ توهان سرگرميءَ جي ڪنهن به مقرر دائري ۾ ڪا به صحيح معنائن ۾ تخليقي ڪاميابي حاصل ڪري نه ٿا سگهو.

هيءَ ڳالهه ٿي سگهي ٿو ته ڪجهه اچرج جهڙي معلوم ٿئي. اسان وٽ زمين تي تمدن آهي، جيڪو اڳوڻين پيڙهين ۽ هاڻوڪي پيڙهيءَ جي پورهيي جو نتيجو آهي. شهر آهن، جن کي رازن ۽ اڏاوت جي فن جي ماهرن ٺاهيو آهي. نديون، پُلون ۽ رستا آهن، جيڪي مزورن ۽ انجنيئرن جو ڪارنامو آهن. ڪارخانا، مشينون، انجڻ بنيون، خراد مشينون، موٽر ڪارون ۽ ٽرڪون، هوائي جهاز ۽ راڪيٽ آهن ـ اهي سائنسدانن، ڊزائن ٺاهيندڙن، ٽيڪنيڪ ماهرن ۽ مزورن جي باعمل ذهن ۽ رت ولوڙيندڙ پورهيي جي پيداوار آهن. فصل تيار ٿي رهيا آهن جن جي پوک زرعي ماهر ۽ هاري ڪندا آهن. اهي سڀ شيون انسانذات جي لاءِ فخر ۽ خوشيءَ جو ڪارڻ آهن. اهي انساني زندگيءَ جو مرڪز ۽ مغز آهن، پر ان سڀ ڪجهه ۾ اسان کي فلسفين جو پورهيو ڪٿي ٿو نظر اچي؟

فلسفي جو ”عملي“ واهپو ڪهڙو آهي؟ ڇا اهو دنيا ۾ خالي هٿين نه آيو آهي؟ يقيني علمن جي ابتڙ ان جا نتيجا نين مشينن جي صورت ۾ يا وڌيڪ ڪارائتن ٽيڪنيڪي عملن ۾ مجسم نه هوندا آهن. اهو توانائيءَ جي سگهارن وسيلن جي کوجنا نه ڪندو آهي ۽ نه ئي نوَن هٿرادو مادن ۽ نين دوائن جي تخليق ڪندو آهي.

ظاهر آهي ته فلسفي کي انهن کان مختلف معيارن سان ڏسڻ گهرجي جيڪي فطرتي سائنسن لاءِ استعمال ڪيا ويندا آهن. هتي افادي رويو قابلِ قبول ناهي جيئن هي ته، مثال طور فني شاهڪارن جي سماجي اهميت جو اندازو ڪرڻ لاءِ ناقابلِ قبول هوندو آهي.

اهو سوال ڪرڻ پڏري چريائپ ٿيندو ته فيدياس جي ٺاهيل مجسمي ”وينس“، رودين جي مجسمي ”مفڪر“، موتسارٽ جي موسيقي جي ترتيب ”نوحه“ يا اسڪريابين جي موسيقيءَ جي ترتيب ”نظم خوشيءَ“ جو ”عملي“ استعمال ڪهڙو آهي.



فن اسان کي وڌيڪ شريف بڻائي ٿو ۽ تعليم ڏي ٿو. اسان کي جمالياتي مزي کان واقف ڪري ٿو. اسان کي پيار ڪرڻ ۽ نفرت ڪرڻ سيکاري ٿو. رنگن ۽ تمثيلن سان دنيا جي سڃاڻپ ڪرڻ سيکاري ٿو. اهو سچ آهي ته فن فلسفي سان هڪ هڪجهڙائي به رکي ٿو. فن اسان جي احساسن جي سکيا ڪري ٿو. اسان جي دنيا متعلق جمالياتي سڃاڻپ کي نکاري سنواري ٿو ۽ فلسفو (پنهنجن ٻين اهم منصبي فرضن سان گڏ) ذهن جي، نظري سوچ جي صلاحيت جي سکيا ڪري ٿو. فن اسان کي سونهن سمجهڻ سيکاري ٿو ۽ فلسفو اسان کي جدلياتي سطح تي سوچڻ سيکاري ٿو.

فن جي اڀياس جي جمالياتي پاسي کي، خيال آرائيون ڪرڻ واري ان جي صلاحيت کي، غير متوقع ڳڙيون ۽ وابستگيون کوجڻ جي صلاحيت کي نکاري سنواري ٿو ۽ فلسفي جو اڀياس اسان جي سوچي سگهڻ جي صلاحيت کي، سڀ کان مٿاهين درجي جي عموميت ڪرڻ جي صلاحيت کي، ڪُل تصورن جي جدلياتي لوچ جي لاءِ اسان جي صلاحيت کي نکاري سنواري ٿو. اهو اسان کي سيکاري ٿو ته اسين ڪنهن شَي کي اڪيلو ڪري نه، پر لاڳيتي ڦرندڙ گهرندڙ رشتن جي گهڻ پاسائين نظامن جي دنيا جي هڪ جُز جي حيثيت سان ڏسون.

فلسفو ماڻهوءَ جي روحاني اميريءَ ۾ هڪ غير معمولي ڪردار ادا ڪري ٿو ازين جِهت جو اهو استعاري جي ٻوليءَ ۾ انسان جي نظري ارتقا جو جوهر هوندو آهي جيڪو علم جي اڳوڻين ترقين جي نتيجن کي تحليل ڪندو آهي.

فلسفو پري نظر ايندڙ جبلن جي برف ڍڪيل چوٽين جو ئي نالو ناهي جتي ٿَڪل مسافر علم جي پٿريلن پيچرن تي هلي پنهنجي سفر جي پڄاڻيءَ تي پهچندو آهي. فلسفو ”جبل جهاڳڻ“ جو سامان به آهي جيڪو هن کي پختن مفروضن جي لڳ پڳ اڀين ٽڪرين تي پير ڄمائڻ ۾، هڪ لقاءَ کي ٻي کان ڌار ڪرڻ واري وٿيءَ تي هڪجهڙاين ۽ هر ڪنهن کي شامل ڪرڻ واريون پليون ٺاهڻ ۾، ان ٻاهر نڪتل ڪناري کي ڏسڻ ۾ مدد ڏيندو آهي جيڪو ٻي ڪنهن نه ڏٺو هوءِ جيڪو مٿاهين طرف وٺي وڃي سگهي ٿو. فلسفو ان مسافر کي هيٺاهين ۾ تجربِي آواره گرديءَ جي ريجهائيندڙ راهن جي محدود امڪانن کي سمجهڻ ۾ مدد ڏيندو آهي، ته هيءَ راهه وڏ ۾ وڏ اهو ته اڳتي وٺي ويندي، پر مٿي نه وٺي ويندي.

ٻين لفظن ۾ فلسفي جو اڀياس راس ٿيل ۽ رچيل صورت ۾ علم کي پنهنجو پاڻ ۾ سموهڻ ئي جو نالو ناهي پر ذهن جي رياضت به آهي ۽ نظري سوچ جي صلاحيت کي سکيا ڏيڻ لاءِ نوجواني جو زمانو ئي بهترين هوندو آهي. پنهنجي ڊاڪٽريٽ جي مقالي جي تياري ڪرڻ ۾ مارڪس ايپيقيورس جو هيٺيون ٽڪرو نقل ڪيو هو: ”جيڪو نوجوان آهي اهو فلسفياڻي سوچ ۾ دير نه ڪري.“

رکو بدتهذيب جو خيالي پٽو ئي فلسفي کي هڪ اجايو مشغلو سمجهندو آهي. فلسفي بابت بدتهذيبي واري رويي جي ڀيٽ سقراط جي چيڙاڪ زال، سدا حيات زانتيپي جي ان رويي سان ڪري سگهجي ٿو جيڪو هن پنهنجي مڙس، مارڪس جي لفظن ۾ ”دنيا جي تمثيل ۾ استاد“ سان روا رکيو. زانتيپي هن کي گاريون ڏيڻ ۽ گهر ٻار ڏانهن لاپرواهي ڪرڻ ۽ ”بيڪار بڪ بڪ“ ڪندو رهڻ، پر پنهنجي ڪٽنب جي خوشحاليءَ جي ڳڻتي نہ ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ سچ پچ هن تي ڪچرو اڇلائيندي ڪڏهن بہ نہ ٿڪبي هئي. زانتيپي کي ان ڳالهہ تي ڏاڍي ڪاوڙ هئي تہ گهٽ کان گهٽ صلاحيتن وارن ۽ گهٽ پڙهيل لکيل مڙسن اعليٰ عهدا، عزت ۽ دولت حاصل ڪري ورتي پر سندس سقراط اگهاڙي پيرين، ڇتيون لڳل قميص پايو گهمندو پيو وتي ۽ سندس شاگرد تعليم ڏيڻ جي اجوري طور هن کي جيڪا معمولي رقم ڏيڻ بہ چاهن ٿا تہ هو اها وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندو هو.

اها حقيقت انساني ”پُوري ساتري عقل“ کي ڪا بہ خوبي نہ ٿي ڀانئجي، تہ فلسفو قطعي سائنس ۽ ”فنن“ جي ابتڙ، ماڻهوءَ کي سوچ سيکارڻ جو خاص مقصد رکي ٿو. ان جي ابتڙ تنگ نظر تہ ان کي خامي سمجهڻ جو لاڙو رکي ٿو ان ڪري جو ڪيس نظري سوچ جو ڪو بہ واهپو نظر نہ ٿو اچي. سندس نظرن ۾ ان ڪري انسان عجوبو ٿي پوندو آهي، ”هن دنيا جو نہ“ رهندو آهي.

مارڪس پنهنجي مقالي جي هڪ لکت ۾ لکي ٿو تہ پورو ساترو انساني عقل ”سمجهي ٿو تہ هن کي فلسفين آڏو پنهنجي انتهائي چريائيءَ وارين ڳنل پيئل ۽ واضح ڳالهين کي ’اڻڄاتل ڌرتي‘ بڻائي پيش ڪرڻ جو حق آهي ۽ هو پاڻ جڏهن آني کي ان جي چوٽيءَ پَر بيهاري ٿو تہ پنهنجو پاڻ کي ڪولمبس سمجهي ٿو.“

بدتهذيب اهو سمجهي ٿو تہ فلسفياڻي سوچ جهڙي سپ کان سولي تہ ڪا بہ شَي ناهي ۽ اهو پاڻ بہ ”سرسري جاين تي ڳوڙهو فلسفو“ جهاڙڻ لڳي ٿو جيڪو بس اهو هوندو آهي تہ اخلاقي واعظ چوڻ ۽ سجي ڌرتيءَ تي هر شَي بابت لباڙ هڻڻ.

فلسفي بابت ”رواجي عقل وارو“ رويو پنهنجي بهترين صورت ۾ عام طور ڪجهہ فلسفياڻن ڪُل تصورن تي عبور حاصل ڪرڻ سميت قانونن ۽ رمزن کي اهڙيءَ طرح زباني ياد ڪرڻ تي ٻڌل هوندو آهي جيئن فزڪس ۽ رياضي جا قانون ۽ اصول ياد ڪيا ويندا آهن. پر اهو ”علم“ ايترو بہ ڪارائتو نہ هوندو آهي جيترو اعليٰ رياضي جي ميدان ۾ تحقيق ڪرڻ لاءِ ڪوڙا ڪارائتا ٿي سگهن ٿا.

قطعي علمن جي شروعات ان نقطي کان ٿيندي آهي جتي سوال مقرر، ناقابل بحث، تجرباتي طور ثابت ٿيل سچائين جو هوندو آهي. فلسفي جي پڇاڙي ان نقطي سان ٿيندي آهي جتي اهو آخري پيرو قطعي سچائين جو اعلان ڪرڻ جي ڪاوش ڪندو آهي.



ڪنهن بہ هڪ فلسفياڻي سرشتي جي تهيل تڪيل نتيجن جو اڀياس ڪري نظري طور سوچ ڪرڻ نہ ٿو سکي سگهجي. انساني سوچ جي تجريدي صورتن ۾ ان جي ارتقا جي تاريخ جي حيثيت سان فلسفي جي سجي تاريخ جو اڀياس ڪرڻ تمام ضروري هوندو آهي.

لينن لکيو آهي تہ هيگل جي ”منطق“ جو اڀياس ڪرڻ ۽ سمجهڻ بنا مارڪس جي ”ناڻي“ کي سمجهڻ ناممڪن آهي، پر ساڳيءَ طرح شيلنگ، فيختي، ڪانٽ، لائبنز اسپائينوزا، ارسطو افلاطون، دمقراطيس ۽ هيراقليطس جي فلسفي کان سواءِ هيگل جي ”منطق“ کي بہ پوريءَ طرح سمجهڻ ناممڪن آهي.

ان کان بہ وڌيڪ اهم هيءَ حقيقت آهي تہ فلسفياڻي ۽ سماجي سوچ جي سجي تاريخ تي عبور حاصل ڪرڻ کان سواءِ هيگل جي ”منطق“ کي زير ڪرڻ، ان کان اڳتي وڌڻ ۽ نئون نظريو تخليق ڪرڻ ناممڪن هو. 1830ع کان پوءِ واري ڏهاڪي جي نوجوان هيگلين هيگلي نظام جي چوڪاٺي اندر رهندي، سندس مقالن جي تشريح ۽ تفسير ڪندي، هيگل جي تعليم جي ڪڏهن هِن ۽ ڪڏهن هُن رُخ تي غور ڪندي پاڻ کي هڪ استدلال دُوريءَ ۾ ڦاسائي ورتو ۽ اهي هڪ وِک بہ اڳتي وڌي نہ سگهيا. اهي ان سوال تي سنجيدگيءَ سان بحث ڪندا هئا تہ هاڻ جڏهن عالم جو روح هيگلي فلسفي ۾ پنهنجي اصل مقصد يعني ذات جي عرفان تائين پهچي ويو آهي تہ دنيا جو ڇا ٿيندو.

مارڪس ڪڏهن بہ ڪٽر هيگلي نہ هو. اسان ڏٺو آهي تہ پهريائين هيگل جي تعليمن بابت سندس رويو ان شَي جيان هو جنهن کان هو ويندي ”نفرت“ بہ ڪندو هو. پر اهو ان عمل ۾ رڪاوٽ نہ ٿيو تہ هو پنهنجي امڪان جيتري پوري سخت نظر ۽ ڌيان سان هيگل جو اڀياس ڪري. هن هيگل کي هڪ عظيم مفڪر جي حيثيت سان اها اهميت ڏني جنهن جو هُو حقدار هو پر سندس بُت نہ ٺاهيو. هيگل وٽ گهڻو ڪجهہ اهڙو هو جنهن کي مارڪس ناقابل قبول ئي سمجهندو رهيو، خاص طور مطلق سچائيءَ ۽ هڪ مڪمل سوچ جي نظام واري دعويٰ کي.

نوجوان مارڪس جي ان فلسفياڻي مؤقف جي عڪاسي سندس ڊاڪٽريٽ جي مقالي ۾ ٿئي ٿي. هيءُ اهڙو مؤقف آهي جيڪو هيگل کان سندس اڳتي وڌڻ جي، هيگل وسيلي هيگل تي فوقيت کي ظاهر ڪري ٿو.

مارڪس جي جستجوءَ ۾ جاچ ۽ نفيءَ جو جذبو ڪيس فلسفياڻي سوچ جي ماخذن تائين وٺي ويو. هو سقراط، افلاطون ۽ ارسطو جو اڀياس ڪرڻ ۾ جُنبي ويو ۽ هن ٻين ڪلاسيڪي اديبن، ڊايو جينيز، لائرٽيئس، پلوٽارڪ، سمپليسيئس، فيليسٽس، سيسرو، اسٽوبيئس، فيلوپونس، لوڪريشيئس ڪارس ۽ سيڪسٽس امپيريڪس جون اڻڳڻيون لکڻيون پڙهيون.

پر يوناني فلسفي جي لاڙن ۽ نظرين جي سيني جنسن ۾ مارڪس دمقراطيس ۽ ايپيقيورس يعني عظيم يوناني ماديت پسندن تي پنهنجو ڌيان ڏنو. ماديت

پسندن جي تعليمن جي ڇنڊڇاڻ جي هيءَ وک پنهنجيءَ جاءِ تي پاڻ هيگل ۽ ان جي ڪٽر پوئلڳن لاءِ هڪ چئلينج هئي. ان مان خبر پوي ٿي تہ هڪ نئين فلسفي جي ڳولا کهڙو ڏِس پئي وٺي.

خيال پرستيءَ جي چوکاٺي اندر هيگل تي مٿڀرائي حاصل نہ پئي ڪري سگهجي ۽ ان سلسلي ۾ ڪو بہ خيال پرستيءَ وارو نظريو مدد نہ پئي ڪري سگهيو. هتي رڳو ماديت پسندي ڪارائتي ٿي سگهي پئي.

مارڪس جو ڊاڪٽريٽ جو مقالو ان ڳالهہ جي تصديق نہ ٿو ڪري تہ هو ماديت پسنديءَ جي مؤقف تائين عبور حاصل ڪري چڪو هو. البت اهو خيال پرستيءَ کان سندس بي اطمينانيءَ جي شاهدي ضرور ڏي ٿو جنهن فلسفي کي حقيقت کان لاتعلق ڪري ڇڏيو هو ۽ ان کي قياس جي دائري ۾ وٺي ويو هو. نتيجو اهو نڪتو تہ فلسفي ۽ ”دنيا“ جي وچ ۾، سوچ ۽ عمل جي وچ ۾ هڪ وٿي نهي پئي. ”دنيا“ فلسفي لاءِ ناموافق ٿي پئي ۽ فلسفو ”دنيا“ لاءِ اوپرو ٿي پيو. ”پنهنجي حصول“ جي خواهش کان وجدان ماٺي فلسفو ”ٻئي خلاف ڇڪتاڻ ۾“ داخل ٿي ويو.

جڏهن ”دنيا“ فلسفياڻي ٿي پوندي آهي تڏهن فلسفو ”دنياوي“ ٿيڻ جي خواهش ڪندو آهي، ۽ ان جو مطلب هي آهي تہ اهو ”اندريون پاڻ تي قناعت ڪرڻ وارو ۽ مڪمل پٽو“ ٽٽي پيو جيڪو هيگل جي خمير ۾ هو.

هيگلي فلسفو هيگلين جي تعليم ۾ ڀڄڻ لڳي ٿو. ”جيڪا شي اڳ دنيا ۽ فلسفي جي وچ ۾ هڪ اونڌي رشتي ۽ اختلاف جيان ظاهر ٿئي ٿي اها پوءِ پنهنجي جاءِ تي پاڻ انفرادي فلسفياڻي خود شعوريءَ جي زوريءَ عليحدگي بنجي پوي ٿي ۽ نيٺ ٻن مخالف فلسفياڻن لاڙن جي حيثيت ۾ فلسفي جي هڪ خارجي عليحدگي ۽ غيريت بڻجي پوي ٿي.“ ♠

هيگل جي مطيع ۽ محتاج پوئلڳن تي مارڪس ساهہ سُڪائيندڙ ٺوڪ جي ڪاهہ ڪري ٿو. ذيلي شخصيتون هر انفراديت کان سواءِ آهن ۽ عام طور ”ماضيءَ جي ڪنهن جليل القدر فلسفي جي اوٽ ۾“ پناهہ وٺن ٿيون. ”پر شينهن جي کل ۾ لڪل گڏهہ جلد ئي نظر اچڻ لڳي ٿو ڪنهن نئين گهڙيل ڪاٺ پتلي جو مِڻ مڻ ڪندڙ آواز صدين کان گونجندڙ اُوچي آواز جي ڀيٽ ۾ کِل جوڳي حد تائين ڀڻ ڀڻ ڪندڙ ٻُڌجي ٿو.“ ♦

ٺوڪ ڀرين خطن ۾ مارڪس هڪ بندري جي تصوير چِٽي ٿو جيڪو ٻٽو چشمو ڀهريل آهي ۽ هڪ ديوَ جي گُنهن تي بيٺو دنيا کي ٻڌائي رهيو آهي تہ اهڙيءَ طرح هو جيڪو ڪجهہ ڏسي رهيو آهي اهو ڪيترو نہ اچرج جهڙو ۽ انوکو نظارو

♠ ڪارل مارڪس، ”دمقراطيسي ۽ ايپيقيورسي فلسفي جي نوعيت منجهہ فرق“، 41-1839ع.
♦ ڪارل مارڪس، ”دمقراطيسي ۽ ايپيقيورسي فلسفي جي نوعيت منجهہ فرق“، 41-1839ع.



آهي ۽ هُو وضاحت ڪري پنهنجو پاڻ کي کِل جوڳو بڻائي ڇڏي ٿو تہ آرڪمڊيز جو نُڪتو ڪنهن ڏڙڪندڙ دل ۾ نہ، پر ان ”ٺوس بنيادن واري زمين“ ۾ مليو آهي جتي هُو بيٺو آهي. ”ايئن اسان کي وارن جا، ننهَن جا، پيرن جا، آڱوٺي جا، گونهن جا فلسفي ۽ ٻيا فلسفي ملن ٿا....“ ♥

هتي مارڪس هڪ پاسي تہ ساڄيءَ ڌر جي هيگلين جي مفلس مؤقف تي ۽ ٻئي طرف هيگل جي پوڄا تي، هن جي تعليم کي مطلق هجڻ جو درجو ڏيڻ تي، ان استدلال تي حملو ڪري رهيو آهي تہ هن کان پوءِ واري فلسفي جي ارتقا هيگلي فلسفي جي مختلف مُنهن مهانڊن ۽ رُخن جي تفسير ۽ تشريح جي ئي رستي تي ٿيڻي آهي.

ان معاملي ۾ هيگل جي فلسفي جي حشر جي ڀيٽ ارسطوءَ جي فلسفي جي تاريخي حشر سان ڪري سگهجي ٿي، جنهن کي وچين دَور جي مفسرن صفا ٻي ساهو ڪري ڇڏيو آهي. ارسطوءَ جي خيالن کي هڪ قسم جو دعائن وارو ڪتاب بڻايو ويو آهي، سندس سند کي مذهبي عقيدي جي مستند هجڻ جي حمايت لاءِ استعمال ڪيو ويو. هن جو خطائن کان پاڪ هجڻ جو يقين چريائيءَ جي حد تائين پهچي ويو. مثال طور اهو چيو ٿو وڃي تہ جڏهن سترهين صديءَ جي هڪ يسوعي پروفيسر کي دوربين سان ڏسڻ جي دعوت ڏني وئي تہ جيئن ڪيس يقين ٿي وڃي تہ سج ۾ داغ آهن، تہ هيئتي علم جي ماهر ڪيرخير کي جواب ڏنو: ”اجايو ٿيندو، منهنجا ٻچا. مون ارسطو بہ پيرا شروع کان پڇاڙيءَ تائين پڙهيو آهي ۽ مون کي سندس لکڻين ۾ ڪٿي بہ ان ڳالهہ جو ويندي اشارو بہ نہ مليو آهي تہ سج ۾ داغ آهن، تنهنڪري ان قسم جي داغن جو وجود ٿي ئي نہ ٿو سگهي.“

فلسفي بابت ان ”پوڄاباز“ رويي سان، پوءِ کڻي اهو ”جليل القدر فلسفين“ جو فلسفو ئي ڇو نہ هجي، مارڪس جو تنقيدي ذهن مطمئن نہ ٿيو. هن لکيو: ”ڪنهن جي سند جي ڪري يا خوش عقيدگيءَ سبب ڪنهن بہ فلسفي کي قبول ئي نہ ڪرڻ گهرجي، پوءِ ڇو نہ اها سند ڪنهن قوم جي هجي ۽ اهو عقيدو سوين سال پراڻو هجي.“ ♠ ان ڪري مارڪس جي خيال ۾ فلسفياڻي جاچ لاءِ پهرين ضرورت آهي هڪ بهادر ۽ آزاد ذهن جيڪو ماضيءَ جي ميراث جي تنقيدي ڇنڊڇاڻ ڪري ۽ نيون حاصلاتون ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندڙ هجي.

انهيءَ ڪري فلسفي جي ڀيٽ مذهب سان نہ ٿي ڪري سگهجي. عقيدي ۽ انڌي پوڄا تي بيٺل اعليٰ سند کي فلسفو جاري نہ ٿو رکي.

هيگل ۾ مارڪس کي ارسطوءَ جي ئي قدڪاٺ جو مفڪر نظر اچي ٿو ۽ ارسطوءَ کان پوءِ وارن (ايپيڪيورسي، رواقي ۽ تشڪيڪي) فلسفي جي حشر ۾

♥ ساڳيو.
♠ ساڳيو.

ڪيس هيگل کان پوءِ واري فلسفي جي حشر سان ملندڙ جلندڙ ڪا شي نظر اچي ٿي. ساڄيءَ ڌر جي هيگلين فلسفي تي مذهب جي برتريءَ کي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ”مرحوم“ پلوٽارڪ جيان فلسفي کي ”مذهب جي اجلاس“ ۾ پيش ڪري ڇڏيو. پر مارڪس فلسفي جي ”اعليٰ سند“ جي علمبرداري ڪري ٿو. ”جيستائين فلسفي جي صفا آزاد دل ۾، جيڪا سڄيءَ دنيا جي تسخير ڪري ٿي، رت جو هڪ ڦڙو به ڌڙڪندو رهندو تيستائين اهو ايپيڪيورس جي آواز ۾ پنهنجن مخالفن کي هيءُ جواب ڏيندي ڪڏهن به نه ٿڪبي ته ’غيرمتقي اهو ماڻهو ناهي جيڪو انهن خدائن کان منڪر آهي جن جي پوڄا انبوهه ڪري ٿو پر اهو آهي جيڪو خدائن بابت انهن شين جي توثيق ڪري ٿو جن تي انبوهه يقين رکي ٿو.“♦

ارسطوءَ کان پوءِ وارو فلسفو يوناني فلسفي جي عروج جو. ان غلام مالڪي دنيا جي زوال ۽ هڪ نئين دور جي ابتدا جو اعلان ڪيو. هيگل کان پوءِ وارو فلسفو به انهيءَ تاريخي مؤقف ۾ هو. ان جو ٽڪراءُ ”هڪ ٽُڪرا ٽڪرا ٿيل دنيا“ سان هو. ان جا ”چنگ“ هوا جي ديوتا ”ايٽلس جا چنگ“ هئا جن جي تارن کي طوفانَ ڇيڙيندا هئا. ”پر ڪنهن کي ان طوفان کان ڏوڪو نه ڪاٽڻ گهرجي جيڪو هڪ عظيم فلسفي کان، هڪ عالمي فلسفي کان پوءِ ايندو آهي.“♥

اها هڪ طوفان جي توقع، هڪ نئين ”عظيم“ دور جي توقع 1430ع کان پوءِ واري ڏهاڪي جي آخري ۽ 1840ع کان پوءِ واري ڏهاڪي جي ابتدائي سالن ۾ مارڪس جي ذهني حالت جي ڏاڍي نمايان خاصيت آهي. جڏهن جرمنيءَ پنهنجي خواب مان جاڳڻ شروع ئي ڪيو هو ۽ جڏهن ان جي معاشي، سياسي ۽ ذهني زندگيءَ ۾ نئون روح ڦوڪڻ جي اها شروعات ٿي جيڪا 1848ع واري انقلابي اٿل پٿل جي اڳ ڪٿي هئي.

پنهنجو مقالو لکندي مارڪس جي ”طوفان کان اڳ واري“ مزاجي ڪيفيت ظاهر آهي ته ان وقت تائين ڏاڍي مبهم ۽ حقيقي سياست کان پري هئي. ان کي اظهار جو لباس رڳو خيال پرستيءَ واري فلسفي جي اڻ ڇِتن گروهن ۾ مليو پر اهو هڪ اهڙي پليتي جيان هو جيڪو هوري هوري دُکندو آهي پوءِ به هڪ ڌماڪي جو ڪارڻ بڻجندو آهي.

اها مارڪس جي خاصيت آهي ته هو هڪ ”طوفان“ جي اڳڪٿي ڪندي انهن هيگلين جي پاڙياڻپ واري مؤقف تي حملو ڪري ٿو جيڪي ”اسان جي استاد کي غلط طريقي سان سمجهن ٿا“، جيڪي خيال ڪن ٿا ته ”اعتدال مطلق روح جي عادي علامت آهي.“ هو انهن ”بي معنيٰ ذهنن“ تي تنقيد ڪري ٿو جيڪي سمجهن ٿا ته

♦ ساڳيو.
♥ ڪارل مارڪس، ”ايپيڪيورسي، رواقي ۽ تشڪيڪي فلسفي بابت لکتون“، 1839ع.



فلسفي ۽ ”دنيا“ جي عدم اتفاق کي ”حقيقي ضرورتن سان ناهه ڪري“، ”هٿياربند فوجن ۾ ڪوٺ آڻي، انهن ۾ ڏڦيڙ وجهي“ نيڪ ڪري سگهي ٿو.“♠

ان ”ڏڦير وجهڻ“ جو اظهار خاص طور ان حقيقت ۾ ٿئي ٿو ته فلسفي کي دنيا جي اهم مسئلن تان ٿيڙي خودشعوريءَ جي دنيا ۾ داخل ڪيو ويندو آهي. اها صورتحال ارسطوءَ کان پوءِ واري صورتحال سان ڏاڍي ملندڙ جلندڙ آهي. تنهنڪري ايپيڪيورسي، رواقي فلسفي جي تشبيهه مارڪس هڪ ڪڙڪبيتي سان ڏئي ٿو. ”جڏهن آفاقي سج بڏي ويو ته ڪڙڪبيتو هڪ نجي فرد جي ڏيئڙي جي روشني ڳولي وٺندو آهي.“♦

پر مارڪس هتي رڳو منفي ئي نه، بلڪ هڪ ڏاڍو دل لڀائيندڙ پاسو به ڏسي ٿو ۽ اهو آهي ماڻهو لاءِ ڳڻتي، هن جي روحاني دنيا جي لاءِ، اخلاقيات جي مسئلن جي لاءِ سوچ ويچار جيڪا يوناني انسان دوستي جي خاصيت هئي.

ان نُڪتي نظر کان سندس سقراط جي شخصيت ڏانهن ڏيان ڏيڻ خاص طور دلچسپ آهي. سقراط ڏانهن نوجوان مارڪس کي ان مردانا جي ”مثالي“ تصوير ڇڪي ٿي جيڪو فلسفي ۽ روزاني زندگيءَ جو سلسلو جوڙڻ ۾ ڪامياب ٿيو جيڪو فلسفي کي قديم اٿينس جي رستن ۽ چوڪن تي وٺي آيو. ”سقراط جي ايتري اهم هئڻ جو سبب هي آهي ته منجهس يوناني زندگيءَ سان يوناني فلسفي جي رشتي جو ۽ ان ڪري ان فلسفي جي اندرين حد جو اظهار ٿئي ٿو.“♥

سقراط کي ان ڏاهپ سان ڪا به دلچسپي نه هئي جنهن جو مقصد قدرت کي سمجهڻ، ڪائنات کي سمجهڻ هوندو هو. انسان جڏهن پاڻ پاڻ بابت ڪجهه نه ٿو ڄاڻي، ته دنيا ۽ ڪائنات بابت ڪيئن ٿو ڄاڻي سگهي؟ ”پاڻ کي سڃاڻو“ سقراطي فلسفي جو پهريون اصول آهي.

انسان کي جيڪي اهم ترين شيون سمجهڻ گهرجن، اهي آهن: نيڪي ۽ بدي ڇا آهن؟ سونهن ڇا آهي؟ انصاف ڇا آهي؟ حياتي ۽ موت ڇا آهي؟ پيار ڇا آهي ۽ خوشي ڇا آهي؟

ماڻهو سمجهن ٿا ته اهي ڏاڍيون معمولي ۽ ساديون شيون آهن ۽ فلسفياڻي ڏاهپ جي شانَ لائق ناهن. اتي ئي سقراط پنهنجي ٽوڪ ۽ پنهنجي جدليات جو استعمال ڪري ٿو جنهن جي به دل گهري ان سان بحث ڪرڻ لاءِ هُو تيار آهي ۽ اهڙو اپوجهه بڻجي جيڪو ٻين کان ڏاهپ حاصل ڪرڻ گهري ٿو. هو سادا پر سياڻپ وارا سوال ڪري ٿو جيڪي هن سان ڳالهائيندڙ ڏاول جي جهالت کي، ان ڏاول ۾ جدلياتي طور

♠ ساڳيو.
♦ ساڳيو.
♥ ساڳيو.

سوچڻ ۾ اهو سمجهڻ جي صلاحيت نہ هجڻ جو انڪشاف ڪري ڇڏي ٿو تہ هڪڙو ئي قدم نڪتي نظر ۾ حالتن سبب نيڪ بہ ٿي سگهي ٿو تہ بد بہ.

سقراط جي ٽوڪ (مارڪس ۽ اينجلس پاڻ بہ پنهنجي مناظري واري لَڙاين ۾ ٽوڪ جو استعمال گهڻو ڪيو آهي)، مارڪس جي جائز چوٽيءَ مطابق، هڪ اهڙي "دائيءَ وانگر آهي" جنهن جي مدد سان نظري سوچ جنم وٺي ٿي ۽ ساماڻجي ٿي.

"عام رواجي عقل" ۽ ان جي "ڏاول گهمنڊ واري علم" لاءِ سقراط جي ٽوڪ هڪ "جدلياتي ڄار" آهي. مارڪس جي خيال ۾ اها ٽوڪ سڄي فلسفي جي خاصيت آهي جيڪا "عام سمجهہ" کي للڪاري ٿي.

سقراط "سڄو سارو فلسفو" آهي، ڇهريائين تہ ان معنيٰ ۾ تہ ان ۾ فلسفو حاصل ڪيل، زندگي ۾ عمل ۾ مجسم ظاهر ٿئي ٿو ۽ ٻيو ان معنيٰ ۾ تہ اهو انفرادي انساني خودشعوريءَ جو فلسفو آهي. ان سبب مارڪس ان جي تاريخ جي پابند حدبندين کي، ان جي "داخليت" کي، ان جي پنهنجي ئي اندر رجوع ڪرڻ کي ڏسي وٺي ٿو. پر ظاهر آهي تہ شخصي ۽ انساني سطح تي سقراط ئي نوجوان مارڪس لاءِ داناءَ مرد جي، پائدار ۽ ديانتدار فلسفِيءَ جي مثالي تمثيل فراهم ڪئي جنهن حقيقت ۾ پاڻ ئي پنهنجو پاڻ کي موت جي سزا ڏني، ان ڪري جو اهو فيصلو سندس اندرين يقين جو منطقي نتيجو هو.

سقراط تي ئي مارڪس جو اهو خيال سڀ کان وڌيڪ لاڳو ٿئي ٿو تہ "فلسفِي پاڻ ئي زنده تمثيل، زنده فني شاهڪار"، پنهنجي تخليق ڪيل نظرين ۽ نظامن جي جيئري جاڳندي تفسير هوندا آهن. نوجوان مارڪس جي نظر ۾ هڪ فلسفِيءَ جي شخصيت سندس تعليم کان ڪنهن بہ صورت ۾ ڌار ڪري نہ ٿي سگهجي.

ان نُڪتي نظر کان اهو ڏسڻ ڏاڍو دلچسپ آهي تہ مارڪس پنهنجي ڊاڪتريٽ جي مقالي ۾ ۽ ان جي تياريءَ جي سلسلي جي مصالحي ۾ دمقراطيس، ايپيڪيورس ۽ پلوٽارڪ کي ڪيئن بيان ڪري ٿو. انهن فلسفين بابت هن جي رويي ۾ ۽ انهن ۾ جيڪو ڪجهہ پسند ۽ ناپسند آهي، ان ۾ پاڻ نوجوان مارڪس جي شخصيت جا منهن مهانڊا پڌرا ٿين ٿا.

دمقراطيس ۽ ايپيڪيورس بہ فلسفي آهن جن جي نظرين کي هميشہ هڪجهڙو يا لڳ ڀڳ هڪجهڙو سمجهيو ويندو آهي. مارڪس اهو ڏسي ٿو تہ اهو صحيح ناهي جيتوڻيڪ انهن ٻنهي اڻ ٽُٽ ذرڙي جي نظريي جي پرچار ڪئي ۽ ان کي هڪ ئي طريقي سان نڪاريو سنواريو پوءِ بہ ان نظريي جي سچائيءَ، واقعيت ۽ اطلاق ۾ اهي هڪ ٻئي جي بلڪل ابتڙ هئا. اهي علم بابت پنهنجي رويي ۾ بہ هڪ ٻئي جي خلاف هئا.

دمقراطيس پنهنجي زندگيءَ ۽ ڪاوشن جي اصول جو اظهار هنن لفظن ۾ ڪيو آهي: "مان ايران جو تخت ۽ تاج حاصل ڪرڻ تي هڪ نئين عادت ۽



ڪارڻ جي سلسلي جي کوجنا کي ترجيح ڏيندس."[♠] هو هر شَي ۾ منطق جي ڳولا ڪري ٿو ۽ اختيار کي رد ڪري ڇڏي ٿو جيڪو "صالح سوچ سان ميل نہ ٿو کائي". جيڪو علم هو حاصل ڪري چڪو آهي ان کان بي اطميناني هن کي سدائين ستائيندي رهي ٿي. هو جاميٽري سکڻ لاءِ مصر جو سفر ڪري ٿو ۽ ايران ۾ ڪلدانين وٽ وڃي ٿو ۽ ڪجهہ ماڻهن جو چوڻ آهي تہ يوگين کان ڏاهپ حاصل ڪرڻ لاءِ هن هندستان جو بہ سفر ڪيو هو.

پنهنجي دَور جي هڪ علم جي درياءُ دماغَ ڪائنات جو هڪ انتهائي يقين لائق، قياسي نظريو اڻ ٽُٽ ذرڙي جو فلسفو تخليق ڪيو جنهن جي خاص مهاندن جي تصديق صدين تائين علم کان پوءِ واري ارتقا ڪئي. پوءِ بہ هو غير مطمئن رهيو ۽ چيو ٿو وڃي تہ هن پاڻ کي انڌو ڪري ڇڏيو تہ جيئن اکين جو حسي نور هن جي ذهن جي تيزيءَ تي پردو نہ وجهي سگهي.

ايپيڪيورس بلڪل ئي ٻئي قسم جو ماڻهو هو ۽ فلسفي بابت هن جو رويو بہ مختلف هو. دمقراطيس تہ هر ڪنهن کان علم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. پر ايپيڪيورس کي فخر هو تہ هن پاڻ پِرايل هو ۽ هن سچائيءَ جي واٽَ بنا ڪنهن ٻئي جي مدد جي ڳولي لڌي. دمقراطيس جي بيچَين روح کيس دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ جو رولو ڪرايو ۽ هن 80 سال ٻين ملڪن ۾ گذاريا، جڏهن تہ ايپيڪيورس پنهنجي اٿينس واري باغ کان بہ يا ٽي ڀيرا ٻاهر نڪتو ۽ اهو بہ دوستن سان ملڻ لاءِ. هن فلسفي ۾ امن ۽ خوشي پالي تاتِي ۽، دمقراطيس جي ابتڙ، قطعي علمن کي صفا رد ڪري ڇڏيو. سڀني شين جي علم حاصل ڪرڻ جي امڪان کان مايوس ٿي دمقراطيس پاڻ کي انڌو ڪري ڇڏيو. پر ايپيڪيورس کي جڏهن اهو احساس ٿيو تہ هن جي موت جي مهل اچي پهتي آهي، تڏهن هو سڄر پاٽيءَ سان وِهتو، شراب گهرايائين ۽ پنهنجن دوستن کي وصيت ڪيائين تہ اهي فلسفي سان وفادار رهن.

ايپيڪيورس کي لقاءَ جي ظاهر جي حواسي سمجهہ ٻوجهہ تي پورو ڀروسو هو. انهيءَ ڪري دمقراطيس کي اهو لڳندو هو تہ سج ڏاڍو وڏو آهي، پر ايپيڪيورس کي ائين لڳندو هو تہ اهو ٻس ٻن فوٽن برابر، يعني ايترو ئي وڏو آهي جيترو اسان کي نظر اچي ٿو.

دمقراطيس هر شي ۾ ان جي لزوم (لازم) کي ڏسڻ جي اميد رکي ٿو. پر ايپيڪيورس لازم کي رد ڪري ٿو. هو لازم کي اٽڪر مقدر جِي، قسمت جِي هڪ

[♠] دمقراطيس يونانين ۾ ڀهريون علم جو درياءُ آهي. هو اڻ ٽُٽ ذرڙي (ائٽم) جي فلسفي جو باني مان آهي. دمقراطيس جو چوڻ آهي تہ بہ ڀهريون ابتدائون آهن، اڻ ٽُٽ ذرڙو ۽ خلا. جيتوڻيڪ سمجهہ لاءِ سمورو مواد حواس مهيا ڪندا آهن پوءِ بہ انهن وسيلي شين جي هڪ "اڻ ڇِٽي" علم کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو آهي. ان کان وڌيڪ بهتر ٿيندو آهي هڪڙو ٻيو "روشن"، وڌيڪ نفيس علم، عقل وسيلي حاصل ڪيل علم. اهو علم ڇنڊڇاڻ ڪري اڻ ٽُٽ ذرڙي ۽ خلا جي انڪشاف تائين پهچائي ٿو.

علامت سمجهي ٿو جيڪا انسان کي محڪوم بڻائي ٿي. هو ان جو سلسلو مذهب ۽ خدائن سان ڳنڍي ٿو جيڪي انسان جي سيني عملن کي مقرر ڪن ٿا. انسان جي ورثاءَ جو دارومدار پاڻ تي، اختيار تي هجڻ گهرجي، نه ڪي لازم تي.

ايپيڪيورس جو چوڻ آهي ته جبر ۾ جيئرو رهڻ هڪ بدقسمتي آهي پر ان قسم جي حياتي ڪنهن به طرح جبر ناهي. آزاديءَ جون راهون هر پاسي کليل آهن جيڪي گهڻيون آهن، ننڍڙيون ۽ سولِيون آهن. بس رڳو اهو ته جبر کي "مطيع ڪرڻ" گهرجي. هو سمجهندو هو ته مڃڻ گهرجي "خدا کي نه.... پر اختيار کي". ٺيڪ ان مطابق ايپيڪيورس، دمقراطيس جي ابتڙ، پنهنجي اڻ ٽُٽ ذرڙي واري نظريي ۾ اڻ ٽُٽ ذرڙن جي جزن جي اختياري انحراف کي داخل ڪري ڇڏي ٿو.

سڀ کان اڳ مارڪس ئي ثابت ڪيو (۽ اها ئي سندس ڊاڪٽريٽ جي مقالي جي پائدار علمي اهميت آهي) ته اڻ ٽُٽ ذرڙي جي جزن جو ايپيڪيورسي اختياري انحراف نه رڳو هِي ته گهٽتائيءَ جو مستحق ناهي، جيئن گهڻا ماڻهو سمجهندا هئا، پر اهڙي پيدائش آهي جنهن اڻ ٽُٽ ذرڙي جي نظريي ۾ چڱو واڌارو ڪيو ۽ ان جي نکرڻ ۾ مدد ڪئي. مارڪس، پنهنجي جلدياتي فطري حواس جي اثر هيٺ جنهن شَي ڏانهن اشارو ڪيو هو ان جي تصديق، اهو چئي سگهجي ٿو ته تجربن جي بنياد تي جديد ذيلي ايٽمي فزڪس ڪري ڇڏي آهي جنهن بي يقينيءَ جو اصول پيش ڪيو آهي.

ايپيڪيورسي فلسفي کي – خدائي جي منڪر ۽ يوناني روشن خياليءَ جي فلسفي کي، جنهن آزاد انسان جي تعريف ڪئي جيڪو زندگيءَ جي سادين ۽ فطري خوشين مان مزو وٺي ٿو – فلسفياڻي رياڪارين ۽ بدتهذيبن جي ڇتي تنقيد جو نشانو بڻايو ويو.

انهن تنقيد ڪندڙن ۾ اڳيان اڳيان "مجذوب" پلوٽارڪ آهي جنهن کي مارڪس بذات خود مطمئن حماقت، اهڙي جهومندڙ نخرا ڪندڙ عزتداريءَ جو مجسمو سمجهي ٿو جيڪا پاڻ کي چالاڪ سمجهي ٿي.

مارڪس ايپيڪيورس جي دليلن جي پائدار، ديانتداراڻي، بيباڪ منطق جي، هڪ اهڙي منطق جي پيٺ، جيڪا پنهنجن ڪڏيل نتيجن کان ڊڄي نه ٿي پوءِ چو نه اهي مذهب کي ئي رد ڪري ڇڏڻ جو سبب بڻجي پون، ڏڪار سان پلوٽارڪ جي پاڙي، بي معني انتخابي مؤقف سان، هن جي خدا ترس، واعظاڻين ڳالهين سان، هن جي عياراڻي ظاهري زهد سان ڪري ٿو.

پلوٽارڪ جو استدلال وچٿري درجي جي ذهن جي ڪِريل فلسفي جو ڪلاسيڪي مثال آهي جيڪو پاڻ پنهنجي "تقدس" ۽ "صفتن" ۾، بيءَ دنيا ۾ خوشحالي ۽ "دائمي برڪت" لاءِ ڳڻتيءَ ۾ اطمينان جي ڳولا ڪري ٿو. هيءُ اهڙو "فلسفو" هوندو آهي جيڪو پاڻ پنهنجي گهٽ مايي واري "انا" جي غربت ۽



ذلالت کي اخلاق جي برف سان ڍڪي ڇڏي ٿو. پلوٽارڪ جي شخصيت مارڪس جي ذهن ۾ هڪ اهڙي ماڻهو سان لاڳاپيل آهي جيڪو ڊنل بيٺو آهي، تابعداري واري انداز ۾ رڙهي ٿو ۽ ان ڳالهه بابت سبق ڏئي ٿو ته "اها ڪيڏي ناانصافي آهي جو سنا ماڻهو مري پون ته پنهنجي زندگيءَ جي حاصل ڪان به محروم ٿي پون." قدرتي ڳالهه آهي ته پلوٽارڪ سوچ جي ميدان ۾ "رڪ رڪاءَ" جي هر خلاف ورزيءَ جي مذمت ڪري ٿو. پلوٽارڪ کي پڙهي اسان کي ايئن ٿو لڳي ته اسين هڪ ٻوساٽيل "اسڪول" ۾ وينا آهيون. ايپيڪيورس ۽ لوڪريشيئس کي، هن "دنيا جي تازه دم، پُراشتياق، شاعراڻي مالڪ" کي پڙهي اسين هڪ شوخ لباس ۾ هڪ بيباڪ ڪرتب باز ڏسون ٿا ۽ پاڻ کي وساري ويهون ٿا ۽ پاڻ کان مٿاهون ٿي اڃا اڳتي ڏسون ٿا ۽ وڌيڪ آزاديءَ سان ساهه کڻون ٿا.

خير، پسند پنهنجي پنهنجي. "جيڪو ماڻهو پاڻ پنهنجن وسيلن سان سڄيءَ دنيا جي اڏاوت ڪرڻ، دنيا جو خالق ٿيڻ نه چاهي پر سدائين رڳو پاڻ بابت ڳڻتي ڪندو رهي، ان کي روح ملعون قرار ڏئي چڪو آهي، مٿس ڪفر جي فتويٰ جاري ٿي چڪي آهي، پر بلڪل ابتي معنيٰ ۾. ان کي عبادتگاهه مان ڪڍيو ويو آهي ۽ روح جي دائمي خوشيءَ کان وانجهو ڪيو ويو آهي ۽ ڇڏي ڏنو ويو آهي ته هو پنهنجي نجي برڪت بابت لوليون ڳائي ۽ رات جو پاڻ بابت ئي خواب ڏسي."◆

پلوٽارڪ سان مارڪس جو مناظرو ظاهر آهي ته فلسفي ۾ سندس روحاني وارثن سان به مناظرو آهي جن جي ڳٽپ سدائين گهڻي هئي.

پلوٽارڪن جي، علم ۾ انهن "مجذوب" وڏن لفنگن جي پرشڪوه لفاظي، جيڪا قوت پيري ۽ ڏڏرڪندڙ سوچ کي جار ۾ ڦاسائي سمهاري ڇڏڻ لاءِ اخلاق سيکاريندڙ رنڊڪون ۽ وطن پرستيءَ جي واعظن جا جار اڻن ٿا، پوءِ به مارڪس کي سخت ناپسند رهي. پنهنجي قلم (جي ڇهنب) سان مارڪس پلوٽارڪ جي انداز جي "اخلاق آموز تنقيد ۽ تنقيدي اخلاق" جي هر نشانيءَ کي تاريخ جي عام تذليل ۽ تشهير جو مرڪز بنائي ڇڏيو.

تنهنڪري پيٽي بورجوا ڊيموڪريٽ ڪارل هائنزن اڻويهين صديءَ ۾ اينجلس سان پنهنجي مناظري ۾ ان "تنقيد" جو اهڙو ئي مجسمو هو جيئن پلوٽارڪ به هزار سال اڳ ايپيڪيورس سان مناظري ۾ هو.

هائنزن جي شخصيت ۾ مارڪس بي رحماڻي حاضر جوابيءَ ۽ ٽوڪ سان ان "بدتهذيب بدحيثيت نقاد" تي وار ڪيا جيڪو فخر سان ٻٽاڪ هڻي ٿو ته هن جو اسڪول ته فلسفو يا علم نه، پر "پريل پريل زندگي" آهي، جيڪو "صالح رواجي عقل" جي پوئواري ڪري ٿو "پاڻ پنهنجي صفت جي بذات خود مطمئن

◆ مارڪس، "ايپيڪيورسي، رواقي ۽ تشڪيڪي فلسفي بابت لکتون"، 1839ع.

بدتهذيب واري ايمانداراڻي شعور“ جو مظاهرو ڪري ٿو. ڪجهه ”ڏيرين، هٺيلي“ سچائين کي غير متزلزل ڪٽر اصول بڻائي ڏي ٿو ۽ ”اهڙا اصول ايمان جي مخالفن جي ’انڌائپ‘، ’بيوقوفي‘ يا ’بي ايمانيءَ‘ تي پنهنجي اخلاقي غضبناڪيءَ“ جو اظهار ڪري ٿو.

پلوٽارڪ جي سيني پوئلڳن بابت مارڪس جي سخت منفي راءِ علم جي باري ۾ سندس مثبت رويي کي، سچي فلسفياڻي سوچ جي فرضن ۽ ڪردار جي باري ۾ سندس سمجهه کي انتهائي صاف طرح ظاهر ڪري ڇڏي ٿي.

فلسفو ڪٽر اصولن، مقرر ڪيل، پٿرايل مقالن سان ميل نه ٿو کائي. هيگلي نظام جي جنهن شَي کان مارڪس مطمئن نه ٿيو اها هئي ان جي قطعيت، مڪمل هجڻ، سندس مطلق ۽ ”قياسي“ نوعيت. اسين ڏسي چڪا آهيون ته ڪيئن پنهنجي ڊاڪٽريٽ جي مقالي ۾ ئي مارڪس ”دنيا“ سان، حقيقت سان هيگلي فلسفي جي عليحدگيءَ خلاف پنهنجي تنقيد جي پورو زور لڳايو هو.

مارڪس جي شروع واري مؤقف ۾ هڪ ڌماڪو ڪندڙ پليتو پيل هو ۽ جلد ئي مارڪس فلسفي بابت ڏُور رس نتيجن تائين پهچي ويو.

قدرتي سائنسن جي اڻپوري اوسر سبب فلسفو اڃا قطعي علمن جي بَدل طور ڪم ڪرڻ لاءِ مجبور هو. هن دنيا جو هڪ آفاقي نظريو، علمن جو سرواڻ هئڻ جي دعوا ڪئي. اها دعوا هيگلي فلسفي ۾ پوريءَ طرح ظاهر ٿئي ٿي ۽ انهيءَ ڪري هيگلي نظام پراڻي تصور جي فلسفي جي تڪميل، ان جي فضيلت جي دستار، ان جو ثمر ۽ ان جو بچيل حصو آهي.

مارڪس پنهنجي شاگرديءَ جي پوين سالن ۾ به پوريءَ طرح محسوس ڪندو هو ته فلسفو روح جي بي اثر عالم تي فرمانروائي ڪندڙ ”رئيس العلوم“ زمين تي لهڻ جي ضرورت ۾ ڦاٿل آهي. بهرحال ان وقت هو ڪميونسٽ ته نه هو، پر انقلابي ڊيموڪريٽ به نه هو ۽ هن سياست ۾ پنهنجي مؤقف کي چٽيءَ طرح بيان نه ڪيو هو. ان ڪري اها بلڪل قدرتي ڳالهه آهي ته ”دنيا“ جي باري ۾ سندس خيال ۽ ”دنيا“ سان فلسفي کي متحد ڪرڻ جي صورت بابت سندس خيال ڪجهه تجريدي هئا.

لڳ ڀڳ ٽن سالن کان پوءِ اسين مارڪس کي سندس ڪتاب ”هيگل جي قانون واري فلسفي جِي تنقيد ۾ واڌارو“ ۾ ڪم ڪندي ڏسون ٿا. تعارف ۾ هن دنيا جي انقلابي نظر جي مڪمل پرپوريت ۽ استقامت سان ”دنيا“ سان فلسفي جي رشتي بابت مقالي جي جوڙجڪ ڪئي.

مارڪس لکي ٿو ته انقلاب ”فلسفيءَ جي ذهن ۾ شروع ٿيندو آهي“ جيڪو مضبوط ٿيندڙ تضادن جي عڪاسي ڪري ٿو پر نظري تنقيد جو هٿيار ”هٿيارَ وسيلي تنقيد“ جي جاءِ وٺي نه ٿو سگهي. نظريو جيئن ئي عوام کي فتح ڪري وٺندو آهي تيئن ئي اهو هڪ مادي قوت بڻجي پوندو آهي. تنهنڪري مادي قوت



بڻجڻ لاءِ فلسفي کي انقلابي طبقي يعني پرولتاريه جي فلسفي جي حيثيت سان عمل ڪرڻ گهرجي.

فلسفي کي جيئن پرولتاريه ۾ پنهنجا مادي هٿيار ملي پون ٿا اهڙيءَ طرح پرولتاريه کي به فلسفي ۾ پنهنجو روحاني هٿيار ملي پوندو آهي. ۽ هڪ ڀيرو جڏهن عوام جي هن سچي (بنا تصنع واريءَ) زمين تي سوچ جي کنوڻ ڪڙڪي پوندي تڏهن جرمن ماڻهن جو نجات حاصل ڪري انسان بڻجڻ شروع ٿيندو.“♥

پر ”رائج الوقت“ يعني هيگلي فلسفو پاڻ ئي ان حقيقت جي نقصن جو حامل آهي جنهن کي رَد ٿيڻو آهي. ان ڪري ”فلسفي کي رد ڪَئي بنا ان کي حقيقت بنائڻ“ ناممڪن آهي ۽ اڳوڻي فلسفي کي مارڪس ۽ اينجلس درحقيقت رد ڪري ڇڏيو. ان ”رد ڪرڻ“ جو مطلب رڳو رد ڪري ڇڏڻ نه هو. ان جو مطلب هو هڪ اهڙو انقلاب جنهن جي نتيجي ۾ سڄي ڪلاسيڪي فلسفي ۽ سڀ کان وڌيڪ هيگل ۽ فيوئرباخ جي ورثي جي بنياد تي ”ٻيبي لونگَن جِي ڪارِي تلوار“. مادي جلديات جي شاهراهه گهڙي وئي. ان شاهراهه کي سائنسي ڪميونزم جي نظريي ۾ شاندار وجود مليو جيڪو پرولتاريه جو ”سچو جنگي نعرو“ انسانذات جي آزاديءَ ۽ انسان جي شانَ لائق سماج جي اڏاوت جي جدوجهد ۾ هڪ طاقتور هٿيار آهي.

ٺيڪ مارڪس جي اڳڪٿيءَ مطابق ويهين صديءَ جو پرولتاري پنهنجو پاڻ کي مجبور ۽ محڪوم ۽ غريب طبقي جي حيثيت سان رد ڪري رهيو آهي ۽ مارڪسي فلسفي کي حقيقت بنائي رهيو آهي.

❊ ❊ ❊

پر اڃا نوجوان مارڪس وٽ موتي هلون ۽ برلن يونيورسٽيءَ مان تعليم پرائي واندو ٿيڻ واري وقت تائين سندس روحاني اوسر جو تَتُ پيش ڪريون.

سندس ڊاڪٽريٽ وارو مقالو سندس خدا کان منڪر عقيدن جي تصديق ڪري ٿو. جيئن ڄاڻون ٿا ته پائدار منڪر خدائي خيال پرستيءَ سان ميل نه ٿي کائي. اها اڻٽر طورماديت پسنديءَ ڏانهن وٺي وڃي ٿي. پنهنجي مقالي ۾ مارڪس اڃا تائين خيال پرست فلسفي جي ورثي سان لاڳاپا نه ٿو توڙي پر ماديت پسنديءَ ۽ يوناني فلسفي جي روشن خيال انسان دوستيءَ ڏانهن ڌيانُ ڏيڻ لڳو آهي.

هتي اها ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته مارڪس پنهنجو مقالو ڇپائڻ لاءِ تيار ڪري رهيو هو ۽ سينسرشپ جي ڪري هُو ڪيترن ئي سوالن تي کليءَ دل سان پنهنجيءَ راءِ جو اظهار نه پئي ڪري سگهيو.

مارڪس پنهنجي روحاني ارتقا ۾ نوجوان هيگلين کان اڳتي نڪري چڪو هو. جيتوڻيڪ هُو اڃا تائين اڻڄاتل نوجوان عالم هو جنهن جي هڪ به علمي

♥ مارڪس، ”هيگل جي قانون جي فلسفي جِي تنقيد ۾ واڌارو“ 44-1943ع.

تصنيف ڇپي نہ هئي، پوءِ بہ سندس ڏاهپ جي برتريءَ کي نوجوان هيگلين جي تحريڪ جون وڏيون شخصيتون مڃينديون هيون.

مستقبل جي ”سچي سوشلسٽ“ موزيس هيس جي شاهدي ان سلسلي ۾ خاص طرح دلچسپ آهي. 1841ع تائين هيس هڪ ڄاتل سڃاتل صحافي ۽ فلسفي هو. ان وقت تائين هو هيگلي فلسفي ۽ فرانسي سوشلزم کي هڪ ٻئي سان ڳنڍڻ جي هڪ خاص پرعزم ڪوشش ڪري چڪو هو جيتوڻيڪ اها گهڻي پائدار نہ هئي، ۽ مبهم، اڌڙ تصوفياڻي صورت ۾، مسيح جي ظهور جيان، ڪميونسٽ انقلاب جو اعلان ڪري چڪو هو. پوءِ بہ موزيس هيس تازو تعليم کان واندو ٿيل ڪارل مارڪس کي فلسفياڻي ارتقا جي لحاظ کان پاڻ کان گهڻو مٿي سمجهندو هو ۽ هن قدرلائق گهِري نظر سان مارڪس لاءِ هڪ عظيم مستقبل جي اڳڪٿي ڪئي.

هيس پنهنجي خط مؤرخہ 2 سيپٽمبر 1841ع تي پنهنجي دوست آويرباخ کي لکيو: ”توکي هتي هڪ ماڻهوءَ سان ملي خوشي ٿيندي جيڪو هاڻي اسان جي دوستن جي حلقي سان بہ تعلق رکي ٿو جيتوڻيڪ هو بون ۾ رهندو آهي، جتي هو جلد ئي پڙهائڻ وارو آهي.... هيءُ هڪ اهڙو لقاءُ آهي جنهن ڪان مان ڏاڍو متاثر ٿيس توڙي جو مان پاڻ بہ انهيءَ ميدان ۾ مصروف آهيان. ٿوري ۾ هيءُ تہ توکي سڀ کان وڏي شايد اڪيلي حقيقت جيئري فلسفيءَ سان ملڻ لاءِ تيار ٿي وڃڻ گهرجي، جيڪو جلد ئي جرمنيءَ جي نگاهن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندو، جڏهن هو منظرِ عام تي ايندو (ڇپيل صورت ۾ يا مقرر جي حيثيت سان). پنهنجي ذهني لاڙي ۽ پنهنجي فلسفياڻي تعليم ٻنهي جي لحاظ کان هُو نہ رڳو اشٽرائوس کان پر فيوئرباخ کان بہ مٿيرو آهي، ۽ پويون ذڪر ڪيل ڏاڍي اهميت رکي ٿو! جيڪڏهن مان هن وقت بون ۾ هجان ها جڏهن هو منطق تي ليڪچر ڏيندو تہ مان ڪيس ڏيان سان ٻڌندڙ هجان ها. منهنجي هميشہ اها خواهش هئي تہ اهڙي قسم جو ماڻهو فلسفي ۾ منهنجو استاد هجي. هاڻ مان محسوس ٿو ڪيان تہ مان حقيقي فلسفي ۾ ڪيتري قدر نئون آهيان، پر ڌيرج کان ڪم وٺ! مان هاڻي بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ سکي وٺندس!

”ڊاڪٽر مارڪس، جيڪو منهنجي ساراهيل جو نالو آهي، اڃا گهڻو نوجوان آهي (وڌ ۾ وڌ 24 سالن جو) جيڪو وچين دَور جي فلسفي ۽ سياست تي آخري وار ڪندو. منجهس انتهائي تکي حاضر جوابيءَ سان گڏ انتهائي گهِري فلسفياڻي سنجيدگي مِڙيل آهي. تصور ڪر تہ روسو، والٽيئر، هولباخ، ليسنگ، هائني ۽ هيگل هڪ ئي ماڻهوءَ ۾ متحد ٿي پون، مون چيو متحد، گڏوچڙ نہ، تہ توکي ڊاڪٽر مارڪس ملي پوندو.“

ٿي سگهي ٿو تہ هيس نوجوان مارڪس جي انهن لکڻين کان واقف رهيو هجي جيڪي زيان ٿي ويون، يا شايد سندس راءِ مارڪس سان ڳالهين ٻولين تي ٻڌل هجي پر هن جي اڳڪٿي حيرت انگيز طور ٺيڪ هئي. مارڪس اندرين طرح پاڻ کي هڪ انقلابي فلسفي جي تخليق لاءِ تيار ڪري رهيو هو. هن ۾ نظري سوچ جي ڏاهپ تيزيءَ سان ترقي ڪري رهي هئي ۽ پاڻ کي پڌرو ڪري رهي هئي.



# ”حقيقت تي بنا رک رکاءُ تنقيد“

”ماڻهن کي سيڪارڻ گهرجي تہ اهي پاڻ کان
ڊڄن تہ جيئن کين حوصلو ملي.“
ـ ڪارل مارڪس[♠]

فلسفي جي ڊاڪٽر جِي ڊگري وٺڻ کان پوءِ، جنهن جو هن کي گهڻن ڏينهن کان انتظار هو، مارڪس 1841ع جي بهار ۾ پنهنجي اباڻي شهر ٽرائر ۾ اتان بون ويو جتي برونوبائر کيس ڪوڙ ڏينهنِ کان دعوت ڏئي رهيو هو.

ٽرائر ۾ مارڪس جو پنهنجن مائٽن ۽ ماءُ سان تعلق ٽُٽي پيو جيڪا پنهنجي پٽ کي هٿ ـ ڦاڙ ۽ نڪمو سمجهندي هئي ۽ کيس پيءُ جي ورثي مان حصو ڏيڻ کان نهڪر ڪري ڇڏي هئائين. مارڪس جي ماءُ ۽ ويسٽ فالين گهراڻي جي وچ ۾ بہ اٽبٽت پيدا ٿي پئي هئي. جيني کي ان جو ڏاڍو ڏک ٿيو. مارڪس کي اهو ٻڌي ڏاڍو رنج ٿيو تہ هو پنهنجي مقدر کي جيني سان ڳنڊي نہ ٿو سگهي ان ڪري جو هن وٽ گهراڻي جي ڪفالت ڪرڻ جا وسيلا نہ آهن.

ان جذباتي ڊرامي باوجود، جيڪو مارڪس جي شاديءَ تائين جاري رهيو، هُو طاقت، توانائيءَ ۽ جوش سان ڀريل هو. هو ان خواهش کان بيتاب هو تہ پنهنجي لياقت ۽ علم لاءِ هڪ موزون مصرف ڳولي لهي ۽ هن سياسي زندگيءَ ۾ هڪ سرگرم حصو ادا ڪرڻ گهريو پئي.

مارڪس 23 ـ هن سالن جو هو ۽ فلسفي جي ڊاڪٽر جي باعزت ڊگري ظاهري طرح ان هشاش بشاش نوجوان جي ”عزتداري“ ۾ ڪو بہ واڌارو نہ پئي ڪري سگهي جيڪو ڪا نہ ڪا مذاق ڪرڻ ۽ قسمت جي لاٽ چاڙهہ تي کِلڻ لاءِ هر وقت تيار هوندو هو.

[♠] ڪارل مارڪس، ”هيگل جي قانون جي فلسفي جِي تنقيد ۾ واڌارو“، 44-1843ع.

اڳ جيان مارڪس هاڻي بہ بنا ڪنهن ڳڻتيءَ ۾ ڦاٽل سنگتين جو روح روان ۽ هڪ اهڙي ماڻهوءَ جيان هو جنهن آڏو ڪو بہ ماڻهو پنهنجيءَ دل جو بار هلڪو ڪري سگهيو پئي ۽ دل کولي کلي سگهيو پئي. ها پر اهو خطرو بہ هوندو هو تہ هن تي اهڙي مني ٺوڪ جي "بي رحم چٽڪار" بہ ٿي وڃي جيڪا هميشہ خوش طبع يا تڪليف ڏيندڙ نہ هوندي هئي. اخلاقي طرح ڪِري پوڻ، ٻَڏو ٻانهو ٿي حڪم مڃڻ ۽ روئڻ پِٽڻ جي ٿورڙي اظهار تي بہ مارڪس جو مزاح بي مروت ۽ بي رحم ٿي ويندو هو. ۽ ان معاملي ۾ "بهترين دوست" جو لقب بہ ڪنهن ڪم جو نہ رهندو هو.

مارڪس آزاديءَ سان سرگرمي ڪري سگهڻ جون ڪيتريون ئي رٿائون رٿيون. 1841ع جي بهار ۾ برونو بائر سان ملي هن هڪ ريڊيڪل رسالو ڪڍڻ جو ارادو ڪيو. جنهن جو نالو هو "آرخيو ڊيز اٿائيسمس" ("دهريت جو خزانو"). لبرل بورجوازي جي هڪ اڳواڻ آرنلڊ روگي، جيڪو ان وقت ڪاٻيءَ ڌر جو رسالو "ڊوئچي ياربيوخير" شايع ڪندو هو. ان سلسلي ۾ سيپٽمبر 1841ع ۾ لکيو: "مان اڄ ڪلهہ ڏاڍي ڏکيائي ۾ آهيان ڇو تہ بائر ۽ ڪارل مارڪس ۽ ڪرستيانسن ۽ فيوئرباخ مونتانارادزم جو اعلان ڪرڻ وارا آهن يا ڪري چڪا آهن ۽ هنن دهريت ۽ روح جي فنا جو جهنڊو اوچو جهليو آهي. خدا، مذهب ۽ دائمي حياتيءَ کي معزول ڪيو ويندو ۽ عوام جي خدا هجڻ جو اعلان ڪيو ويندو. دهريت جو هڪ رسالو شايع ٿيڻو آهي ۽ هڪ جهيڙو اٿي پوندو. جڏهن پوليس ان کي بند ڪرڻ پهچندي پر ظاهر آهي تہ ڪو فرق نہ پوندو."

پر اها رٿابندي پوري ٿي نہ سگهي. بون ۾ پروفيسري ملڻ جي اميد جيڪا مارڪس کي هئي، اها بہ ختم ٿي وئي، ان ڪري جو رجعت پرست تنقيد جي دٻاءَ هيٺ برونو بائر کي سندس استادي جي عهدي تائين لاٿو ويو ۽ اها ڳالهہ صفا صاف ٿي پئي تہ مارڪس لاءِ اتي ڪا بہ جاءِ هٿ ڪرڻ جي اميد اجا بہ گهٽجي وئي آهي.

ايئن ٿو لڳي تہ انهن سڀني ڳالهين سبب مارڪس غير ضروري پريشان نہ ٿيو. استاد جي سنجيده زندگي هن لاءِ ڪشش رکندڙ نہ هئي. مارڪس کي لڊويگ فيوئرباخ جي مثال مان بہ ڪو وڏيڪ حوصلو نہ مليو جيڪو پنهنجي زال سان ڳڏ ڳوٺ جي هڪ ڪنڊ وسائي ويٺو هو ۽ جنهن پنهنجو پاڻ کي باقي دنيا کان ناتا ٽوڙي، بروڪ برگ حويليءَ جي ٿلهين پٿرين ۾ بند ڪري ڇڏيو هو. تہ جيئن هو سُڪون سان قدرت تي غور ڪري سگهي ۽ خوش ڪندڙ فلسفہ طرازي ۾ مشغول ٿي سگهي. جيتوڻيڪ مارڪس جلد ئي ڪجهہ ڏينهن لاءِ فيوئرباخ جِي "انساني علم تي ٻڌل" ماديت پسنديءَ جو جوشيلو حامي ٿي پيو.

مارڪس کي اهڙي سرگرميءَ جي تمنا هئي جيڪا عمل ۾ فلسفي ۽ حقيقت جي ايڪي کي وڌائي. نظري اپياسن ۽ "خود زندگيءَ سان وابستگيءَ" جي ان ميلاپ جي ڪاوش "جي عڪاسي سندس جمنازيم واري مضمون ۾ بہ ملي ٿي



جيڪو هڪ ڏنڌي جي چونڊ بابت آهي ۽ يونيورسٽيءَ ۾ تعليم جي سالن ۾ اها اجا بہ وڌيڪ مضبوط ٿي هئي.

ان کي مارڪس جي سياسي روين ۽ ان وڌندڙ ۽ وڌيڪ گهري ٿيندڙ يقين کان مدد ملي تہ هاڻوڪي سماجي حقيقت غير معقول ۽ ڪِريل آهي ۽ انقلابي تبديلي لازمي آهي.

عام طور اهو خيال ڪيو ويندو آهي تہ مارڪس پنهنجن يونيورسٽيءَ وارن سالن ۾ سياست کان ڌار هو ۽ هن پاڻ کي "نج" نظريي ۾ غرق ڪري ڇڏيو هو ۽ اهو تہ يونيورسٽيءَ مان تعليم پرائي واندو ٿيڻ کان پوءِ هو اوچتو اهم سياسي سوالن ڏانهن لڙي پيو. صاف ظاهر آهي تہ ايئن نہ هو. اسان ڏٺو آهي تہ هن 1837ع کان پوءِ وارا نظم بدتهذيب دنيا کان سندس فيصلو ڪيل ناتا ٽوڙڻ جي عڪاسي ڪن ٿا. وري ان زماني ۾ هو غير معمولي ڌيان سان ايڊورڊ گانس جي ليڪچرن ۾ شريڪ ٿيندو هو جيڪو کلي عام سينٽ سائمن جي خيالن جي پرچار ڪندو هو ۽ پورهيي جي نجات جو مطالبو ڪندو هو. مارڪس جلد ئي گانس سان ميل ملاقات پيدا ڪري ورتي. 1837ع ۾ مارڪس اڊولف روٽن برگ جو ذڪر بہ پنهنجي ويجهي دوست جي حيثيت سان ڪيو آهي جنهن کي هڪ پيري "نوجوانن جي ڪارپوريشن" جو ميمبر هئڻ ناتي گرفتار ڪيو ويو هو ۽ "بدنيت مضمونن" جو ليکڪ هئڻ ڪري پوليس ڪيس نظر ۾ رکندي هئي.

برونو بائر سان مارڪس جو ويجهو لاڳاپو بہ ان حقيقت جو نتيجو هو تہ بائر هڪ "عمل جو فلسفو" ترتيب ڏيڻ ۾ رُڌل هو جيڪو تاريخ جي روَش تي اثرانداز ٿي سگهي. بائر ۽ فيوئرباخ مذهب تي جيڪا تنقيد ڪري رهيا هئا ان کي بہ مارڪس انهن ڏينهن ۾ سياسي تنقيد جي اڪيلي ممڪن صورت سمجهندو هو.

اجا بہ وڌيڪ اهو تہ بائر جيتري نظري تنقيد تي مطمئن ٿي ويندو هو. مارڪس کي پنهنجي شاگرديءَ جي آخري سالن ۾ بہ اها اڻپوري لڳندي هئي. شايد انهيءَ اختلاف راءِ وسيلي مارڪس جي نالي بائر جي خط مورخہ 31 مارچ 1841ع ۾ ان دلچسپ لکڻيءَ جي وضاحت ٿئي ٿي! "تنهنجو پنهنجو پاڻ کي هڪ عملي زندگيءَ جي لاءِ وقف ڪري ڇڏڻ پاڳل پڻو ٿيندو. هينئر نظريو ئي سڀ کان توانو عمل آهي ۽ اسين اها اڳڪٿي نہ ٿا ڪري سگهون تہ ڪهڙي وسيع مفهوم ۾ اهو عملي ٿي ويندو".

ان دوران جرمنيءَ ۾ تاريخي واقعا اهڙيءَ طرح ترقي ڪري رهيا هئا جو نظريي ۽ زندگي، ٻنهي ۾ ئي سياسي مسئلا سڀ کان وڌيڪ نمايان ٿيندا پئي ويا.

1840ع جي گرمين ۾ پروشيا جي تخت تي هڪ نئون بادشاهہ فريڊرخ ولهلم چوٿون ويٺو جنهن کان هر ماڻهوءَ لبرل سڌارن ۽ هڪ آئين جي توقع ڪري رهيو هو. هو عمدن لفظن ۽ نمايان عادتن جو عاشق هو ۽ هن آزاديءَ جي ڪوڪلين اميدن جي همت افزائي ڪئي. پر حقيقت ۾ نئين بادشاهہ "رجعت پرست

رومانويت“ جي پاليسيءَ تي عمل ڪيو ۽ پاڻ بادشاهت ۽ عيسائي ڪليسا جي اقتدار کي وڏيڪ مضبوط بڻائڻ ۾ جنبي ويو.

مارڪس، جيئن پوءِ هن پاڻ لکيو نئين بادشاهہ جي ”قدر ۽ قيمت ۽ هن جي ڪردار“ کي هڪدم سمجهي ورتو: ”بدتهذيبن جي هن بادشاهہ“ پنهنجي تاج پوشيءَ جي موقعي تي ”اعلان ڪيو تہ هن جي دل ۽ هن جي ذهن جي فطرت مستقبل جو بنيادي قانون هوندو.“ هن پروشيا جو ذڪر دِلي خوشيءَ سان پنهنجي ”دنيا“ جي حيثيت ۾ ۽ جرمن ماڻهن جو ذڪر اهڙن ٻارن جيان ڪيو جيڪي اجا ساماڻا ناهن ۽ جن کي موچڙيءَ ۽ مانيءَ جي مدد سان تعليم ڏيڻ جي ضرورت آهي.

موچڙو سڀ کان اڳ همت وارن نوجوان هيگلين لاءِ مخصوص ڪيو ويو جيڪي مذهب خلاف جدوجهد ڪرڻ جي همت ڪندا هئا. ممتاز نوجوان هيگلين کي يونيورسٽيءَ مان ڪڍيو ويو. هيگليت جي نظري ترديد مهيا ڪرڻ لاءِ پوڙهي، لڳ ڀڳ عقل وچايل خيال پرست فلسفي شيلنگ کي برلن اچڻ جي دعوت ڏني وئي.

خوش فهميون جيتري تيزيءَ سان پيدا ٿيون هيون ايتري ئي تيزيءَ سان گم ٿي ويون. نوجوان هيگلي اجا تائين تہ پروشيائي رياست جي مخالفت ضابطي ۽ نرميءَ سان ڪري رهيا هئا پر جڏهن کين حڪومت جي ڪاٻي ڌر ڏانهن لڙڻ جي ڪا بہ اميد نہ رهي تڏهن پاڻ ئي تيزيءَ سان ڪاٻيءَ ڌر ڏانهن وڃڻ لڳا.

ملڪ ۾ لبرل جمهوري تحريڪ وڌيڪ مضبوط ٿي وئي ۽ عوام جي سياسي سمجهہ سجاڳ ٿيڻ شروع ٿي. جرمنيءَ ۾ جيئن جيئن صنعت جي اوسر ٿي ۽ قومي بورجوازي وڌيڪ مضبوط ٿي تيئن تيئن بادشاهت جون قبائلي، جاگيردارڻيون تمنائون ڏينهون ڏينهن فرسوده ٿينديون ويون.

انهن ڏينهن ۾ مارڪس سرگرميءَ جي هڪ اهڙي قسم لاءِ تياري ڪري رهيو هيو جيڪا هن لاءِ صفا نئين هئي. 1841ع جي آخر ۾ هن لکيو تہ ”هڪ صفا ڏار نموني جي سياسي ۽ فلسفياڻن مشغولن هاڻي مون کي“ يوناني فلسفي جي اپياس جي ميدان ۾ پنهنجن اڳواڻن منصوبن جي تڪميل بابت ”سوچڻ جو بہ موقعو نہ ٿا ڏين.“

اهي مشغلا ڪهڙا هئا؟ سڀ کان اڳ هي، تہ مارڪس مذهب سان حساب ڪتاب برابر ڪرڻ لاءِ بيتاب هو ۽ عيسائي فن تي پنهنجو مقالو لکي رهيو هو. پر هن جو سياسي تمنائون گهڻو وڌيڪ قطعي طرح هڪ لکڻيءَ ۾ ظاهر ٿيون جيڪا رياست جي هيگلي تصور تي تنقيد متعلق هئي، جنهن کي مارڪس انهن ڏينهن ۾ لکڻ شروع ڪيو هو.

هيگل جو ۽ اهڙيءَ طرح نوجوان هيگلن جو آدرش هو هڪ آئيني بادشاهي، پر مارڪس ان ”ٻٽي پيداوار“ خلاف جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو جيڪا هن جي لفظن ۾ ”شروع کان پڇاڙيءَ تائين پنهنجي ترديد ڪري ٿي ۽ پاڻ کي پوُرو ڪري ڇڏي ٿي“.



اهي لفظ مارچ 1842ع جي شروع ۾ لکيا ويا هئا ۽ ان ڳالهہ جي تصديق ڪن ٿا تہ مارڪس بنيادي سياسي تبديليءَ جي خواهش رکندڙ هو. هن وٽ حل اهو نہ هو تہ هاڻوڪي بادشاهي نظام کي ڪجهہ لبرل بڻايو وڃي پر اهو هو تہ ان کي ختم ڪيو وڃي. مارڪس مدبرن بابت ڌڪار منجهان لکي ٿو ۽ کين ”ضرورت کان وڌيڪ يقين رکندڙ چودا“، ”دينوي بُت“ چوي ٿو جن جي حڪومت جي پاليسي عوام کي جانورن جي سطح تائين پست ڪري ڇڏڻ“ جي اصول تي ٻڌل آهي.

مارڪس پروشيائي بادشاهيءَ خلاف پنهنجي پهرين کلي ويڙهہ پريس جي آزاديءَ بابت مضمونن ۾ بحث هيٺ آڻڻ جو فيصلو ڪيو (”پروشيائي سينسرشپ جي جديد ترين هدايتن تي تبصرو“ ۽ ”پريس جي آزاديءَ تي بحثَ“). مارڪس ان سوال ڏانهن ان ڪري ڌيان ڏنو جو پريس جي آزادي عام طرح سياسي آزاديءَ جو هڪ اهڃاڻ هوندي آهي ۽ پريس جي آزاديءَ جي کوٽ ”ٻين سڀني آزادين کي خيالي بڻائي ڇڏيندي آهي“.

1841ع جي پوياڙيءَ ۾ سينسرشپ بابت هڪ نئين هدايت جاري ڪئي وئي هئي. ان دستاويز ۾ بادشاهہ جي پاليسين جي سموري ڏيکاءَ واري لبرل مڪاري مجسم ٿي وئي هئي جنهن جي دعويٰ تہ ترقي پسند هئڻ جي هئي پر جيڪي حقيقت ۾ رجعت پرست هيون.

اهڙي وقت، جڏهن ان هدايت جي پڌري ٿيڻ جي ڪري بورجوا لبرل ڌڙي ۾ اهم خوشي ملهائي پئي وئي، مارڪس ان جي عمدن لفظن جو نقاب پٽي لاٿو ۽ ”الاهي اقتدار“ جيڪي آزاديون عطا ڪيون هيون ان جي رحم لائق مفلسيءَ کي بي رحميءَ سان اگهاڙو ڪيو.

مارڪس بورجوا حقيقت تي تنقيد جي اصولن جي جوڙجڪ هيٺين طريقي موجب ڪئي: ”مان ذڪر ڪري رهيو آهيان انهن <u>سڀني شين جي بنا رک رکاءَ تنقيد جو جيڪي موجود آهن</u>. بنا رک رکاءُ انهن معنائن ۾ بہ تہ هيءَ تنقيد انهن نتيجن کان ڊنل نہ هئي جنهن تي اها پهچي ۽ انهن معنائن ۾ بہ تہ اقتدار جي واڳ ڌڻين سان ٽڪرائجڻ کان بہ ايتري قدر ئي بي خوف هجي.“ ♦

مارڪس جا هي لفظ رڳو سياسي ئي نہ، پر اخلاقي اعتبار کان بہ سندس ڪردار کي ظاهر ڪن ٿا. ان جي ڪري ئي اسين انهن معيارن جي باري ۾ هڪ تاثر قائم ڪري سگهون ٿا جيڪو نوجوان مارڪس تحقيقاتي ڪم تي، علمي مطالعي تي لاڳو ڪندو هو.

مارڪس سچائيءَ جي پيڙهائتي ۽ پڪي انڪشاف لاءِ شين جي منطق جي همت ڀري ۽ اڏول ڳولا لاءِ، ”خيال جي ان عام آزادي پسنديءَ لاءِ رڌل هو جنهن تي <u>هر</u>

♦ ڪارل مارڪس ”ڊوئچ فرانزيسيشي ياربيوخير مان خطَ“ 1843ع.

شَي جو ردعمل پوئين ذڪر ڪيل جي بنيادي فطرت مطابق هوندو آهي.“ سچائيءَ جي ڳولائو جو ڌيان ڪن ٻاهرين مصلحتن جي ڪري ٻئي پاسي ٽِپي نہ وڃڻ گھرجي. ”ڇا سچائيءَ جي ڳولائو جو اهو پهريون فرض نہ آهي، تہ هو ڪاٻي ساڄي ڏٺي بنا پنهنجو نصب العين سنئون سڌو سچائيءَ کي مقرر ڪري؟ جيڪڏهن مان معاملي جي جوهر کي مقرر ڪيل شڪل ۾ بيان ڪرڻ نہ پلجڻ تي مجبور آهيان تہ ڇا مان ان جوهر کي پلجي نہ ويندس؟“ ♠

سائنسي تحقيق ۾ اهم شَي رڳو نتيجو ئي نہ، پر ان تائين وٺي ويندڙ رستو بہ هوندو آهي ۽ هتي عالم جي اندروني ذهني لاڙي جو ڌيان رکيو ويو آهي: جيڪو انجام ناجائز ذريعن جو گھرجائو هجي اهو جائز انجام ناهي. سائنس ۾ پاڙيائپ ۽ بي دلي سائنس سان غداري آهي.

پريس جي آزاديءَ بابت ڪيل بحثن متعلق هڪ مضمون ۾ مارڪس ان خيال جو ورجاءُ اڃا بہ وڌيڪ قطعي شڪل ۾ ڪري ٿو.

عام طرح تصنيف جيان علم بہ ڪو ”ڌنڌو“ ناهي. ان کي ڌنڌي جي سطح تائين ڪڏهن بہ نہ ڪرڻ گھرجي. ”اديب کي ظاهر آهي ڪمائڻ گھرجي تہ جيئن هو زنده رهي سگھي ۽ لکي سگھي، پر هن کي ڪڏهن بہ ان لاءِ جيئرو نہ رهڻ گھرجي تہ جيئن هو ڪمائي سگھي. جڏهن بيرانزي هي ڳائي ٿو تہ:

مان تہ جيئرو آهيان گيت ڳائڻ لاءِ،
۽ جيڪڏهن توهان ڪڍي ڇڏيو،
تہ مان ڳائيندس جيئڻ لاءِ.

تہ ان ڌمڪيءَ ۾ هي ٽوڪ ڀريو اعتراف شامل آهي تہ جڏهن شاعر لاءِ شاعري وسيلو بڻجي پوندي آهي تڏهن هو پنهنجي اصل دائري کي ڇڏي ڏيندو آهي.

اديب پنهنجي ڪم کي وسيلو ڪڏهن بہ نہ ٿو سمجهي. هو پنهنجي جاءِ تي پاڻ انجام هوندو آهي. اهو پاڻَ پنهنجي لاءِ ۽ ٻين لاءِ ايترو ننڍڙو وسيلو هوندو آهي جو ڪڏهن ضرورت پوي تہ هو ان جي وجود تي پنهنجي وجود کي قربان ڪري ڇڏيندو آهي.“ ♥

انهن لفظن ۾ مارڪس پاڻ پنهنجو تخليقي عقيدو بيان ڪري ڇڏيو آهي. پنهنجي سڄي حياتيءَ وسيلي هن ان عمر جي توثيق ڪري ڇڏي تہ هن ”جيئري رهڻ لاءِ گيت ڪڏهن بہ نہ لکيا“ پر سائنسي سچائيءَ جي ڳولا ۾ پنهنجي نجي زندگي قربان ڪري ڇڏي.

مارڪس نئين بادشاهہ جي هدايتن جي ڏيکاءَ واري آزادي پسنديءَ جي ٽوڪ مذاق ڪرڻ تي بس نہ ڪئي آهي، هن ان نظام جي سماجي جوهر کي بي نقاب

♠ ڪارل مارڪس، ”پروشيائي سينسرشپ جي جديد ترين هدايتن تي تبصرا“، 1842ع.
♥ ڪارل مارڪس، ”پريس جي آزاديءَ تي بحثَ“، 1842ع.



ڪيو جيڪو ”هڪ خاص ذهنيت خلاف“ قانونن کي جاري رکندو آهي. هو اهو ڏيکاري ٿو تہ هي قانون هڪ عوام دشمن حڪمرانيءَ ۾ ئي، رڳو هڪ اهڙي سماج ۾ ”جنهن ۾ هڪ رڪن پاڻ کي رياستي عقل ۽ رياستي اخلاق جو اڪيلو ٻئي جي شريڪيءَ جي مالڪ سمجھندو آهي، هڪ اهڙي حڪومت ۾“ ممڪن آهي ”جيڪو اصولي طور پاڻ کي عوام جي مقابلي ۾ رکندو آهي....“

رڳو ”هڪ سياسي جٿي جو برو ضمير“ انتقام جا قانون، ”هڪ خاص ذهنيت“ جي خلاف قانون ايجاد ڪندو آهي. ”هڪ خاص اصول خلاف قانونن جو بنياد هڪ بي اصول ذهنيت تي، رياست جي غير اخلاقي، مادي تصور تي هوندو آهي.“

مارڪس ان انقلابي خيال تائين پهچي ٿو تہ اهو ”جٿو“ عوام دشمن قانون جاري ڪري پاڻ کي قانون کان ٻاهر رکندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح هن جا ڪم جن جو مقصد رياست کي وڌيڪ مضبوط ثاهڻ هوندو آهي، اصل ۾ هڪ رياست دشمن نوعيت جا هوندا آهن.

اڃا سوڌو مارڪس رياست تي تنقيد هڪ تجريدي فلسفياڻي مؤقف موجب ڪري رهيو آهي. هن ان جي طبقاتي تاريخي جوهر کي سمجھڻ ويجھو پهچڻ شروع ئي ڪيو آهي. ان سمجهہ ڏانهن رڳو هڪ قدم آهي سندس رياست جي معروضي نوعيت تي ڌيان ڏيڻ، جنهن جو هڪ شخصيت تي دارومدار نہ هجي.

رياست جي عهديدارن جي ڪيل ڪمن جو اصل سبب، جيئن مارڪس ڏيکاري ٿو ڪنهن شخص جي پنهنجي خاصيتن ۾، هن جي ذهنيت ۾ لڪل نہ هوندو آهي. اهو تہ ”ابتي دنيا“ جو هڪ اظهار هوندو آهي.

جيڪڏهن ڪا حڪومت عوام دشمن آهي تہ پوءِ ان جا سمورا ڪم، ”سٺا“ ڪم بہ، پنهنجو ضد بڻجي پوندا آهن. ”قانون“ جي توثيق ڪرڻ جي ڪوشش ۾ اها غيرقانونيت تي لهي اچڻ، قانون جي خلاف ورزي ڪرڻ تي مجبور هوندي آهي. اها پنهنجي مرضيءَ کي قانون جو درجو ڏيئي ڇڏيندي آهي. پريس کي تنقيد ڪرڻ جي آزاديءَ کان محروم ڪري هوءَ تنقيد جو فرض حڪومتي عهديدارن کي ڏئي ڇڏيندي آهي.

”ماڻهن“ جي بچاءَ ڪرڻ ۾ اها ماڻهن کي حقير بڻائي ڇڏيندي آهي، ڪين خود پنهنجي راءِ رکڻ جي حق کان بہ محروم ڪري ڇڏيندي آهي. قومي احساس کي وڌائڻ جي ڪوشش ۾ ان قسم جي حڪومت پنهنجو پاڻ ”اهڙي خيال تي ٻيهجي ويندي آهي جيڪو قوم کي ذليل ڪندو آهي.“

حڪومت جي هدايت ”عهديدارن جي اميريءَ تي لامحدود ڀروسو“ رکڻ جي تقاضا ڪندي آهي ۽ ”غير عهديدارن جي اميريءَ تي لامحدود بي اعتباريءَ کي مُهڙيون نُڪتو بڻائيندي آهي.“

پروشيائي عهديدار ”متولي“ (رکوالي ڪندڙ) جي ڪردار ۾ قدم کڻندو آهي، هن کي ”ذهن کي قابو ڪرڻ“ جو ڪم سونپيو ويو آهي ۽ ان ڳالھ ۾ ذرو بہ شڪ پيدا نہ ٿو ٿئي تہ اهو هر قسم جي سائنسي سَنَدُن جا فيصلا ڏيڻ لاءِ سائنسي سَند بہ رکي ٿو يا نہ.

مارڪس ان آفيسرشاهي اصول جي اندرين ٽوڪ کي بي نقاب ڪري ٿو. ذهين ماڻهن بابت لياقت سان راءِ قائم ڪرڻ لاءِ عهديدار کي سڀني حلقن ۾ انهن کان برتر هئڻ گهرجي. شايد پروشيا ۾ ”آفاقي ڏاهن جو هڪ وڏو ميڙ“ واقعي رهي ٿو ”جنهن جي جاڻ رکڻو حڪومت کي آهي“. پر جيڪڏهن ايئن آهي تہ اهي ”سڀ جاڻ رکندڙ دماغ“ اديبن ۽ سائنسدانن جي حيثيت ۾ آڏو ڇو نہ ٿا اچن؟ اهي عهديدار، جيڪي ڳڻپ جي حساب سان اڻڳڻ ۽ پنهنجي سائنسي علم ۽ عقل جي لحاظ کان زبردست آهن، سماجي تخت تي ڇو نہ ٿا چڙهي اچن ۽ بدبخت اديبن کي پنهنجي وزن سان دٻائي ڇو نہ ٿا ڇڏن؟

اڃا وري انهن اعليٰ عهديدارن جي عالي دماغي ڪيتري زبردست هئڻ گهرجي جيڪي خيال جي ميدان ۾ عام امن برقرار رکندڙن جي چونڊ ڪندا آهن ۽ انهن تي پاڻ نظر رکندا آهن! ”ان ذهانت جي آفيسرشاهي ۽ اسين جيترو مٿي ٿا وڃون اوترو ئي وڏيڪ ذڪر لائق دماغن سان اسان جو واسطو پوي ٿو.“

اصل ۾ هڪ آفيسرشاهاڻي پوليس رياست ۾ سچي سينسرشپ جي مٿان هڪ مٿاهين سينسرشپ هوندي آهي ۽ هر عهديدار جي مرضي هلائڻ تي سندس مٿين عهديدار جي مرضيءَ جي حدبندي هوندي آهي. پر اهو اُبتڙ آهي تہ ان قسم جي بندوبست ۾ ”پوءِ ڪٿي ٽئين مرحلي تي يا نوانويهين ڏاڪي تي غيرقانونيت شروع ٿي وڃي.“ آفيسرشاهاڻي رياست ان ڏاڪي کي ايترو اوچو رکندي آهي جو ان تائين نظر ئي نہ پهچندي آهي.

اها ڇنڊڇاڻ مارڪس کي ان قدرتي نتيجي تائين پهچائي ٿي تہ ”سينسرشپ جو ريڊيڪل علاج اهو ٿيندو تہ ان کي ختم ڪيو وڃي ڇو تہ اهو ادارو پاڻ ئي ردي آهي....“

مارڪس هتي بورجوا رياست جي سڄي ”آفيسرشاهاڻي“ مشين کي تباهہ ڪرڻ جي ضرورت جي تبليغ نہ ٿو ڪري، پر ان جي گهٽ وڌ ڇنڊڇاڻ پهچي ٿو.

مارڪس پنهنجي پڪيءَ عمر ۾ بہ سينسرشپ جي هدايت متعلق مضمون کي چڱو اهم سمجهندو هو جيئن هن حقيقت وسيلي ڏسي سگهجي ٿو تہ ان کي پاڻ پنهنجين لکڻين جي ان مجموعي جو پهريون مضمون ڪري رکيائين جيڪو 1851ع ۾ شايع ٿيو (حڪومت جي دٻاءَ ڪري، پهرين عام ڇاپي کان پوءِ اهو ڇاپو بند ڪيو ويو).

ان مضمون ۾ ڌماڪو پيدا ڪندڙ اهڙي قوت هئي جو ظاهر آهي تہ جرمنيءَ ۾ ان جي ڇپجڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿي ٿيو. جيئن مارڪس اڳڪٿي ڪئي هئي



سينسرشپ بنا ڪنهن دير جي ان مضمون کي بندش پيل سڏي ان ڳالھ جي تصديق ڪئي تہ مضمون ۾ ان کي جيئن بيان ڪيو ويو آهي اهو بلڪل صحيح آهي. اهو مضمون پهريون ڀيرو 1843ع ۾ سئٽزرلئنڊ ۾ شايع ٿيو.

بهرحال 1842ع جي بهار ۾ مارڪس ”رائنيشي زاءِ تونگ“ ۾ پريس جي آزاديءَ تي رائن جي صوبائي اسيمبليءَ ۾ ٿيندڙ بحثن تي اهو مضمون شايع ڪيو جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. ان مضمون ۾ هن ان موضوع کي هڪ ٻِي ڪُنڊ کان ڏٺو.

مارڪس جو نئون رويو ان حقيقت ۾ لڪل هو تہ هن پريس جي آزاديءَ بابت اسيمبليءَ جي مختلف ميمبرن جي راين ۽ انهن جي اميراڻي ۽ طبقاتي حيثيت منجهہ هڪ سنئين سڌي واسطي ڏانهن اشارو ڪيو. اهو هڪ اهم قدم هو. پريس جي آزاديءَ تي بحث هلندي ”اميراڻا“ مفاد ايترو تہ اڻ ٺهندڙ نموني ٽڪرائبا آهن جو اها ڳالھ بلڪل چٽي ٿي پوندي آهي تہ ”عام طرح“ آزادي ڪا شَي ناهي، هر اميرائپ پاڻ ”پنهنجي“ آزاديءَ جو بچاءُ ڪندي آهي.

مارڪس اهو ڏيکاري ٿو تہ بورجوازي ۽ هاري طبقي جي اميرائپ بہ پريس جي آزاديءَ لاءِ پنهنجن مطالبن جو محدود هجڻ ثابت ڪري ڇڏيو آهي. پريس جي بورجوا آزادي ان وقت جنهن شڪل ۾ فرانس ۾ موجود هئي، ان کي بہ مارڪس چڱو نہ سمجهندو هو. جيتوڻيڪ فرانسي پريس ”ڪنهن روحاني سينسرشپ جي تابع نہ آهي... تڏهن بہ اها هڪ مادي سينسرشپ جي هيٺان آهي، وڏين رقمن جي ضمانت جي شڪل ۾“ ان کي ”وڏي پيماني جي واپاري نفعي خوريءَ جي دائري ۾ ڇڪي ورتو ويو آهي.“

هتي هڪ نئين خيال جو جنم صاف نظر اچي ٿو ۽ اهو هيءُ تہ ”روحاني سينسرشپ“ ”مادي سينسرشپ“ جي، بورجوا سماج جي واپاري ۽ مالي ناتن جي حڪم هيٺ هوندي آهي. مارڪس جي پوءِ وارين سڀني لکڻين ۾ اسان کي ان خيال جي ارتقا نظر ايندي.

مارڪس جي پهرين عوامي لکڻي اهو ڏيکاري ٿي تہ بورجوا آزاديون، جيڪي لبرل جرمن دانشورن جو آدرش هيون، انهن وٽ ڪنهن بہ طرح آدرش نہ هيون. هن ابتدا کان ئي پنهنجي سرگرميءَ جي شروعات هڪ انقلابي جمهوريت پسند جي حيثيت سان ڪئي ۽ جرمن حقيقت جي تنقيد ان کان گهڻو وڌيڪ گهرائيءَ ۽ مضبوطيءَ سان ڪئي جيتري انتهائي ريڊيڪل بورجوا لبرلن جي وس ۾ هئي.

پريس جي آزاديءَ جي باري ۾ بحث متعلق پنهنجي مضمون کي مارڪس هيروڊوٽس جو هڪ اقتباس نقل ڪري ختم ڪري ٿو جنهن جو مفهوم هي آهي تہ هڪ ڀيرو آزاديءَ جو مزو چکڻ کان پوءِ ماڻهوءَ کي ان جي لاءِ ”رڳو نيزن سان نہ پر ڪهاڙين سان بہ وڙهڻ گهرجي“.

”رائنيشي زاءِ تونگ“ ۾ مارڪس جي پهرين ئي مضمون ڇپجڻ سان مانڊاڻ مچي وئي. جن دوستن کي مارڪس کان سندس غيرمعمولي قابليت جي قطعي

ثبوت جي اميد هئي اهي مطمئن ٿيا. آرنلڊ روگي لکيو تہ پريس جي آزاديءَ جي باري ۾ ان جي بچاءَ ۾ ايتري ٺوس ۽ دليلن پري شَي اڳ ڪڏهن بہ نہ لکي وئي.

رائنيشي زاءِ تونگ“ جي اداري ۾ مارڪس جو اثر اڳ بہ ڏاڍو گهڻو هو پر هاڻي تہ ايترو وڌيڪ ٿي ويو جو هو عملي طرح ان جي اڳواڻن مان هڪ ٿي پيو ۽ ٿورن ئي ڏينهن کان پوءِ هو ان جو خصوصي ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو.

آڪٽوبر 1842ع ۾ ان اخبار رائن جي صوبائي اسيمبليءَ جي بحثن متعلق مضمونن جو هڪ نئون سلسلو ڇپيو. هن پيري ڪاٺ جي چوريءَ جي قانون تي.

اهي مضمون مارڪس جي ذهني اوسر واري حياتي ۾ خاص طور ڌيان لائق آهن. پهريون ڀيرو هو تجريد جي آسمانن تان لهي ”ٺوس زمين“ تي اچڻ لاءِ يعني اهڙين مادي دلچسپي ۾ مصروف ٿيڻ تي مجبور ٿيو جن جي گنجائش هيگل جي فلسفياڻي نظام ۾ نہ رکي وئي هئي.

ان کان پوءِ مارڪس جي سوچ کي هڪ اهڙي رخ ۾ تحريڪ ملي جيڪا جلد ئي کيس سماج جي طبقاتي ۽ معاشي ڍانچي جي ڇنڊڇاڻ ڏانهن وٺي وئي. ڪاٺ جي چوريءَ جي باري ۾ بحث بابت مضمون کي پڙهندي اسين ”وچ جي وراڪن“ جي تصور ڪري سگهون ٿا جيڪي نون خيالن جي ”نسرڻ“ جا نقيب (ڪاٺائُو) هوندا آهن.

جيڪا شَي معاشي زندگيءَ جو هڪ نجي ۽ غير اهم عنصر معلوم ٿيندي آهي يعني ڪاٺ جي چوري ۽ شڪار، اجا بہ ٻيلن جي نگهباني جي قانونن جي ڀڃڪڙي، ان متعلق حالتن جو انهن جي اپياس سان غريب عوام جي غريبيءَ جو ۽ انهن وٽ ڪن بہ حقن نہ هئڻ جو انڪشاف چڱيءَ طرح ٿي ويو.

مارڪس ڏٺو تہ وڏن زميندارن جي مفادن جي ڪري بنيادي انساني حقن جي خلاف ورزي کهڙي نہ بي شرميءَ سان ڪئي پئي وڃي، ڪيئن ماڻهن کي ”ڪاٺ جي ٻُتن“ تي بنا ڪنهن جهل پل جي قربان ڪيو پيو وڃي، رڳو ان شرط سان تہ اهي بت نجي ملڪيت هجن.

هن وٽ اها ڳالهہ صفا چِٽي ٿي وئي تہ ”نجي ملڪيت“ انسان دشمن آهي، جو اها ماڻهوءَ جي دُشمن آهي ۽ ماڻهو خلاف هر ڏوهہ کي جائز سمجهي ٿي، انسان کي جانورن جي سطح تائين هيٺ ڪيرائي ڇڏي ٿي.

۽ قدرت جي حيواني جُڳ ۾ تہ ماکيءَ جون پورهيت مکيون وڏيري مکين کي ماري ڇڏن ٿيون پر انساني ”حيواني جڳ“ ۾ ان جي ابتڙ ”وڏيون مکيون پورهيت مکين کي ماري ڇڏن ٿيون ۽ اهو بہ پورهيو ڪرائي پوءِ“.

جائداد جي ناتن جي ناانصافيءَ تي ڏاڍو غضبناڪ ٿي مارڪس ”غريب، سياسي ۽ سماجي لحاظ کان بي جائداد گهڻائيءَ“ جي مفادن جو سخت بچاءُ ڪري ٿو.

هو ٻيلن جي انهن ”عملي“ مالڪن کي بي نقاب ڪري ٿو جيڪي سيڪاريل ۽ شاگردن جهڙن فرمانبردار نوڪرن جي مدد سان هر بيهودي دعوي کي ”حق جو نج



سون“ ٺاهي وٺندا آهن ۽ اسيمبلي، ٻيلن جي مالڪن جي تابعدار رهندي هر قسم جي بد ديانتي جي چالان جو سهارو وٺندي آهي تہ جيئن پورهيت عوام جي حقن کي اجا بہ گهٽ ڪري ڇڏي.

اسيمبلي ڪِريل ڪاٺين کي گڏ ڪرڻ، ٻيلن جي قاعدن ۽ ضابطن تي دست درازي ڪرڻ ۽ ڪاٺ جي چوري ڪرڻ جي فرق کي ان وقت نظرانداز ڪري ڇڏي ٿي جڏهن ٻيلن جي قاعدن ۽ ضابطن تي دست درازي ڪرڻ وارن جي مفادن جو سوال هوندو آهي. پر جڏهن <u>ٻيلن جي مالڪن جي مفادن</u> جو سوال هوندو آهي تہ اسيمبلي ان فرق کي تسليم ڪندي آهي.

نجي مفاد عملِي، خود فرض ۽ بزدليءَ وارو هوندو آهي. اهو بزدلي وارو هوندو آهي ان ڪري جو ان جو بنياد لاقانونيت تي ٻڌل هوندو آهي ۽ جيڪو ڪجهہ وٺس آهي ان کي وڃائي ويهڻ جي ڀَوَ کان اهو ٿڙڪندو آهي. نجي مفاد قانون ساز جي رول ۾ عمل ڪندي رڳو بدڪارن جي ڀَوَ کان واقف هوندو آهي جن جي خلاف اهو قانون جاري ڪندو آهي. ”بزدلي جيڪي قانون ٺهرائيندي آهي تن جي امتيازي خصوصيت هوندي آهي بي رحمي، ان ڪري جو بزدلي رڳو بي رحم بڻجي پئي سگهاري ٿي سگهندي آهي.“

ٻيلن جي مالڪن اوزار جي حيثيت سان رائن جي صوبائي اسيمبليءَ جي افسوس جوڳي رول کي بي نقاب ڪندي مارڪس سماج ۾ رياست جي رول کي بہ مختلف نظرن سان ڏسڻ تي مجبور ٿيو. انسان جي قبائلي جوهر جي اظهار طور هيگل رياست کي جيئن عزت لائق ڄاڻايو هو ان بابت مارڪس جي بچيل سچيل خوش فهمي بہ ختم ٿي وئي.

مارڪس چٽي ڇڏيو تہ ”خودغرضيءَ جي منطق کان وڌيڪ ڀوائتي ڪا بہ شَي ناهي“. اهو ئي منطق رياست جي اقتدار کي ٻيلن جي مالڪن جو هڪ نوڪر بڻائي ڇڏي ٿو. رياست جا سمورا عضوا ڪَنَ، اکيون، ٻانهون ۽ ڄنگهون بڻجي پون ٿا جن وسيلي ٻيلن جي مالڪ جو مفاد ٻڌندو آهي، ڏسندو آهي، اندازو ڪندو آهي، نگهباني ڪندو آهي، اڳتي وڌي پڪڙيندو آهي ۽ پٺيان ويندو آهي.“

خودغرضيءَ جا ”باطل دليل“ اهڙا آهن جو اهي شَي ۾ هڪ ”ذڪر لائق خاصيت“ پيدا ڪري ڇڏيندا آهن. ٻيلن جي مالڪ جو جيڪو ڪاٺ چورايو ويندو آهي اهو ان کي هڪدم ئي رياست جو وجود بڻائي ڇڏيندو آهي اِن ڪري جو هو چور تي هڪ رياستي حق حاصل ڪري وٺندو آهي. اهڙيءَ طرح ٿيندو ايئن آهي جو ”ٻيلن جي مالڪ <u>خود رياست</u> کي هڙپ ڪرڻ لاءِ ڪاٺ جي چور جو استعمال ڪيو“. ڪاٺ جي هڪ ٽوٽي کي استعمال ۾ آڻڻ جي حق کان محروم ٿيڻ جي ڪري ٻيلن جو مالڪ هڪ ماڻهوءَ کي استعمال ۾ آڻڻ جو حق حاصل ڪري وٺندو آهي، جيئن شيڪسپيئر جي ڊرامي ۾ شائِيلاڪ کي هڪ پاؤنڊ انساني گوشت لاءِ هڪ ديگڙي ملي پوندي آهي.

جيئن اسين ڏسون پيا تہ مارڪس دنيا جي مٿي پر بيهڻ جي خيال ڏانهن موٽي رهيو آهي. انهيءَ خيال کي پوءِ هو پورهيي جي اوپرائپ ۽ جنس جي واپار کي واجب الحترام ناهي چئڻ وارن ٽولن جي صورت ۾ نڪارڻ وارو هو. نوجوان مارڪس ڪاٺ جي چوريءَ بابت پنهنجي مضمون کي ان بيان تي ختم ڪري ٿو تہ ڪاٺ ”رائن لئنڊ وارن جي احترام لائق شَي“ آهي. ”ناٽي“ ۾ هن ڏيکاريو تہ واپاري جنس جو ”ڪاٺ جو دماغ“ سرمائيداراڻن ناتن جي سڄي دنيا تي حڪمراني ڪري ٿو.

مارڪس مڃيو تہ ڪاٺ جي چوريءَ بابت سندس مضمون جي ڪري ڪيس ڪا خوشي حاصل نہ ٿي ۽ هن اسيمبلي جي ميمبرن جي ٽڪائيندڙ ۽ ڪِريل بحث کي بيزاريءَ منجهان پڙهيو. تہ بہ ان ڪم سندس دلچسپين کي هڪ نئين راهہ سان لائي ڇڏيو. هن عوام جي حيثيت کي، جيڪي مفلسيءَ ماريا ۽ حقن کان وانجها هئا، آمهون سامهون ڏٺو جنهن بابت اخبار جي نمائندن لکيو هو. هن ”محتاجي جي بي رحماڻي آواز“ کي ڪتابن مان نہ، ٿئين واسطي سان نہ، پر خود موزيل جي هارين کان سنئون سڌو ٻڌو. ۽ هن اهو پنهنجو ”سياسي فرض“ سمجهيو تہ اخبار جي صفحن تي ”ڏک جي عام سمجهہ ۾ ايندڙ ٻوليءَ“ ۾ ڳالهائي، ”جنهن کي وطن جون زندگيءَ جون حالتون وسارڻ جو ڪو بہ موقعو نہ ٿيون ڏين“ ۽ ”انتهائي ذميداريءَ سان عوام جي آواز کي اهڙيءَ طرح پهچائن جيئن هن اهو ٻڌو هو“.

بورجوار مارڪس-شناس (جيڪي مارڪسزم خلاف ڪو ٻيو ”دليل“ نہ ڳولي سگهيا) مارڪس جي ”خشڪ عقليت پسنديءَ“ بابت، ان حقيقت جي باري ۾ وڏي شوق سان لکن ٿا تہ مارڪس وٽ انهن ماڻهن جي راءِ موجب ماڻهو رڳو هڪ تجريدي تصور هو، هڪ قسم جو ”معاشي ماڻهو“ ۽ اهو عوام جي اصل مصيبتن کان ڏاڍو گهٽ متاثر ٿيندو هو.

ان قسم جون دعوائون اهي ئي ماڻهو ڪري سگهن ٿا جيڪي مارڪس بابت رڳو ٻُڌ سُڌ واري ڄاڻ رکن ٿا. مارڪس جو مضمون ”موزيل جي نمائندي جو جواز“ (1842ع جي پڇاڙي ڌاري) ”1844ع جون معاشي ۽ فلسفياڻيون لکتون“ يا ”ناڻي“ جو پهريون جلد ئي پڙهڻ سان، مظلوم ۽ مجبور ماڻهن جي بچاءَ ۾ هن جي ”عقل پسند دليلن“ جي قوت کي ئي نہ، پر سندس پنهنجن جذبن جي شدت کي، ان ڏک ۽ ڪاوڙ کي محسوس ڪرڻ لاءِ ڪوڙ آهي جيڪو ماڻهوءَ کي ذليل ڪرڻ جي ۽ انساني حقن ۽ وقار جي خلاف ورزي ڪرڻ جي هر قطعي معاملي تي پيدا ٿيندو هو.

مارڪس نجي ملڪيت جي رشتن جي مشيني ڌڙڪي وسيلي، جيئن هن پاڻ لکيو آهي، ”انساني دل جو ڌڙڪو“ ٻُڌو. مارڪس جي لکڻين ۾ اسين ايتري ئي



چٽي نموني سندس دل جو ڌڙڪو محسوس ڪريون ٿا جيڪو اک کان رت روئندو هو ۽ ڪاوڙ ۽ نفرت کان ڦٽڪي پوندو هو.

چوڻ ۾ ڪو بہ وڌاءُ ڪونهي تہ جيڪڏهن مارڪس جي دماغ انساني تهذيب جي سڄي روحاني دولت کي ڪنو ڪري ورتو هو تہ هن جي دل انسانذات جي سڀني مصيبتن تي رت روئندي هئي. هائنرخ مارڪس جا انديشا بي بنياد هئا. هن جي پُٽ جو دماغ ۽ دل هڪ ٻئي سان پوريءَ طرح هم آواز هو.

اهم ذڪر اجايو نہ ٿيندو تہ ”موزيل جي نمائندي جو جواز“ ۾ جتي مارڪس ”ڏک جي عام سمجهہ ۾ ايندڙ ٻوليءَ ۾“ ڳالهہ ڪري ٿو اتي هو شايد بيرسٽر جي حيثيت سان پنهنجي پيءَ جي ڪم ۽ انصاف جي بچاءَ وارين وِکن جو حوالو ڏئي رهيو آهي. جڏهن هو پنهنجي اباڻي ٽرائر ۾ عهديدارن جي آفيسراڻي من گهري ورتاءَ جا مثال نقل ڪري ٿو (انهن مثالن بابت وڌيڪ تفصيلَ ”هڪ ڏنڊي جي ڳولا“ واري باب ۾ ڏنل آهن).

مارڪسزم کي جيڪڏهن خود سندس ماخذ ۾ ئي خود زندگي جي توانائي بخشيندڙ ست مان غذا نہ ملي هجي ها تہ اهو ترقي ڪري دنيا جو هڪ سائنسي نظريو ڪڏهن بہ نہ بڻجي سگهي ها. پر ”خود زندگيءَ“ جي حقيقتن جي سادي تجربي عموميت ڪافي نہ هئي. مارڪس جي پاڳ پري خاصيت اها هئي تہ هو نظري خيال جي مٿاهين اوچائين تان ”تجربي حقيقت تي روشني وجهڻ جي ۽ ان جي بلڪل ابتڙ نوس حقيقت جي نوس ڇنڊڇاڻ کي عموميت جي اوچاين تائين پهچڻ جي، انهيءَ مطابق نظريي جي هڪ ڳولا جو بنياد بڻائڻ جي لياقت رکندو هو.

دنيا جي خراب تنظيم کان ۽ مختلف ماڻهن جي مصيبتن کان هن جيڪي تاثر ورتا، انهن وسيلي ئي سندس همت افزائي ٿي، تہ هو ان خراب تنظيم جي وضاحت ڳولي لهي، ان جي تضادن جو انڪشاف ڪري، ”انهن خارجي رشتن جو اثر ڏسي جتي پهرين نظر ۾ رڳو ماڻهو عمل ڪندي ڏيکارجن ٿا.“

هڪ جمهوري پريس جي باري ۾، جيڪا ”عوام جي زندگيءَ جي حالتن“ متعلق اهڙو رويو اختيار ڪري جنهن جو ”بنياد عقل تي، پر.... اوتري قدر احساس تي بہ هجي“ ۽ جيڪا هاڻوڪن رشتن جو مشاهدو ڪرڻ ۾ ”تنقيد جي چالاڪ ٻوليءَ ۾ نہ، پر خود حالتن جي جوشيلي ٻوليءَ ۾ ڳالهہ ڪري“. مارڪس جا اهي لفظ خود مارڪس سان بہ لاڳو ٿين ٿا.

آفيسراڻي مرضيءَ ۽ بادشاهت جي ڏيکاءَ جي لبرل انداز خلاف مارڪس جي اخباري مضمونن کان پوءِ ڪيس خود شين جي متعلق ئي بادشاهن ۽ آفيسرشاهي جي سماجي مقام ۽ رول جي نظري وضاحت پيش ڪرڻ جي ترغيب ڏني. ان ڪري سندس همت افزائي ٿي تہ هو هيگلي نظريي سان گڏ بادشاهن سان هيگل جي وفاداريءَ ۽ ان جي آئيني فرمانروائيءَ جي آدرش سان گڏ پنهنجو حساب ڪتاب نبيري.

”هيگل جي قانوني فلسفي جي تنقيد ۾ واڌارو“ جو ضخيم مسودو 1843ع جي گرمين ۾ پورو ٿيو پر ان تي ڪم ڪرڻ مارڪس 1841ع جي پوئين اڌ ۾ ئي يعني يونيورسٽيءَ مان ڊگري وٺڻ کان پوءِ ئي شروع ڪري ڇڏيو هو. انهيءَ ۾ اسان کي آئيني بادشاهن جي ”دوغلي پيداوار“ تي اها ئي تنقيد ملي ٿي جيڪا مارڪس مارچ 1842ع ۾ روڳي ڏانهن لکي هئي. مارڪس ظاهري طرح ”رائنشي زاءِ تونگ“ ۾ مضمون لکڻ سان گڏوگڏ هيگل جي قانوني فلسفي متعلق پنهنجي مقالي تي بہ ڪم ڪندو رهيو هو.

ان مقالي ۾ جن خيالن ۽ فڪرن جو اظهار ڪيو ويو آهي، انهن مان ڪيترائي ان زماني جي سندس صحافياڻين لکڻين جي خيالن سان لڳ ڀڳ لفظ بہ لفظ هڪجهڙائي رکن ٿا.

اخبار جي صفحن تي مارڪس اقتدار تي ويٺل پروشيائي رياستي مشين جي قطعي ۽ ڏار ڏار پاسن کي تباهہ ڪندڙ تنقيد جو نشانو بڻايو ۽ هيگل جي قانوني فلسفي متعلق پنهنجي مسودي ۾ هن بادشاهي ۽ آفيسرشاهي واري رياست جي اصل اصول تي تنقيد ڪئي. هو پروشيائي فرمانروائي جي ڏار ڏار ڇنبن تي وار نہ ٿو ڪري پر ان جي مرڪز تي، نجي ملڪيت جي اداري تي ڏڪ هڻي ٿو جنهن کي عهديدارن جي قبيلي جي حمايت ۽ تقدير حاصل آهي.

هيگل جي قانوني فلسفي بابت ان تصنيف کي پڙهڻ اُن پڙهندڙ لاءِ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي جيڪو هيگلي فلسفي جي ٻوليءَ جو ڄاڻُو نہ هجي. پر ان ۾ انتهائي ڳوڙهن ۽ دلچسپ خيالن جو هڪ خزانو موجود آهي جنهن جي اهميت اڄ تائين برقرار آهي.

اچو تہ مارڪس جي تنقيد جي رڳو اهم نُڪتن تي غور ڪيون.

ان جي مرڪز ۾ بادشاهت ۽ بادشاهہ تي تنقيد آهي. هيگل جو بادشاهہ رياست جو وجود آهي. هيگل ان کي صحيح معنائن ۾ هڪ ”انساني خدا“ جي حيثيت ۾، رياست جي خيال جو سچو وجود بڻائي پيش ڪري ٿو جيڪو هيگل جي چواڻي، ان ڪري وجود رکي ٿو جو رياست جي سڀني شهرين جي مفاد جي نمائندگي ڪري، ”عام مفاد“ کي حاصل ڪري.

هتي هيگل ڏاڍي خراب طريقي سان پاڻ پنهنجي رياست جي ترديد ڪري ڇڏي ٿو. جيڪڏهن هڪ ماڻهو سڄي رياست جو وجود ٿي پوي ٿو تہ ڇا ان جو هي مطلب نہ ٿو ٿئي تہ ٻيا سمورا شهري شخصي ذميداريءَ کان محروم ٿي وڃن ٿا؟ جڏهن اقتدار جي خود مختاري هڪ ماڻهوءَ ۾ مڙيل/مرڪوز ٿيل آهي تہ ٻيا سمورا ماڻهو خودمختاري کان محروم آهن. جڏهن هڪ ماڻهوءَ کي ”انساني خدا“ جي درجي تائين بلند ڪيو وڃي ٿو، تہ ان جو مطلب اهو هوندو آهي تہ سڄو سماج هڪ غير انساني، انسان ٿيڻ کان اڳ جي حيواني حالت ۾ آهي، بلڪل ايئن جيئن مذهب ۾ خدا جي خودمختاري ماڻهوءَ کي ”خدا جو غلام“ بڻائي ڇڏيندي آهي.



”بادشاهہ جي خودمختاري يا عوام جي خود مختياري ـ هي آهي سوال“.♥

هيگل جي تصور جي ڀونڊائپ پاڻ کي ان حقيقت ۾ ظاهر ڪري ٿي، تہ هو خيال پرستيءَ وارن اصولن تي سختيءَ سان ڄمي رهڻ جي خواهش ۾ انتهائي پست ”ماديت پسنديءَ“ تائين پهچي وڃي ٿو.

بادشاهہ رياست جي خيال (تصور) جو حصول پنهنجي ذات ۾ ڪري ٿو. پر هُو ئي ڇو ان خيال جو چونڊيل خوش نصيب آهي؟ وراثت جي بنياد تي، جسم جي بنياد تي. جنس جِي هر هر پيدائش جي سرگرمي جسم جِي سڀ کان سٺي ڪرت آهي. ”ان ڪري بادشاهہ جو بلند ترين آئيني ڪم سندس جنسي سرگرمي آهي، ڇو تہ ان وسيلي هو هڪ بادشاهہ بڻائي ٿو ۽ پنهنجي جسم جو سلسلو جاري رکي ٿو. سندس پٽ جو جسم هن جي پنهنجي جسم جي وري پيداوار، هڪ شاهي جسم جي تحقيق آهي.“♦

اهڙيءَ طرح پنهنجي بلند ترين منصبي ڪمن ۾ رياست هڪ ”حيوان جي حقيقت“ حاصل ڪري وٺندي آهي. ۽ ايئن هيگل قدرت جي لاءِ جنهن حقارت جو مظاهرو ڪيو هو، ان جو هوءَ بدلو وٺي ڇڏيندي آهي.

مخالف حڪمراني، جيئن مارڪس ڏيکاريو آهي، هڪ آفيسرشاهي ڏاڪيوار ترتيب تي قائم هوندي آهي. رياست جو سربراهہ آفيسرشاهي جي اهرام جي رڳو چوٽي هوندو آهي. هيگل ان لقاءَ جي نوعيت جو انڪشاف نہ ڪيو ۽ هو پنهنجن سياسي روين جي ڪري ايئن ڪري بہ نہ پئي سگهيو. مارڪس ان ڪوتاهيءَ کي پورو ڪري ٿو ۽ آمراڻي رياست جي اونهن خانن ۾ لهي وڃي ٿو.

آفيسرشاهي رياستي شعور، رياستي مرضي، رياستي اقتدار هوندي آهي. ظاهري طرح اها ”عام مفاد“ جي نمائندي ۽ متوليءَ جي حيثيت ۾ عمل ڪندي آهي. جڏهن تہ اهو عام هجڻ خيالي آهي جنهن جي آڙ ۾ هڪ مقرر رعايت مليل ٽولي جو مفاد، يا جيئن هيگل جي پيروي ڪندي مارڪس چوي ٿو ”جماعتي روح“ لڪل هوندو آهي.

آفيسرَ رياست جا پادري، ان جا يسوعي، ان جا فقيهہ هوندا آهن. انهن جي هر شَي ٻٽي معنيٰ رکندڙ هوندي آهي: حقيقي ۽ ڳجهي جيڪا نامحرمن جي اکين کان لڪل هوندي آهي. ان ڪري ”آفيسرشاهيءَ جو عام روح آهي راز.“

ان معمي جي پابندي آفيسرشاهيءَ کي خارجي دنيا کان هڪ اڪيلائي پسند ۽ ”جماعتي روح“ ۾ يقيني بڻائي وئي آهي پر خود پنهنجي ماحول ۾ ان جي پابندي هن جي ڏاڪيوار تنظيم جي ڪري يقيني آهي. ”جماعتي“ راز جي

♥ ڪارل مارڪس، ”هيگل جي قانوني فلسفي جي تنقيد ۾ واڌارو“، 1843ع.
♦ ساڳيو.

پيچڪڙي، ”اعلان ڪيل سياسي روح“ آفيسرشاهيءَ کي غداري معلوم ٿيندي آهي. ”هن جي ڏاڪيوار ترتيب علم جي ڏاڪيوار ترتيب هوندي آهي.“ ننڍين تفصيلن جي سمجهه هيٺين سطحن کي سونپي ڇڏيندي آهي ۽ هيٺيون سطحون چوٽي کي عام جي سمجهه رکندڙ سڏينديون آهن ۽ ايئن سڀ رلي ملي ڏوڪو ڪاڏل هونديون آهن.“

پر آفيسرشاهيءَ جو ”علم“ سائنسي علم تي قائم نہ هوندو آهي. آفيسرشاهي حقيقي سائنس کي تہ کوکلو سمجهندي آهي. آفيسرشاهي جي ”علم“ جو بنياد اقتدار تي اعتماد، انڌي اطاعت ۽ پڪيءَ طرح ويٺل، رسمي قدمن، ٺهيل ٺڪيل اصولن، نظرين ۽ روايتن تي هوندو آهي.

”ان ڪري اقتدار سندس علم جو بنياد هوندو آهي ۽ اقتدار کي الاهي ٺاهي ڇڏڻ هن جي خيال جو انداز هوندو آهي.“ ♠

ايئن فرمانروائي واري رياست، مقرر آفيسراڻي قوتن جي هڪ نظام جي صورت ۾ موجود هوندي آهي جيڪا هڪ ٻئي سان تابعداري ۽ انڌي اطاعت وسيلي ڳنڍيل هوندي آهي.

رياست جي اها ڇنڊڇاڻ، جيڪا مارڪس ڪئي آهي، ماڻهوءَ کي اڻٽر نموني اهڙي نتيجي ڏانهن وٺي هلي ٿي تہ ملڪ جي سياسي زندگيءَ کي ”انساني بڻائڻ لاءِ رڳو بادشاهہ جو تختو اونڌو ڪري ڇڏڻ سڀ ڪجهہ ناهي، ان جي لاءِ سڄي آفيسرشاهيءَ واري اهرام کي تباهہ ڪرڻ ضروري آهي، جيڪو نجي ملڪيت، سماجي ۽ معاشي اڻبرابري جي اداري تي قائم آهي. اها ڳالهہ صاف ظاهر آهي تہ هن رياست تي جيڪا تنقيد ڪئي آهي اها رڳو بادشاهت جي فرمانروائي جو ئي نہ، پر بورجوا جمهوريت جو بہ گهيرو ڪري ٿي.

مارڪس بورجوا پوليس رياست کي هڪ اهڙي شَي جيان بيان ڪري ٿو جيڪا عوام جي بنيادي سرگرميءَ جي مخالف آهي، جيڪا ”مدني سماج“ کان يڪسر بي تعلق آهي ۽ ان جي مٿان بيٺي آهي، جڏهن تہ رياستي نظام جو ابتدائي اصول خود عوام کي، انسان کي هئڻ گهرجي.

انهيءَ زماني ۾ جڏهن مارڪس ”هيگل جي قانوني فلسفي جي تنقيد ۾ واڌارو“ لکي رهيو هو، هن آرنلڊ روگي جي نالي هڪ خط ۾ ”جمهوريت جي انساني دنيا ڏانهن عبور“ جو اعلان ڪيو. هو صاف ڏسي رهيو آهي تہ ”صنعت ۽ واپار جو، ملڪيت ۽ عوام جي استحصال جو نظام“ سماج اندر هڪ گهري فِتق (هڪ بيماري) جو ڪارڻ ٿئي ٿو جنهن کي ”پراڻو نظام پرڻ لائق نہ هوندو آهي.“

---

♠ ساڳيو.



مارڪس هاڻوڪي نظام جي ڪِچري کي تہ ڏسي ورتو جنهن کي تباهہ ڪرڻ جي ضرورت هئي ۽ ان جي لاءِ ”ابتدا ڪٿان ڪان ڪرڻي آهي“ جي سوال جو وجود نہ ئي هو، پر اجا سوڙو هو ان سوال جو صاف جواب نہ ڏئي سگهيو هو تہ ”وَيڇڻو ڪٿي آهي؟“ نيم-جاگيرداري جرمنيءَ ۾ ان جو جواب ڳولي لهڻ ڏکيو هو.

هڪ سچي جنگي نعري لاءِ هن جي ڳولا انسانذات جي سڄي سماجي تاريخ جي سائنسي،ماديت پسنديءَ واري نظريي جي جوڙجڪ ۽ ترتيب وسيلي ئي سوپارِي ٿي سگهي پئي.

# هڪ سچي جنگي نعري جي ڳولا

دنيا جي آڏو اصول پرستيءَ واري طريقي سان ڪو نئون اصول نہ ٿا رکون تہ هيءَ آهي سچائي، هن جي آڏو تعظيم ڪندي سيس نِوايو! اسين دنيا لاءِ نوان اصول دنيا جي پنهنجن اصولن مان نڪاريون سنواريون ٿا.

_ ڪارل مارڪس♠

پر تاريخ جي ماديت پسنديءَ واري نظريي جي جوڙجڪ ۽ ترتيب لاءِ مارڪس ڪهڙيون راهون ورتيون؟

1842ع جي ابتدا ۾ ئي مارڪس پنهنجي هڪ مضمون ۾ اعلان ڪيو هو تہ لدويگ فيوئرباخ دهريت، ماديت پسنديءَ ۽ انسان دوستيءَ جو وجداني ڪاٿائو ۽ "اسان جي دَور جي پاڪ عرصي"، آزاديءَ ۽ سچائيءَ جي راهہ تي "باهہ جو چشمو" آهي.♥

هن "قياسي فقيهن ۽ فلسفين" جي نالي يعني ديندارن ۽ خيال پرستن جي نالي هڪ اپيل جاري ڪئي: "جيڪڏهن توهان شين تائين پهچڻ چاهيو ٿا جيئن اهي حقيقت ۾ موجود آهن تہ پنهنجو پاڻ کي اڳوڻي قياسي فلسفي جي تصورن ۽ تعصبن کان آزاد ڪري ڇڏيو."

مارڪس 1841ع جي اونهاري ۾ لدويگ فيوئرباخ جو ڪتاب "عيسائين جو سَتُ" پڙهيو. اينجلس ڏاڍي خوبيءَ سان بيان ڪيو آهي تہ هن ڪتاب ان زماني جي نوجوان هيگلين تي ڪهڙو اثر وڌو.

♠ ڪارل مارڪس، "ڊوئچ فرانزيسيشي ياربيوخير مان خط"، 1843ع.

♥ هتي مارڪس "فيوئرباخ" جي لفظي معنيٰ سان کيڏي رهيو آهي جنهن جي معنيٰ آهي "باهہ جو چشمو".



ان ڪتاب هڪ ئي ڌڪ ۾ انهن سيني تضادن کي ذرا ذرا ڪري ڇڏيو جن ۾ نوجوان هيگلي منجهيل هئا ۽ ان سڌن سادن لفظن ۾ ماديت پسنديءَ جي سوڀ جو اعلان ڪيو. "قدرت سڄي فلسفي کان آزاد ٿيل نموني موجود آهي. هي اهو بنياد آهي جنهن تي اسين انسان، جيڪي پاڻ بہ قدرت جي پيداوار آهيون، وڌي وڏا ٿيا آهيون. قدرت ۽ انسان کان ٻاهر ڪنهن بہ شي جو وجود ڪونهي ۽ اسان جي مذهبي خيال آرائين جن مٿاهين هستين جي تخليق ڪئي آهي، اهي خود اسان جي جوهر جا پرانهان عڪس آهن. جادو ٽٽي ويو. 'نظام' ڊهي پيو ۽ ان کي هڪ طرف هٽايو ويو ۽ تضاد، جڏهن اهو ڏيکاريو ويو تہ رڳو اسان جي تخيل ۾ وجود رکي ٿو تہ، زائل ٿي ويو. ان جو اندازو ان ماڻهوءَ کي ئي ٿي سگهي ٿو جنهن پاڻ ان ڪتاب جو نجات ڏياريندڙ اثر محسوس ڪيو هجي. هڪ عام جوش هو. اسين سڀ هڪدم فيوئرباخي ٿي وياسون."♠

اينجلس جي ان معنيٰ خيز ۽ واضح بيان جو اطلاق مارڪس جي روحاني ارتقا تي صفا سادي طريقي سان نہ ڪرڻ گهرجي جو ان جو مطلب اهو نڪري تہ مارڪس کي بس رڳو فيوئرباخ پڙهڻ جي ضرورت هئي ۽ ان کي پڙهندي ئي اڳوڻي خيال پرست ۽ نوجوان هيگلي مان هو هڪدم بدلجي ويو ۽ رات وچ ۾ ماديت پسند ٿي پيو.

ايڏي اونهي ۽ آزاد خيال ماڻهو جي لاءِ، جيئن مارڪس پنهنجي جوانيءَ جي ڏينهن ۾ بہ هو هن جي بنيادي نظرياتي عقيدن ۾ ڪا تبديلي رڳو وقت جي يا نج خارجي اثر جو سوال نہ پئي ٿي سگهي.

هو انهن ماڻهن مان نہ هو جيڪي نون اصولن کي اکيون ٻوٽي ڀروسي تي پنهنجو ڪرڻ لاءِ تيار رهندا آهن پوءِ ڀلِي تہ انهن کي قائل ڪندڙ ۽ وجداني انداز ۾ ئي چو نہ پيش ڪيو ويو هجي. ڪنهن بہ سچي سائنسدان جيان هو "ٻين ماڻهن" جا عقيدا اوڌارا نہ وٺندو هو پر انهن کي هڪ اهڙي بنياد جيان استعمال ڪندو هو جن تي خود پنهنجا عقيدا تخليق ڪري سگهجن. ڪنهن نئين نظري خيال کي قبول ڪرڻ کان اڳ هن لاءِ ضروري هو تہ ان کي باريڪ تنقيدي سوچ سان پرکي جيڪا پاڻ پنهنجي معاملي ۾ بہ بنا رک رڪاءَ جي هئي. اجا بہ وڌيڪ، رڳو اهو نہ تہ نون اصولن جي پرواني ۾ "جوڙ" ڏنو ويندو هو پر انهن جي لاءِ سموري گڏ ڪيل روحاني دولت جو نئين سر جائزو گهربل هوندو هو. هن کي سڄي فلسفي جي نظام ۾ پاڻ پنهنجي جاءِ ڳولڻي هوندي هئي. ان نظام ۽ نون اصولن ٻنهي کي نئين سر منظم ڪرڻ هوندو هو تہ جيئن انهن جي "هم جنسِي" مڪمل ٿئي.

♠ فريڊرڪ اينجلس، "لدويگ فيوئرباخ ۽ ڪلاسيڪي جرمن فلسفي جي پڄاڻي"، 1886ع.

ان قسم جو رويو سوچ جي هر رنگ جي سلسلي ۾، ايستائين جو سڀ کان وڏيڪ غير اهم جي سلسلي ۾ به مارڪس جي خصوصيت هو. ان ڪري هن جي فلسفياڻن عقيدن ۾ اهم ترين موڙ جو جائزو وٺندي ان کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي.

ماديت پسنديءَ تائين پهچڻ لاءِ مارڪس جو رستو سڌو سنئون نه هو. ان سلسلي ۾ فيصلو ڪندڙ ڪردار ادا ڪرڻ وارو رڳو فيوئرباخ ئي نه هو. ماديت پسنديءَ ڏانهن مارڪس جي رهنمائي هڪ ڊگهي ۽ منجهيل ڪامليت، سيني اڳوڻن فلسفياڻن تهذيب جي ڪارنامن کي تنقيدي طرح پنهنجو پاڻ ۾ سمائڻ، مذهبي عالمي نُڪتي نظر سان هڪ ويڙهه، هيگل جي شاندار نظام سان لاڳيتي جدوجهد ڪئي جيڪي پهريائين ان جي تجديد ڪرڻ جي مقصد سان هئي ۽ پوءِ ان کان اڳتي وڌڻ جي مقصد سان.

هيگلي فلسفي جي "قياسي نوعيت" کان بي اطميناني، "دنيا" سان فلسفي جي هڪ ويجهڙي اتحاد جي ڳولا، دهريتي عقيدن لاءِ هڪ غير متضاد نظري بنياد جي ڳولا ـ اهي سڀ شيون ڪارڻ بڻيون ته مارڪس پنهنجي ڊاڪٽريٽ جي مقالي ۾ ئي ماديت پسنديءَ ڏانهن ڌيان ڏي. پر ان ۾ يوناني ماديت پسنديءَ لاءِ جيڪا همدردي ڏيکاري وئي هئي، اها ان وقت تائين نظري طرح حاصل نه ٿي هئي.

"عيسائيت جو سَت" ۽ فيوئرباخ جي ٻين ڪتابن مارڪس جي سوچ کي ان ڏِس ۾، جنهن ۾ اها اڳ ئي وڌي رهي هئي، بلاشڪ وڏيڪ سگهارو تحرڪ ڏنو.

پر ان ڏس ۾ شايد سڀ کان وڏيڪ تحرڪ "رائنيشي زاءِ تونگ" ۾ مارڪس جي تيز صحافياڻين سرگرمين جي ڪري، عوام جي مظلوم ۽ محڪوم حصن جي هڪ جوشيلي مقرر جي حيثيت وٺڻ جي ڪري، سياسي ۽ سماجي قوت جي ور وڪڙ ٽڪراءَ ۽ گڏيل عمل ڪي، طبقاتي آرزوئن ۽ مادي مفادن کي سمجهڻ جي خواهش جي ڪري ملي.

ان معاملي ۾ فيوئرباخ جي ماديت پسنديءَ کان ايتري ئي گهٽ مدد ملي سگهي پئي. جيتري هيگل جي قانوني فلسفي کان. فيوئرباخ ٺيڪ انهيءَ ميدان ۾ خيال پرست رهيو جنهن ۾ مارڪس سڀ کان وڏيڪ جاچ ڪرڻ گُهرِي ٿي، يعني سماجي رشتن جي ميدان ۾. هتي ته فيوئرباخ هيگل کان به گهٽ هو.

ان ڳالهه جي کوج ڪرڻ ڏاڍي دلچسپ آهي ته مارڪس جِي تِڇ تائين رسندڙ سوچ ڪيئن سچائيءَ جي ذرن کي کوٽي ٿي ۽ سماجي رشتن جي هڪ وضاحت ڏانهن جاچيندي وڌي ٿي.

1842ع جي ابتدا ۾ مارڪس لکي ٿو ته "مادي جي لهجي سان" ڳالهه ڪرڻ، "هر شي جي بنيادي نوعيت مطابق ان تي" ردعمل ڪرڻ ضروري آهي، ته سچائي شين کي ان نموني سمجهڻ ۾ آهي "جيئن اهي حقيقت ۾ آهن".



انهن بيانن جو ماديت پسند لاڙو ناقابل انڪار آهي پر انهيءَ ۾ ماديت پسندي انتهائي تجريدي شڪل ۾ ظاهر ٿئي ٿي ۽ سماجي سوالن کي ڇُهي به نه ٿي.

1842ع جي سرءُ ۾ ڪاٺ جي چوريءَ متعلق مضمون تي ڪم ڪندي مارڪس قانون جي رشتي جي نوعيت کي وڏيڪ سٺي نموني سمجهڻ جي ضرورت ۾ ڦاٿو ۽ هن ملڪيت ۽ قانون جي هڪ ٻئي سان لاڳاپي تي سوچ ويچار ڪئي. جيئن ته نجي ملڪيت ماڻهوءَ تي مالڪيءَ جو حق، ٻي جائداد خلاف قانوني ۽ رياستي انتظامي پابندين جو حق عطا ڪري ڇڏي ٿي، ان ڪري ڇا اِهو ئي اُهو عنصر آهي جيڪو سياسي ۽ قانوني ادارن جو تعين ڪري ٿو؟ اهو ڇِٽو پٽو نتيجو معلوم ٿئي ٿو پر پاڻ مارڪس اجا سوڌو ان جي جوڙجڪ ۽ ترتيب ناهي ڪئي.

1843ع جي ابتدا ۾ مارڪس سماجي رشتن جي مِڪئنزم جي سچي تفسير تائين وڏيڪ قطعي طور پهچي وڃي ٿو. موزيل ۾ انگور اپائيندڙن جو بچاءُ ڪندي هو ڏيکاري ٿو ته سماجي ناانصافي بذات خود انفرادي شخصيتن جي عملن مان نه ٿي پيدا ٿئي، جو اهي شخصيتون "هم عصر دَور جي سچي سختيءَ" جو وجود آهن ۽ اهي ناتا "عام نظر نه ايندڙ ۽ مجبور ڪندڙ قوتون آهن".

اهي ناتا انفرادي شخصيتن جي مرضيءَ کان ايترا ئي آزاد آهن جيترو "ساهه کڻڻ جو طريقو". آفيسرن ڏانهن يا غريبن ڏانهن ماڻهن جي سٺي يا خراب مرضيءَ کي نه ڏسڻ گهرجي پر "معروضي رشتن جي اثر کي ڏسڻ گهرجي."

مارڪس ان خيال تائين پهچي رهيو آهي ته ان قسم جو رويو اسان کي پيچيده سماجي ٽڪرائن کي لڳ ڀڳ يقين جي ان ئي درجي تائين پهچڻ لائق بڻائي ٿو جنهن سان ڪيميادان ڪيمائي مرڪبن جي "ٽڪرائن" جو "تعين" ڪندو آهي. هڪ ڀيرو جڏهن اهو ثابت ٿي وڃي ته ڪنهن لقاءَ کي هاڻوڪن ناتن ضروري بڻائي ڇڏيو آهي ته انهن ٻاهرين حالتن جو يقين حاصل ڪرڻ ڏکيو نه رهندو جن ۾ ان لقاءَ کي درحقيقت پيدا ٿيڻ گهرجي ۽ جن ۾ اهو پيدا نه ٿو ڪري سگهجي جيتوڻيڪ ان جي ضرورت موجود ٿي چڪي آهي."

اجا ٿورا ئي ڏينهن اڳ مارڪس پريس جي آزادي نه هجڻ کي سماجي مسئلن جي حل ۾ هڪ رنڊڪ سمجهيو هو پر هاڻي هو پنهنجي نئين ماڻيل ماديت پسنديءَ واري رويي مطابق هو اهو خيال پيو پيش ڪري ته هڪ آزاد پريس جي ضرورت موزيل علائقي ۾ تباهيءَ جي حالتن جي مخصوص ڪيل ڪردار مان پيدا ٿئي ٿي.

مارڪس ان ماديت پسنديءَ واري مؤقف وسيلي هيگل جي "وحدت الوجود جي قائل تصوف" تي تنقيد ڪري ٿو جتي "فڪر رياست جي نوعيت مطابق ناهي هوندو پر رياست فڪر جي هڪ گهڙيل نظام مطابق هوندي آهي." مارڪس اهو خيال پيش ڪري ٿو ته رياست جي مختلف هيئتن جي مواد جي وضاحت خود ان سان نه، "رياست جي خيال" سان نه، پر مادي رشتن جي دائري ـ خاندان ۽ "مدني سماج" سان ڪئي وڃڻ گهرجي.

ظاهري طرح ايئن لڳندو تہ سماجي لقائن جو وضاحت جي اها ڪنجي ملي وئي جنهن جي ڳولا هيگل ۽ فيوئرباخ ٻنهي جي پيٽ ۾ ڏاڍي اڳتي واڌ (پيش رفت) ٿي وئي. سماجي قوتن، داخلي آرزوئن، انفرادي جذبن ۽ خيالن جي جدوجهد جي انتشار ۾ مارڪس جي بصيرت آڏو هڪ معروضي حقيقت جا نقشَ اڀرڻ لڳا آهن.

پر اهي اڃا تائين نقشَ ئي آهن، اهڙا خاڪا آهن جيڪي ڌنڌلا، مبهم ۽ غير معين آهن. عوام کي رڳو اهو ٻڌائي ڇڏڻ ڪافي ناهي تہ انهن جي مسڪين حالت جو سبب معروضي رشتن ۾ لڪل آهي. انهن جي نوعيت جو انڪشاف بہ ڪرڻ گهرجي، آزاديءَ جو رستو ڏيکارڻ گهرجي. هڪ "سچو جنگي نعرو" مهيا ڪرڻ گهرجي. اهو نعرو ڪهڙو آهي؟ اها طاقت ڪٿي آهي جنهن تي "محڪوم ۽ مظلوم اِمِيرِي" ڀروسو ڪري سگهي ٿي؟

مارڪس جو ذهن سماجي مسئلن جي وضاحت ڪرڻ جي فرض سان نبرندو رهي ٿو پر پوءِ هڪ "انتها" سان اڙجي پوي ٿو. هُو سياسي معاشيات، تاريخ ۽ سماجي رشتن جي دائري ۾ يوٽوپيائي سوشلسٽن جي ۽ يوٽوپيائي ڪميونزم جي نمائندن جي نظرين جي دائري ۾ علم جي ڪوتن سان منهن مقابل ٿئي ٿو.

مارڪسزم هڪ مڪمل ۽ استوار تعليم آهي. ان جي اڏاوت هڪ مڪمل تعليم، هڪ ترڪيبي نظام جي حيثيت سان ڪئي وئي هئي جنهن ۾ ڪو بہ جزو ڪُل کان اڳ ظاهر نہ ٿو ٿئي پر پاڻ کي ڪُل سان گڏ ئي گڏ، هڪ جاندار پيٽ ۾ وڌندڙ ٻارڙي جيان، نِکاري ۽ ڪامل بڻائي ٿو.

اهو سوچڻ ابوجهائي ٿيندي تہ جدلياتي ماديت پهريائين وجود ورتو پوءِ سائنسي ڪميونزم ۽ سياسي معاشيات. جڏهن تہ مارڪس جي حياتيءَ جي مختلف دَورن ۾ سندس دلچسپيون انهن دائرن مان اوليت جي حساب سان ڪڏهن هڪ ۽ ڪڏهن ٻئي تي مرڪوز رهيون. جيتوڻيڪ مارڪس نئون عالمي نُڪتي نظر فلسفي سان آڏڻ ۽ ترتيب ڏيڻ شروع ڪيو هو پوءِ بہ ان ميدان ۾ فيصلو ڪندڙ انقلاب مارڪسزم جي سماجي ۽ معاشي رُخن جي جوڙجڪ ۾ ئي ممڪن ٿيو.

اهو عنصر "رائنيشي زاءِ تونگ" جي دَور ۾ ئي وجود وٺي چڪو هو. مارڪس جو فلسفياڻو علم وسيع ۽ سمنڊ جيان هو پر اها روحاني دولت حقيقي حياتيءَ جي پيش ڪيل سوال کي حل ڪرڻ لاءِ ۽ خود فلسفي ۾ بہ سچي ترقي حاصل ڪرڻ لاءِ صاف طرح ناڪافي هئي. مارڪس حقيقي زندگيءَ ۽ نظريي ٻنهي ۾ سماجي رشتن جو گهرو اڀياس ڪرڻ تي مجبور ٿيو.

هن يوٽوپيائي سوشلسٽ ۽ سيني کان اڳ سينٽ سائمن، فوريئر ۽ اووين جي نظري ترڪيبن جي تنقيدي ڇنڊڇاڻ ڪئي جن ڏاڍي ذهانت سان ڪميونسٽ سماج جا ڪيترائي نقشَ بيان ڪيا هئا (يعني ملڪيت، طبقاتي دشمني ۽ ماڻهوءَ هٿان ماڻهوءَ جي ڦرلٽ نہ ٿيڻ. پورهيي جو هڪ لعنت بدران هڪ اولين انساني



گهرج تي وجهڻ، خود انتظامي وغيره)، پر ابوجهائيءَ سبب اهو سمجهندا هئا تہ سرمائيداراڻي سماج کي ئي انقلاب وسيلي نہ، پر "مثال جي قوت سان"، هدايتن ۽ نصيحتن سان، بينڪارن ۽ ڪارخانن جي مالڪن کي پنهنجو هم خيال بڻائي ڪميونسٽ سماج اڏي سگهجي ٿو ۽ اهي ماڻهو پنهنجي ملڪيت کان رضا خوشيءَ سان هٿ کڻي ويندا ۽ ان کي گڏيل واهپي لاءِ غريبن جي حوالي ڪري ڇڏيندا.

مارڪس ڇٽيءَ طرح پنهنجي شاگرديءَ جي ڏينهن ۾ بہ يوٽوپيائي سوشلسٽن بابت هڪ قسم جي بي اعتمادي محسوس ڪندو هو. ان ڪري هو انهن جي خيال آرائيءَ جي وڌندڙ اڏامن ۽ نيم-جاگيرداري پروشيا جي زندگيءَ جي وچ ۾ ڪا بہ حقيقي ڳنڍپ محسوس نہ ڪري سگهندو هو. جيڪڏهن اها ڳالهہ بہ ذهن ۾ رکي وڃي تہ جرمنيءَ ۾ يوٽوپيائي سوشلزم جي خيالن جي تبليغ هڪ منجهيل پر صوفياڻي انداز ۾ بہ ڪئي ويندي هئي تہ سندس بي اعتمادي بلڪل قدرتي هئي.

مارڪس "رائنيشي زاءِ تونگ" ۾ پاڻ کي جن تڪڙن عملي فرضن کي پوري ڪرڻ لاءِ سيڙائي ڇڏيو هو انهن يوٽوپيائيت بابت سندس جهجهڪندڙ رويي کي اڃا بہ قطعي بڻائي ڇڏيو. ڪيس يقين هو تہ "صحيح نظريي کي قطعي حالتن ۾ ۽ شين جي موجود حالتن ۾ ڇتو ڪرڻ ۽ سنوارڻ سينگارڻ گهرجي." هو پنهنجن اڳواڻن سنگتين، نوجوان هيگلين جي مؤقفن کان ڏڪويل هو جيڪي "تجربن جي آرام ڏيندڙ ڪرسي" تي ويهي عام بحثن ۾ رڌل رهندا هئا ۽ بجاءِ ان جي جو "آئيني چوڪائي اندر ڏاڪي بہ ڏاڪي آزادي ماڻن."

ظاهر آهي تہ اهڙي طرح آزادي ماڻڻ جون اميدون خوش فهميءَ تي ٻڌل هيون جن جو مارڪس کي اڃا تائين احساس نہ هو. هن اميد پئي رکي تہ سيني "آزاد فڪر ڪارڪنن" کي اخبار وسيلي متحد ڪري وٺندو ۽ ڪيس ڪٽڪو هو تہ "موجوده رياستي نظامن جي خلاف صاف صاف مظاهري جو نتيجو سينسرشپ جو تيز هئڻ ۽ اخبار جو بند ٿي وڃڻ بہ ٿي سگهي ٿو."

پر معاملي اهڙي صورت ورتي جو مارڪس 1842ع جي سرءُ ۾ يوٽوپيائي ڪميونزم بابت پنهنجن خيالن جو اعلانيہ اظهار ڪرڻ تي مجبور ٿي پيو.

لِگ ڀڳ انهيءَ ئي زماني ۾ "رائنيشي زاءِ تونگ" ميوبسن ۽ هيس جي مضمونن جو هڪ سلسلو شايع ڪيو جن ۾ انهن سوشلسٽ خيالن جو اظهار ڪيو بلڪ ويندي "ملڪيت جي انقلاب" جو بہ مطالبو ڪيو. خاص طور موزيڪ هيس نجي ملڪيت خلاف پورهيتن جي جدوجهد جي پيٽ جاگيرداري خلاف بورجوازي جي جدوجهد سان ڪئي ۽ اعلان ڪيو تہ اها جدوجهد قومي انقلاب جو سبب بڻجڻ وارو خطرو رکندڙ آهي.

"رائنيشي زاءِ تونگ" ان وجهہ جو فائدو وٺي پنهنجي حريف تي حملو ڪيو. هن "امير سوداگر ٻارن" تي ٺٺول ڪئي (موزيس هيس هڪ سوداگر گهراڻي جو

ماڻهو هو) جيڪي پنهنجي سادگيءَ ۾ سوشلسٽ خيالن سان کيڏن ٿا. جڏهن ته پنهنجي جائداد ۾ ڪولون جي هٿ جو هنر ڪندڙن ۽ مزورن کي شريڪ ڪرڻ جو سندس ڪو به ارادو نه هوندو آهي. ان سان گڏ ئي "آلگي مائني زاءِ تونگ" بحث ڪيو ته جرمنيءَ جهڙي پوئتي پيل ملڪ ۾ وچولي طبقي کي جنهن آزاديءَ سان ساهه کڻڻ اجا شروع ئي مس ڪيو آهي، فرانسي اميرن جي طبقي 1789ع واري مقدر کان اهو ئي ٻيڃاري سگهي ٿو جنهن جو شين بابت تصور حقيقت ۾ ٻاراڻو هجي.

اهو ڏاڍو چالاڪ حملو هو جنهن جو مقصد بورجوا پڙهندڙن کي "رائنيشي زاءِ تونگ" کان ٻيڄارڻ ۽ حڪومت کي اهو ڏيکارڻ هو ته اها اخبار ڪميونسٽ آهي.

"رائنيشي زاءِ تونگ" جي خاص ايڊيٽر جي حيثيت سان مارڪس لاءِ ان حملي جو جواب ڏيڻ لازمي هو. سندس آڏو هڪ پيچيده ۽ نازڪ مدبراڻو فرض هو ته اخبار جيڪو مؤقف وٺي چڪي آهي، ان جو بچاءُ ڪري ۽ ان سان گڏ اخبار جي خريدارن کي پيهر مطمئن به ڪري جيڪي "ڪميونزم" کان چرڪي پيا هئا.

مارڪس ڏاڍي ٺوڪ سان چوي ٿو ته ڪميونزم کي سهڻن جملن لاءِ ڊرائنگ رومن جو موضوع نه هجڻ گهرجي. ان مان گلاب جي سڳنڌ نه ٿي اچي ۽ اهو ميرا لٽا پائي ٿو پر اهي شيون ان ڳالهه ۾ جهل پل نه ڪنديون آهن ته اهو هن زماني جو اهم سوال آهي.

مارڪس نئين اميريءَ، يعني پرولتاريه جو پڪو بچاءُ ڪري ٿو: "اها ڳالهه، ته جيڪا اميري اڄ ڪنهن شَي جي مالڪ ناهي اها وچولي طبقي جي دولت ۾ حصي جو مطالبو ڪري ٿي، هڪ حقيقت آهي جيڪا اشتراس بورگ ۾ ڳالهه ڪرڻ کان سواءِ ۽ آوگس برگ جي ماٺ باوجود مانچسٽر، پيرس ۽ ليونس ۾ هر ماڻهو لاءِ واضح آهي."

مارڪس جي لکڻين ۾ پورهيت جو اهو پهريون ذڪر ظاهر ڪري ٿو ته 1842ع تائين هو فرانس ۽ انگلينڊ ۾ ان جي سماجي مطالبن ڏانهن ڌيان ڏيڻ شروع ڪري چڪو هو.

پر اڃا تائين مارڪس ان ڳالهه جو فيصلو ڪرڻ جو ذمو نه ٿو کڻي ته وچولي طبقي (بورجوازي) ۽ نئين اميريءَ (مزورن) جي وچ وارو "جهيڙو" ڪيئن طَي ٿيندو. "اسان اهڙن مسئلن، جن کي حل ڪرڻ لاءِ ٻه قومون ڪم ڪري رهيون آهن هڪ اڪيلي جملي ۾ نبيري ڇڏڻ جي فن ۾ مهارت ماڻي نه سگهيا آهيون."

مارڪس سوال جي ٻنهي پاسن جي وچ ۾ هڪ چٽو فرق ڪري ٿو: "نئين اميريءَ" جي تحريڪ جي حيثيت سان ڪميونسٽ تحريڪ جو حقيقي مسئلو ۽ نظري رواج، ڪميونزم جي پرچار. ان ٻئي پاسي جي سلسلي ۾ مارڪس تنقيدي آهي. پر ان ۾ به هو جنهن طريقي سان پنهنجي ڳالهه ظاهر ڪري ٿو ان بابت ڏاڍو محتاط آهي. اهو اعلان ڪرڻ ۾ ته "رائنيشي زاءِ تونگ" ڪميونسٽ خيالن تي



تفصيلي تنقيد ڪندِي، ته هو اهو به نه ٿو مڃي ته اهي خيال نظري حقيقت رکندڙ آهن، ۽ ان ڪري ان جي عملي نفاذ جي ان کي اڃا به گهڻ خواهش ٿي سگهي ٿي. مارڪس جي ذهن ۾ ڪميونسٽ خيال "پنهنجي هاڻوڪي هيئت ۾" آهن.

يوٽوپيائي ڪميونزم ۾ ٺيڪ ٺيڪ ڪهڙي شَي هئي جيڪا مارڪس کي پسند نه هئي، ان جو اندازو "آلگي مائني زاءِ تونگ" جي هڪ خاص فرضي واقفڪار بابت سندس ٺوڪ ڀرين جملن مان ڪري سگهجي ٿو جنهن پنهنجو سڀ ڪجهه ڪمين کي ڏئي ڇڏيو ۽ "پنهنجي ڪامريڊن جون پليٽون ڌوئڻ ۽ انهن جا جوتا صاف ڪرڻ لڳو". هتي ذڪر ڇِتيءَ طور فوريئر جي پوئلڳن جي قطار ٻڌل ڪميونن جو آهي جن بابت ڪيترائي قصا مشهور هئا ۽ انهن جي ڪري ڪميونسٽ خيال بدنام ئي پئي ٿيا. مارڪس جو اهو چوڻ بلڪل ٺيڪ هو ته ان قسم جو "ڪوششون" حقيقت ۾ خطرناڪ نه آهن.

سندس ڳالهيون سينسرشپ سبب ڪجهه ته ڳجهيون هيون، پر انهن جو حاصل مطلب هي هو ته ڪميونسٽ خيالن ۾ هڪ نظري بنياد ضروري آهي جيڪو عوام جي ڏاهپ کي فتح ڪري، انهن جي ذهنن کي فتح ڪري ۽ تڏهن اها توپن جي رنڊڪ به ڪري سگهندي. مارڪس اهو قبول ڪري ٿو ته ڪميونزم جي نظري تنقيد ڪرڻ کان اڳ هو ليرو، ڪانسيديران جي لکڻين ۽ سڀ کان وڌيڪ "پرودون جي تيز فهم ڪتاب" جو چڱيءَ طرح اڀياس ڪرڻ چاهي ٿو.

پوءِ هن ياد ڪيو ته "ان وقت جڏهن اڳتي وڌڻ جي نيڪ نيت اڪثر حقيقتن تي ٻڌل علم جي جاءِ وٺندي هئي، "رائنيشي زاءِ تونگ" ۾ فرانسي سوشلزم ۽ ڪميونزم جو هڪ پڙاڏو، جنهن ۾ فلسفي جو هلڪو رنگ هوندو هو، گهڻي قدر ٻڌڻ ۾ پئي آيو. آءٌ ان پاڻ پسنديءَ تي اعتراض ڪندو هوس پر ان سان گڏ ئي آؤگس برگ جي "آلگي مائني زاءِ تونگ " سان هڪ بحث ۾ مون صاف اعتراف ڪيو ته منهنجو اڳوڻو (پراڻو) علم مون کي فرانسي نظرين جي مواد تي ڪا راءِ ظاهر ڪرڻ جي موڪل نه ٿو ڏي."

"رائنيشي زاءِ تونگ" کي هلائڻ مارڪس کان، جيڪو اڃا 25 ورهين جو به نه هو، نه رڳو وسيع ۽ گهِري علم جو، پر سنجيده، عملي اڳواڻيءَ جي خوبين جو به گهرجائو هو جيڪو ظاهري طرح سندس مجاهداڻي، دٻائي نه سگهجندڙ روح جي مالڪ شخصيت جي خاصيت نه لڳندي.

پر مارڪس ڏيکاري ڇڏيو ته هن اخبار کي اڪيلي ممڪن رستي تي محڪم اشارن سان هلائڻ جي پيچيده فن تي پوري طرح عبور حاصل ڪري ورتو هو ۽ سينسرشپ جي ستسيلا ۽ حد کان وڌيل انقلابي گهرجن جي ڪاريبدس♠ جي وچ ۾ وڏي مهارت سان ان کي ڪڍي رهيو هو.

---

♠ قديم يوناني ديومالا (ڏندڪٿا) ۾ ٻه ديو هئا جيڪي جهازيُن ۽ انهن جي جهازن کي سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏيندا هئا. (ايڊيٽر)

اهي گُهرون برلن جا نوجوان هيگلي ڪندا هئا جن گڏجي ”آزادان“ نالي گروهه ناهي ورتو هو. اهي اخبارن کي لکڻين جا ڍها موڪليندا هئا جيڪي دنيا کي انقلابي ڪري ڇڏڻ جي دعوي رکندڙ پر خيالن کان خالي هوندا هئا ۽ انهن سڀني ۾ اهي ماڻهو اڌ گندي يوٽوپيائي ڪميونزم جو لوڻ مرچ هڻي ڇڏيندا هئا.

مارڪس ڪردار جي توانائي جو ثبوت ڏنو. هو ”لفظن جي وهڪ“ کي رد ڪري ڇڏيندو هو ۽ ”رائنيشي زاءِ تونگ“ جي نئين اڳواڻ جي قدامت پرستيءَ“ ۽ ”دغابازيءَ“ بابت ”آزادان“ جي مايوسيءَ وارين دانهن ڪُوڪن کان هو پريشان به نه ٿيندو هو.

هڪ انقلابي جهموريت پسند جي حيثيت سان مارڪس لاءِ اخبار کي ملڪ ۾ مخالف ڌُر جي سڀني قوتن جو مرڪز بڻائڻ ڏاڍو اهم هو. پر ”آزادان“ مطالبو ڪندا هئا ته اخبار حد کان وڌيڪ ”انتهاپرستيءَ واري“ انداز ۾ عمل ڪري جيڪو ان جي ترت ئي بند ٿي وڃڻ جو ڪارڻ ٿئي ها ۽ نتيجو اهو نڪري ها ته ”جنگ جو ميدان“ پوليس ۽ سينسرشپ جي هٿن ۾ رهجي وڃي ها.

”آزادان“ جي گروهه بابت مارڪس جي سخت رويي کي سمجهڻ لاءِ اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته اهي ماڻهو ڪهڙي شَي جا علمبردار هئا. برونوباير, ايڊولف روٽنبرگ ۽ فريڊرڪ ڪيپن, جن سان اڳ ۾ مارڪس جا لاڳاپا ڪافي دوستاڻا رهيا هئا.

ان گروهه ۾ ڪيئي قسمن جا ماڻهو هئا. لبرل اخباري ليکڪ هئا جيڪي حاضر جوابيءَ ۾ هڪٻئي سان مقابلو ڪندا هئا. نوجوان هئا جيڪي هڪ نئين سياسي صبح جا مبهم خواب ڏسندا رهندا هئا. اڀرندڙ فنڪار ۽ پرائيويٽ استاد هئا جن کي اجا سوڌو عالماڻي ڏاهپ جو چوغو پائڻ جو وجهه نه مليو هو. اهڙا آفيسر هئا جيڪي بيرڪن ۽ تنبيلن ۾ پوريءَ طرح پيهي نه ويا هئا ۽ شاگرد هئا جيڪي پنهنجي پروفيسرن جي خشڪ ليڪچرن کان بيزار ٿي پيا هئا. ”آزادان“ ۾ اهڙيون عورتون به هيون جن بابت مشهور هو ته سنيون دوست آهن ۽ عام مذاق تي يا بُري ٻول تي چِڙنديون ناهن.

اهي ماڻهو هڪ شراب خاني ۾ مڙندا هئا جتي اهي گهٽوئي شراب ڏتڪائي ويندا هئا ۽ ايتري ئي خوشيءَ سان سڄي موجود نظام تي بحث ڪندا ۽ ان کي تباهه ڪري ڇڏيندا هئا. بدتهذيبيءَ لاءِ پنهنجي ڏڪار جو گوڙيلو مظاهرو ڪري, پاڻ کي سماج جي ”ساڙن“ کان پاڪ ماڻهو ظاهر ڪري ۽ هڪ ٻئي کي ”زبردست انقلابي“ جملن سان سنگسار ڪري اهي بوهيميائي اديب پاڻ اهڙن بدتهذيبن جو مثال پيش ڪندا هئا جيڪي ليڪا لنگهي ويا هجن.

انهن جي مَشڪرائپ اڪثر عيش سهڻ ۾ بدلجي ويندي هئي. اهي شرم ڏيندڙ تفريحن جو انتظام ڪندا, پيٹُن جي جلوسن جو بلو ڪندا ۽ واٽهڙن کان پئسا اڳاڙيندا



هئا ته جيئن شراب جا دَور ڦرندا رهي سگهن. اهي چَڪلن ۾ به ويندا هئا ۽ اتي بيوقوفيءَ جون حرڪتون ڪندا هئا تان جو اتان ڌڪي ٻاهر ڪڍيا ويندا هئا.

برونوباير ۽ سندس ڀاءُ ايڊگر ”آزادان“ جي وندرن جا سرواڻ هئا. ماڪس اشٽرنر جي شاديءَ دوران به پادريءَ کي شاديءَ واري اصلي منڊي ڏيڻ بدران برونو کيس سندس ئي ٽيلهي جا ڇلا ڏئي ڇڏيا.

ان حد کان ڪِريل ڪيشنن سان گڏ ئي, جن تي بدتهذيب ته پوڪرجي ويندا هئا. برونوباير پنهنجي ايتري حد کان ٽپيل نظرياتي بيان ڏيندو رهندو هو ته رياست, ملڪيت ۽ ڪٽنب کي ختم ٿيل تصور سمجهڻ گهرجي.

پاڻ کي سماج جي ”رسمن ۽ رواجن“ کان آزاد ڪرڻ ۾ خوددار ماڻهو جي فرقي جو اعلان ڪرڻ ۾ جيڪو ”ميڙ“ کان مٿاهون ٿئي ٿو ”آزادان“ اهو خيال ڪونه ڪيو ته ان سان گڏئي پاڻ کي انساني حيثيت کان به آزاد ڪندا پيا وڃن ۽ پنهنجن گنن تائين ڪِن ڦِٽ ۾ تڦجي رهيا آهن. انهن سماج جي ”سوريڻ“ خلاف احتجاج پنهنجي انفرادي سوريڻ سان ڪيو.

اخلاقي سبق سيکاريندڙ بدتهذيبيءَ واري رياڪاريءَ کي پاڻ به ناپسند ڪرڻ باوجود مارڪس ان خلاف احتجاج ڪرڻ جي اهڙين صورتن خلاف همدردي نه پئي ڪري سگهيو. هو ان ڳالهه تي خاص طور ناراض هو ته ”برلن وارا ڊاڙي“ پروسي نه ڪرڻ جهڙي غرور باطل ۽ لباڙ وسيلي پنهنجي سچي انقلابي هجڻ جو, ڪميونسٽ ۽ انسانذات جو نجات ڏياريندڙ هئڻ جو اعلان ڪندا هئا ۽ اهڙيءَ طرح ان عظيم مقصد کي بدنام ڪندا هئا.

”آزاديءَ جي جن سورمن“ ”رائنيشي زاءِ تونگ“ اخبار کي پنهنجي بي شرم اشتهاربازيءَ جو ترجمان بڻائڻ پئي گهريو انهن آڏو مارڪس هڪ اٽل ۽ انصاف پريو مطالبو رکيو: مبهم دليل, شاندار جملا ۽ ڊاول پاڻ-پوڄا گهٽ ۽ قطعيت وڌيڪ, واقعي گهڻ-ڪمِي حالتن ڏانهن ڌيان گهڻو مهارت پريو علم وڌيڪ.

مارڪس ٻڌايو ته هو وقت بوقت ٿيٽري تنقيد وغيره ۾ ڪميونسٽ ۽ سوشلسٽ نظرين ۽ هڪ نئين عالمي نُڪتي نظر کي لڪ لڪوٽي داخل ڪرڻ واري ”آزادان“ جي چال کي به نامناسب ئي نه پر غير اخلاقي به سمجهي ٿو. هن مطالبو ڪيو ته ”جيڪڏهن ڪميونزم تي بحث ئي ڪرڻو آهي ته پوءِ ان تي بلڪل نئين نموني ۾ ۽ وڌيڪ تفصيل سان بحث ٿيڻ گهرجي.“

”آزادان“ سان غير واسطيداري هڪ حقيقت ٿي چڪي هئي, پر اها شَي ”رائنيشي زاءِ تونگ“ کي حڪومت جي تنبيهي هٿ کان نه بچائي سگهي جيڪا تنقيدي مضمون ۽ خاص طرح موزيل جي انگور پيدا ڪرڻ وارن جي بچاءَ ۾ مارڪس جي مضمون تي ڪاوڙيل هئي. اخبار تي ڪڪر ڇانئجڻ لڳا.

سينسرشپ جي ڊيڄاريندڙ مصيبتن, پائيوارن جي دانهن ڪُوڪن, صوبائي اسيمبليءَ ۾ بهتان مڙهجڻ ۽ ”اوبير پريسيڊنٽ“ جي شڪايت باوجود مارڪس

پنهنجي عهدي تي ڄميو رهيو. هو ان ڳالهہ کي پنهنجو فرض سمجهندو هو تہ اقتدار تي ويٺل ماڻهن کي، جيترو ممڪن هجي، سندن رڻائون پوريون ڪرڻ کان پاسائتو رکي.

مارڪس ڪجهہ ٺاهہ ڪرڻ لاءِ تيار هو پر شرط اهو تہ اهي ماڻهو اخبار کي پنهنجو ڪردار ۽ عزت برقرار رکڻ ڏين. پر جڏهن اخبار جي مالڪن ان ڳالهہ تي اصرار ڪرڻ شروع ڪيو تہ ان کي اقتدار جي مالڪن بابت "وچٽري" رويي جو پرچار ڪرڻ گهرجي، تہ مارڪس احتجاج ڪيو ۽ ادارتي سپا کان پاسو ڪرڻ تي مجبور ٿيو. طريقيڪار سان لاڳاپيل سببن جي ڪري هو اصل شَي کي بچائڻ لاءِ تفصيلن ۾ ڍيجڻ لاءِ تيار هو پر اصول جي معاملي ۾ هو ڪنهن بہ دٻاءَ ۾ نہ آيو.

اخبار جو سڀ کان وڏو ويري ان جو سنسر سينٽ پال بہ جيڪو انتهائي شرمناڪ طريقي سان ادارتي سپا کي تنگ ڪندو هو ان جي ايڊيٽر مارڪس جي شرافت، ڪردار جي پختگيءَ ۽ گهِرن عقيدن کان انڪار نہ ڪري سگهيو. اخبار کان ڊاڪٽر مارڪس جي لهي وڃڻ بابت حڪومت کي اطلاع ڏيندي، جنهن جا حد کان وڌيڪ جمهوري خيال پروشيائي رياست جي اصولن سان هڪجهڙائي نہ رکندا هئا، سينٽ پال لکيو تہ هاڻي ڪولون ۾ ڪو هڪ بہ ماڻهو اهڙو نہ آهي جيڪو اخبار کي اڳوڻي ناموزون ڪردار سان هلائي سگهي ۽ ان جي رجحان لاءِ ڀرپور نموني وڙهي سگهي.

مارڪس پاڻ بہ اخبار ڇڏڻ کان پوءِ سک جو ساهہ کنيو. هن آرنلڊ روگي سان اعتراف ڪيو تہ ان فضا ۾ سندس ساهہ گهٽجڻ لڳو هو. "آزاديءَ لاءِ بہ ڪِريل فرض پورا ڪرڻ، لٺين بدران ڦاهن سان وڙهڻ خراب شَي آهي. آءٌ رياڪاري، بيوقوفي، واضح مرضيءَ ۽ پنهنجي جهڪڻ ۽ ميڙمنٿ ڪرڻ، پاسو ڪرڻ ۽ لفظن تي وار جي کل لاهڻ کان تنگِ ٿي پيو آهيان. تنهنڪري حڪومت مون کي منهنجي آزادي ڏئي ڇڏِي."

ممڪن آهي تہ مارڪس 1865ع ۾ پنهنجي حياتيءَ جي انهيءَ دَور کي ياد ڪيو هجي جڏهن هن ڌيئرن جي ترتيب ڏنل سوالنامي ۾ پاڻ هن سوال جي جواب ۾، تہ توهان جي ڏکن جو تصور ڪهڙو آهي؟ رڳو هڪ لفظ لکيو هو: "اطاعت گذارِي".

مارڪس لاء اخبار ڇڏڻ جو مطلب پنهنجي ملڪ ۾ سياسي جدوجهد ۾ حصو وٺڻ جي آخري وجهہ کان وانجهو ٿيڻ هو ۽ ان کان سواءِ مارڪس لاءِ بدتهذيب جرمنيءَ ۾ رهڻ بلڪل بي مقصد هو جيڪا انهن ئي بُوٽن کي چَٽي رهي هئي جنهن وسيلي شهنشاهہ اپرنڌ بورجوا لبرل ازم کي چِٿي رهيو هو.

ان ڪري مارڪس بنا ڪنهن دل من هٽڻ جي ۽ شايد خوشيءَ سان جرمني ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو جتي "ماڻهو پنهنجو پاڻ کي نقلي بڻائي ڇڏي ٿو" ان ڪري جو "هتي جي هوا ماڻهوءَ کي غلام هاري بڻائي ڇڏي ٿي."



مارڪس جي جوشيلي مزاج جو هڪ ٻيو اهم سبب بہ هو. هن فيصلو ڪري ڇڏيو هو تہ هُو پنهنجي حياتيءَ جو نئون دَور جيني سان گڏ جرمنيءَ کان ٻاهر گذاريندو. جنهن مارڪس جي يونيورسٽيءَ واري تعليم ۽ "رائنيشي زاءِ تونگ" ۾ ڪم جي سمورن سالن دوران سندس انتظار ڪيو هو.

مارڪس 1843ع ۾ آرنلڊ روگي کي پنهنجين نجي رٿائن بابت اطلاع ڏيندي ساڻس اعتراف ڪيو: "آءٌ توکي ذرو بہ رومان پسنديءَ کان سواءِ پڪ ڏياري سگهان ٿو تہ آءٌ عشق ۾ چرياڻ آهيان ۽ حقيقت هيءَ آهي تہ ڏاڍي سنجيدگيءَ سان. اسان جي مڱڻي کي ستن سالن کان وڌيڪ وقت گذري چڪو آهي ۽ منهنجي مڱيندڙءَ مون لاءِ وڏي ويڙهہ ڪئي آهي جنهن سندس صحت کي لڳ ڀڳ تباهہ ڪري ڇڏيو آهي، ڪجهہ تہ پنهنجن مذهبي اميراڻن مائٽن خلاف جن لاءِ 'آسمان جو خدا' ۽ 'برلن جو خدا' هڪ جهڙيون مذهبي پوڄا جون شيون آهن ۽ ڪجهہ منهنجي پنهنجي گهراڻي خلاف جنهن ۾ ڪجهہ پادرين ۽ منهنجن ٻين دشمنن مضبوطي ماڻي ورتي آهي."

12 جون 1843ع تي "هر ڪارل مارڪس، ڊاڪٽر آف فلاسافي، رهائش ڪولون ۽ فرائولائن يوهانا برٿا يولي جيني فان ويسٽ فالين، جنهن کي ڪو بہ ڌنڌو ناهي، رهائش ڪرائيزناخ" جي وچ ۾ شاديءَ جي اقرارنامي تي صحيحون ٿي ويون.

ان ڏينهن مارڪس کي پنهنجي باقي حياتيءَ لاءِ هڪ وفادار ساٿي ملي ويو. اينجلس جي لفظن ۾ جيني "...نہ رڳو هي تہ پنهنجي مڙس جي مقدر، ڪم ۽ جدوجهد جي شريڪ هئي پر ان ۾ پاڻ بہ وڏيءَ ذهانت ۽ جوشيلي جذبي سان حصو وٺندي هئي."

ڪرائيزناخ ۾ ڪجهہ مهينا رهڻ کان پوءِ نوجوان جوڙو پيرس روانو ٿي ويو جتي مارڪس ۽ روگي "ڊوئچ فرانزيسيشي ياربيوخير" رسالو ڪيڍڻ جو ارادو رکيو پئي.

"تنهنڪري پيرس لاءِ، جيڪا فلسفي جي پراڻي يونيورسٽي آهي- ڪاش اهو بدشگون ثابت نہ ٿي!"

# كميونزم: مكمل انسان دوستيءَ جي حيثيت ۾

**جهنم جي در جيان سائنس جي در تي بہ هي مطالبو كرڻ گهرجي تہ: ”هتي آ روح لاءِ لازم تہ بي هراس رهي، هتي آ خوف لاءِ لازم كائي صلاح نہ ڏي.“**

**ـ كارل ماركس♠**

1840ع كان پوءِ واري ڏهاكي ۾، پيرس يورپ جو سياسي ۽ تهذيبي مركز هو. هتي پولينڊ، اٽلي، روس ۽ جرمنيءَ جا انقلابي ۽ سياسي جلاوطن گڏ ٿي ويا هئا. جرمنيءَ جي ابتڙ هتي هر شَي انقلاب جي مخبري كندي هئي ـ ويجهي ماضيءَ جي عظيم واقعن جي بہ ۽ نين سماجي ويڙهين جي توقع جي بہ.

انهن ڏينهن جي پيرس بابت نوجوان اينجلس لكيو تہ: ”رڳو فرانس ۾ پيرس جهڙو هك شهر آهي، جنهن ۾ يورپي تهذيب جا بهترين گل ٽڙندا آهن، جتي يورپي تاريخ سمورا تنتي ناتا ايكو ٿاهيندا آهن ۽ جتان مقرر وٿيءَ كان پوءِ بجليءَ جا جهٽكا لڳندا آهن جيكي سڄيءَ دنيا كي ڌوڏي سگهن ٿا. هي اهڙو شهر آهي جنهن جي آباديءَ رضا خوشيءَ جي جذبي سان تاريخي وكن جي جذبي جو اهڙو ميلاپ ٺاهي ورتو آهي جهڙو ٻئي كنهن عوام نہ كيو آهي، جنهن جي آبادي ڄاڻي ٿي تہ اٿينس جي سڀ كان وڏيك سلڇڻي ايپيقيورسي جيان كيئن جيئجي ۽ انتهائي بيباك اسپارٽا واري جيان كيئن ساهہ گهوريو وڃي...“♦

---

♠ هن لكڻيءَ ۾ ماركس روايتي اٽيلين شاعر ڊانٽي جي ڊگهي نظم ”الاهي طربيہ“ جون بہ مصراعون اتاريون آهن.

♦ فريدرك اينجلس، ”پيرس كان بون ۾“، 1848ع.



بورجوا نظام خلاف، جيكو آزاديءَ، برابريءَ، ڀائپيءَ جي وڏن آدرشن جي جڳهہ ڏوكڙ ريڙهڻ لاءِ ركي ڇڏي ٿو شايد ٻئي كنهن هنڌ ايتري بي اطميناني نہ محسوس كئي ويندي هئي جيتري پيرس ۾.

اهو كو اتفاقي امرُ نہ هو تہ سماجي فكر هتي نظرياتي لحاظ كان ان سماج جي دُور انديشي كرڻ گهري پيو جيكو سرمائيداريءَ جي جاءِ وٺڻ لاءِ اچڻو هو. سينٽ سائمن ۽ فوريئر ۽ انهن جي يوٽوپيائن كان پوءِ كابي، ڊيزامي، بلانكي، پروڌان، ليرو آئي جن كي ترقي پسند دانشورن ۾ ۽ مزدورن جي گروهن ۽ يونينن ۾ وڏي مقبوليت هئي. فرانس جو پرولتاريہ اهڙي طاقتور سماجي قوت جي حيثيت جو روپ وٺي چكو هو جيكو بورجوازي سان ٽكر هڻي سگهي.

پيرس مان تاريخي اوسر جون اهي باكون ڦٽي رهيون هيون جيكي جرمنيءَ جي باك ڦٽيءَ كان گهٽ وڏيك ويكريون ۽ گهٽيون دور رس هيون. ان كري اها قدرتي ڳالهہ آهي تہ ماركس پيرس ۾ جيكڏهن ايئن چئي سگهجي تہ، ماركسي ٿي پيو ۽ هتي ئي سائنسي كميونزم جا فيصلو كندڙ خيالن جي كوجنا ٿي ۽ انهن جي جوڙجك ۽ ترتيب ٿي.

هك انقلابي نظريي جي تخليق كرڻ، هٿ سچو جنگي نعرو كوجڻ لاءِ ضروري هو تہ ماضيءَ جي طبقاتي جدوجهدن جي تجربي كي عام كجي. ماركس انهيءَ تجربي جو اڀياس كرائيز ناخ (جرمني) ۾ ئي شروع كيو هو پر فرانس ۾ اهو كم پورو كرڻ لاءِ كيس گهڻو سٺو ماحول مليو. هن بورجوا تاريخدانن ٿئيري، مينئي، گيزو، تيئر وغيره جي لكڻين جو اڀياس كيو جن، جيئن پوءِ ماركس مڃيو، هم عصر دَور واري سماج ۾ طبقن ۽ طبقاتي جدوجهد جي كوج كئي. هن مونٽيسكيو، مئكاويلي ۽ روسو جي سماجي نظرين جو بہ اڀياس كيو.

جيكڏهن سموري تاريخ طبقي جي جدوجهد جي تاريخ آهي تہ هيٺ ڏنل سوالَ منطقي طرح پيدا ٿين ٿا: هم عصر دور جي حالتن ۾ كهڙو طبقو انقلابي جوهر ركندڙ آهي؟ مستقبل كهڙي طبقي جو آهي؟ اهو مستقبل كهڙو قسم جو هوندو؟

ماركس فرانسي يوٽوپيائي سوشلزم ۽ كميونزم جو وري تنقيدي اڀياس كرڻ شروع كيو جن جي ابتدا سنئون سڌو فرانسي ماديت پسنديءَ كان ٿي هئي. سينٽ سائمن ۽ فوريئر بورجوا سماج تي بنيادي تنقيد اڳ ئي كري چكا هئا، تہ اهو انسان دوستيءَ جي بنيادي اصولن مطابق ناهي، انهن بہ پرولتاريہ ڏانهن ڌيان ڏنو هو پر انهن ان كي هك محكوم ۽ مظلوم ۽ مصيبتن ۾ ڦاٿل اميريءَ جي حيثيت سان ڏٺو هو جيكا اقتدار ۽ اختيار جي اربابن پاران رڳو رحم ۽ خيرات جي حقدار هئي.

جيئن هيگل وٽ سڄي دنيا مطلق روح جو اظهار هئي، اهڙيءَ طرح يوٽوپيائين لاءِ سوشلزم انساني رشتن جي مطلق سچائيءَ جو اظهار هو. جيئن هيگل وٽ

سندس غلط شروعات جو نُڪتو هن جي هڪ اصول پرستاڻي نظام جي تخليق جو سبب ٿيو جنهن ۾ مطلق روح پنهنجو پاڻ کي ماڻي ٿو اهڙيءَ طرح يوٽوپيائين وٽ، انهن جي وڏي ۾ وڏن مفڪرن (خاص طرح فوريئر) وٽ به، سڄو معاملو بس ايترو رهجي ويو ته سماج جي اوسر لاءِ آدرش وارين اسڪيمن جي اڏاوت ڪئي وڃي جنهن کي بس حاصل ڪرڻ جي گهرج آهي ته جيئن سمورا تضاد حل ٿي پوَن.

هيگل کان اڳتي وڌڻ ۽ سماجي يوٽوپيا کان اڳتي وڌڻ ڪنهن به طرح به پور وِچوٽ فرض نه هئا. اهو هڪ ئي فرض هو جنهن جو حل ان ڳالهه ۾ لڪل هو ته انساني سماج جي اوسر جي سڀ کان وڏيڪ اهم جزي جي ڳولا ڪئي وڃي.

"ٿهيل گهڙيل رٿائون"، "ڪٽر اصول پرست تجريدون" جن مطابق حقيقت کي پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪرڻو پوندو هو مارڪس لاءِ نه ڪڏهن هيگل جي تعليمن ۾ ڪا ڪشش رکنديون هيون ۽ نه سماجي يوٽوپيائين ۾. انساني فڪر جي انهن بن عظيم ڪارنامن مان ڪو هڪ به دنيا کي بدلائڻ جو هٿيار ٿيڻ لاءِ موزون نه هو. پر بنهي نظرين ۾ انهن منجهه ئي خود انهن جي نفي به شامل هئي. هيگل جي معاملي ۾ اها نفي هئي جدلياتي فڪرِي شاهراهه. سماجي يوٽوپيائن جي معاملي ۾ اها نفي هئي بورجوا جائدادي ناتن جي تنقيد اهڙن ناتن جي حيثيت ۾، جيڪي انسان کي معذور ڪري ڇڏن ٿا ۽ ان جي جوهر سان هڪڪرائي نه ٿا رکن.

رڳو قانوني نه، پر معاشي نُڪتي نظر کان به انهن ناتن جي نوعيت کي واضح ڪرڻ لاءِ مارڪس بورجوا سياسي معاشيات جو اونهو اڀياس ڪيو. هُن آدم سمٿ، ريڪارڊو، ميڪ ڪولوخ، جيمس استوارٽ مِل، زان باتيست سئي، اسڪاربيڪ، ديستيوت دي تراسي ۽ بوآگلبير جي لکتن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي. سياسي معاشيات جو اڀياس ڪندي لڳي ٿو ته مارڪس کي نوجوان اينجلس جي هڪ مضمون مان وڏيڪ تحرڪ مليو جيڪو "ڊوئچ فرانزيسيشي ياربيوخير" ۾ ڇپيو هو ۽ جنهن جو عنوان هو "سياسي معاشيات جي تنقيد جو خاڪو". مارڪس ان مضمون جو ذڪر ڪندي ان کي ڏاڍي قدر لائق سڏيو.

پيرس ۾ مارڪس سياسي مخالف ڌڙي جي وڏن ماڻهن سان، انقلابي جمهوريت پسندن ۽ سوشلسٽن – لوئي بلان، پيئر ليرو، هائنز هائني، پروڌان ۽ باڪونين – سان ذاتي طرح سڃاڻپ ڪرڻ جو موقعو هٿ ڪيو.

نيڪ پنهنجي سَڌ مطابق، ته نظرياتي تنقيد کي طبقن جي حقيقي جدوجهد سان ملايو وڃي، مارڪس جرمن هٿ جي هنرمندن ۽ فرانسي مزورن جي انقلابي حلقن سان لاڳاپا قائم ڪيا. پوليس رپورٽن ۾ لکيو ويو ته مارڪس وينسينيس ڳڙهي پرسان پيرس پيرمن جي هڪ دروازي تي انقلابي مزورن جي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندو هو.

انقلابي مزور مارڪس جا ڏاڍا عاشق هئا. اهي مارڪس ۾ اهڙي حقيقي سياسي مجاهد جي عزم ۽ مضبوطيءَ کي محسوس ڪندا هئا جنهن کي جاڻ هجي



ته ڪهڙي شَي لاءِ وڙهڻو آهي ۽ ڪيئن وڙهڻ گهرجي. جرمن مزورن جي سياسي سوسائٽيءَ جي هڪ اڳواڻ هرمن ايوربڪ لکيو ته "بيشڪ مارڪس ايڏو اهم ڏاهو آهي جيترو جِيِ.اِيِ. ليسنگ هو. هُو غير معمولي ڏاهپ، فولادي ڪردار ۽ پرسڪون ذهانت رکي ٿو ۽ وسيع ڄاڻ جو مالڪ آهي. ڪارل مارڪس پاڻ کي معاشي، سياسي، قانوني ۽ سماجي سوالن جي اڀياس لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي.

مزورن جي حياتيءَ مان هيئن سِڌي ڄاڻ ماڻي مارڪس جي دل ۾ انقلابي مزورن جي اخلاقي توانائي، علم حاصل ڪرڻ جي اٽڪ ڪاوش ۽ انساني وقار جو قدر ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو. لڊويگ فيوئرباخ ڏانهن لکيل هڪ خط، تاريخ 11 آگسٽ 1844ع ۾ هو لکي ٿو ته ان خالص تازگيءَ کي، شرافت کي سمجهڻ لاءِ جيڪا انهن ٿَڪل ماندن ماڻهن مان ڦُٽندي رهي ٿي، توهان کي فرانسي مزورن جي بس رڳو هڪ جلسي ۾ شريڪ ٿيڻ جي ضرورت آهي. انگريز پرولتاريه به پُختين وِکن سان اڳتي وڌي رهي آهي، پر منجهس فرانسي مزور جي تهذيبي پَس منظر جي کوٽ آهي. مون کي سوئٽزرلينڊ، لنڊن ۽ پيرس ۾ رهندڙ جرمن هنرمندن جي نظرياتي خوبين تي زور ڏيڻ کي نه وسارڻ گهرجي، البت جرمن هنرمند اجا تائين گهڻي حد تائين هنرمند ئي آهي.

"پر هر صورت ۾ اسان جي مذهب سماج جي انهن 'بربرن' ۾ ئي تاريخ انسانذات جي نجات جو عملي عنصر ڪري رهي آهي."

يوٽوپيائن جي ابتڙ مارڪس پرولتاريه کي جذباتي گهٽائيءَ جو موضوع نه، پر اهڙي سگهه سمجهي ٿو جيڪا انقلابي وکن کڻڻ جي صلاحيت رکي ٿي.

پرولتاريه (پورهيت) نظريي ۽ عمل جي وچ ۾، فلسفي ۽ دنيا جي وچ واري ڳنڍيندڙ ڪڙي آهي. مارڪس ان کوجَ جي جوڙجڪ پنهنجي مضمون "هيگل جي فلسفياڻي قانون جي تنقيد ۾ واڌارو" ۾ ڪئي. ان مضمون کي مواد ۽ هيئت بنهي لحاظ کان سائنسي صحافت جو شاهڪار چئي سگهجي ٿو. اهو مضمون ۽ فڪري لحاظ کان ان جي ويجهو لاڳاپيل مضمون "يهودي سوال بابت" 1844ع جي شروع ۾ "ڊوئچ فرانزيسيشي ياربيوخير" ۾ ڇپيو.

مارڪس انهن مضمون ۾ لکيو ته صحيح معنائن ۾ انساني آزادي "هر قسم جي غلاميءَ کي" ٽوڙڻ کان سواءِ ناممڪن آهي ۽ پورهيت ئي اهو طبقو آهي جيڪو سڀ کان وڏيڪ محروم ۽ محڪوم ۽ مظلوم حالت ۾ آهي. پورهيتَ سماج جي سڀني دائرن کي آزاد ڪرائڻ کان سواءِ پاڻ کي نجات نه ٿا ڏياري سگهن.

"ان نجات جو دماغ فلسفو آهي ۽ ان جي دل پورهيت (پرولتاريه) آهي."♠

♠ ڪارل مارڪس، "هيگل جي قانون واري فلسفي جي تنقيد ۾ واڌارو"، 44-1843ع.

انهن مضمونن ۾ مارڪس هڪ اهم وڪ وڌائي ٿو ـ هو هڪ سچو جنگي نعرو ٻـ ٻڌولي وٺي ٿو ۽ اها ”مادي قوت“ ٻـ. جيڪا ان کي حقيقت جو روپ ڏيڻ جي صلاحيت رکي ٿي، انسانذات جي انسان دوستي وارن آدرشن کي ماڻڻ جي صلاحيت رکي ٿي. لينن مارڪس جي ان وڪ کي خيالي پرستيءَ کان ماديت پسنديءَ ڏانهن ۽ انقلابي جمهوريت کان ڪميونزم ڏانهن مارڪس جو قطعي عبور چيو آهي.

26 سالن جي ڄمار ۾ مارڪس دنيا بابت هڪ نئين نظر جي چوٽين تي پهچي ويو هو. اهو بي مثال نظرياتي فڪر کان پوءِ ئي ممڪن ٿيو هو. فلسفي ۽ سماجي فڪر جي دائري ۾ يورپي تهذيب جي پوري ملڪيت کي انهن پنهنجو پاڻ ۾ سامايو ۽ ان جي تنقيدي نئين سر جوڙجڪ ڪئي هئي. ميليٽس جي فيلس کان وٺي فيوئرباخ ۽ موزيس هيس تائين، مارڪس ڪنهن ٻـ فلسفيءَ کي نـ ڇڏيو پوءِ اهو ڪيترو ٻـ ننڍو ڇو نـ هجي. هن هيروڊوٽس ۽ پلوٽارڪ کان وٺي گيزو ۽ ٿيئر تائين سيني بنيادي تاريخي لکتن جو اڀياس ڪيو. هن افلاطون کان وٺي ليرو ۽ وائٽلنگ تائين سماجي يوٽوپيائن کي پڙهيو. هن آدم سمٿ کان وٺي فريڊرڪ اينجلس تائين سياسي معاشيات جون اهم ترين لکتون پڙهيون، ۽ پوءِ هن فني تهذيب جي گوناگون دولتن کي پنهنجو ڪيو ـ لوڪريشيئس ڪارس جي نظمن کان وٺي هائزخ هائني جي شاعريءَ تائين، ايسڪيلس جي الميٖن کان وٺي شيڪسپيئر جي ڊرامن تائين، افلاطون جي مڪالمن کان بالزاڪ جي نثر تائين. پر اها ڄاڻ پنهنجيءَ جاءِ تي خود دنيا بابت هڪ نئين نظر جي جوڙجڪ ۽ ترتيب لاءِ اڻپوري لڳي ٿي. هر زماني ۾ هن جا پنهنجا ڪرسي نشين استاد ٿي گذريا آهن جيڪي آسمان هيٺ هر شَي بابت ڄاڻ سان ٿمٿار هوندا هئا پر پاڻ پنهنجو هڪ اڪيلو خيال ٻـ پيش ڪرڻ جي صلاحيت نـ رکندا هئا. مارڪس نـ رڳو هي تـ انساني ڏاهپ جي عظيم ڪارنامن تي عبور حاصل ڪيو پر انهن کي تخيلقي فڪر جو پُرزو ۽ شاهراهـ ٻـ بڻايو سچائيءَ کان ڊني بنا، جنهن لاءِ هو اڻٿڪ جتن ڪندڙ هو.

۽ اهم ترين شَي هيءَ تـ مارڪس شعوري طرح پهريائين جرمنيءَ ۾ محڪوم ۽ مظلوم هاريءَ جو مؤقف اختيار ڪيو ۽ پوءِ پورهيت جو. جيڪي هر دَور جي انقلابي طبقن مان سڀ کان وڌيڪ انقلابي ۽ سڀ کان وڌيڪ اثرائتو طبقو آهي.

سائنسي سوشلزم (يا سائنسي ڪميونزم جيڪو ساڳي شَي آهي) رڳو انسانذات جي روحاني ڪارنامن کي عام ڪرڻ ۽ عملي تفسير جي ئي حيثيت ۾ نـ، پر (آخري چندڇاڻ ۾ اهو عنصر فيصلو ڪندڙ ثابت ٿيو) خود بورجوا سماج جي ڪجهـ معاشي ۽ سماجي ۽ سياسي لاڙن جي اظهار جي حيثيت سان ٻـ وجود پذير ٿيو.

اينجلس انهيءَ حقيقت کي ذهن ۾ رکندي لکيو هو تـ ”هر نئين نظريي وانگر جديد سوشلزم کي ٻـ پنهنجي ابتدا سڀ کان اڳ ان دانشوراڻي مصالحي سان



ڪرڻي پئي هئي جيڪو ان کان اڳ حاصل ڪيو ويو هو. جڏهن تـ ان جون اُونهيون پاڙون مادي حقيقتن ۾ پيئل هيون.“

انقلابي پورهيت تحريڪ جي پڪي پوئواري ڏانهن مارڪس جو عبور بورجوا جمهوريت پسندن کان ۽ سڀ کان اڳ آرنلڊ روگي کان لڳ لاڳاپا ختم ڪرڻ جو سبب ٿيو.

پنهنجي سڄي سگهاري ريڊڪل ازم باوجود روگي رڳو هڪ بدتهذيب هو جنهن کي آزاديءَ جو خواب لهڻ ۾ تـ ڪو تڪلف ڪونـ هو. پر ان جي قيمت پنهنجي ڪيسي مان ڀرڻ لاءِ تيار نـ هو. روگي کي اها اميد هئي تـ هو ”ڊوئچ فرانزيسيشي ياربيوخير“ جي وڪري مان چڱي خاشي آمدني هٿ ڪري سگهندو ۽ جڏهن اهي اميدون پور پور ٿي ويون تـ هو اداسيءَ جو شڪار ٿي پيو. نيڪ ڪنهن دڪاندار وانگر شڪِي ٿي پيو ۽ مارڪس جي هر اشاعتي پيش قدميءَ کي پنهنجي گودڙِي ڪسڻ جو ڪوشش سمجهڻ لڳو.

ان سان گڏ ئي روگي ”پيسن جي معاملي ۾ مارڪس جي شاهاڻي بي نيازيءَ“ (ميرنگ) کان فائدو وٺڻ ۾ ڪو ٻـ دل من نـ هنيو ۽ مارڪس جي انتهائي غريبيءَ باوجود. جنهن جي آڪهـ وڏي رهي هئي (سندس ڏي جيني مئي 1844ع ۾ پيدا ٿي هئي) هو ڏاڍي ڀَڪائيءَ سان مارڪس جي پگهار ”ڊوئچ فرانزيسيشي ياربيوخير“ جي شمارن جي صورت ۾ ادا ڪندو هو.

پر خاص ڳالهـ اها هئي تـ مارڪس جي ڪميونزم کان روگي ۾ بدتهذيب واري وايون بتال ڪندڙ دهشت پيدا ٿي پئي هئي.

”ياربيوخير“ جي ادارتي فرض کان آزاد ٿي، مارڪس اڃا ٻـ وڌيڪ جوش سان پنهنجي پڙهائيءَ کي جنبي ويو. ايئن لڳندو هو ڄڻڪ ڪا خاص شي هٿ چڙهي وئي اٿس ـ نئين عالمي نُڪتي نظر جي بنيادن جي جوڙجڪ ۽ ترتيب ڪئي وئي هئي، پر مارڪس لاءِ اها رڳو ابتدا هئي. هو انسانذات جي سڄي ماضيءَ، حال ۽ مستقبل جي نئين سر تفسير ڪرڻ لاءِ هڪ نئين نڪتي نظر جي ڳولا ڪري رهيو هو. هو ڏاڍو گهڻو اڀياس ڪندو هو ۽ سندس دماغ ۾ هڪ کان پوءِ ٻي رٿا اڇي رهي هئي. شروع ۾ هن هيگل جي قانوني فلسفي بابت پنهنجي اڻپوري مسودي کي ٻيهر ڪڻ ۽ هاڻي ان فلسفي جو تفسير ڪميونسٽ نڪتي نظر سان ڪرڻ گهرِي پئي، پر هو فرانسي انقلاب جي تاريخ ۾ صفا پيهِي ويو ۽ ڪنوينشن جي هڪ تاريخ لکڻ گهريائين پئي. وري هن يوٽوپيائي سوشلسٽن ۽ سياسي معاشياتدانن جي تنقيد ڪرڻ ڏانهن ڌيان ڏنو.

سندس دماغ ان تيزيءَ سان ڪم ڪري رهيو هو جو جيڪو ڪجهـ هو لکي چڪو هو ان کان سندس دماغ هڪدم اڳتي وڌي ويندو هو. جيڪو ڪجهـ ڪري

چڪو هوندو هوان تي هو ڪڏهن بہ قناعت نہ ڪندو هو. جيترو وڌيڪ هن پڙهيو پئي اوترو ئي ان شي جو سمنڊ ڪيس بي ڪنار لڳندو هو جن (ڪنارن) جي ڪيس ڄاڻ نہ هئي. جيترا گهڻا سوال هُو پنهنجي لاءِ حل ڪندو هو ايترا ئي نوان مسئلا هن آڏو پيدا ٿي پوندا هئا.

مسودا اڻپورا رهجي ويندا هئا. سندس فڪر اڃا بہ اڳتي وڌي ويندو هو ۽ نون خيالن کي جنم ڏيڻ لڳندو هو. پنهنجي تنقيد جو پوٽ مارڪس کي موڪل نہ ڏيندو هو تہ ڪا شي ان وقت تائين عام منظر تي اچي جيستائين هن سوال جو ان جي باريڪين سميت چڱيءَ طرح اڀياس نہ ڪيو هجي.

مارڪس جي اڀياس جي انهن دورن بابت آرنلڊ روگي لکيو هو تہ ”هو ڏاڍو گهڻو پڙهي رهيو آهي، هو غير معمولي شدت سان ڪم ڪري رهيو آهي ۽ اهڙي تنقيدي لياقت رکي ٿو جو ڪڏهن ڪڏهن ڄاڻي ٻجهي تباهڪن جدليات ٿي پوي ٿي، پر هو ڪا بہ شي پوري نہ ٿو ڪري هو هر هر پلئہ ڇڏائي اڳتي نڪري وڃي ٿو ۽ وري ڪتابن جي هڪ اڻٽڪت سمنڊ ۾ ٻڏي وڃي ٿو.“

غير معمولي طرح شديد سائنسي تحقيقي ۽ جيڪو ڪجھ ماٽيو ويو آهي ان کان لاڳيتي بي اطمينانيءَ سميت مارڪس بددل ٿي پوندو هو پر ان سلسي ۾ هُو ڪجھ ڪري نہ سگهندو هو. ان جو اڪيلو حل اهو هو تہ هُو اڃا بہ تيزيءَ سان ڪم ڪري، ڪيترين ئي راتيون ننڊ ڪئي بنا گذاري ڇڏي. روگي لکيو تہ ”مارڪس، جيڪڏهن اهو ممڪن آهي تہ اڃا بہ وڌيڪ چيڙاڪ ۽ ڪاوڙيل ٿي پيو آهي، خاص طوران وقت جڏهن هو ايترو ڪم ڪري ٿو جو بيمار ٿي پوي ٿو ۽ ٽي ٽي بلڪ چار چار راتيون ننڊ ئي نہ ٿو ڪري.“

ان سموري اڀياس جو اهم ترين نتيجو اها اڻپوري وڏي لکت هئي جيڪا هاڻي ”1844ع جو معاشي ۽ فلسفياڻو مسودو“ جي نالي سان مشهور آهي.

ان لکت ۾ ”تخليق جي سُور“ جا اهڃاڻ اڄ بہ ملن ٿا جن ۾ مارڪسزم جو جنم ٿيو هو ۽ جن کي خاص طرح هيگل ۽ فيوئرباخ کان اڌارن ورتل اصطلاحن ۾ ڏسي سگهجي ٿو پر ڪجھ پراڻن تصورن جي گنل پيئل خول مان سماج جي هڪ بنيادي طرح نئين نظر جون، دنيا جي هڪ اهڙي تفسير بابت رويي جون مکڙون نڪري اچن ٿيون، جهڙيون دنيا اڳ نہ ڏٺيون هيون.

هتي پهريون ڀيرو سماج جي چنڊڇاڻ بابت معاشي، فلسفياڻي ۽ سماجي- سياسي روين کي وڏي پيماني تي تحليل ڪيو ويو آهي. هتي انسان کي سموري جاچ جي وچ تي رکيو ويو آهي ۽ هو قدرت ۽ سماج ٻنهي سان پنهنجي ناتي جي پوري پيچيدگيءَ سميت ظاهر ٿئي ٿو. هتي ليڪ خاص ۽ ڪشادي انسان دوستيءَ جي نڪتي نظر کان بورجوا سماج ۾ زندگيءَ جي غيرانساني حالتن جو هڪ چٽو خاڪو



پيش ڪري ٿو. هتي سياسي مجاهد جي ڪاوڙ ۽ جوش عظيم مفڪر جي چنڊڇاڻ پري پختگيءَ سان ڳنڍيل آهي.

هتي ٺوس حقيقت بابت حقيقي رويي جي سماجي اوسر جي پرانهن افقن جي هڪ منظر سان ميلاپ آهي. اها لکت اهڙا انتهائي گهرا مسئلا پيش ڪري ٿي جن جي اهميت صدين تائين برقرار رهندي.

اهو ئي سبب آهي جو اڄ ڪلھ سڀني ملڪن جا فلسفي، معاشياتدان ۽ سماجي ماهر ”1844ع جي معاشي ۽ فلسفياڻي مسودي“ ۾ برابر دلچسپي وٺي رهيا آهن.

”مسودي“ ۾ خيالن جي اهڙي دولت آهي جو ان کي انتهائي مفصل توضيح يا انتهائي معروضي تفسير ۾ بہ پيش نہ ٿو ڪري سگهجي. ماڻهن کي اهو تفسير پاڻ پڙهڻ گهرجي (۽ ڪيترائي ڀيرا!) جيئن هو نظرياتي فڪر جي ان همت، وسعت ۽ فني سونهن جو مزو وٺي سگهي جيڪو هڪ طرفن خيالن جي حدبندين کي ٽوڙي ذرا ذرا ڪري ڇڏي ٿو اصول پرستاڻين اسڪيمن جي سوڙهہ کي ختم ڪري ڇڏي ٿو جيڪو رڳو قدرت جو ئي تفسير نہ، پر سماجي اوسر جي عينيت پرستاڻين بيڙين کي بہ ٽوڙي ڇڏي ٿو.

ان لکت ۾ مارڪس هڪ اهڙي نظر سان ابتدا ڪري ٿو جنهن تائين هو پهچي چڪو آهي يعني اهو تہ انسانذات جي سچي تاريخ جي وضاحت مادي ناتن ۾ ڳولڻ گهرجي. ان جي جوڙجڪ هن پاڻ هيئن ڪئي آهي: ”.... سچي انقلابي تحريڪ کي لازمي طرح پنهنجو تجرباتي ۽ نظرياتي بنياد بہ نجي ملڪيت ۾ ڳولڻ گهرجي - وڌيڪ صحيح هي آهي تہ معاشيات ۾“.

انسان جي پيداواري زندگي، ان جو پورهيو - اهو آهي سماجي ترقيءَ جو اصل سرچشمو. انسان جو پورهيو مختلف سماجي حالتن ۾ مختلف صورتون وٺي ٿو ۽ آخر ۾، ”سڀ ملائي آباديءَ جا رڳو بہ ٽي طبقا رهجي وڃن ٿا - مزدور طبقو ۽ سرمائيدارن جو طبقو.“

فيوئرباخ جي تجريدي انسان جي جاءِ تي مارڪس مزدور کي رکي ٿو. فيوئرباخ واري هڪ ماڻهوءَ سان ٻئي جي ناتي جي جاءِ مارڪس مزدور ۽ سرمائيدار جي ناتن کي، زنده پورهيي ۽ جمع ڪيل (ميڙيل) پورهيي (سرمائي) جي ناتن کي رکي ٿو.

هڪ اهڙي دنيا ۾ جتي هر شَي خريد ڪئي ۽ وِڪي ويندي آهي، جتي پيسي جي طاقت متاهين ۽ مطلق آهي، اتي پاڻ مزدور بہ هڪ واپار جي جنس آهي. هو نہ سرمائي جو مالڪ آهي، نہ ڊِل جو. مالڪ آهي هو رڳو پورهيي جي صلاحيت جو ۽ پورهيو ئي سماج جي سموري دولت پيدا ڪري ٿو.

بورجوا سماج جي اهائي اها اصل حقيقت آهي، جنهن کي مارڪس پنهنجي چنڊڇاڻ جو تَڪُ بڻائي ٿو.

مزدور مادي دولت پيدا ڪري ٿو پر اها سندس نہ هوندي آهي، ۽ ان کان بہ وڌيڪ اهو تہ اها دولت نہ رڳو مزدور کان اوپري هوندي آهي پر هڪ اهڙي اوپري قوت جي حيثيت ۾ جيڪا مزدور تي حڪمراني ڪندي آهي، سرمائي جي حيثيت ۾ اها سندس مخالف بہ هوندي آهي. مارڪس ان حقيقت کي پورهيي جي اوپرائپ چوي ٿو.

مزدور جيترو گهڻو پورهيو ڪري ٿو، ايتري ئي سندس پيدا ڪيل دولت جي دنيا وڌي ٿي وڃي ٿي پر ان سان گڏ ئي مزدور تي دولت جي حڪمراني بہ وڌندي رهندي آهي. سرمائيدار وڌيڪ طاقتور ٿي ويندو آهي، مزدور وڌيڪ مفلس، ايستائين جو حقن کان بہ وڌيڪ محروم ٿي ويندو آهي.

مزدور پورهيي جي ان شَي جو غلام ٿي ويندو آهي جنهن کي هن پاڻ پيدا ڪيو آهي. هن جو ميڙيل پورهيو، جيڪو سرمائي، مالي دولت جي صورت ۾ ڏيکاربو آهي، مزدور کي اجوري تي رکندو آهي، ان کي روزي ڏيندو آهي، ان جي زنده پورهيي ۽ هن جي زندگيءَ ئي کي استعمال ۾ آڻيندو آهي.

مزدور جو پورهيو شاندار شيون پيدا ڪندو آهي، پر اهو مزدور جي مفلسي بہ پيدا ڪندو آهي. اهو محل ٺاهيندو آهي، پر مزدور جون جُهڳيون جهوپڙيون بہ. اهو سونهن جي تخليق ڪندو آهي، پر خود مزدور کي ڪوجهو بڻائي ڇڏيندو آهي. اهو جسماني پورهيي جي جاءِ مشين کي ڏيندو آهي، رڳو ان لاءِ تہ خود مزدورن کي مشيني طرح ڪم ڪندڙ مشين بڻائي ڇڏي. مزدور جيترو وڌيڪ پيچيده ڪم ڪري ٿو اوترو ئي سندس ذهني تباهي وڌيڪ ٿئي ٿي.

ان ابتي دنيا جي ڇنڊڇاڻ، جتي شيون پنهنجي خالق تي حڪمراني ڪن ٿيون، جتي ماڻهن جي وچ ۾ ناتا شين جي وچ ۾ ناتن جي شڪل ۾ ظاهر ٿين ٿا، اڳتي هلي مارڪس تفصيل سان ”ناڻي“ ۽ ان جي تياري جي لکتن ۾ ڪئي آهي. ”1844ع جا معاشي ۽ فلسفياڻہ مسودا“ ۾ جنهن تمثيل جو جَم ٿيو هو، اها انهن ۾ اجا وڌيڪ چٽي ۽ پوائتي ٿي پوي ٿي.

پر اڃو تہ اسين اجا ”مسودي“ کي ئي ڏسون ۽ مارڪس جي دليلن ڏانهن ڌيان ڏيون. مزدورن کان انهن جي پورهيي جي اوپرائپ معاملي جو رڳو هڪ پاسو آهي. ٻيو ايترو ئي اهم پاسو هي آهي تہ مزدور جي فعاليت جو زنده عمل ئي هڪ اوپرو بڻايل نوعيت وارو هوندو آهي. اها ان جي انساني جوهر جي پاڻان ڌارپائپ هوندي آهي.

ان جو مطلب ڇا هوندو آهي؟ ان جو مطلب اهو هوندو آهي تہ مزدور پنهنجي آزاداڻي مرضيءَ سان پورهيو نہ ٿو ڪري ۽ ان جي فعاليت خودفعاليتي نہ هوندي آهي، پر جبري ۽ لازمي پورهيو هوندي آهي، جنهن جي عمل ۾ مزدور پنهنجو نہ، پر پنهنجي مالڪ جو هوندو آهي.



ان زبردستيءَ واري پورهيي ۾ مزدور پنهنجي جسماني ۽ ذهني توانائيءَ کي آزاداڻي ترقي نہ ٿو ڏي پر پاڻ کي ٿَڪائي ٿو، پنهنجي جسم کي ماري ٿو ۽ پنهنجي ذهن کي تباهہ ڪري ٿو. شين جي منطق مطابق تہ هن کي پورهيي ۾ هڪ خالص اضافي گهرج جي تسلي ڪرڻ گهرجي، پر هن لاءِ پورهيو سڀ کان ابتدائي گهرجن جي تسليءَ جو ذريعو ٿي پوندو آهي.

پورهيي جو ڌاريو ڪيل ڪردار سڀ کان وڌيڪ چٽيءَ طرح ان حقيقت ۾ نظر اچي ٿو تہ ماڻهو ان کي هڪ لعنت سمجهن ٿا، ان کي ٻُڇان سان نپائن ٿا ۽ ان کان ائين ڀڄن ٿا جيئن طاعون (پليگ) کان.

پورهيي جي عمل ۾ - جيڪو سڀ کان وڌيڪ انساني گهرج آهي - مزدور پاڻ کي انسان نہ ٿو محسوس ڪري. هتي هو رڳو هڪ لاچار ڪيل جانور جيان، هڪ جاندار مشين وانگر ڪم ڪري ٿو. ان جي ابتڙ پورهيي کان ٻاهر، پنهنجي ابتدائي، بنيادي طرح حيواني منصبي ڪم نپائڻ ۾، کائڻ، پيئڻ، جنسي ڪم، سمهڻ وغيره ۾ مزدور پاڻ کي آزاديءَ سان عمل ڪندڙ انسان جي حيثيت ۾ محسوس ڪري ٿو. ”جيڪو حيواني آهي اهو انساني ٿي پوي ٿو ۽ جيڪو انساني آهي اهو حيواني ٿي پوي ٿو.“

ائين مزدور جي پاڻان ڌارپائپ پورهيي جي عمل ۾ ظاهر ٿئي ٿي، ۽ ان جو سنئون سڌو نتيجو هوندو آهي ماڻهوءَ کان ماڻهوءَ جي ڌارپائپ، مزدور ۽ سرمائيدار جون مخالف حيثيتون.

مارڪس ڌارپائپ ۽ پورهيي جي پاڻان ڌارپائپ جي مسئلي کي جيئن نپايو آهي ان کي عام طرح منفي ئي پاسي کان معاشي حقيقت جي تباهہ ڪُن تنقيد جي حيثيت سان سمجهايو ويندو آهي، پوءِ بہ هن تنقيد ۾ جيڪو ڪجهہ موجود آهي ان جي مارڪس جي جائزي پٺيان مثبت اصولن کي، ان جي اندازي کي تہ انساني پروهيي ۽ انساني ناتن جو ڇا ٿيڻ گهرجي يعني ڪميونسٽ سماج بابت ان خيال کي بہ سمجهي سگهجي ٿو.

مارڪس کي پڪ آهي تہ پورهيي کي انساني فرد جي پاڻان ڌارپائپ نہ، پر <u>خود توثيقي</u> هئڻ گهرجي. ان کي روزيءَ جو ذريعو نہ، پر زندگيءَ جو جوهر هئڻ گهرجي، اهڙو عمل جنهن ۾ ماڻهو پنهنجين صلاحيتن کي پوريءَ طرح ۽ سٺيءَ طرح نکاري سنواري ٿو. پورهيي جي ترغيب ٻاهرين لاچاريءَ کي نہ، پر تخليق جي هڪ گهري اندروني خواهش کي هئڻ گهرجي.

”ايڪونوميشي اسٽوڊين (ايڪسزرپٽي)“ ۾، جيڪو ”1844ع جي معاشي ۽ فلسفياڻن مسودن“ جي گهڻو ويجهو آهي، مارڪس اوپري بڻايل انسان جي هن دنيا کي انسان جي حقيقي سماجي جوهر جو، ان جي ”سچي انسانذات واري زندگيءَ“ جو هڪ رَدِي خاڪو بڻائي ٿو.

"ايڪسزرپٽي" مان هينيون ٽُڪرو پڙهائي ٿو تہ نوجوان مارڪس ان حقيقي حياتيءَ جي تصويرڪشي هڪ اهڙيءَ دنيا ۾ جيڪا گهٽي "انساني طريقي سان" منظم هجي، يعني ڪميونسٽ سماج ۾ ڪهڙي قسم جي آهي.

"سمجهو تہ اسان انسان جي حيثيت سان پيداوار ڪئي، اسان مان هر هڪ پاڻ پنهنجي ۽ ٻئي جي ٻٽي نئين سر توثيق ڪري چڪي. ان صورت ۾ مون (1) ....... فعاليت دوران انفرادي حياتيءَ جي ظاهر ٿيڻ ۽ ان شي جي تصور ۾ انفرادي خوشيءَ جو مزو ماڻيو هجي ها...... (2) منهنجيءَ پيداوار مان توهان جي لطف اندوزي يا توهان پاران ان کي استعمال ڪرڻ ۾ مون کي ان احساس جي سنئين سڌي بہ لطف اندوزي ملي هجي ها تہ مون پنهنجي ڪم ۾...... هڪ اهڙي شي تخليق ڪئي آهي جيڪا ٻئي ماڻهوءَ جي گهرج سان هڪڪرائي رکي ٿي. (3) مان توهان جي ۽ انسانذات جي وچ ۾ پنهنجو پاڻ کي ٽياڪڙ محسوس ڪيان ها ۽ اهو تہ توهان مون کي پاڻ پنهنجي هستي جي هڪ توسيع جي حيثيت سان ۽ خود توهان جي هڪ ضروري حصي جي حيثيت سان ڄاتو ۽ محسوس ڪيو..... (4) مون کي معلوم هجي ها تہ زندگيءَ جي پنهنجي انفرادي نمود ۾ مون زندگيءَ جي توهان جي نمود جي سنئين سڌي تخليق ڪئي ۽ ان ڪري، مون پنهنجي انفرادي فعاليت ۾ پنهنجي صحيح هستيءَ ڄِي، پنهنجي انساني پنهنجي سماجي جوهر ڄِي سنئين سڌي توثيق ڪئي ۽ حاصلات ڪئي.

"منهنجو ڪم جيئڻ تہ زندگيءَ جي آزاداڻي واڌ ويجهہ هوندو، ان ڪري زندگيءَ جي لطف اندوزي هوندو. نجي ملڪيت جي موجودگيءَ ۾ اهو زندگيءَ جي ڏاريائپ هوندو آهي ان ڪري جو آءٌ جيئرو رهڻ لاءِ، گذر جو وسيلو ماڻڻ لاءِ ڪم ڪيان ٿو. منهنجو ڪم زندگي نہ آهي."

بورجوا سياسي معاشيات رڳو مادي قدرن جي دنيا کي دولت سمجهندي آهي. ان ڪري مزدور دولت ۾ واڌارو ڪرڻ جو هڪ ذريعو آهي. اها مزدور کي پنهنجين گهرجن کي دٻائڻ جي، ۽ بچت ڪرڻ ۽ پيسا ۽ شيون گڏ ڪرڻ لاءِ زندگيءَ جي خوشيءَ کي تياڳي ڇڏڻ جي تلقين ڪري ٿي.

جيترو گهٽ توهين کائيندؤ پيئندؤ جيترا گهٽ ڪتاب خريد ڪندؤ، جيترو گهٽ ٿيٽر، بال ۽ ڪيفي ۾ ويندؤ، جيترو گهٽ توهان سوچيندؤ، محبت ڪندؤ، فڪر ڪندؤ، ڳائيندؤ، تلواربازيءَ جي مشق ڪندؤ، وغيره وغيره، اوترو ئي وڌيڪ توهان بچائيندؤ، اوترو ئي وڌيڪ توهان جو خزانو هوندو، توهان جو سرمايو ٿي پوي ٿو توهان جون ماڻيل شيون.

ان نڪتي نظر موجب بنا پئسي، بنا مشين وارو ماڻهو ڪجهہ بہ نہ آهي. مشين ۽ پئسي سان ان کي سماج ۾ وزن ۽ اهميت ملي ٿي، اهي ان کي پاڻ پنهنجين نظرن ۾ اهم بڻائي ڇڏن ٿا.



هر اها شي جيڪا توهان پاڻ ڪري نہ ٿا سگهو ۽ ان کي توهان جو پئسو توهان لاءِ ڪري ڇڏي ٿو. پئسو کائي سگهي ٿو پي سگهي ٿو، بال ۽ ٿيٽر وڃي سگهي ٿو سفر ڪري سگهي ٿو فن پارا، علم، تاريخي عجوبا، سياسي طاقت ماڻي سگهي ٿو.

پنهنجي "1844ع جي معاشي ۽ فلسفياڻي مسودي" ۾ مارڪس ٽمون آف اٿينس جي خود ڪلامي (پاڻ سان گفتگو) نقل ڪري ٿو جنهن ۾ شيڪسپيئر "پيلي شيطان" جي مطلق قدرت جي ڳالهہ ڪري ٿو:

هي پيلو غلام
مذهب کي ڳنڍي ٽاهيندو،
وري ان کي ٽوڙي ورهائيندو
۽ لعنتين کي نعمت ڏيندو
ڪوڙهہ جي اهو پوڄا ڪرائيندو ۽ چورن کي
قانون ٽاهيندڙن جي تخت تي ويهاريندو
۽ انهن کي لقب ۽ عزت ڏئي
سڀ کان تعظيم ڪرائيندو....

مارڪس جي خيال ۾ شيڪسپيئر "پئسي جي حقيقي فطرت کي ڏاڍي عمدگيءَ سان ظاهر ڪري ٿو خاص طرح پئسي جي ٻن گڻن تي زور ڏئي:

"هيءَ ڏسڻ ۾ ايندڙ الاهيت آهي ـ سڀني انساني ۽ قدرتي گڻن کي انهن جي ابتڙن ۾ نئين سر جوڙجڪ ڪري ڇڏڻ، شين کي آفاقي طرح گڏڻ سڏڻ ۽ مسخ ڪري ڇڏڻ.

"اها عام رنڊي آهي، ماڻهن ۽ قومن جي گڏيل هيروئن... پئسو انسانذات جي ڏاري بنايل صلاحيت آهي."

شيڪسپيئر ۽ گوئٽي جي شاعريءَ جي وجدان ماڻيل انهن خيالن کي مارڪس اڳتي هلي "سياسي معاشيات جي تنقيد ۾ واڌارو" ۽ "ناڻي" ۾ نکاريو سنواريو.

هڪ اهڙي دنيا ۾ جنهن جي اندرين حصي کي ٻاهر ڪيو ويو هجي، ڏاريائپ جي دنيا ۾، جيئن نوجوان مارڪس ثابت ڪيو، حصول ئي زندگيءَ جو مقصد ٿي پوي ٿو ۽ صحيح معنائن ۾ انساني گهرجن جي اوسر بدران شين بابت هڪ افادي صارفاڻو رويو ظاهر ٿي پوي ٿو. شي ماڻهوءَ جو ماپو ٿي پوي ٿي، جڏهن تہ ٿيڻ ان جي ابتڙ گهرجي. انساني صلاحيت جي دولت جي جڳهہ مادي دولت وٺي ٿي.

ڏاريائپ جي دنيا اهڙي رديِ، ابتدائي گهرجن جي دنيا آهي جيڪا دولتمند ٿيندڙن جي صورت اختيار ڪري وٺن ٿيون. "نجي ملڪيت اسان کي ايترو تہ

چريو ۽ هڪ طرفو بڻائي ڇڏيو آهي. جو ڪا بہ شَي اسان جي تنهن وقت هوندي آهي جڏهن اها اسان وٽ هوندي آهي.... يا جڏهن اسان ان جا سنوان سڌا مالڪ هوندا آهيون، ان کي کائيندا، پيئندا، پائيندا، ان ۾ رهندا وغيره آهيون“. سيني جسماني ۽ ذهني حواسن جي جڳهہ تي ملڪيت جو احساس اچي وڃي ٿو.

نتيجو اهو هوندو آهي تہ شيون ماڻهوءَ تي نہ رڳو پورهيي جي عمل ۾ ڇانيل رهنديون آهن، پر گهر ۾ بہ. ماڻهو پنهنجين دلچسپين کي شين تي مرڪوز ڪري اها ڳالهہ ڏسي ئي ڪو نہ ٿو تہ هو انهن جو چاڪر ٿيندو پيو وڃي، تہ اهي نہ رڳو هي تہ سندس پورهيي جي ڪردار ۽ رفتار جو پر سندس آرام جي ڪردار ۽ انداز جو ۽ ٻين ماڻهن سان سندس نجي ناتن جي ڪردار ۽ انداز جو بہ تعين ڪري رهيون آهن.

جيڪا دنيا انساني طريقي سان منظم ڪئي وڃي، ان ۾ ڏاريائپ کي ٽاري ڇڏڻ جو مطلب رڳو اهو نہ هوندو تہ ماڻهن سان ماڻهوءَ جي ناتن ۾ تبديلي اچي وڃي، پر ان جي زندگيءَ جي سڄي ڪيفيت (ماهيت) ۾ تبديلي اچي وڃي.

مارڪس لکي ٿو تہ ”ماڻهوءَ کي سمجهو تہ هو ماڻهو آهي ۽ دنيا سان سندس ناتو انساني آهي، تڏهن توهان پيار جي بدلي ۾ پيار ۽ ڀروسي جي بدلي ۾ ڀروسو ماڻي سگهو ٿا. جيڪڏهن توهان فن کان لطف اندوز ٿيڻ گهرو ٿا تہ توهان کي فني لحاظ کان مهذب ماڻهو ٿيڻ گهرجي، جيڪڏهن توهان ٻين ماڻهن تي اثر وجهڻ گهرو ٿا تہ توهان کي ٻين ماڻهن کي ترغيب ڏيندڙ ۽ همت وڌائيندڙ اثر وارو ماڻهو هئڻ گهرجي. ماڻهوءَ ۽ فطرت سان توهان جي هر ناتي کي توهان جي حقيقي انفرادي حياتيءَ جو هڪ مختصر اظهار هئڻ گهرجي جيڪو توهان جي حياتيءَ جي ماڱ سان هڪڪرائي رکندو هجي. جيڪڏهن توهان موٽ ۾ پيار پيدا ڪئي بنا، پيار ڪريو ٿا – يعني جيڪڏهن پيار ڪرڻ جي حيثيت سان توهان جو پيار ڪرڻ موٽ ۾ پيار پيدا نہ ٿو ڪري، جيڪڏهن هڪ پيار ڪندڙ ماڻهوءَ جي حيثيت سان توهان پنهنجي جاندار اظهار وسيلي پاڻ کي محبوب ماڻهو نہ ٿا بڻائي سگهو، تہ توهان جو پيار نِبل آهي – هڪ نياڳ آهي.“♠

مارڪس بورجوا سياسي معاشيات ۽ ان جي پاڻَ پُورن دولت جي قدر وارن اصولن کي ماڻهوءَ جي نفيءَ جي مضبوط تبليغ قرار ڏي ٿو.

ڪميونسٽ سماج ۾ شين جي دولت اها ٿي پوندي آهي جيڪا ان کي هئڻ گهرجي– ماڻهوءَ جي حياتيءَ جو مقصد نہ، پر ڀرپور ۽ سگهاري انساني سرگرميءَ لاءِ رڳو هڪ وسيلو. ”.... سياسي ۽ معاشي دولت ۽ غريبيءَ جي جاءِ تي هڪ سکيو ستابو ماڻهو ۽ ڏار ڏار قسم جي انساني ضرورت اچي وڃي ٿي.“

---

♠ ڪارل مارڪس، ”1844 جا معاشي ۽ فلسفياڻا مسودا“.



اڳتي هلي ”ناٽي“ ۾ ۽ ان جي تياريءَ لاءِ لکتن ۾ مارڪس هر هر ان خيال ڏانهن موٽي اچي ٿو. هو اعلان ڪري ٿو تہ سڀ کان وڏي دولت، سماج جو سڀ کان وڏو سرمايو اهو نہ آهي جيڪو ماڻهو پيدا ڪري ٿو پر پاڻ ماڻهو ”ماڻهن جي گهرجن، صلاحيتن، واهپي جي وسيلن، پيداوري قوتن وغيره جي آفاقيت“ آهي. ڪميونسٽ سماج ۾ ماڻهو سموري سماجي پيداوار جو مقصد هوندو آهي ۽ مادي قدر ان مقصد کي ماڻڻ لاءِ وسيلو، شرط، بنياد هوندو آهي.

ٿَڪَ (پاڻان ڏاريائپ) ۽ مقصد جو انڪشاف ڪري، مارڪس ان مقصد ڏانهن اڳتي وڌڻ جي راهہ، ڏاريائپ کان ڇٽاهون ٿي وڃڻ جو رستو ٻڌائي ٿو. اهو سوال مختلف ملڪن جي سماجي ماهرن ۽ مارڪسزم جي عالمن جي وچ ۾ هاڻي بہ گهڻي تِکي بحث جو موضوع آهي.

مارڪس پوري ڇٽائيءَ سان ۽ بنا ڪنهن شڪ گمان جي، ان حقيقت کان شروع ڪري ٿو تہ ڏاريائپ کي ختم ڪرڻ جو دارومدار سڀ کان اڳ نجي جائداد کي ختم ڪرڻ تي آهي. نجي جائداد ”ڏاري بڻايل پورهيي جي پيداوار، ان جو نتيجو ۽ گهربل تسلسل“ يعني معاشي ڏاريائپ هوندي آهي.

ڏاريائپ جي مختلف صورتن جا سيئي هلڪا گهرا رنگ ۽ رُخ (سياسي، مذهبي، فلسفياڻہ، اخلاقي وغيره) معاشي ڏاريائپ ۾ گڏ ٿي ويندا آهن. سڄي انساني محڪوميءَ کي مزدور جي محروميءَ ۾، پيداوار جي لاڳاپي سان ان جي محڪوميءَ ۾ ظاهر ٿيڻ جو وجهہ ملي ويندو آهي. ”.... محڪوميءَ جا سمورا ناتا ان ناتي جون بدليل صورتون ۽ نتيجا آهن.“ هتي مارڪس سماج جي زندگيءَ ۾ پيداوري ناتن کي اڳواٽيءَ واري ڪردار واري خيال جي بنيادي طرح جوڙجڪ ڪري رهيو آهي.

هيگل وٽ سموري ڏاريائپ خيال جي ڏاريائپ ٿي پوندي هئي ۽ ان قسم جي ڏاريائپ کان ڇٽاهون ٿيڻ بہ فاعل جي ”شعور“ ۾ ممڪن آهي. پر جيئن تہ هو دنيا سان پنهنجن ناتن جي خادماڻي نوعيت کي محسوس ڪري ٿو ان ڪري ان جي ڏاريائپ اٽلي نہ ٿي ٿئي ۽ وڌي وڃي ٿي.

ترڻ سکڻ لاءِ رڳو پنهنجي ترندو هجڻ جو تصور ڪافي ناهي، آزاد ٿيڻ لاءِ اهو ڪافي ناهي تہ ماڻهو پاڻ کي آزاد سمجهي. ”نجي جائداد جي خيال کي ختم ڪرڻ لاءِ تہ ڪميونزم جو خيال بلڪل ڪافي آهي، پر واقعي نجي جائداد کي ختم ڪرڻ واقعي ڪميونسٽ عمل گهربل هوندو آهي.“

مارڪس کي ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ ”تاريخ پاڻ سان گڏ ڪميونسٽ عمل ڪٺي ايندي“ پر هو پاڻ کي انهن خوشفهمين سان تسڪين نہ ٿو ڏي جيڪي يوٽوپيائن جي خاصيت هيون، تہ نجي جائداد جو خاتمو ڏاڍي تيزيءَ سان ۽ بنا ڪنهن

ڳرب سان ٿي ويندو. سندس تاريخي سمجهه کيس بلڪل ٺيڪ نموني اهو ٻڌايو تہ هي "هڪ ڏاڍو ڏکيو ۽ ڊگهو عمل" هوندو.

نجي جائداد اوچتو، جادوءَ جي ڏنڊڪي گهمائڻ سان، وجود ۾ نہ آئي هئي، اها صدين جي اوسر واري عمل مان لنگهي آهي ۽ ان مختلف صورتون ورتيون آهن. ان جي اوسر اڃا تائين ختم نہ ٿي آهي. هاڻي ان صنعتي سرمائي جي صورت ورتي آهي ۽ ان صورت ۾ ان وقت تائين وڌندي ويجهندي رهندي جيستائين سماج جي سڀني مسامن تي حملو ڪري مٿن غالب نہ ٿي اچي وڃي، جيستائين اها پنهنجي سڀ کان وڏيڪ آفاقي شڪل ۾ هڪ عالمگير تاريخي قوت نہ ٿي بڻجي.

ان اُسريل صورت ۾ زندگيءَ سان تمتار نجي جائداد پنهنجي موت کي، پنهنجي ابتڙ کي- يعني صنعتي مزدورن جي ڏارئي ڪيل محڪوم پورهيي کي جنم ڏي ٿي.

ان گهڙيءَ اها پاڻ پنهنجي خاتمي ڏانهن وڌڻ لڳي ٿي، پر موت ڏانهن ان جو رستو اهو ئي رهي ٿو جيڪو اوج تائين جو هو يعني اها ڪميونزم جي جوڙجڪ جي مختلف صورتن ۽ ڏاڪن ۾ ظاهر ٿئي ٿي.

ڪميونزم، جيئن مارڪس بظاهر آمريڪا ۽ انگليند ۾ غريبن جي ڪميونزم جي تخليق جي ابتدائي غلطين کي ذهن ۾ رکندي ڏيکاريو آهي، پهريائين ردي برابري واري ڪميونزم جيان ظاهر ٿئي ٿو. اهو "ڪميونزم" نجي جائداد جي وحشي فطرت خلاف وحشي وسيلن سان احتجاج ڪري ٿو. ان تي اڃا بہ نجي جائداد ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ اٽبرابريءَ جو "جادو" ايتري قدر ڇانيل هوندو آهي جو اهو هر ماڻهوءَ کي هڪ گڏيل سطح تي (عورتن جي گڏيل هئڻ جي سطح تائين) پهچائي ڇڏي ٿو. اهو هر ان شَي کي برباد ڪري ڇڏڻ لاءِ جتن ڪندڙ هوندو آهي جيڪا هڪ ماڻهوءَ کي ٻئي ماڻهوءَ کان مٿيرو ڪري ٿي، جيڪا ان لائق نہ هوندي آهي تہ سڀ ان جا مالڪ ٿي سگهن.

ان ڪري "ردي ۽ بيرڪن وارو ڪميونزم" پاڻ کي ظلم ڪان، ماڻهن جي شخصيت کان اڪيلو ڪري وٺندو آهي. اهو مزور جي ڏاري ڪيل پورهيي کي ختم ڪرڻ نہ ٿو گهري پر هر ماڻهوءَ کي مزور ڪرڻ گهري ٿو.

ان قسم جو "ڪميونزم" جيڪو هر دائري ۾ ماڻهوءَ جي شخصيت جي "نفي" ڪري ٿو، هڪ ئي وقت "تهذيب ۽ تمدن جي سڄي دنيا" جي بہ نفي ڪندو آهي. ان جو آدرش هوندو آهي مفلس ماڻهوءَ جي غير فطري سادگي، جنهن جون گهرجون ڏاڍيون گهٽ هونديون آهن. اهو آدرش ان "سادگي" جي تصديق ڪري ٿو جيڪو نہ رڳو هي تہ نجي جائداد کان اڳتي نہ وڌي سگهي، پر ان تائين بہ نہ پهچي سگهي.



ان قسم جي "ڪميونزم" ۾ سرمائي ۽ پورهيي جي مخالف فطرت ختم نہ ٿي ٿئي، پر پورهيو (پنهنجي انتهائي ابتدائي صورت ۾) ان گروهہ جي حيثيت سان ظاهر ٿئي ٿو جيڪو هر ماڻهوءَ جو مقرر آهي ۽ سرمايو ظاهر ٿيندو آهي آفاقي سرمائي، سڄي سماج جي طاقت جي حيثيت سان.

مارڪس ان "رڌِي ڪميونزم" کي "نجي جائداد جي شرم" جو هڪ اظهار سڏيو. اهو ڏسڻ ڏکيو ناهي تہ ان تنقيد جي نظرياتي ۽ عملي اهميت اڃا تائين قائم آهي، تہ حد کان وڌيڪ انقلابي لفاظي ۽ انسانذات جي مسرت کان واقف ڪندڙ بيرڪن وارن طريقن جي عاشق عظيم ڪميونسٽ خيالن کي جيئن عمومي بڻائڻ ۽ بدنام ڪن ٿا، ان خلاف جدوجهد ۾ ان تنقيد کان مدد ملي ٿي.

ٻي صورت، جنهن جو مارڪس ذڪر ڪري ٿو، سڀ کان اڳ مستقبل بابت ڪجهہ انهن خيالن کي ذهن ۾ رکندي جيڪي ان وقت جي يوٽوپيائي سوشلسٽن ۽ پيٽي بورجوا ڊيموڪريٽن جي خاصيت هئا، اهڙو ڪميونزم آهي جيڪو اڃا تائين پنهنجي سياسي فطرت کان محروم نہ ٿيو آهي. اهو جمهوري بہ هوندو آهي ۽ حاڪماڻو بہ. اهو نجي ملڪيت جي قيد ۾ رهندو آهي ۽ ان جي جيوڙن جو شڪار ٿيندو آهي.

آخر ۾، ٽين صورت لاءِ ضروري آهي تہ ڏاريائپ جي سڀني شڪلين کي سچ پچ پري ڪرڻ جي حيثيت سان نجي ملڪيت کان "مثبت" طرح مٿيرو ٿيڻ- انساني تهذيب ۾ تمدن جي سموري دولت کي برقرار رکڻ ۽ ان کي ترقي ڏيڻ جي بنياد تي. اهو ڪميونزم پوري طرح اُسريل انسان دوستيءَ جي برابر هوندو آهي، اهو "انسان ۽ فطرت جي وچ ۾ ۽ انسان ۽ انسان جي وچ ۾ ٽڪراءَ جو سچو فيصلو" آهي.

تاريخ جي سڄي تحريڪ ان ڪميونزم جي پيدائش جو واقعي عمل، ان جي تجرباتي وجود جي پيدائش جو عمل آهي. ان مسئلي جو حل "ڪنهن ريت بہ رڳو ادراڪ جو مسئلو ناهي، پر زندگيءَ جو هڪ حقيقي مسئلو آهي، جنهن کي فلسفو ان ڪري حل نہ ڪري سگهيو جو هن ان مسئلي جو تصور رڳو تصوري مسئلي جي حيثيت سان ڪيو هو".

هڪ سال پوءِ مارڪس ان خيال جي جوڙجڪ پنهنجي ان مشهور چوڻيءَ ۾ ڪرڻ وارو هو: "فلسفين مختلف طريقن سان دنيا جي رڳو تفسير ڪئي آهي، پر ڳالهہ ان کان بدلائڻ جي آهي".

۽ پندرهن ويهہ سال پوءِ هو پنهنجي معاشي لکتن ۾ ڏاڍي گهرائيءَ ۽ تفصيل سان انهن خيالن کي نکارڻ سنوارڻ وارو هو جيڪي هن "1844ع جا معاشي ۽ فلسفياڻہ مسودا" ۾ پيش ڪيا هئا.

اهي پورهيي ۽ سرمائي جي مخالف نوعيت وارا خيال هئا. مزور هڪ واپاري جنس هجڻ، واپاري جنس کي عبادت لائق شي بڻائي ڇڏڻ، مزور کي هڪ ساهواري مشين ۽ وري هڪ مختلف جزن واري مشين جو هڪ پرزو بڻائي ڇڏڻ وارا خيال. اها جنس واپاري ناتن جي دنيا ۾ جتي ڪارخاني جو منتظم سرمائي جو وجود ۽ پورهيت جي پورهيي جي قوت جو وجود هوندو آهي، انساني شخصيت جي ڊاريائپ وارا خيال هئا.

”ڊاريائپ جي فلسفياڻن ڳُلي تصورن بدران مارڪس معاشيات جي بلڪل ٺيڪ ۽ بنا شڪ وارن گروهن جو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ استعمال ڪرڻ وارو هو پر اهو وڏي حد تائين اصول جو نہ. پر اصطلاح جو سوال آهي.

”1844ع جا معاشي ۽ فلسفياڻا مسودا“ هڪ نئين عالمي نُڪتي نظر جو ڏاڍو عمدو خاڪو هڪ پروگرام جو خاڪو آهي جنهن جي وضاحت ۽ تشريح ڪارل مارڪس جي باقي زندگيءَ جو خاص مقصد ٿيڻ واري هئي.

ان لکت جو مقدر ڏاڍو غيرمعمولي هو. دنيا کي ان جي ڄاڻ ان جي تخليق کان لڳ ڀڳ 90 سال پوءِ ۽ ليکڪ جي وفات کان لڳ ڀڳ 50 سال پوءِ پئي.

پر ترت ئي اُها اهڙي ئي ڌيان جي حقدار ٿي پئي جڇڪ انهيءَ ئي وقت انتهائي وقتائتي موضوع تي لکي وئي هجي. تڏهن کان ”مسودن“ بابت مختلف ملڪن ۾ ڪوڙ ڪتاب لکجي چڪا آهن. انهن بابت ادب جو انبار وڌندو پيو وڃي ۽ بحث ڏينهون ڏينهن تکا ٿيندا پيا وڃن. ايئن ٿو لڳي جڻ اسين جيترو ان لکت جي دَور کان پرتي ٿيندا پيا وڃون تيئن ئي اها وڌيڪ وقتائتي ٿيندي پئي وڃي.

ان ۾ جيڪي مسئلا پيش ڪيا ويا آهن اهي مارڪسزم بابت مختلف خيالن – عمومي اصول پرست کان وٺي عامي ترميم پرست تائين – جي وچ ۾ جهيڙي جو ميدان ٿِي پيا آهن.

۽ مزيدار شَي هيءَ آهي تہ ٻنهي ”انتهائي سِرن“ جي وچ ۾ ڪجھ نہ ڪجھ گڏيل هوندو آهي. ٻئي سِرا ٻن مارڪسين يعني نوجوان مارڪس ۽ پڪي سوچ واري مارڪس جي وچ ۾ فرق ڪن ٿا. بس اهي مختلف طريقن سان ايئن ڪن ٿا. پهريان ذڪر ڪيلَ نوجوان مارڪس کي ”سچو“ مارڪس سمجهن ٿا ۽ پوءِ ذڪر ڪيلَ ”پڪي سوچ واري“ مارڪس کي ”سچو“ سمجهن ٿا.

ٻئي رويا مارڪسزم جي هڪ ڇيڙاڙيل، ابتدائي تصور کي ظاهر ڪن ٿا. ان جي وضاحت ان حقيقت سان ٿئي ٿي تہ ذهني بي عمليءَ سبب مارڪسزم کي اصول پرستاڻن معيارن سان ماپيو وڃي ٿو. پر ”مسودا“ ۽ ”ناٽو“ ٻن اصولن جي حيثيت سان، ٻن مڪمل فلسفي جي نظامن جي حيثيت سان ايئن هڪ ٻئي جي مخالفت نہ ٿا ڪن تہ پهرين جي مرڪز ۾ ”انسان دوستي“ آهي ۽ ٻئي جي مرڪز ۾ ”معاشيات پرستي“.



جيڪڏهن اهي هڪ ٻئي جي مخالفت ڪن ٿا تہ رڳو پيڙهہ ۽ چوٽيءَ جي حيثيت ۾. هڪ جي حيثيت اهڙي لکت واري آهي جنهن ۾ آفاقي طرح معروف لقائن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جو فڪر ڪوجهيو ويو آهي ۽ ٻيءَ جي حيثيت اهڙي لکت واري آهي جنهن ۾ ان فڪر کي ڪم ۾ آندو ويو آهي. هڪ فلسفياڻي معاشي لکت آهي ۽ ٻي معاشي فلسفياڻي لکت آهي.

مارڪسزم ڪو اصول ڪونهي پر هڪ فڪر آهي، جيئن ان جا باني اڪثر چوندا رهندا هئا. ان ڪري ان کي مختلف لکتن جي ”تهيل تڪيل“ اڏاوتن جو تفسير ڪري سمجهي نہ ٿو سگهجي. مارڪسزم جي جيئري روح کي رڳو چرپر ۾، خيالن جي پيدائش ۾، فڪر جي لاڳيتي تڪميل ۾ سمجهي سگهجي ٿو.

اصول پرستيءَ واري تنگ نظريءَ کي ”ناٽي“ ۾ ڪا بہ ”انسان دوستي“ نظر نہ ٿي اچي، ان ڪري جو اها مارڪس جي سچي ورثي ۾ ان جي ان لکت جي جاءِ کي نہ ٿي سمجهي، اها نہ ٿي سمجهي تہ ڪهڙن انساني آدرشن جي ڪري مارڪس ”معاشي ماڻهو“ جو اهڙو ڏکيو ڏيکارجندڙ اڀياس ڪيو هو. اها مارڪس جي انسان دوستيءَ کي نہ ٿي ڏسي، ان ڪري جو اها فلسفو جهاڙائيندڙ شيخ چِليئن جي جذباتي خيرات پسنديءَ کي ”انسان دوستي“ سمجهڻ جي هيراڪ آهي.

ٻئي پاسي مارڪس جا نقاد، جيڪي ساڳي ئي قسم جي تنگ نظريءَ جو شڪار آهن، مارڪسزم جي اڏاوت لاءِ ”مسودن“ جي عظيم اهميت کي سمجهڻ جي صلاحيت نہ ٿا رکن. اهي جڏهن ”ڊاريائپ“ ۽ ”انسان دوستيءَ“ بابت ٻڌن ٿا تہ شَڪي انداز ۾ نَڪ گهنجائن ٿا، تہ ڇا اهي ڳُلي تصور پوريءَ طرح مارڪسي آهن؟ اهي مارڪسزم جي ابتدائي اسڪيم بند تفسير جي هو ڇنبي ۾ مارڪس جي خيالن جي دولت کي ڦاسائي نہ ٿا سگهن ۽ اهي بس ان ئي قسم جي تفسير کي سمجهڻ جي صلاحيت رکن ٿا، ان ڪري سندن من چاهي ٿو تہ اهي ”خالص“ ۽ ”اڻخالص“ مارڪس، ”پڪي سوچ واري“ ۽ ”ڳچي سوچ واري“ مارڪس جي وچ ۾ فرق ڪن.

مارڪس جي انسان دوستي ڪو عارضي تصوري جنون ڪو نہ هئي، جيئن ان شَي جي ڄاڻي واڻي ۽ اڻ ڄاڻائيءَ ۾ نظرئي ساز خيال ڪرڻ گهرن ٿا، جنهن کي مارڪس ”رڌي ڪميونزم“ جو نالو ڏنو هو. انسان دوستي مارڪسزم سان ڪا ڳنڍيل شَي ناهي پر ان جي ٺيڪ دل، اهو اندروني سرچشمو آهي جيڪو ان کي توانائي ۽ زندگي عطا ڪري ٿو جيڪو ان کي انسانذات جي خوشيءَ لاءِ وڙهندڙ ڪروڙن ماڻهن جو عالمي نُڪتي نظر بڻائي ٿو.

مارڪس جي انسان دوستي، جيئن اها ”مسودي“ ئي ۾ ظاهر ٿي پوي ٿي، ڪا ٻاراڻي فيوئرباخي معذرت، علم الانسان ناهي، جيڪا ٻن ماڻهن جي محبت ۽ فطرت سان انهن جي قربت کي الاهيت جي رتبي تي پهچائي ٿي. هيءَ هڪ تعليم

آهي جنهن ماڻهوءَ تي ڏاڍ ۽ ظلم جي سڀني صورتن سان نفرت ڏني آهي، اهڙي تعليم آهي جيڪا پنهنجي اندر نئين سر سماجي اڏاوت جي زبرست سگهه رکي ٿي.

”1844ع جا معاشي ۽ فلسفياڻا مسودا“ (۽ ڊوئچ فرانزيسيشي ياربيوخير“ ۾ واسطيدار مضمونَ) مارڪس جي روحاني اوسر ۾ هڪ انتهائي اهم وقعت جي حيثيت رکن ٿا. ان کان اڳ واريون لکتون مارڪسزم تائين انهن جي راهه جي خصوصيت کن ٿيون ۽ ان کان پوءِ واريون لکتون مارڪسزم جي سڀني جزن ۾ ۽ سڀ کان اڳ سياسي معاشيات جي دائري ۾ مارڪسزم جي اوسر. قطعيت ۽ وضاحت ۽ تشريح جي خصوصيت کن ٿا.

1844ع واري سال کي سائنسي عالمي نُڪتي نظر جي جنم جو سال چئي سگهجي ٿو. پر اسين ان سال جي نشاندهي نه ٿا ڪري سگهون جنهن ۾ ان عالمي نُڪتي نظر جي جوڙجڪ تڪميل کي پهتي. جوڙجڪ ته مارڪس ۽ اينجلس جي سڀني لکتن ۾ سندن موت تائين برابر هلندي رهي، اج به هلي رهي آهي ۽ تيستائين هلندِي رهندي جيستائين انساني سماج جو وجود آهي.



# هڪ ڏاهوءِ ان جو ماحول

**اوهان جي خاص خاصيت؟**

**_ مقصد جي وحدت.**

**اوهان جو محبوب اصول؟**

**_ ڪا به انساني شَي مون لاءِ اوپري نا هي.**

**_ ڪارل مارڪس جي ”اعتراف“ مان.**

جيستائين مارڪس جي عالمي نُڪتي نظر جي خاص رُخن جي جوڙجڪ ٿِي، تيستائين سندس شخصيت جي جوڙجڪ به ٿي چڪي هئي، جيڪا هڪ اهڙي انسان جي شخصيت هئي جنهن ۾ سائنسدان ۽ انقلابي ملِي هڪُ ٿي ويا هئا. مارڪس سائنس ۾ ناهوڪو انقلابي هو ۽ انقلاب ۾ سائنسدان هو. جنهن فلسفي ۾ ۽ سماج بابت خيالن ۾ صحيح معنائن ۾ ڪاپرنيڪس جهڙي اٿل پُٿل پيدا ڪئي هئي ۽ سچي انقلابي نظريي ۽ عمل کي سخت سائنس جي مدارن تي قرڻ لاءِ ”مجبور“ ڪري وڌو هو.

مارڪس پاڻ کي اهڙو مثالي انسان ثابت ڪيو جيڪو پنهنجن همعصرن ۾ وڏيڪ گهرائيءَ تائين ماضيءَ جي تهذيبي ورثي ۾ مهارت ماڻي ۽ تنقيدِي طور ان جي نئين جوڙجڪ ڪري، پنهنجن عظيم اڳواڻن جي پيٺ ۾ گهٽو وڏيڪ پنهنجي وقت کان اڳتي نڪري ويو هو.

مارڪس جيئن ته پاڻ به گهڻ رُخو ترقي يافته انسان هو ان ڪري هن تخليقي حيثيت سان به پاڻ کي گهڻ رُخي طور ظاهر ڪيو. انساني سرگرميءَ جي ڪنهن هڪ به اهڙي دائري جي به نشاندهي ڪرڻ ڏُکيو هوندو جيڪو سندس تجسس پري سوچ کان بچيو هجي. اسان بلڪل حقُ ڳالهائي مارڪس جو ذڪر فلسفيءَ ۽ معاشي ماهر، سماجي ماهر ۽ مؤرخ، انقلابي ۽ اڳواڻ، صحافي ۽ ٻوليءَ جي ماهر، ادب جي عالم ۽ اخبار نويس طور ڪري سگهون ٿا.

اسان ڄاڻون ٿا ته مارڪس ”ناڻي“ تي پنهنجو ڪم پورو ڪرڻ کان پوءِ هڪ ”منطق“، فلسفي جي تاريخ تي هڪ ڪتاب، بالزاڪ بابت هڪ ڪتاب ۽ گراخ ٻائرن بابت هڪ ڊرامو لکڻ چاهي پيو. رياضيءَ جي دائري ۾ ۽ ٽيڪنيڪ جي تاريخ ۾ ڪجهه اصلي اپياس هن سان يادگار آهن ۽ ڪيس فزڪس، ڪيمسٽريءَ، بائلاجيءَ ۽ ڪامليت جي نظريي جي ڪارنامن سان دلچسپي هئي.

مارڪس پنهنجي طبعي مقصديت سان پنهنجي بحر جهڙي علم ۽ سڀ رُخي ترقي يافته صلاحيتن کي معاشي مسئلن کي حل ڪرڻ تي مرڪوز ڪيو جيڪو سندس سائنسي تحقيق جو خاص موضوع بڻجي ويو. پر ڪو به محدود پيشيوراڻو ماهر ”ناڻي“ جهڙي ڪا شي ڪڏهن به ڏئي نه پئي سگهيو.

سندس شخصيت ظاهري طور به ايڏي ئي نمايان هئي. ان حقيقت کي اهي ماڻهو به محسوس ڪندا هئا جيڪي مارڪس کي مٿاڇرو ڄاڻيندا هئا ۽ مارڪسزم کان اوپرا هئا.

روسي لبرل اديب. آننڪوف مارچ 1846ع ۾ مارڪس سان برسيلز ۾ مليو ۽ هن لکيو ته مارڪس اهڙو ماڻهو آهي جيڪو توانائيءَ، قوت اراديءَ ۽ لازوال يقين جو وجود هو ۽ سندس شڪل ۽ صورت به ڏاڍي نمايان هئي. گهاٽن ڪارن وارن واري مَٿي، ٻج وارن هٿن ۽ هيٺ مٿي بٽڻ لڳل ڪوٽَ سان هُو اهڙو ماڻهو لڳي پيو جيڪو ڪهڙي به انداز ۾ اوهان اڳيان اچي ۽ ڪجهه به ڪري، اوهان جي احترام جو مستحق آهي. سندس سيئي چرپرون ٽِڪيون پر واضح ۽ پراعتماد هيون. ماڻهن سان سندس ورتاءَ جي پوري انداز جي خاصيت هئي آزادگي ۽ جيڪي شيون عام طرح ميڃيل هيون، انهن کان مختلف هو ۽ سندس کهرو. ڪڙڪندڙ آواز ماڻهن ۽ شين بابت سندس فيصلن جي قطعي نوعيت سان پوريءَ طرح هڪجهڙائي رکي پيو.

28 ورهين جي مارڪس آننڪوف کي هڪ اهڙي شخص جي حيثيت سان متاثر ڪيو جنهن کي ان ڳالهه جو يقين هجي ته سندس ڪم جو منصب آهي انسانن جي ذهنن تي حڪمراني ڪرڻ ۽ سندن رهنمائي ڪرڻ، جيڪو سيني ”نقلي پيغمبرن“ ۽ ”انسانذات کي ڇڏائيندڙن“ جي برخود غلط جهالت کان بيزار هو.

آننڪوف ڪميونسٽ خط پَٽ ڪاميٽيءَ جي هڪ گڏجاڻيءَ جو احوال ٻڌايو آهي، جنهن ۾ مارڪس ۽ ولهلم وائٽلنگ جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو. وائٽلنگ يوٽوپيائي ڪميونزم جي ردي برابريءَ واري صورت جو اصول ساز هو ۽ هن پنهنجي منجهيل پر نمايان واعظن سان جرمنيءَ ۾ ڊَپ پڪيڙي ڇڏيو هو ۽ مزورن ۾ سندس ڪجهه پيروڪار به پيدا ٿي پيا هئا.



مارڪس انهن تصوري اصولن بابت ڪجهه تکا سوال پڇيا جيڪي وائٽلنگ پنهنجيءَ سرگرميءَ ۾ راهه جي مشعل بڻائڻ وارو هو. ان تي وائٽلنگ ناپائداريءَ سان وضاحت ڪرڻ شروع ڪئي ته انهن جو مقصد نوان معاشي نظريا خلقڻ نه، پر مزورن کي انهن جي حيثيت جو خراب پاسو ڏيکارڻ ۽ کين جمهوري ۽ ڪميونسٽ ڪميونن ۾ متحد ٿيڻ جي تعليم ڏيڻ آهي.

ان تي ڪاوڙ منجهان منهن گُهنجائي مارڪس اوچتو وائٽلنگ جي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽِي ۽ ٺوڪ مان چيو ته عوام کي سندن سرگرميءَ جي مستحڪم، سوچيل سمجهيل سبب ٻڌائڻ کان سواءِ ڀڙڪائڻ رڳو انهن کي ٺوڪو ڏيڻ ٿيندو. مزور کي ڪنهن به طرح سائنسي خيالن يا تعميري نظريي کان سواءِ آواز ڏيڻ واعظ جي ان غيرديانتداراڻي تماشي جي برابر آهي جيڪو اهو سمجهندو آهي ته هڪ طرف الهامي پيغمبر آهي ۽ ٻئي طرف بي عقل گڏهه آهن.

وائٽلنگ جو ڦڪو مُنهن ڳاڙهو ٿي ويو. هن وڏي شانَ سان پنهنجين خدمتن جو ذڪر ڪرڻ شروع ڪيو ۽ خاص طور چيو ته سندس ٿورو گهڻو ابتدائي ڪم مصيبت ۾ ڦاٿل دنيا ۽ ڏک سور ۾ ڦاٿل عوام کان صفا ڪٽيل نظرين جي تنقيد ۽ آرام ڪرسيءَ تي ويٺي ويٺي انهن جو تجزيو ڪرڻ کان شايد گڏيل مقصد لاءِ وڌيڪ عزت وارو آهي.

انهن لفظن تي ڪاوڙ ۾ پرجي مارڪس ميز تي ايڏو ته زور سان مُڪ هنئي جو ان تي رکيل لئمپ لُڏي ويو ۽ ڪڙ ڪڙ ڪرڻ لڳو. هُو اهو چوندي اُٿي بيٺو ته ”جهالت اڄ تائين ڪنهن جي مدد ناهي ڪئي!“

مارڪس سان جيڪي ماڻهو ملندا هئا، تن مان گهڻائي ان سختيءَ تي حيران ٿي پوندا هئا، جنهن سان مارڪس ماڻهن ۽ نظرين بابت ”فيصلا“ ڏيندو هو. مارڪس جي بدتهذيب يادگيريون لکندڙن ۽ سوانح نگارن اڪثر ڪري سندس بي صبري ڪاوڙ سندس ”آمراڻن“ اندازن ۽ انهن ماڻهن لاءِ سندس ”ميفسٽوفليزي“ نفرت جي اڪثر ڪري شڪايت ڪئي آهي جيڪي سندس هم خيال نه ٿيندا هئا.

مارڪس پنهنجن مخالفن سان جيڪي بحث ڪندو هو اهي اڪثر ڪري جذباتي رنگ ۾ رڱجي ويندا هئا. مارڪس پيدائشي سياستدان ۽ انقلابي هو ۽ سندس لاءِ سماجي سائنس اهڙو ميدان هو جتي راين جو ٽڪراءُ مختلف سماجي طبقاتي مؤقفن جو ٽڪراءُ بڻجي پڌرو ٿيندو هو نه ڪي اهڙن پرائيويٽ پروفيسرن جي علمي اعتبار کان مجهول ۽ ڏوڪي سان اخلاقي بحث، جيڪي ان فن ۾ مهارت حاصل ڪندا آهن ته هارِي ويندڙ راند کيڏندي به نِرڙ تي گهنج نه پوي.

اصول جي سوالن تي مارڪس جي فيصلي ۾ ڪڏهن به نرمي نه ٿيندي هئي، پوءِ اهو ڀلي ته اهڙن ماڻهن جو سوال ڇو نه هجي جن سان سندس سالن جا ناتا رهيا

هجن. مارڪس پاڻ هڪ رُخي ذهنيت جو ماڻهو هو ۽ ٻين جي عملن کي ماپڻ لاءِ ٻٽو معيار استعمال نہ ڪندو هو: هڪ ”انساني“ سطح لاءِ ۽ ٻيو سائنسي ”ڪاروباري“ سطح لاءِ. جيڪو ماڻهو سائنسي نظريي يا انقلابي عمل جي سوالن تي ”انڪار“ ڪندو هو، اهو مارڪس جي نظرن ۾ هڪ اخلاقي غلطي بہ ڪندو هو ۽ صرف مفڪر يا انقلابيءَ جي حيثيت سان ئي نہ، پر انسان جي حيثيت سان بہ سندس احترام کان محروم ٿي پوندو هو. ساڳيءَ طرح ڪنهن جي ذاتي رشتن ۾ ٿورڙي بہ بد احتياطي مارڪس وٽ ان ڳالهہ جو مناسب ڪارڻ ٿي پوندي هئي تہ هُو ان ماڻهوءَ تي سائنسي ۽ سياسي ٻنهي معاملن ۾ ڀروسو نہ ڪري.

اهو پراڻو قانون تہ ”افلاطون مون کي پيارو آهي، پر سچائي صفا پياري آهي“ پنهنجن دوستن سان مارڪس جي لاڳاپن ۾ پوريءَ طرح مجسم ٿي پوندو هو. سچائيءَ سان دغا ڪرڻ تي هُو ڪنهن کي بہ معاف نہ ڪندو هو. سائنسي سوالن تي اختلاف راءِ هميشہ ان ڳالهہ جو سبب بڻبو هو تہ نيٺ اهي دوستي ٽوڙڻ ۽ پوءِ ڇُپندڙ مناظرائي جنگ شروع ٿي پوي.

برونو باير، ايڊولف روٽنبرگ، آرنلڊ روگي، پيئر پروڌان، ميخائيل باڪونين، موزيس هيس، ولهلم وائٽلنگ ۽ گيورگ هيرويگ جي معاملي ۾ ايئن ئي ٿيو.

نوجوان مارڪس پنهنجي ذهني اوسر ۾ اهڙو ٽِڪو قدم کنيو جو سندس اڳوڻا هم خيال دوست پٺتي رهجي ويا. پر اصل ۾ اها ڳالهہ نہ هئي جنهن تي سندس مناظراڻي ڪاوڙ اُٿلي پوندي هئي. هُو بنهہ اهڙو ماڻهو نہ هو جيڪي علم ۽ پنهنجين صلاحيتن جو ڏيکاءُ ڪندا هجن. علم جي کوٽ سبب پيدا ٿيندڙ نادانيءَ کي هُو هميشہ سمجهي وٺندو هو ۽ ان کان ڪِنارو ڪندو هو، پر عالم نما جاهلن جي سهنجين ۽ ويڙهين ۾ رڌل لالچن کي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندو هو جيڪي ٻين کي سبق سيکارڻ ۽ رهنمائي ڪرڻ جا دعويدار هئا. اهڙين حالتن ۾ جهالت ذاتي ڪوتاهي ناهي رهندي پر هڪ سماجي خطرو بڻجي پوندي آهي، ۽ مارڪس ان جي مذمت ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏيندو هو.

هن مختلف ماڻهن بابت راءِ قائم ڪرڻ ۾ تقريباً ڪڏهن بہ غلطي نہ ڪرڻ واري فطري حواس جو مظاهرو ڪيو. هُو نہ رڳو اهو تہ ان سماجي مؤقف کي چٽيءَ طرح ڏسي وٺندو هو جيڪو ڪو بہ ماڻهو ڪنهن خاص موقعي تي اختيار ڪندو هو پر هُو اڳ ـ ڪٿي بہ ڪري سگهندو هو تہ ان جو اهو مؤقف مستقبل ۾ ان کي ڪٿي پهچائيندو. سندس تنقيدي حملا شروعات ۾ اجايا لڳندا هئا، پر ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ خبر پوندي هئي تہ مارڪس صحيح هو.

فڪر جي ”دهشت پسند“ برونو باير پوءِ رجعت پرستيءَ واري اخبار ”ڪروئز زاءِ ٽونگ“ لاءِ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ايڊولف روٽنبرگ، جنهن پنهنجي



سرگرمي سياسي شهيد جي حيثيت سان شروع ڪئي هئي، ايڏو ڪِريو جو ”پروسيشير اشٽاٽس انزائگر“ جو ايڊيٽر ٿيو. آرنلڊ روگي، جنهن 1840ع جي پوءِ واري ڏهي ۾ پنهنجين لکڻين جي صفحن تي سياسي جدوجهد جو بگل وڄايو هو پنهنجي زندگيءَ جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ بسمارڪ جو حامي بڻجي ويو.

جيستائين وائٽلنگ ۽ پروڌان جو سوال آهي، تہ ميرنگ صحيح لکيو آهي تہ سندن مقدر اهو هو تہ کين ساڳئي قسم جي مشهوري ۽ ساڳئي قسم جو افسوسناڪ انجام ملي. سندن سرگرميءَ جي شروعات ۾ سڀ کان گهٽ مارڪس سندن واکاڻ ڪئي ۽ سندن وجودن ۾ مزور طبقي جو جاڳندڙ شعور ڏٺو. پر وائٽلنگ جرمن هنرمند جي محدود افق کان ۽ پروڌان فرانسي پيٽي بورجوائن جي محدود افق کان اڳتي وڌي نہ سگهيا. تاريخي اوسر جي لَهرن هنن کي جبلن تي اڇلي ڇڏيو ۽ هُو مارڪس کان ڌار ٿي ويا، جنهن اهو ڪم شاندار پڇاڙيءَ تائين رَسايو، جنهن جي ابتدا انهن ٻنهي ڪئي هئي.

پر مارڪس پاڻ ڏکين حالتن ۾ گذارڻ باوجود وائٽلنگ کان تعلق ختم ڪرڻ کان پوءِ بہ کيس مالي مدد ڏيندو رهيو. ان سلسلي ۾ هيس لکيو تہ ”توکان اها ئي اميد هئي تہ وائٽلنگ سان تنهنجي دشمني/عداوت ايڏي نہ وڌي جو تون هن لاءِ پنهنجي ٿيلهي جو منهن بند ڪري ڇڏين جيستائين ان ۾ ٿورو ڪجهہ بہ بچيل هجي.“

هڪ ڀيري مارڪس کي هيءُ پُور پيو تہ سندس فطري حواس کيس ڌوڪو ڏنو ۽ ميخائيل باڪونين لاءِ هُن جيڪا بي اعتمادي محسوس ڪئي هئي ان جي توثيق باڪونين جي انقلابي سرگرميءَ کان نہ ٿي. مارڪس بنا دير انهن غير دوستاڻن قدمن تي ڏک جو اظهار ڪيو جيڪي هن باڪونين خلاف تنهن وقت کنيا هئا جڏهن هو ”نوئيي رائنيشي زاءِ ٽونگ“ جو ايڊيٽر هو. هن باڪونين سان ٺاهہ ڪيو ۽ ”سندس حمايت ڪئي.“

ان ڳالهہ کي ڪيئي سال لنگهي ويا ۽ وري انٽرنيشنل ۾ باڪونين جي نفاق واري مؤقف اهو ثابت ڪيو تہ مارڪس جي فطري حواس کيس گهٽ ڌوڪو نہ ڏنو هو.

مارڪس هڪ ڀيري لکيو تہ ”مان ٿورن ئي ماڻهن سان دوستي رکندو آهيان پر ان دوستيءَ جو قدر ڪندو آهيان “ ۽ سچ پچ بہ سندس ٿورا ئي حقيقي ۽ سچا دوست هئا. پر اهي ڪيڏا نہ بلور وانگر شفاف ماڻهو هئا ۽ پرولتاريہ جي مقصد سان ڪيڏا نہ وفادار! ولهلم وولف، جوزف ويڊيميئر، ولهلم ليبڪنيخت ۽ گيورگ ويئرٿ...

مارڪس ايڏي شدت سان نفرت ان ڪري ئي ڪري سگهي پيو جو محبت ۽ دوستيءَ جا ايڏا گهرا جذبا رکڻ لائق هو. ٻن ماڻهن سندس زندگيءَ ۾ غير معمولي

ڪردار نڀايو: جيني جي محبت ۽ اينجلس جي دوستي، مارڪس لاءِ قسمت جا سڀ کان وڏا تحفا هئا.

جيني فقط سندس زال نہ هئي پر سندس سڀ کان ويجهي دوست ۽ صلاحڪار ۽ سندس لکڻين جي پهرين نقاد بہ هئي. مارڪس (پنهنجي دوست هائني وانگر) سندس لطيف شَي جو، سندس نفيس جمالياتي ذوق جو، سندس علم جو ڏاڍو قدر ڪندو هو جيڪو ڪجهہ دائرن ۾ خود مارڪس جي علم کان گهٽ نہ هو. هُو جيني جي ادبي لياقت جو مداح هو ۽ خط لکڻ جي فن ۾ تہ کيس حقيقي باڪمال سمجهندو هو.

مارڪس ڏاڍو ناهوڪو ادبي انداز (طرز) رکندڙ هو جيڪو ولهلم ليبڪنيخت جي لفظن ۾، "تاسيتس جي سخت ڪاوڙ ڀرِي چيڙاڪي، جووينال جي قاتل ٺوڪَ ۽ ڊانٽي جي مقدس غضب" جو امتزاج هو. بهرحال هُو ان فن ۾ بہ جيني جي مدد سان پاڻ کي ڪامل بڻائيندو رهيو.

مارڪس نالي جينيءَ جو هڪ ڏاڍو دلچسپ خط، جيڪو هن جُون 1844ع ۾ لکيو هو، هٿيڪو رهجي ويو آهي، جنهن ۾ هوءَ مارڪس جي طرز جي تنقيد ڪري ٿي ۽ کيس صلاح ڏئي ٿي، "تمام گهٽي ڪاوڙ ۽ چيڙاڪيءَ سان نہ لکو. توکي خبر آهي تہ تنهنجن ٻين مضمونن جو اثر ڪيڏو گهڻو ٿيو آهي. ڪاروباري ۽ لطيف انداز ۾ لک، پر مزاحيہ ۽ سولي انداز ۾. مهرباني ڪري، منهنجا پيارا، ڪاڳر تي قلم کي رواني‌ءَ سان هلڻ ڏيو پوءِ ڀلي تہ اهو ڪڏهن ڪڏهن ٿڏو ڪائي ڪِري پوي، ۽ ان سان گڏ جملو بہ. تنهنجا خيال پوءِ بہ رهجي وڃن ٿا. اهي پراڻي گارڊ جي گولا هلائيندڙن وانگر سڌا ئي بيٺا هوندا آهن، ايڏي عزت واري طريقي سان، محڪم ۽ جرئت سان، ۽ اهي پراڻي گارڊ وانگر چئي سگهن ٿا، 'مري وڃون ٿا پر هٿيار نہ ٿا اُڇليون'. تہ ڇا ٿيو جيڪڏهن وردي ڪڏهن ڪڏهن ڍري هجي، چست نہ هجي؟ فرانسي سپاهين ۾ جيڪا شَي سڀ کان سٺي هوندي آهي اها آهي سندن آزاداڻو ۽ پُرسُڪون رُوپ. جڏهن تون اسان جي سيٽيل پروشيائين بابت سوچيندو آهين تہ ڇا توکي ڏڪڻي ناهي وٺندي؟ ـ ان ڪري، گهين کي ڪجهہ ڍَرو ڪر ۽ گلوبند ۽ ٽوپلو لاهہ ـ اسم حال کي پنهنجي راهہ وٺڻ ڏي ۽ لفظ جيئن پنهنجو پاڻ ايندا وڃن تيئن ئي اهي لکندو وڃ. ويڙهہ لاءِ فوج کي ايڏي سخت تنظيم سان مارچ (پنڌ) ناهي ڪرڻي هوندي، ۽ تنهنجون فوجون تہ ميدان ڪٽي رهيون آهن نہ؟ دعا آهي تہ جنرل کي ڪاميابي ملي...."

جيڪي ماڻهو ڪين چڱيءَ طرح ڄاڻيندا هئا، انهن سڀني جو چوڻ آهي تہ مارڪس ۽ جيني ڏاڍا خوش ۽ ڪِل مُک زال مڙس هئا. ڪهڙيون بہ تڪليفون ۽ آزمائشون سندن محبت کي ڪمزور يا ڏڪارو ڪري نہ سگهيون. ان جي ابتڙ ايئن



لڳندو هو تہ بدقسمتي سندن جذبي کي اجا وڏيڪ پختو بڻائي ڇڏي ٿي. پڪيءَ ڄمار ۾ بہ مارڪس پنهنجيءَ زال لاءِ اهڙي ئي، "اورلاندو فيوريوسو" جهڙي نفيس ۽ پرجوش محبت محسوس ڪندو هو جيئن شاگرديءَ وارن سالن ۾.

1865ع ۾ هن جيني کي هڪ جذبن ڀريو خط لکيو جيڪا ڪجهہ ڏينهن لاءِ جرمنيءَ ويل هئي ۽ تنهن وقت 42 سالن جي هئي ۽ هڪ وڏي ڪٽنب جي ماءُ. اهو خط پنهنجي احساس جي نزاڪت ۽ توانائيءَ جي اعتبار کان قدر لائق انساني دستاويز آهي. اهو مارڪس جي شخصيت ۽ سندس جوان محبت جو، جيڪا عمر سان گڏ پوڙهِي نہ ٿي هئي، ايڏو مخصوص مثال آهي جو ان جو ڊگهو ٽُڪرو ڏيڻ اجايو نہ ٿيندو.

"منهنجي محبوبہ،

"مان توکي وري لکي رهيو آهيان، ان ڪري جو مان اڪيلو آهيان ۽ ان ڪري جو مون کي سدائين خيالن ئي خيالن ۾ تو سان ڳالهيون ڪرڻ سان ڏاڍي بيزاري ٿيندي آهي، جڏهن تہ تون ان بابت نہ ڪجهہ ڄاڻين، نہ ٻُڌِين، نہ مون کي جواب ڏئي سگهين.... تون مجسم منهنجين اکين اڳيان آهين، مان تو سان عمدگيءَ سان ورتاءُ ڪيان ٿو، توکي مٿي کان پيرن تائين چمان ٿو، تنهنجي اڳيان گوڏن ڀر جُهڪي پوان ٿو ۽ آهہ ڀريان ٿو 'مئڊم، مان اوهان سان پيار ڪيان ٿو' ۽ مان سچ پچ بہ تو سان پيار ڪيان ٿو ان کان گهڻو وڌيڪ جيترو مور آف وينس♥ ڪڏهن بہ ڪيو هوندو. ڪُوڙي ۽ سَڙيل دنيا سڀني ڪردارن جو ڪُوڙو ۽ مٿاڇرو تصور ڪندي آهي. مون کي بدنام ۽ منهنجي گلا ڪندڙ دشمنن مان ڪڏهن ڪنهن مون تي اهو الزام مڙهيو آهي تہ مان ٻئي درجي واري ٿيٽر ۾ پهرئين عاشق جو ڪردار ادا ڪرڻ لائق آهيان؟ تڏهن بہ اهو سچ آهي. جيڪڏهن انهن بدمعاشن ۾ خوش مزاجي هجي ها تہ اهي هڪ طرف 'پيداوار ۽ مٽا سٽا جي ناتن' جي تصوير چٽن ها ۽ ٻئي پاسي مون کي تنهنجن پيرن ۾ ويٺل ڏيکارن ها ۽ ان هيٺان لکن ها ـ هِن تصوير کي ڏسو ۽ ٻيءَ تصوير کي ڏسو. پر اهي تہ عقل کان وانجهيل بدمعاش آهن ۽ بيوقوف ئي رهندا جيستائين دنيا رهندِي.

".... تون مون کان ٿورو بہ پري ٿِئين تہ بہ مان هڪدم سمجهي وٺندو آهيان تہ وقت منهنجيءَ محبت کي انهيءَ ريت وڌايو آهي جيئن سج ۽ مِينهُن ٻُوٽي کي وڌائيندا آهن. جيئن ئي تون مون کان پري ٿيندي آهين تيئن ئي تنهنجي لاءِ منهنجي محبت پنهنجي اصل روپ ۾، هڪ ديوَ وانگر منهنجي سامهون ايندي

♥ شيڪسپيئر جي مشهور ڊرامي "اوٿيلو" جو مرڪزي ڪردار. (ايڊيٽر)

آهي جنهن ۾ منهنجي روح جي سڄي توانائي ۽ منهنجيءَ دل جو سڄو ڪردار مرڪوز آهي. مان ٻيهر پاڻ کي انسان سمجهندو آهيان ان ڪري جو مون کي هڪ عظيم جذبي جو عظيم احساس ٿيندو آهي، ۽ ڇڪتاڻ جيڪا مطالعو ۽ جديد تعليم اسان ۾ پيدا ڪندي آهي، ۽ شڪُ جنهن سان گڏ اسان لازمي طور مڙني داخلي ۽ معروضي تاثرن جي تنقيد ڪندا آهيون، اسان کي ننڍو ۽ هِيڻو ۽ روئڻ پِٽڻ وارو ۽ متزلزل بڻائڻ لاءِ گهڙيا ويا آهن، پر محبت، فيوئر باخ جي ’انسان‘ سان نہ، موليشوٽ جي ’حالت بدلجڻ‘ سان نہ، پرولتاريہ سان نہ، پر محبوبہ سان، تو سان محبت انسان کي ٻيهر انسان بڻائي ڇڏي ٿي.

”منهنجي محبوبہ، تون ڪلنديءَ ۽ پڇنديءَ تہ مان اوچتو تقرير ڪرڻ ڇو شروع ٿي ويس؟ پر جيڪڏهن مان تنهنجي نازڪ ۽ صاف دل کي پنهنجيءَ دل سان ملائي سگهان ها تہ مان چُپ رهان ها ۽ هڪ لفظ بہ نہ چوان ها. جيئن تہ مان توکي چمي بہ نہ ٿو سگهان ان ڪري ضروري آهي تہ پنهنجيءَ زبان سان چُمان ۽ لفظَ لکان. سچ تہ اهو آهي تہ مان شاعري بہ ڪري سگهان ٿو....

”ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ دنيا ۾ گهڻيون ئي عورتون آهن ۽ انهن مان ڪجهہ خوبصورت بہ آهن، پر مون کي ٻيو اهڙو مُکڙو ڪٿي ٿو ملي سگهي جنهن جو هڪ هڪ نقش ۽ جنهن جي هر هڪ ريکا منهنجي زندگيءَ جي عظيم ترين ۽ سيني کان وڏيڪ وڻندڙ يادن کي جاڳائي سگهي؟ تنهنجي پياري مُک ۾ مان پنهنجي اٿاهہ ڏک، پنهنجو ناقابل تلافي نقصان◆ پڙهي سگهان ٿو ۽ جڏهن مان تنهنجي منهن کي چمان ٿو تہ ڏک کي پري ڪري ڇڏيان ٿو. ’سندس ٻانهنِ ۾ دفن ٿِي، سندس چمين مان نئين حياتي ماڻي‘ – يعني تنهنجين ٻانهنِ ۾ ۽ تنهنجين چُمين سان. مون کي برهمڻ ۽ فيثاغورث ۽ آواگون بابت سندن تعليمون توڙي عيسائيت ۽ نئين حياتيءَ بابت ان جي تعليمون نہ گهرجن.“

جيني گهريلو ڳٽتين جي بارَ باوجود مارڪس جي سائنسي ۽ سياسي ڪم ۾ سندس اڻ ٿَڪ ۽ ڪڏهن ساٿ نہ ڇڏيندڙ مددگار هئي. سالن تائين هوءَ سندس اهڙي سيڪريٽري رهي جنهن کان سواءِ ڪم ئي نہ پئي هلِي سگهيو. هوءَ مارڪس جي لکڻين جي ٻي ڪاپي لکندي هئي ۽ پارٽيءَ جي ڪمن سان سندس ’پيغام پهچائيندڙ‘ جو ڪم بہ ڪندي هئي. هوءَ مزور طبقي جي بين الاقوامي تحريڪ جي گهڻين ئي شخصيتن سان لک پڙهہ ڪندي هئي ۽ ان تحريڪ سان لاڳاپيل هر شَي ۾ ڏاڍي دلچسپي وٺندي هئي. هوءَ ڏاڍي فخر منجهان پاڻ کي پارٽي ڪارڪن سمجهندي هئي. لاسال جي نالي هڪ خط ۾ هن لکيو جيڪو مزاح کان خالي ناهي:

◆ هيءُ مارڪس جي پٽ ايڊگر جي موت جو ذڪر آهي. (ايڊيٽر)



”تڪڙ ۾ لکيل هن مختصر تحرير لاءِ معافي گهران ٿي. منهنجي مٿي ۾ ايڏو ڪجهہ آهي ۽ هٿن ۾ ايڏو ڪجهہ آهي ۽ اڄ مون کي شهر بہ وڃڻو آهي جنهن ۾ منهنجا پيرَ بہ بہ ٽي ڪلاڪ رڌل رهندا.

”جيئن اوهان ڏسي رهيا آهيو مان هاڻ بہ حرڪت ڪندڙ پارٽيءَ سان، اڳتي وڌندڙ مسافتون طَي ڪندڙ پارٽيءَ سان تعلق رکان ٿي ۽ سيني شين هوندي بہ هڪ سٺي پارٽي ڪارڪن ۽ هر ڪم ڪندڙ آهيان، جيڪو وٽيوَ ڇئي وٺو.“

مارڪس ۽ جيني، زال مڙس جي گهر ۾، انتهائي خاڪساريءَ واري نموني جي زندگيءَ باوجود سياسي جلاوطنن کي سدائين پناهہ، مدد ۽ آرام ملندو هو. ولهلم ليبڪنيخت پوءِ لکيو هو تہ ”مسز مارڪس شايد پاڻ مارڪس کان بہ وڌيڪ سختيءَ سان اسان تي (جرمنيءَ مان جلاوطن ڪيل نوجوانن تي. – مصنف) غالب رهندي هئي. منجهس هڪ فخر، پاڻ پنهنجي وقار جو احساس هو... منهنجي لاءِ اها ڪڏهن ايفي گينيا هوندي هئي جيڪا وحشين کي رام ڪندي ۽ سمجهائيندي هئي، ۽ ڪڏهن ليونورا هوندي هئي جيڪا اندروني جدوجهد ۽ شَڪن سان ڀريل انسان کي سُڪون ڏيندي هئي. مون لاءِ هوءَ ماءُ، دوست، رازدار ۽ صلاحڪار هئي. مون لاءِ هوءَ مثالي عورت هئي ۽ هاڻي بہ آهي. مان وري چوان ٿو تہ مان لنڊن ۾ اخلاقي ۽ جسماني طور برباد نہ ٿيس، تہ اهو خاص طور هن جي ڪري ئي نہ ٿيس.“

جيني جي غير معمولي حسن، مانَ شانَ ۽ خوش طبعيءَ سان مارڪس جا سڀ مهمانَ، دوست ۽ واقف خوش ٿيندا هئا. هائني، هيرويگ ۽ فرائليگرات سندس ڏاڍي واکاڻ ڪندا هئا. سنجيده سياستدان بہ جڏهن جينيءَ بابت ڳالهائيندا هئا تہ شاعر بڻجي پوندا هئا. فريڊرخ ليسنر، جيڪو درزي هو ۽ پهرين انٽرنيشنل جي منتظمن مان هو، جيني بابت لکيو تہ ”مارڪس جو گهر هر اعتبار لائق ساٿيءَ لاءِ کليل هو. گهڻن ئي ٻين ماڻهن وانگر مون بہ مارڪس جي خاندان ۾ جيڪي وڻندڙ پَل گذاريا آهن اهي ڪڏهن بہ وساري نہ ٿو سگهان. مسز مارڪس جو تاثر خاص طرح روشن آهي. هوءَ قداور، ڏاڍي خوبصورت ۽ ممتاز عورت هئي، پوءِ بہ ايڏي نيڪ طبيعت، پياري، خوش مزاج، ۽ گهمنڊ کان ايڏي پاڪ جو سندس موجودگيءَ ۾ ماڻهو ايڏي ئي پنهنجائپ ۽ سُڪون محسوس ڪندو جيترو پنهنجيءَ ماءُ يا ڀيڻ جي هوندي... مزور طبقي جي تحريڪ لاءِ منجهس ڏاڍو جوش هو ۽ بورجوازيءَ خلاف جدوجهد ۾ ڪاميابيءَ سان، توڙي اها ڪيڏي بہ ننڍڙي ڇو نہ هجي، کيس تمام گهڻو اطمينان ۽ خوشي ملندي هئي.“

۽ ظاهر آهي تہ ٻين کان گهڻو وڌيڪ جيني هر ان شَي کان متاثر ٿيندي هئي جنهن جو واسطو سندس مڙس سان هجي. جڏهن رجعت پرست جرمن پريس ۾

1848ع جي انقلابين خلاف هڪ مهم شروع ٿي ۽ مارڪس تي تهمتن جا زهريلا تير وسايا ويا تہ جيني ايڏي پريشان ٿِي، جو بيمار ٿي پئي. ”ناٽي“ جي پهرين جلد جي ڇپائيءَ کان پوءِ جيني کي ڏاڍي پريشاني هئي تہ جرمنيءَ ۾ ان عهد آفرين لکڻيءَ کي صفا نظرانداز ڪيو ويو هو. ڪيس ان حقيقت جو ڏاڍو ڏک هو تہ مارڪس جي ڏاهپ جو حقِي اعتراف ناهي ڪيو ويو ۽ پنهنجي موت کان ٻہ سال اڳ جڏهن هن ڏٺو تہ انگريزيءَ جي هڪ رسالي ۾ مارڪس جو مختصر ذڪر ڪيو ويو آهي تہ هوءَ ٻارن وانگر خوش ٿي. مارڪس ان ڳالهہ جو ذڪر پنهنجيءَ زال جي وفات کان پوءِ اينجلس نالي لکيل هڪ خط ۾ ڪيو آهي.

جڏهن 1881ع جي آخر ۾ جيني جي وفات ٿي، تہ اينجلس هڪ ڳالهہ چئي جنهن تي گهڻن ئي ماڻهن کي ڏاڍي حيرت لڳي: ”مورُ ٻہ مري ويو.“ اهي ڄاڻن پيا تہ هِي ٻئي هڪ ٻئي کان سواءِ سچ پچ ٻہ جيئرا رهي نہ ٿا سگهن ۽ هاڻي مارڪس ٻہ گهڻن ڏينهن جو مهمان ناهي، ۽ سندس اها ڳالهہ صحيح هئي.

انسانذات وٽ محبت جا گهڻائي شاعراڻہ قصا، ڪهاڻيون ۽ داستان آهن، ۽ مارڪس ۽ جيني جي محبت جي ڪهاڻي بهترين ڪهاڻين مان هڪ آهي.

مارڪس محبت وانگر دوستيءَ ۾ ٻہ ايڏو ئي سگهارا ۽ پائدار جذبا رکندڙ هو جيڪي عمر وڌڻ سان پوڙها ناهن ٿيندا. مارڪس ۽ اينجلس پنهنجون سڀ آزمائشون ۽ مصيبتون گڏجي سَنيون، شايد ئي ڪڏهن ٻئي گهڻن ڏينهنِ لاءِ ڌار ٿيا ۽ پنهنجي گڏيل مقصد لاءِ هنن گڏجي ڪم ڪيو.

ٿي سگهي ٿو تہ ظاهري طور مارڪس جي زندگي روشن رنگن ۽ غير معمولي واقعن سان ڀريل نہ لڳي، پر اها انقلابيءَ جي سياسي سرگرم ڪارڪن، صحافي ۽ سائنسدان جي زبردست روحاني جوش ۽ جذبي سان ڀريل آهي. ان ۾ اڀرندڙ جذبن، جدوجهد ۽ همت جي، سچائيءَ ۽ پرولتاري (پورهيت) جدوجهد جي مقصد جِي نِج خدمت جي گهڻائي آهي.

سندس زندگي يورپ جي مزورن جي طبقاتي شعور جي جوڙجڪ جو مڪمل تاريخي دَور آهي.

هو ڪميونسٽ پارٽيءَ جي پهرين ننڍڙي سيل ”ڪميونسٽ لِيگ“ جو اڳواڻ ۽ اينجلس سان گڏ ”ڪميونسٽ پارٽيءَ جو مينيفيسٽو“ جو ليکڪ هو جيڪو سماج جي نئين سِر تنظيم لاءِ جدوجهد جو هڪ وجداڻو ۽ واضح پروگرام آهي. ”نوئيي رانيشي زاءِ تونگ“ ۾ سندس صحافياڻہ مضمون 1848ع جي انقلاب جي مورچن تي بهادر مجاهد هئا. ۽ 1864ع جي سرءُ کان مارڪس پاڻ کي پهرين انٽرنيشنل جي معاملن لاءِ مڪمل طرح وقف ڪرڻ لاءِ پنهنجا سائنسي اڀياس



ڇڏي ڏنا. هُو ان تنظيم جي دل هو. مختلف ملڪن جي مزور طبقي جي تحريڪ کي متحد ڪري، غيرپرولتاري اڳ-مارڪسي سوشلزم جي مختلف شڪلين (مازيني، پروڌان، باڪونين، برطانيا جي لبرل ٽريڊ يونين پرستي، جرمنيءَ ۾ ساڄي ڌر ڏانهن لاسالي جهڪاءُ وغيره) کي گڏيل سرگرميءَ جي راهہ تي لڳائڻ جي ڪوشش ڪري ۽ انهن سڀني فِرقن ۽ مڪتبن جي نظرين خلاف مارڪس مختلف ملڪن ۾ مزور طبقي جي پرولتاري جدوجهد جو گڏيل طريقيڪار ٺاهيو. جوان جوش سان هن پيرس ڪميون وارن جي انقلابي ويڙهيُن کي ڏٺو ۽ ڪميون جي سرگرميءَ جو تجزيو ڪيو.

اهي سڀ شيون پاڻ مارڪس بابت ان بورجوا هٺ ٺوڪيءَ کي رد ڪن ٿيون تہ هُو ڪو دنيا جَهانَ کان ڪٽيل تنهائي پسند سائنسدان هو. سائنسي عالمي نُڪتي نظر جي وضاحت ڪرڻ جهڙي عظيم مقصد لاءِ پنهنجيءَ زندگيءَ جو وڏو حصو وقف ڪرڻ کان پوءِ مارڪس سنئون سڌو سياسي ۽ تنظيمي ڪم لاءِ وقت کي ڪڏهن ٻہ پيارو نہ ڪيو.

جڏهن مارڪس جي هڪ دوست لدويگ ڪوگيلمان کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هو سياسي پروپيگنڊه کان پاسو ڪري ۽ سڀ کان وڌيڪ اهو تہ ”ناڻي“ جي ٽئين جلد جي ڪم ۾ جنبي وڃي، ڇو تہ اهو انقلاب جي مقصد لاءِ وڌيڪ اهم آهي، تہ مارڪس ڪاوڙجي پيو ۽ هن ڪوگيلمان سان تعلق ختم ڪري ڇڏيو.

سياست ۾ سندس زندگيءَ کي سائنس ۾ سندس زندگيءَ کان الڳ ڪري نہ ٿو سگهجي. سرگرميءَ جو هڪ گهيرو ٻئي کي ڪاڌ مهيا ڪندو هو ۽ ان کي تيز ڪندو هو. ۽ ٻنهي ۾ هن مطلب ۽ ذريعن جي پاڪيزيءَ لاءِ هڪجيتري بيرحميءَ سان جدوجهد ڪئي ۽ ان جي سڀني انڪارن کي شرم جوڳو سمجهيو.

انا پرين مقصدن کي لڪائڻ لاءِ انقلابي نعرن جي تقريري استعمال کي مارڪس پرولتاريہ جي مقصد خلاف سڀ کان خراب ڏوهہ سمجهندو هو. هُو اهڙن ڊاڙيل سياسي سازشين جي ڪُوڙي چمڪ کان نفرت ڪندو هو جيڪي پنهنجي لياقت جي کوٽ ۽ ڪميڻائپ کي هلڪن ۽ گهِرن انقلابي جملن جي اوٽ ۾ لڪائڻ چاهيندا هئا. انهن سڀني شين پٺيان مارڪس گندِي، مڪاريءَ واري بدتهذيبيءَ کي ضرور سڃاڻي وٺندو هو.

هُو نہ تہ اجاين فُقرن کي معاف ڪندو هو نہ ئي ڪُوڙي ڏيکاءَ کي. مارڪس ۽ اينجلس جرمن سوشل ڊيموڪريٽن جي اڳواڻ فرڊيناند لاسال ۽ سستي شهرت لاءِ انهن جي مسلسل ڪوشش تي، سندن تڪبر ڀري گهمنڊ تي، سندن ڏاهپ ۽ اُتم

نسل جي اداڪاري جهڙي انداز تي بيرحميءَ سان ٺٺول ڪئي جيڪو حد کان وڌيڪ ڇڇورائپ ۽ جذباتيت، پئسي جي پوڄا وري ذهنيت ۽ بهادريءَ وارن طور طريقن جو مرڪب هو. ان ”مارڪوئيس آف پوزا“ کي هن جيڏن لقبن سان نوازيو آهي تن جي ڪا انتها ناهي.

مارڪس جو اهو ئي رويو فرانسي پيٽي بورجوا سياستدان ۽ مؤرخ لوئي بلان بابت به هو.

”.... اسان ٻنهي مان ڪو به مقبوليت جي رتيءَ جيتري به ڳڻتي ناهي ڪندو. مثال طور ان جو هڪ ثبوت هي آهي ته ڪنهن به شخصيت پرستيءَ کان بيزاريءَ سبب، مون مختلف ملڪن کان ايندڙ واکاڻين ۽ شاباسن جي انهن اظهارن کي، جن جِي انٽرنيشنل جي ڏينهنِ ۾ ججهائي هئي، مشهوريءَ جي دنيا تائين پهچڻ جي ڪڏهن به اجازت نه ڏني ۽ سواءِ ڪڏهن ڪڏهن واري ادب جي مون انهن جو ڪو جواب نه ڏنو. جڏهن اينجلس ۽ مان خفيه ڪميونسٽ تنظيم (ڪميونسٽ لِيگ. _ ايڊيٽر) ۾ شامل ٿياسين ته اسان اهو شرط رکيو ته قاعدن ۽ ضابطن مان هر ان شَي کي ڪڍيو وڃي جيڪا اقتدار تي وهمي يقين جي همت وڌائيندي هجي.“ ♠

اوهان ڪنهن شخص بابت نه رڳو هن جي پسند پر ناپسند سبب به، هن جي همدردين ئي نه، پر بيزارين سبب به ٻڌائي سگهو ٿا. اوهان مون کي ٻڌايو ته اوهان جا دشمن ڪير آهن، ته مان اوهان کي ٻڌائيندس ته اوهان ڪير آهيو.

هڪڙي پيٽي بورجوا ڊيموڪريٽ ڪارل شورز 1848ع ۾ ڪولون ۾ مارڪس کي جمهوري انجمنن جي ڪانگريس ۾ تقرير ڪندي ٻڌو هو ۽ سڄي حياتي کيس اهو سخت ٽوڪ ڀريو لهجو ياد رهيو جنهن سان مارڪس لفظ ”بيورگر“ (بورجوا، بدتهذيب) جو اُچار ڪندو هو.

پنهنجن مضمونن، پمفليٽن، ڪتابن ۽ خطن ۾ مارڪس بدتهذيبن جي هڪ سڄي ٽولي کي انهيءَ ريت نوازيو آهي جنهن جا اهي مستحق هئا. کيس ان ڳالهه جي ڳڻتي نه هوندي هئي ته سندس مخالف ان لائق آهي به يا نه، جو سندس تنقيد ڪجي. اڪثر گمنام ماڻهو مارڪس جي اٿاهه حاضر جوابيءَ جو موضوع بڻجي ويا. ليسنگ بابت هائني جيڪا ڳالهه چئي هئي، اها مارڪس تي ٺهڪندڙ هئي: ”پنهنجن مخالفن کي قتل ڪري هن ان ريت ڪين دائمي حياتي ڏئي ڇڏي.“ ايئن چوڻ گهرجي ته پنهنجي حاضر جواب ڇِٽر سان، پنهنجي شاندار مزاح سان هن ننڍڙن اديبن مٿان هڪ غلاف چاڙهي ڇڏيو ۽ هاڻ اهي مارڪس جي لکڻين ۾ ان طرح محفوظ آهن جيئن ڪوهيڙي ۾ جيت محفوظ ٿي پوندا آهن.

♠ ڪارل مارڪس، بلوس نالي خط، تاريخ 7 مئي 1877ع.



مارڪس جي سڄي زندگي بدتهذيبن (نيپولن ٽِئين کان وٺي اخباري رپورٽرن تائين) تهمتن، ظلم ۽ ڏاڍ ۽ ڪوڙ ذريعي ۽ ان مان به ڪم نه ٿئي ته سندس لکڻين کي صفا نظرانداز ڪري، کانئس بدلو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، پوءِ به، سڀني ڏکين آزمائشن باوجود مارڪس فخر منجهان چئي سگهي پيو ته هُو ڪنهن به معاملي ۾ ڪنهن بدتهذيب کان نه ڊنو. ڪڏهن ”بدتهذيب جي هيٺان“ نه رهيو ۽ سدائين ساٽس وڙهڻ لاءِ تيار رهيو. هن هڪ خط ۾ لکيو ته ”ها، سڀني شين هوندي به، بدتهذيب اسان تي حملا ڪري رهيا آهن سدائين اسان لاءِ بهتر اصول هوندو بدتهذيب جي هيٺان ٽيڻ جي پيٽ ۾.“

سياست ۾ بدتهذيب ۽ سائنس ۾ بدتهذيب، ٻنهي جي سلسلي ۾ مارڪس هڪجيترو بيرحم رهيو.

سائنس ۾ بدتهذيبي بنيادي طور تي فڪر (سوچ) جي بزدليءَ ۽ ڪِريل پڻي جي حيثيت سان ظاهر ٿيندي آهي جيڪا مشاهدي ۾ ايندڙ حقيقتن منجهان اڻٽر نتيجا اخذ ڪرڻ کان ڊڄندي آهي، بنا ڪنهن تڪلُف جي، سائنس کان ٻاهرين سڀني مصلحتن جي پرواهه ڪرڻ بنا شين جي سچي منطق موجب اڳتي وڌڻ کان ڊڄندي آهي.

سائنس جي بدتهذيب کي سچائيءَ جي ڳولا جي نه، پر سچائيءَ کي لڪائڻ ۽ ان کي نه مڃڻ جي ڳڻتي هوندي آهي. پنهنجين غير ايمانداريءَ وارين عذرخواهين سان اهو حڪمران طبقن جي حيثيت کي پُختي کان پُختو بڻائڻ جي ڪاوش ڪندو آهي ۽ ان ذريعي پاڻ پنهنجي حيثيت کي به. اهو سچائيءَ کي ڪُوڙ وارين سچ پچ ڳالهين جِي لسي گپ چِڪ ۾ دفنائي ڇڏيندو آهي، کيس بظاهر سائنسي ڪپڙن ۾ مضبوطيءَ سان ويڙهي ڇڏيندو آهي.

بدتهذيبُ سائنس کي پنهنجن ذاتي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ، جن جو سائنس سان ڪو به واسطو ناهي هوندو، اوزار بڻائڻ گُهرندو آهي. اهو ان کي ”ڪِريل مقصدن“ لاءِ استعمال ڪندو آهي، ”پر جڏهن ڪو ماڻهو سائنس کي هڪ اهڙي نُڪتي نظر موجب گهَڙڻ چاهيندو آهي جيڪو خود سائنس سان نه (توڙي اها ڪيڏي به غلط ڇو نه هجي) پر ٻاهران، اوپرن، خارجي مفادن سان گهربل هوندو آهي ته مان ان کي ڪِريل (پست) چوندو آهيان.“ ♠

مارڪس اهي لفظ، جيڪي ڇهبڪ وانگر، يا مُنهن تي ٿڦ وانگر سخت آهن، مالٿوس، روشر ۽ باستيا جهڙن سائنس جي ڪُوڙن ۽ خوشامدين بابت چيا

♠ ڪارل مارڪس، فرڊيناند فريلگراٿ نالي خط، تاريخ 29 فيبروري 1860ع.

آهن. مارڪس پادري مالٿوس لاءِ تمام گهڻي نفرت محسوس ڪري ٿو ان ڪري جو "اهو بدبخت" حاصل ٿيل سائنسي مقدمن مان (جن ڪي هو هميشہ ئي چوري ڪندو آهي) فقط اهڙا ئي نتيجا ڪيندو آهي جيڪي حڪمران طبقن لاءِ "قبولڻ" جوڳا هجن. هُو انهن طبقن جون "اکيون ڏسندي" سائنسي نتيجا گهڙي وٺندو آهي پر ان جا نتيجا, "جيستائين انهن جو واسطو محڪوم طبقن سان هوندو آهي, بيرحم هوندا آهن." هتي "هُو صرف بيرحم هوندو ئي ناهي پر بيرحمي ظاهر ڪندو آهي, ان ۾ هُو **ڪلبيت** واري خوشي ماڻيندو آهي..."

سائنس جي ميدان ۾ ٻين جي محنت تي گذارو ڪندڙ ماڻهوءَ وانگر عمل ڪندي اهڙو "سائنسدان" عام طرح چوريءَ جو سهارو وٺندو آهي, پر ان ۾ بہ هو پنهنجي اصليت تي قائم رهندو آهي. "ڪنهن خيال جو مؤجد انتهائي ديانتداريءَ سان ان ۾ مبالغو ڪري سگهي ٿو, پر جڏهن چور ان ۾ مبالغو ڪندو آهي تہ هُو اهڙي مبالغي کي سدائين 'هڪ ڪاروبار' بڻائي ڇڏيندو آهي."

سوچ جي سائنسي بدشڪليءَ جي ان غضبناڪ مذمت ۾ مارڪس نہ رڳو پنهنجين بيزارين جو پر پنهنجين همدردين جو بہ, سچي سائنسدان بابت سچائيءَ جي بي لوث خدمت بابت پنهنجن خيالن جو انڪشاف ڪري ٿو.

پاڻ مارڪس کي حقيقت ۾ تجسس رکندڙ سائنسي سوچ جو وجود چئي سگهجي ٿو. سندس لاءِ تخليقي سوچ ئي زندگيءَ جي سڀ کان وڏي خوشي هئي. جڏهن ڪا شَي سائنسي ڪم کان سندس ڌيان ڇڏائيندي هئي تہ مارڪس کي ڏاڍو ڏک ٿيندو هو. سندس بيماريءَ جا ٿڪائيندڙ دَورا بہ ان درد جي ڀيٽ ۾ ڪجهہ بہ نہ هوندا هئا جيڪي هُو انهن دَورن سبب پاڻ تي لاڳو ٿيندڙ بي عمليءَ سان محسوس ڪندو هو. مارڪس جي سائنسي ذميداريءَ جو احساس نہ صرف اهو تہ اعتراض لائق نہ هو پر جيئن اينجلس سمجهندو هو, حد کان وڌيڪ هو. جيتوڻيڪ اينجلس صحت جي پابندي تمام گهڻي ڪندو هو پر هُو بہ مارڪس جي صحت جي پابنديءَ تي ڪاوڙبو هو جيڪو ڪاڳر تي هڪ جملو بہ تنهن وقت تائين نہ لکندو هو جيستائين ڏهن مختلف طريقن سان ان کي صحيح ثابت نہ ڪري وٺي.

مارڪس ۾ عظيم مفڪر ۽ عظيم نقاد گڏ هئا پر سندس تنقيد جو رُخ, جوانيءَ ۾ بہ ۽ پڪيءَ ڄمار ۾ بہ – سڀ کان پهرين پاڻ ڏانهن هوندو هو. مارڪس اعتراف ڪيو آهي تہ "منهنجي هڪڙي هيءَ بہ خاصيت آهي تہ جيڪا شَي مان لکڻ پوري ڪري چڪو هجان, اها چئن هفتن کان پوءِ ڏسان ۽ اطمينان لائق نہ سمجهان, تہ اها وري نئين سر لکان."

"ناڻي" جي تياريءَ جي سلسلي ۾ "مسوده" اهو ثابت ڪن ٿا تہ پهرين جلد جي (۽ رهيل جلدن جي بہ) خاص خيالن کي مارڪس 58–1857ع ۾ ئي



ڪوجي ۽ مرتب ڪري ورتو هو پر ان جلد کي ڇپائيندڙن وٽ موڪلڻ کان اڳ ڏهن سالن جي سخت محنت ٿِي.

ان وقت (1867ع) تائين رهيل جلد, "تاريخي باب" يعني "اضافِي قدر جي نظريي" سميت ان حد تائين ترقي ڪري چُڪا هئا جو مارڪس کي پاڻ بہ اها اميد هئي تہ هُو سموري ڪم کي وڌ ۾ وڌ هڪ سال ۾ پورو ڪري وٺندو, پر هُو انهن کي پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ پورو ڪري نہ سگهيو ("ناڻي" جي ٻئي ۽ ٽئين جلد کي پريس لاءِ تيار ڪرڻ جو ڪم اينجلس کي پورو ڪرڻو پيو). معلوم اهو ٿيو تہ هڪ باب لاءِ روسي مواد جو مطالعو ڪرڻ ضروري آهي, ان ڪري مارڪس روسي ٻولي سکڻ شروع ڪئي.

مارڪس ڪنهن بہ سوال تي راءِ ڏيڻ ۾ پاڻ کي تنهن وقت تائين حق تي نہ سمجهندو هو جيستائين هن سموري لاڳاپيل ادب جو ابياس نہ ڪري ورتو هجي, پلي تہ ليکڪ جي "حيثيت" ڪجهہ بہ هجي. "ناڻي" ۾ هن واقعي "تاريخ جو فيصلو لکيو آهي" ۽ هر هڪ معاشياتدان کي, پلي تہ ان جي ڏين ڪيتري ٿوري چو نہ هجي, سندس حق موجب انعام ڏنو آهي.

"ناڻو" بي مثال لکڻي آهي, ٻيو ڪجهہ نہ, تہ مواد جي دائري جي اعتبار کان عظيم رُتبي واري آهي, ڇو تہ ان ۾ معاشي (۽ رڳو معاشي ئي نہ) سوچ جي سڄي تاريخ ۽ ان جي سڀني روپن ۽ علامتن جي حاصلات موجود آهي. ان ۾ مارڪس جي سڄي حياتيءَ جي روحاني اوسر جي – ماضيءَ جي سموري تهذيبي ورثي جي حاصلات موجود آهي. اها لکڻي ان ڪري بہ بي مثال آهي جو ان ۾ سرمائيداريءَ جي پيداواري طريقي جي لازمي زوال ڏانهن ان جي وڌڻ جي منطق جو انڪشاف ڀرپور پيرو ڪيو ويو آهي.

"ناڻو" رڳو معاشي لکڻي ناهي. ان ۾ مجموعي حيثيت سان بورجوا سماج جي حياتيءَ جي سڀني ناتن ۽ رُخن جو تجزيو ڪيو ويو آهي. پنهنجي آزاديءَ لاءِ مزدور طبقي جي سياسي جدوجهد ۽ عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي حڪمت عملي ۽ طريقيڪار لاءِ اها لکڻِي هڪ سائنسي بنياد ڏئي ٿي. ان ڪري پاڻ مارڪس جي لفظن ۾ اها بورجوازي تي هنيو ويندڙ "سڀ کان ڀوائتو ميزائيل" آهي. اها اپيل جي حق کان سواءِ "موت جي سزا" آهي جيڪا بورجوازيءَ کي ٻڌائي وئي آهي.

"ناڻو" هڪ ادبي ۽ اسلوب رکندڙ شاهڪار بہ آهي. اهو پڙهڻ سان ماڻهوءَ کي گهِري جمالياتي خوشي ملي ٿي. اهو هڪڙو "فنِي ڪُل" آهي, ۽ اها ڳالهہ صرف ترتيب ۽ وضاحت جي سخت منطق ۽ توازن ئي جي سلسلي ۾ سچ ناهي, پر اها لفظي معنائن ۾ بہ سچ آهي, ان ڪري جو هتي مارڪس پاڻ کي تحرير جو استاد ثابت ڪري ٿو.

مارڪس پنهنجن خيالن جي وضاحت جِي ادبي هيئت کي ڏاڍي اهميت ڏيندو هو. هُو انهن عالمن تي ٺوڪ ڪندو هو جيڪي اٽڪيل، خشڪ، باضابطا ٻوليءَ کي عالم جي انداز جي لازمي صفت سمجهندا هئا. والٽيئر وانگر هُو بہ چوندو هو تہ تحرير جون سڀئي صنفون سٺيون آهن سواءِ اٽڪيلءَ جي.

”ناٽي“ جي ٻئي جرمن ڇاپي جي پيش لفظ ۾ مارڪس پنهنجي ادبي اسلوب بابت ان زماني جي اخبارن ۽ رسالن جا رايا اتاريا آهن. انگريزي اخبارون ۽ رسالا سندس خيالن کان اعلانيہ دشمنيءَ جو اظهار ڪندا هئا، پر انهن بہ لکيو تہ ”موضوع کي پيش ڪرڻ جي انداز خشڪ ترين معاشي سوالن کي هڪ خاص سونهن وارو بڻائي ڇڏيو آهي“. ”سينٽ پيٽرس برگ جرنل“ لکيو تہ مارڪس جو ”موضوع کي پيش ڪرڻ جو انداز... پنهنجي وضاحت... ۽ غير معمولي بهادريءَ سبب... ممتاز آهي“ ۽ ان لحاظ کان سندس تصنيف ”ڪنهن ريت بہ“ جرمن عالمن جي تصنيفن سان ”هڪجهڙائي واري ناهي، جيڪي پنهنجا ڪتاب ايڏي خشڪ ۽ مبهم ٻوليءَ ۾ لکندا آهن جو ان سان عام فاني انسانن جا مٿا ڦاٽي پوندا آهن.“

پر مارڪس ”ناٽي“ ۾ جنهن طرح منجهيل موضوع سان بحث ڪري رهيو هو ان کي بہ جيڪڏهن اهي رِيس لائق وضاحت ۽ صفائيءَ سان پيش ڪري سگهن پيا، جيڪڏهن اهي قدر، جنس کي پوڄا جو ڪارڻ بڻائڻ ۽ سرمائيداراڻي بچت جي عام قانون جي چنڊڇاڻ ۾ ٺوڪ ۽ ٺوڳ جو ذائقو ملائي سگهن پيا تہ سندن مناظري جهڙين ۽ صحافياڻين تصنيفن ۾ سندن ادبي لياقت اکين ۾ ڪيڏي چُهنجيون ڪري ڇڏيندڙ تابندگيءَ سان نمايان ٿي هوندي!

مارڪس پُختن، سگهارن ۽ معنيٰ ڀرين جملن جي بندش ڪرڻ جي فن ۾ ڪامل مهارت حاصل ڪئي هئي. ذُو معنيٰ لفظ لکڻ ۾ ڪيس مزو ايندو هو. موت جي بستري تي بہ هن پنهنجيءَ هڪ ڌيءَ کي خط ۾ لکيو تہ هُو ذو معنيٰ لفظ لکڻ کان سواءِ ساڻس ڪا ڳالهہ ئي نہ ٿو ڪري سگهي.

تحرير جي ميدان ۾ مارڪس جا استاد هئا ليسنگ، گوئٽي، شيڪسپيئر، ڊانٽي، سيروانتيز ۽ هائني. هُو انهن کي وري وري پڙهندو هو. پر هُو رڳو فرمانبردار شاگرد نہ هو. ڪجهہ لحاظن کان هُو پنهنجن استادن کان بہ اڳتي وڌي ويو.

مارڪس ڪنهن بہ عظيم اديب کان بهتر ڄاڻي پيو تہ ڇا ڪجي جو ”حواس... نظرئيدان... ٿي پون“. ڪنهن ادبي تمثيل (تشبيهہ) کي گهري سوچ وارو ڪيئن بڻائجي. سڀ کان وڌيڪ تہ هُو پاڻ جملي جي جوڙجڪ ۾ جدليات جي ڇڪتاڻ جو انڪشاف ڪري سگهي پيو. هُو ان ريت جائزو نہ وٺندو هو تہ ”هڪ پاسي“ ۽ ”ٻئي پاسي“ ۽ پوءِ ”حاصل مطلب تہ.“ هڪڙي ئي جملي ۾، هڪ



ئي تمثيل ۾ هُو ٻنهي رُخن جو ”ٽڪراءُ“ بہ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ انهن جي حاصلات بہ. هُو خبر ۽ ابتدا کي وڏي بهادريءَ سان ضدن جي حيثيت ۾ ملائي ٿو، انهن کي هڪ ٻئي سان ٽڪراءُ ڏيڻ تي ۽ هڪدم پوءِ پنهنجو ضد بڻجڻ تي مجبور ڪري ڇڏي ٿو.

تصورن جي ان جدلياتي قلابازيءَ ۾، انهن جي هيٺ مٿي ٿيڻ ۾ مارڪس جي اسلوب جي لاجواب ڪشش ۽ نواڻ آهي.

”مذهب محڪوم ۽ مظلوم انسان جي آهہ، هڪ سنگدل دنيا جي دل آهي جڻ تہ اها بي روح حالتن جو روح آهي.“

”... تنقيد عقل جو وجدان ناهي، وجدان جو عقل آهي. اها زخم ڏيندڙ اوزار نہ، پر هٿيار آهي.“

”اهي انهن جي (خيالن جي) پوڄا جو فِرقو تہ ناهي وٺندا آهن پر ان کي ترقي ناهن ڏيندا.“

”جنهن مقصد لاءِ ناجائز ذريعا گهربل هجن اهو جائز مقصد ناهي.“

”موچي ياڪوب بيمي هڪ عظيم فلسفي هو. ڪيترائي مشهور فلسفي رڳو عظيم موچي آهن.“

”بيرحمي انهن قانونن جي امتيازي خاصيت هوندي آهي جن کي بزدلي مروج ڪندي آهي، ان ڪري جو بزدلي صرف بيرحم ئي بڻجي سگهارِي ٿي سگهي ٿي.“

انهن ۽ اهڙن ٻين ڪيترن ئي جملن کي لکڻ ۾ محسوس ٿئي ٿو تہ مارڪس جي هٿ جي رهنمائي خود سماجي مظهرن جي عروج ۽ زوال ۾، سندن ارتقا ۽ نفيءَ ۾ انهن جي جوهر ئي ڪئي آهي، معلوم ٿئي ٿو تہ زندگيءَ جي جدليات کي تصورن جي جدليات ۾ سڀ کان ڪامل ۽ واضح اظهار ملي ويو.

هتي هر هڪ جملو سوچ جي هڪ تيزيءَ سان کُلندڙ ڪمانيءَ وانگر آهي. هر جملو ايڏو معنيٰ ڀريو آهي، تمثيل ۽ خيال جي ٽڪراءَ ۾ پيدا ٿيندڙ ايڏي ”نيوڙيل“ مواد وارو آهي، جو ان ۾ محڪم قول جي جهنڪار پيدا ٿي پوي ٿي. مارڪس جي اهڙن محڪم قولن جو سڄو ڪتاب مرتب ڪري سگهجي ٿو.

انهن قسمن جي محڪم قولن واري وضاحت، گهرائي ۽ ٺوڪ سان گڏ، جيڪا اڪثر گڏي ٺوڪ تائين وڃي پهچي ٿي، مارڪس انساني ڪردارن بابت بہ ٻڌائي ٿو. سندس، ٺورڙن ئي عڪسن سان هڪ گهرو نفسياتي ۽ سماجي روپ ٺاهڻ جي صلاحيت ڪيترن ئي اعليٰ درجي وارن پيشيوَر اديبن لاءِ حسرت جوڳي ٿِي سگهي ٿي.

ذڪ جي ڳالهہ آهي تہ مارڪس جي ادبي اسلوبي مهارت جو ابياس اجا تائين ڏاڍو گهٽ ڪيو ويو آهي. ان جو جائزو وٺڻ سان ان جي جوهر کي وڌيڪ چِٽو ڪرڻ ۾، انسانذات جي هڪ ڏاهي جي تخليقي ليبارٽريءَ ۾ پهچ ماڻڻ ۾ مدد ملندي.

مارڪس موضوع جي نفس جي وڌ ۾ وڌ پرپوريت ۽ وضاحت جي اڻ اعتراض لائق هيئت حاصل ڪرڻ لاءِ "ناڻي" تي گهڻن ئي ڏينهنِ تائين ۽ ڏاڍي احتياط سان ڪم ڪيو. تڏهن بہ هُو پنهنجيءَ تخليق مان پوريءَ طرح مطمئن نہ هو. "ناڻي" جو پهريون جلد ڇپجڻ کان پوءِ بہ هُو ان ۾ ترميمون ڪندو رهيو. هُو ان جي انهن خامين کي ڏسي سگهي پيو جيڪي انتهائي ماهر ۽ لائق پڙهندڙن جي نظر کان بہ گُسي وينديون هيون. شڪ ۽ بي اطمينانيءَ جو "ديو" سندس آخري ڏينهنِ تائين سندس پنيان هلندو رهيو ۽ ٻئي مڪمل ٿيل جلد کي ڇپڻ ۽ ٽئين ۽ چوٿين جلدن جو ڪم نبيرڻ ۾ روڪ ڪندو رهيو.

"ناڻي" جي سلسلي ۾ سندس ڪم هڪ حقيقي انساني ۽ سائنسي ڪارنامو هو. خاص طور تي جيڪڏهن انهن حالتن کي نظر ۾ رکجي جن ۾ هُن اهو ڪم ڪيو.

1848ع واري انقلاب کي چِٿيو وڃڻ کان پوءِ جڏهن هُو لڏي انگلئنڊ آيو تہ مارڪس ـ ڪٽنب جي روزيءَ جو ڪو ذريعو نہ هو. سندس غربت اهڙي هئي جو جڏهن 1852ع ۾ مارڪس جي ننڍڙي ڌيءَ جي وفات ٿي تہ ڪيس دفنائڻ لاءِ بہ وٽس پورا پئسا نہ هئا.

مارڪس مجبور ٿي پيو تہ پنهنجي سائنسي ڪم کي هڪ پاسي ڪري ۽ پئسا ڪمائڻ لاءِ ڪا واٽ ڳولي. ڪيئي سال هن ساهي پٽڻ کان سواءِ آمريڪي اخبار "نيويارڪ ڊيلي ٽربيون" لاءِ (هفتي ۾ ٻہ مضمون) لکڻ جي محنت ڪئي، پر اها ٿورڙي آمدني بہ باقاعدي نہ هئي، ڇو تہ ايڊيٽر سڀ مضمون نہ ڇپيندو هو ۽ اڪثر ڪري بي شرميءَ سان اُجورو بہ گهٽائي ڇڏيندو هو. جيڪو هونءَ ئي گهڻو گهٽ هو. ان ڪري مارڪس جي اها شڪايت حق تي هئي تہ اخباري ڪم مان ڪيس ڪائڻ لاءِ ان کان بہ گهٽ ملي ٿو جيترو ڪنهن اڻ تجربيڪار اجايون ڳالهيون لکندڙ کي ملي ٿو.

پنهنجو تحقيقي ڪم هُو رڳو ڪڏهن ڪڏهن ۽ اَويلي ئي ڪري سگهندو هو ۽ اهو خواب ڏسندو رهندو هو تہ ڪڏهن ڪجهہ مهينا مڪمل طور ان لاءِ سيڙائڻ خوشيءَ جو اهڙو معراج آهي جيڪو سندس پهچ کان پري آهي.

وقت گذرندو ويو. پر غربت مارڪس ۽ سندس ڪٽنب جي پُٺ نہ ڇڏي. 1861ع ۾ مارڪس اخبار جي ڪم کان بہ محروم ٿي ويو جيڪو سندس آمدنيءَ جو خاص ذريعو هو. ڪڏهن ڪڏهن هُو ڪيئي هفتا گهران نہ نڪرندو هو. ڇو تہ سندس لَٽا گروي رکيل هوندا هئا. "ناڻي" لاءِ پنهنجي معاشي حساب ڪتاب کي هڪ پاسي ڪري، هُو قرضن جون اڻکُٽ لسٽون جوڙيندو هو ـ ماني پچائيندڙ کي ، گوشت واري کي، گهر جي مالڪ کي.... پهرين انٽرنيشنل جي "پوائنٽي" اڳواڻ کي پنهنجن قرضين کان اڪثر ڪري لِڪڻو پوندو هو جن کي هُو پُوت سمجهندو هو.



ڪڏهن ڪڏهن صورتحال دل ٽوڙيندڙ لڳندي هئي، ۽ مارڪس بہ، جيڪو ڏاڍو روحاني ضبط ۽ انتهائي ناخوشگوار حالتن جو بہ مزاحيہ رُخ ڏسڻ جي قدر لائق صلاحيت رکندڙ هو. جيڪو گهر ۾ "خاموش رواقيءَ" جو ڪردار نڀائيندو هو "تہ جيئن ٻئي پاسي جي" (مطلب زال واري پاسي جي) "جهڳڙن کي متوازن رکي"، پر هُو بہ ڪڏهن ڪڏهن ضبط ڪري نہ سگهندو هو. سندس ڪُٽنب تي جيڪي مصيبتون آيون، غربت، زال جي بيماري، خود سندس خراب صحت، تن جو ذڪر ڪندي هن ڪڙاڻ سان چيو: "ٿورن لفظن ۾ تہ شيطان بي لغام ٿي ويو آهي. هيءُ هلڪي باهہ تي پُچڻ ـ جنهن سان دل ۽ دماغ مجروح ٿي پون ٿا ۽ ان کان بہ وڏيڪ اهو تہ مُلهائتو وقت وڃائجي ٿو.... ختم ٿيڻ گهرجي." پر ان جي ختم ٿيڻ جي ڪا صورت نظر نہ ايندي هئي.

مارڪس ڏاڍو نرم مزاج ۽ محبتي پيءُ هو ۽ ان حقيقت تي هُو خاص طور بد دل ٿي پوندو هو تہ غربت سندس ڌيئرن تي بہ اثر انداز ٿيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن وٽن اهڙا لٽا ڪپڙا نہ هوندا هئا جو اهي اسڪول وڃي سگهن. 1862ع ۾ مارڪس اينجلس کي لکيو: "منهنجي زال ڏهاڙي مون کي چوندي آهي تہ هوءَ ۽ ٻار مري وڃن ها تہ سٺو هو ۽ مان واقعي ان ڳالهہ تي ڪيس ڏوهي نہ ٿو چئي سگهان، ان ڪري جو ان صورتحال ۾ جيڪي ذلتون، پريشانيون ۽ ڏکيائيون سَهڻيون پون ٿيون، اهي واقعي ٻڌائڻ جوڳيون ناهن."

پر مارڪس جِي حياتيءَ جي لنڊن واري سڄي ڊَور جي ڏکوئيل تصوير پيش ڪرڻ غلط ٿيندو. مارڪس نہ رڳو اهو تہ حياتيءَ جي تڪليفن کي سَهڻ جي صلاحيت رکندڙ هو. پر ٿورڙو بہ موقعو ملڻ تي هُو پرپوريت سان خوشي ملهائڻ ۾ جُنبي ويندو هو. پنهنجي ڪٽنب ۽ دوستن جي ٽولي ۾ هو اهڙو ڏڪارو، ڇيڙاڪ ۽ ناراض اصلي بہ نہ هو. جيئن بورجوا پريس ڪيس اڪثر ڪري ٻڌائيندي آهي.

پنهنجيءَ پَڪيءَ ڄمار ۾ هُو جوانيءَ وانگر ئي سٺي پوڳ چرچي کي پسند ڪندو هو ۽ ان جو قدر ڪندو هو ۽ هن وٽ مزاح جسماني ۽ روحاني بيمارين جو بهترين علاج هو. جرمنيءَ جي هڪ سفر دوران لاسال سان ملڻ کان پوءِ مارڪس ڪيس هڪ خط لکيو: "توکي خبر آهي تہ پريشانين سان منهنجو مٿو پريو پيو آهي ۽ مون کي جيري جي تڪليف بہ آهي، پر خاص ڳالهہ اها آهي تہ اسان گڏجي ڏاڍو ڪلياسي. پولا نہ ٿا کِلي سگهن، ان ڪري اسان ٻنهي پاڻ کي هر طرح سان ڪامل بيوقوف ثابت ڪيو."

اينجلس جي نالي مارڪس جا انتهائي مايوس خطَ بہ ڪنهن نہ ڪنهن مزاحيہ تفصيل سان شروع ٿين ٿا. مارڪس ۽ اينجلس جي سڄي خطن واري لکپڙهہ روشن مزاح سان پري پئي آهي جنهن ۾ ٻنهي پاسن کان جرڪندڙ ڦٽاڪن جي نمائش

ڪئي وئي آهي. هڪ پيري مارڪس جي ڪردار جي ”غمگينيءَ“ بابت هڪ بدتهذيبيءَ واري ڳالهہ جو جواب ڏيندي اينجلس ايڊورڊ برنشٽائن کي لکيو: ”جيڪڏهن انهن ڪورمغزين کي منهنجي ۽ مور جي خط ڪتابت پڙهڻ جو موقعو مليو هجي ها تہ انهن جا هوش خطا ٿي وڃن ها. اسان جي بهادريءَ واري، ٺهڪن سان ڀريل نثر جي پيٽ ۾ هائني جي شاعري ٻارن جي راند آهي. مور ڪاوڙجي پوندو هو پر اداس – ڪڏهن بہ نہ! جڏهن مون پراڻين لکتن کي ٻيهر پڙهيو تہ کلندي کلندي منهنجي پيٽ ۾ وَٽ پئجي ويا.“

جڏهن انقلابي واقعن جون، مزورن جي فتحن جون ۽ سرمائيداراڻي نظام جي بحرانن جون خبرون پهچنديون هيون، تہ مارڪس–ڪٽنب ۾ خاص طور خوشيءَ جو ماحول هوندو هو. مثال طور جڏهن 1857ع جو آمريڪي بحران شروع ٿيو تہ مارڪس خوشي ملهائي، توڙي جو اُن سندس آمدنيءَ جي اڪيلي ذريعي، اخبار لاءِ لکڻ کان لڳ ڀڳ محروم ڪري ڇڏيو. سندس ڪم ڪرڻ جي پراڻي صلاحيت موٽي آئي ۽ هُو نئين سر ٻيڻي سگهہ سان ڪم ڪرڻ لڳو: ڏينهن جو پنهنجي روزي ڪمائڻ لاءِ ۽ رات جو پنهنجي سياسي معاشيات پوري ڪرڻ لاءِ.

۽ جڏهن 1861ع ۾ وري هڪ نئون مالي بحران شروع ٿيو ”ڪاش مان انهن بدبخت حالتن کان آزاد ٿي وڃان ها ۽ پنهنجي ڪٽنب کي تڪليف ڀري غربت کان آجو ڏسي سگهان ها، تہ ڊسمبر واري مالي نظام جي ناڪاميءَ تي ڪيڏو نہ خوش ٿيان ها، جنهن جي اڳ–ڪٿي مون ’ٽريبون‘ ۾ ايڏو اڳ ۾ ايڏا ڀيرا ڪئي هئي!“

ظاهر آهي تہ پنهنجي اندروني علم ذريعي مارڪس پنهنجي ڪٽنب لاءِ سولائيءَ سان آرام ۽ سهنجائيءَ ڀري اها حياتي ڏئي سگهي پيو جيڪا بورجوازي جا عالم گذاريندا هئا، پر مارڪس سائنس کي پئسا ڪمائڻ جو ذريعو بڻائڻ کي سائنس جو انڪار سمجهندو هو. هُو اهڙن قدمن کڻڻ بدران موت کي ترجيح ڏي ها.

هن هڪ اهڙيءَ سرگرميءَ کي پنهنجي آمدنيءَ جو ذريعو بڻائڻ کي ترجيح ڏني جنهن جو سائنس سان واسطو نہ هو، پر ان ريت بہ آمدني ٿيڻ جون سندس ڪوششون ناڪام ويون. جڏهن هن ريلوي جي هڪ آفيس ۾ نوڪريءَ لاءِ ڪوشش ڪئي تہ ڪيس خراب اکرن لکڻ سبب رد ڪيو ويو.

پنهنجين سڀني آزمائشن ۽ مصيبتن باوجود مارڪس پنهنجي مقصد ڏانهن عزم سان وڌندو رهيو. ذڪر لائق ڳالهہ اها ناهي تہ ”ناڻي“ کي لکڻ ۾ ايڏا ڏينهن لڳا، پر هيءَ آهي تہ اهڙين حالتن ۾ بہ اهو ڪتاب لکجي بہ سگهيو.

اڪثر ڪري چيو ويندو آهي تہ ڏاهپ تہ تحمل جو نانءُ آهي. مارڪس بابت اهو چوڻ ڪنجوسيءَ کان ڪم وٺڻ هوندو. مارڪس کي پنهنجا سائنسي مطالعا



جاري رکڻ ۾ سالن تائين رُڪ جهڙو. تقريباً انسان کان مٿڀري قوت اراديءَ جو ثبوت ڏيڻو پيو. انتهائي حد تائين پاڻ تي جبر ڪرڻو پيو ۽ پنهنجيءَ صحت کي ايڏو خراب ڪرڻو پيو جو هر وقت هُو پاڻ کي موت ويجهو محسوس ڪندو هو.

پر ڪا بہ مصيبت ان ماڻهوءَ کي ٽوڙي نہ سگهي.

فخر سان ڪنڌ کڻي هُو ان راهہ تي وڌندو رهيو جنهن جي چونڊ هن نوجوانيءَ ۾ ڪئي هئي، هڪ پروميٿيوس جو شهيدن وارو رستو. جيڪو انسانن تائين علم جي باهہ پهچائڻ جو عزم ڪري چڪو هو. سخت سزا جي پرواهہ ڪرڻ کان سواءِ. پروميٿيوس وانگر مارڪس ”زميني خدائن“ جي چاڪرن جي ڏنل سڀني سمجهوتن کي رد ڪري ڇڏيو.

مارڪس جرمن ڊيموڪريٽ سيگفريڊ ميئر جي نالي هڪ خط ۾ چٽيِ شدت ۽ چٽائيءَ سان پاڻ ٻڌايو آهي تہ ڪيس ”ناڻي“ جي پورائين جلد لاءِ ڪهڙي قيمت ڏيڻي پئي. ميئر ڪڏهن مارڪس کي دوستاڻہ خط لکندو هو جن سان مارڪس کي ڏاڍي خوشي ٿيندي هئي ۽ جيڪي سندس سڄي ”ڏکئي دَور“ ۾ حقيقي سڪون جو سبب هوندا هئا. مارڪس لکي ٿو تہ سرڪاري دنيا سان تلخ جدوجهد ڪرڻ ۾ ان کي گهٽ اهميت ڏيڻ جي صلاحيت منجهس سڀني کان گهٽ آهي.

مارڪس لکي ٿو تہ ”تہ مون اوهان کي جواب ڇو نہ لکيو؟ ان ڪري جو مان مسلسل ويچار ۾ هيس. ان ڪري جڏهن بہ مان ڪم ڪري سگهندو هيس تہ مون کي هر هڪ پل پنهنجي ڪتاب کي مڪمل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻو پوندو هو. جنهن لاءِ مون پنهنجي صحت، خوشيءَ، ڪٽنب کي قربان ڪري ڇڏيو. مان سمجهان ٿو تہ مون کي ان وضاحت ۾ ڪجهہ واڌارو ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. مان مِڙئي سِڙئي مشهور ’عملي‘ ماڻهن ۽ انهن جي عقلمنديءَ تي کِلندو آهيان. جيڪڏهن ڪوئي ڏاند بڻجڻ جو فيصلو ڪري وٺي تہ ظاهر آهي تہ اهو انسانذات جي ڏک سُور کان بي پرواهہ ٿي سگهي ٿو ۽ رڳو پنهنجيءَ کَل جي ڳڻتي ڪري سگهي ٿو. پر جيڪڏهن مان پنهنجي ڪتاب کي گهٽ ۾ گهٽ مسودي جي شڪل ۾ پورو ڪرڻ کان سواءِ گذاري وڃان ها تہ سچ پچ پاڻ کي غير عملي سمجهان ها.“

اهو دل مان نڪتل اعتراف اسان کي ان تصنيف جي ياد ڏياري ٿو جنهن سان مارڪس پنهنجيءَ حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو هو – اسڪول مان پڙهي پچائڻ کان پوءِ سندس مضمون، جيڪو هڪ ڌنڌي جي چونڊ بابت آهي، جيئن اسان کي ياد آهي، اتي ئي نوجوان مارڪس انسانذات لاءِ ڪم ڪرڻ جِي، عام ڀلي لاءِ پنهنجي ذاتي خوشحاليءَ کي قربان ڪري ڇڏڻ جِي خواهش بابت لکيو هو.

اهو نوجوان خيال فقط هڪ خوبصورت فقرو (جملو) نہ هو. اهو مارڪس جي سچي حياتي سندس لاءِ راهہ جي مشعل رهيو. اهو سندس سيني لڳڻ جي موضوع جو نفس هو ۽ ان اسڪولي مضمون جي 32 سالن کان پوءِ جڏهن هُو ”ناٽو“ ڇپي رهيو هو تہ هُو انهن لفظن کي فخر ۽ خوشيءَ سان ورجائي سگهي پيو جيڪي هن ڪيئي سال اڳ گلاب جهڙي ڳاڙهي نوجوانيءَ ۾ لکيا هئا:

”جيڪڏهن اسان حياتيءَ ۾ ان حيثيت جي چونڊ ڪئي آهي جنهن ۾ اسان انسانذات جي لاءِ سڀ کان گهڻو ڪم ڪري سگهون ٿا تہ پوءِ ڪو بہ بار اسان کي جهڪائي نہ ٿو سگهي. ان ڪري جو اهي سيني جي پلي لاءِ قربانيون هونديون.“



# ڏاهي جي ساٿ ۾ ـ هڪ ٻيو ڏاهو

**مان هاڻي بہ مارڪس ۽ اينجلس جو ”چاهيندڙ“ آهيان ۽ سندن بابت ڪنهن بہ بدزبانيءَ کي سُکون سان برداشت نہ ٿو ڪري سگهان. نہ اهي حقيقي ماڻهو هئا! اسان کي ڪانئَن سکڻ گهرجي. ان بنياد کي اسان کي نہ ڇڏڻ گهرجي.**

**ـ ولاديمير لينن♦**

1880ع کان پوءِ واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ بہ اولهندو يورپ انهن ڇڪتاڻين ۾ ورتل هو جيڪي پيرس ڪميون وارن پيدا ڪيا هئا. روسي سلطنت لبرل ازم جو تماشو ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي وجود جي هڪ انتهائي پوائتي ۽ رجعت پرست دَور ۾ داخل ٿي وئي هئي. ان دَور ۾ ملڪ کي ”جهيڙو ڪندڙن“ ۽ ”لبرلن“ کان پاڪ صاف ڪرڻ ۽ هاري غلاميءَ کي بحال ڪرڻ جي ڳالهہ ڇُري. ترقي پسند روسي دانشورن جي دلين تي نااميدي ۽ بيوسي ڇانيل هئي.

گهڻو اڳ جي انهن سالن ۾، جيڪي ويران هئا

دلين ۾ غفلت جو خواب ۽ اونداهي،

پبيدانوستسيف♠ ڇپري وانگر پرَ پکيڙي

روس جي جَهان تي ڇانيل هو.

♦ وي. اي. لينن، انيسا آرماند جي نالي خط، تاريخ 30 جنوري 1917ع.

♠ ڪ. پ. پبيدانوستسيف (1827ع کان 1907ع تائين)، زارشاهي روس ۾ رجعت پرست مدبر، روس ۾ شرقي ڪليسا جي اعلىٰ انتظامي اداري ”سينود“ جو چيف پروڪيوٽر. هن انقلابي تحريڪ خلاف سخت جدوجهد ڪئي. هو لامحدود شخصي حڪمرانيءَ جو پڪو حامي ۽ سائنس ۽ روشن خياليءَ جو مخالف هو.

نہ هو رات ڏينهن ۾ ڪو فرق
پرن جي پاڇي جي بس هئي ڪاراڻ....
(اليڪسانڊر بلوڪ، ”سزا“)

ان دَور ۾ ڪجھہ يورپي عالمن چيو تہ انقلابي تحريڪ جو مرڪز روس ڏانهن ڦري رهيو آهي ۽ اهو تہ انقلابي تحريڪ ۽ سوشلسٽ نئين تعمير لاءِ هڪڙي نئين اُڀار جون سڀئي اميدون هاڻي انهيءَ ملڪ سان لاڳاپيل آهن. انهن عالمن ۾ فريڊرڪ اينجلس بہ هو. لنڊن ۾ مارچ 1883ع ۾ اينجلس سرگرم روسي انقلابي ۽ سوشلسٽ گيرمن لوپاتن سان ڳالهائيندي چيو تہ ”هاڻي سڀني شين جو دارومدار ان ڳالهہ تي آهي تہ ويجهي مستقبل ۾ پيٽرس برگ ۾ ڇا ٿو ڪيو وڃي، جنهن تي سڄي يورپ جي سڀني سوچيندڙن، ڏور رس ۽ تِڇ رس ماڻهن جون اکيون اٽڪيل آهن.“

پوءِ هن پنهنجي خيال جو اظهار اڃا وڌيڪ حتمي طور ڪيو: ”روس موجوده صديءَ جو فرانس آهي. هڪ نئين سوشلسٽ تعمير نو جِي انقلابي شروعات حقيقت ۾ ۽ قانوني طور تي انهيءَ ڪئي آهي...“

آخري روسي زار نڪولائي ٻئي ۽ سندس حڪمرانيءَ جي مقدر کي جنهن ريت اينجلس ٻڌايو آهي، اهو لڳ ڀڳ بصيرت لڳي ٿو: ”هُو اڌ چريو آهي، ذهن ۽ جسم ٻنهي جي لحاظ کان ڪمزور آهي ۽ انهيءَ مان اندازو ٿئي ٿو تہ هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي غير محڪم حڪمراني هوندي جيڪو قسمين قسمين سازشون ڪندڙن جي هٿن ۾ محض هڪ رانديڪو هوندو ۽ اهو روسي حاڪماڻي نظام کي سدائين لاءِ ختم ڪرڻ واسطي ضروري آهي.“

اينجلس جي اڳ-ڪٿي توڙي ڪيڏي اچرج جوڳي ڇو نہ لڳي، ان ۾ ڪا بہ شَي مقدرِي يا غير معمولي نہ هئي سواءِ ظاهر آهي تہ اينجلس جي غير معمولي ۽ لاثاني شخصيت جي.

اينجلس جي دانشمنديءَ تي، سندس چوگرد رهندڙ ماڻهو اڪثر ڪري حيران ٿي پوندا هئا. 1848ع جي انقلاب دوران ”نوئيي رائنيشي زاءِ تونگ“، جيڪا مارڪس ڇپيندو هو، هنگريءَ ۾ ٿيندڙ انقلابي جنگ تي وقتاً فوقتاً مضمون ڇپيا جيڪي اطلاعن ۾ ايڏا ڀرپور هئا ۽ انهن فوجي ڪاروائين جي ارتقا بابت انهن جون اڳ-ڪٿيون ايڏيون صحيح هونديون هيون جو انهن کي هنگريائي فوج جي ڪنهن ليڊر سان منسوب ڪيو ويو. اهي مضمون جرمنيءَ ۾ هڪ نوجوان لکندو هو جيڪو هنگري ڪڏهن ويو بہ نہ هو. ان نوجوان جو نالو هو فريڊرڪ اينجلس.

1870ع ۾ فرانسي-پروشيائي جنگ دوران اينجلس جا مضمون پيشيور فوجين جي ڌيان جو مرڪز بڻجي ويا. ان ڪري جو انهن ۾ هُن سيدان جي ويڙهہ ۽ فرانسي فوج جي شڪست جي اڳ-ڪٿي ڪري ڇڏي هئي. ان وقت کان مارڪس جي ڪٽنب ۾ کيس ”جنرل“ جي مزاحيہ عرفيت سان سڏيو وڃڻ لڳو. ان جو هڪ ٻيو سبب سندس فوجي انداز ۾ هلڻ بہ هو جنهن سان سندس واقف تڏهن بہ متاثر ٿيندا هئا جڏهن هو پوڙهو ٿي چڪو هو. فريڊرڪ ليسنر سندس ذڪر هنن لفظن ۾ ڪيو آهي: ”اينجلس.... ڊگهو ۽ سنهي تن وارو هو. سندس هلڻ چَلڻ ۾ تيزي ۽ چستي هئي، سندس گفتگو مختصر ۽ فيصلائتي هوندي هئي. سندس ويهڻ جو انداز سِڌو هو جنهن سان سپاهياڻي عزت پيدا ٿي پوندي هئي.“

پر سندس گهڻن ئي مطالعن جي گهرائيءَ باوجود فوجي حڪمت عملي سندس لاءِ انهن انيڪ دلچسپين مان هڪ هئي جن جي صلاحيت سندس بيحد قابليت واري شخصيت ۾ هئي ۽ جن کي اها جاري رکي سگهندي هئي.

اها ئي دلچسپين جي حيرت واري گهڻائي، علم ۽ لياقت جي اها جامعيت ئي شايد سندس سڀ کان امتيازي خاصيت هئي. اٺويهين صديءَ تهذيب جي سڀني دائرن ۾ سوچ ۽ روح جا مافوق الفطرت انسان پيدا ڪيا پر ان شاندار پس منظر ۾ بہ مارڪس جي علم وانگر اينجلس جو سمنڊ جهڙو علم بہ بي مثال هو. ان لحاظ کان ان جي ڀيٽ ارسطوءَ، ليوناردو ڊاونچيءَ، گوئٽي ۽ هيگل سان ڪري سگهجي ٿي. پاڻ ئي فيصلو ڪيو: اينجلس فلسفِي، سياسي معاشياتدان، مؤرخ، ٻوليءَ جي علم جو ماهر، ادبي نقاد، مترجم ۽ سياسي صحافي هو. کيس نوس عمرانياتي تحقيقن جو باني چئي سگهجي ٿو جنهن جو چمڪندڙ مثال سندس تصنيف ”انگلينڊ ۾ مزور طبقي جي حالت“ آهي. هُو فزڪس، مڪينڪس، ڪيمسٽريءَ، بائلاجيءَ، رياضيءَ، علم هيئت ۽ انيڪ ٽيڪنيڪي شاخن جو تمام سٺو علم رکندڙ هو. جنهنڪري ئي هُو ”فطرت جي جدليات“ ۾ نيچرِي سائنسن جي سڄي ارتقا جو فلسفياڻو خلاصو پيش ڪري سگهيو. جيستائين ٻولين جي ڳالهہ آهي تہ اينجلس صحيح معنيٰ ۾ سٺي گفتار ڪندڙ هو ۽ ڪيترين ئي ٻولين جي لهجن جو بہ مڪمل علم رکندڙ هو.

هڪڙي سوشلسٽ هڪ ڀيري ٺٺوليءَ ۾ چيو هو تہ ”اينجلس ويهن ٻولين ۾ ٻاتو ڳالهائيندو آهي.“ هُن ان ڳالهہ جو ذڪر ڪيو هو تہ اينجلس جڏهن جوش ۾ هوندو هو تہ ٿورڙو ٻاتو ڳالهائيندو هو. پر ان سان گڏ اينجلس ۾ ڪا بہ ڳالهہ اڪيلائي پسند عالم ۽ خشڪ ڪتابي ڪِينئين جهڙي نہ هئي. کيس راندين ۾ مزو ايندو هو ۽ هُو سواري ڪندو هو، شڪار ڪندو هو. قسمت اهو بہ طَي ڪري ڇڏيو هو تہ هُو ڪارخاني جي معاون، واپاريءَ، تجارتي مسافر، صنعتڪار ۽ سرمائيڪار جا فرض بہ نڀائي. سچ پچ بہ علم جو ڪوئي دائرو اهڙو نہ هو جنهن سان اينجلس کي دلچسپي نہ هجي، ايستائين جو هُو ٻارن جي ڄَمَ ۽ دائپي بابت ڪتاب بہ پڙهندو هو.

نوجوانيءَ ۾ اينجلس شاعريءَ ۾ بہ قسمت آزمائي ۽ فن ۽ ادب کي پنهنجي عملي حياتي ٺاهڻ بابت سنجيدگيءَ سان سوچيو. هن ڪوڙ ساترين شعري تخليقون ڪيون جيڪي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيون ۽ انهن جي بي انتها خوش طبعيءَ ۽ ٺوڪ واري ڪمال سبب، ماڻهن انهن کي پسند بہ ڪيو.

1840ع جي ڏهاڪي کان پوءِ اينجلس گارڊ ريجمينٽ ۾ رضاڪار جي حيثيت سان فوجي خدمتون بہ ڏنيون، وري بادين بغاوت ۾ حصو ورتو ۽ ٽي ويڙهيون وڙهيون. جن ماڻهن کيس گولين جي پاڇي ۾ ڏٺو آهي انهن مِڙني کي اينجلس جي بهادري ۽ غير معمولي سُڪون سدائين ياد رهيو.

1830ع واري ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ تي ئي اينجلس پنهنجي آئنده دوست جي نمايان لياقت، اڻ شڪست واري سگهہ ۽ مونٽين جهڙي سرڪش روح بابت گهڻو ڪجهہ ٻڌي چڪو هو. سندن پهرين ملاقات 1842ع جي نومبر ۾ ڪولون ۾ ٿي جڏهن اينجلس انگلينڊ ويندي ”رانيشي زاءِ تونگ“ جي آفيس ۾ ويو جنهن جو ايڊيٽر مارڪس هو. مختلف معمولي سببن جي ڪري ان ملاقات مان ڪا حقيقي واقفيت نہ وڌي، پر جڏهن ٻن سالن کان پوءِ ٻئي پيرس ۾ مليا تہ کين اهو ڄاڻي خوشي ٿي تہ هُو ٻئي مختلف راهن کان انهن خيالن تائين پهتا هئا جيڪي بنيادي طور سماج جي ارتقا بابت هڪجهڙا خيال هئا.

ٻنهي جون راهون جڏهن هڪ ڀيرو ملي ويون، تہ پوءِ مارڪس جي وفات تائين گڏوگڏ هلنديون رهيون. مارڪسزم هڪڙي ئي ماڻهوءَ جو نانءُ رکڻ باوجود اصل ۾ ٻن ڄڻن جو اهڙو ڪم آهي جنهن کي ڌار ڌار نہ ٿو ڪري سگهجي. مارڪس هڪ ڀيري پاڻ اينجلس جو تعارف پنهنجي ”همزاد“ جي حيثيت سان ڪرايو هو.

لينن هڪ ڀيري چيو هو تہ مارڪس ۽ اينجلس جا تعلقات انساني دوستيءَ بابت پراڻي وقت جي انتهائي متاثر ڪندڙ قصن کان بہ وڌيڪ هئا. بظاهر سندس ذهن ۾ ڪاسٽر ۽ پولڪس جو وڻندڙ قصو هو. پولڪس زيئس ۽ ليڊا جو پٽ هو ۽ پنهنجي ”پڳ مَٽ“ دوست جي ابتڙ، لافاني هو. ٻئي هڪ ٻئي کان مختلف هئا ۽ ڌار ڌار قسمن جون لياقتون رکندڙ هئا. ڪاسٽر رَٿ هلائڻ ۾ ماهر هو ۽ پولڪس بي مثال جنگجو هو. ٻئي گڏ هجن تہ ڪو بہ کين هارائي نہ سگهندو هو ۽ اهي اڪثر ڪري دشمن کي ڀڄائي ڇڏيندا هئا. ٻنهِي هڪ ئي نانءَ سان ياد ڪيا ويندا هئا ”ڊيوسڪيورِي.“

پر هڪ ڀيري ڪاسٽر ويڙهہ ۾ مارجي ويو. پولڪس جي نظرن ۾ دنيا اونداهہ ٿي وئي. هُو پنهنجي زيئس وٽ ويو ۽ کيس درخواست ڪئي تہ منهنجي لافانيت وٽ ۽ مون کي پاڇن جي دنيا، هيڊس ۾ پنهنجي دوست وٽ وڃڻ ڏي. سياڻي زيئس



اهو مسئلو ٻيءَ ريت حل ڪيو. هن لافانيت کي ٻنهي دوستن ۾ هڪجيترو ورهائي ڇڏيو. ان ريت ٻنهي کي اڌ وقت هيڊس ۾ رهڻو پوندو هو ۽ اڌ وقت ديوتائن جي دنيا اولمپس ۾.

ديوتائن کي اهڙي نِج دوستي ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ هنن ڪاسٽر ۽ پولڪس ٻنهي کي ڪٽي آسمان تي پهچائي ڇڏيو جتي اهي جوزا ستارن جي جهرمٽ ۾ چمڪن ٿا. هڪڙو صبح جو ستارو ۽ هڪڙو شام جو ستارو. هڪڙو اونداهيءَ يعني هيڊس ۾ هليو وڃي ٿو ۽ ٻيو اولمپس جي مٿان اڀرندو آهي.

ڊيوسڪيوري وانگر ذهن جي فطرت جي لحاظ کان بہ مارڪس ۽ اينجلس برابر نہ هئا، پر انهيءَ ڪري اهي ٻئي هڪٻئي جو ضميمو بڻجندا هئا.

ماڻهو عام طور اينجلس جي هنن لفظن جو حوالو ڏيندا آهن تہ هُو مارڪس جي ”سنگت“ ڪندو هو ۽ واقعي هو بہ ايئن ئي. پر خود مارڪس جي بيان کي بہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي، جنهن هڪ ڀيري پنهنجي هڪ دوست کي خط ۾ لکيو: ”تون ڄاڻين ٿو تہ هر شَي (1) مون کي دير سان خيال ۾ ايندي آهي ۽ (2) مان سدائين تنهنجي قدمن جي نقش تي هلندو آهيان.“

پنهنجي سموري غير معمولي لياقت باوجود اينجلس ڏاهپ جي تخليقي سگهہ ۾، سدائين تجسس ڀري تحقيق جي درستيءَ ۽ گهرائيءَ ۾، اسلوب جي اعليٰ جدلياتي سونهن ۽ عموميت جِي محڪم قولن جهڙي درستيءَ ۾ مارڪس جي سطح جو نہ هو. پر ڪجهہ معاملن ۾ اينجلس کي مٿڀرائي حاصل هئي. سندس لاءِ نئينءَ شَي کي سمجهڻ ۽ ان جي نئين سر جوڙجڪ ڪرڻ وڌيڪ سولو هو. هُو هڪ ئي اڪيلي موضوع جي اڀياس ۾ گهڻن ڏينهن تائين الجهيل نہ رهندو هو ۽ هُو سائنس ۽ تهذيب جي مختلف دائرن مان مصالحي جو سَت وڌيڪ آزاديءَ سان ڪڍي وٺندو هو.

مشهور سوويت اينجلس شناس، سيريبرياڪوف جي مناسب ڀيٽا جي لفظن ۾، ننڍا هٿيار ڪنيل مجاهد اينجلس گهٽي ڦڙتيءَ سان چرپر ڪندو هو وڌيڪ آزاديءَ سان داءَ پيچ بدلائيندو هو ۽ دشمن جي ڪمزوريءَ تي پهريائين حملو ڪندو هو. اها شَي سائنسي ڪميونزم جي باني جي روحاني ارتقا جي اولين مرحلن ۾ ئي پڌري ٿي وئي هئي.

باوجود ان حقيقت جي تہ اينجلس عمر ۾ مارڪس کان ٻہ سال ننڍو هو، هن اخبارن ۽ رسالن ۾ پنهنجيون تخليقون پهريائين شايع ڪرائڻ شروع ڪيون، پهريائين شاعر جي حيثيت سان، پوءِ صحافيءَ جي حيثيت سان. هن موجوده سماجي نظام جي مخالفت جلد ئي شروع ڪئي ۽ مارڪس کان اڳ ۾ ئي انقلابي جمهوريت

پسند ۽ ريپبلڪن ٿي ويو. ٻنهي مان اينجلس ئي يوٽوپيائي سوشلزم ۽ ڪميونزم جي تنهن وقت واري شڪل ڏانهن متوجهه ٿيو ۽ هن سياسي معاشيات جي تنقيد پهريائين ڪئي. اينجلس جي ”پنيان“ هلندي ئي مارڪس کي فطرتي سائنسن جي ڪارنامن سان دلچسپي ٿِي.

پوءِ بہ حقيقت اهائي آهي تہ جتي اينجلس شاندار خاڪا چِٽيا، اتي مارڪس دَور کي شاباس ڏيندڙ تخليقون چِٽيون. ٻنهي جو پنهنجو اسلوب آهي، پنهنجي پنهنجي لياقت، سائنسي دلچسپين جو پنهنجو پنهنجو دائرو آهي، پر ان سان هڪ ٻئي لاءِ سندن ڪشش ۾ واڌارو ئي ٿيو آهي. مارڪس جي لحاظ کان اينجلس هڪ حقيقي انسائيڪلوپيڊيا هو ۽ هُو ان خوبيءَ جو قدر ڪندو هو تہ اينجلس ڏينهن جو يا رات جو ڪنهن بہ وقت ڪم ڪري سگهندو هو. تہ هُو تيزيءَ سان لکندو هو ۽ منجهس ”شيطاني“ تکاڻ هئي.

سندس سياسي معاشيات جي اڀياسن جي سلسلي ۾ ان ڳالهہ تي تفصيل سان بحث ڪرڻ گهرجي. 1844ع ۾ اينجلس جو هڪ مضمون ”ڊوئچ فرانزيسيشي ياربيوخير“ ۾ ڇپيو، جنهن جو عنوان هو ”سياسي معاشيات جي تنقيد جو خاڪو“. ان مضمون جي ليکڪ جي ڄمار 24 سال هئي، پر ان مضمون ۾ جديد سماج جي حياتيءَ جا بنيادي سوال ايڏي بهادريءَ سان ۽ نمايان طور کنيا ويا هئا ۽ ڪلاسيڪي سياسي معاشيات جي اصولن تي ايڏي گهري تنقيد ڪئي وئي هئي، جن تي پهريائين ڪنهن کو بہ شڪ ئي نہ ڪيو هو. جو اينجلس بنا دير ان ميدان ۾ هڪ مڃيل ماهر ٿي ويو. ان مضمون ۾ ڪيترائي بنيادي طور نوان خيال هئا، جن کي پوءِ مارڪس ”ناڻي“ ۾ نکاريو سنواريو. اهو حقيقت ۾ سائنسي سوشلزم جو پهريون معاشي مضمون هو. ۽ پاڻ مارڪس بہ ”ناڻي“ ۾ وري وري ان جو حوالو ڏي ٿو.

هڪ سال پوءِ اينجلس پنهنجو ڪتاب ”انگلينڊ ۾ مزور طبقي جي حالت“ ڇپيو. ان ۾ گهڻي مقدار ۾ حقيقتن تي مشتمل مواد هو جنهن جي بنياد تي مصنف نہ رڳو اهو نتيجو ڪڍيو تہ پرولتاريہ تڪليفون سهندڙ طبقو آهي پر سماج ۾ ان جي انقلابي ڪردار لاءِ سائنسي اساس بہ فراهم ڪيو. ڪيئي سال پوءِ اينجلس جي نالي هڪ خط ۾ مارڪس لکيو تہ اهو ڪتاب ڪيتري قدر تازگيءَ ۽ جذبن سان لکيو ويو هو. هُو ان جي بهادر دُور انديشيءَ ۽ ان ۾ ڪنهن بہ طرح جي علمي يا سائنسي شَڪن جي کوٽ جو ڏاڍو قدر ڪندو هو.

لينن بہ اينجلس جي ان ڪتاب کي ڏاڍو اهم سمجهندو هو. سندس خيال هو تہ 1845ع کان اڳ يا ان کان پوءِ مزور طبقي جي ڏک سُور جِي ايڏي نمايان ۽ سچي تصوير عام منظر تي ناهي آئي.



جنهن محقق ايڏي شاندار شروعات ڪئي هئي، ان جو اڳلو وڏو ڪتاب 1878ع ۾ ڇپيو. اينجلس جي انهن ٻنهي ڪتابن جي وچ ۾ 33 سالن جي وٿي هئي. اهو سچ آهي تہ اهي سال مڪمل ادبي ماٺ جو دَور نہ هئا. اينجلس اخبارن ۽ رسالن ۾ انيڪ مضمون ڇپرايا، پر بدقسمتيءَ سان هُو ڪو وڏو ڪتاب لکي نہ سگهيو. اهو شايد سندس حياتيءَ جو سڀ کان ڏکوئيندڙ رُخ آهي.

1849ع جي پڇاڙيءَ ۾ جرمنيءَ جي انقلابي واقعن کان پوءِ، جن ۾ مارڪس ۽ اينجلس گهڻي ئي سرگرميءَ سان سڌيءَ ريت ڀهرو ورتو، ٻئي هجرت ڪري انگلينڊ هليا ويا. مارڪس ۽ سندس ڪٽنب جي مدد ڪرڻ جي خيال کان، جيڪو هاڻي روزيءَ جي ڪنهن ذريعي کان سواءِ ٿي پيو هو، اينجلس مانچسٽر ۾ رهڻ لڳو ۽ هڪڙي سوٽي ڪپڙي جي مل ۾، جنهن ۾ سندس پيءُ حصيدار هو، دفتري ڪلارڪ جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ لڳو. ان ”واپاري غلاميءَ“ ۾ هن 20 سال قربان ڪيا! ۽ ان سموري عرصي ۾ مارڪس ۽ اينجلس ۾ ڏاڍي جيالِي خط ڪتابت رهي ۽ لڳ ڀڳ هر خط ۾ اينجلس، جيڪو پاڻ بہ ڪنهن طرح عيش ڀري حياتي نہ گذاري رهيو هو، اطلاع ڏيندو هو تہ هن معمولي رقم جي هڪ چيڪ موڪلي ڇڏي آهي. فرانز ميئرنگ صحيح چوي ٿو تہ اهڙي قرباني ڏيڻ ۽ اها قبولڻ ٻنهي جي لاءِ برابر مٿاهون ۽ شريف روح گهربل هو. اهو رڳو مادي امداد جو سوال نہ هو.

جڏهن مارڪس کي ”نيويارڪ ڊيلي ٽربيون“ لاءِ مضمون لکڻ جو چيو ويو، تہ اينجلس انهن مضمونن کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪندو هو. ان ڪري جو سندس دوست کي تنهن وقت تائين انگريزيءَ ۾ پوري رواني نہ هئي.

مارڪس کي ”ناڻي“ جي سلسلي ۾ پنهنجي ڪم دوران جيڪي بہ مشڪلون ۽ مسئلا ٿيندا هئا انهن سڀني تي هُو اينجلس سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندو هو ۽ پوءِ مارڪس لاءِ اينجلس جي راءِ وڏي اهميت رکندي هئي. پنهنجي دوست سان مشورو ڪرڻ کان سواءِ مارڪس پنهنجي لنڊن واري حياتيءَ جي دَور ۾ هڪڙو بہ عملي قدم نہ کنيو ۽ نہ ئي هڪڙي بہ لکڻي ڇپرائي.

سندن دوستيءَ ”مقدس خاندان“ ۽ ”جرمن آئيڊيالاجيءَ“ تي ڪم ۾ تخليقي ڀائيواريءَ سان واڌ ويجهہ ڪئي، ان کي سندن انقلابي سرگرميءَ سان سگهہ ملي ۽ وقت گذرڻ سان اها اڃا وڌيڪ پُختي ٿيندي وئي. سندن روحاني ڀائيواري ايڏي پختي هئي جو هڪ ٻئي کان سواءِ سندن ڪم ڪار اڳتي وڌِي ئي نہ پئي سگهيو.

مارڪس خوددار ۽ جلدي ڪاوڙجندڙ ماڻهو هو پر ڪيس پنهنجيءَ تنقيد کان گهڻي وڌيڪ ڪاوڙ اينجلس جي تنقيد سان لڳندي هئي. هُو پاڻ مٿان زر پرست منشين جي زهريلن حملن کي فلسفياڻي خاموشيءَ سان سَهندو هو ۽ جواب ڏيڻ

جي زحمت نہ ڪندو هو. پر جيڪڏهن معاملو اينجلس جي عزت جو هجي، تہ پوءِ مارڪس ڪان نہ تہ درگذر جي توقع ڪري سگهجي پئي، نہ ئي رحم جِي. هُو هڪدم ويڙهہ جي ميدان ۾ لهي پوندو هو. جڏهن 1850ع ۾ ميولر ٽيلرنگ نالي هڪ شخص مزدورن جي جماعت ڪي اينجلس بابت تهمتن ڀريو خط لکڻ جي همت ڪئي تہ مارڪس وَسي پيو. هن تهمتون هڻندڙ بدبخت ڪي ڏاڍو ضبط ڪري ڪاوڙ مان لکيو: ”ڪلهہ تو مزورن جي تنظيم ڪي خط لکيو آهي سندس سلسلي ۾، جيڪڏهن اينجلس تي شرم جوڳيون تهمتون هڻڻ ڪان پوءِ تون ان لائق هجين ها تہ مان توکي ڊوئل وڙهڻ جي چئلينج ڪيان ها.... مان تو سان گڏ هڪڙي ٻئي ميدان ۾ مقابلي جو منتظر آهيان تہ جيئن مان ان انقلابي ڪترپٽي جي فريبي نقاب ڪي ڇڪي اڇلايان جنهن جي اوٽ ۾ تون هن مهل تائين پنهنجن ڪِريل مفادن، پنهنجي ساڃ، پنهنجي غير مطمئن غرور ۽ ان ڳالهہ تي پنهنجي هوس ڀرِي ڪاوڙ ڪي لڪائيندو رهيو آهين جو دنيا تنهنجي عظيم ڏاهپ ڪي نہ ٿي مڃي....“

۽ جڏهن پنهنجي دوست جي عزت جو بچاءَ ڪرڻ جو سوال هجي ها تہ اينجلس جو رد عمل بہ اهڙو ئي هجي ها. هن عامِي معاشياتدان لوريا ڪي، جيڪو ”ناٽي“ جي خيالن جي انڪار ڪرڻ ۽ انهن ڪي بگاڙڻ ۾ مهارت رکي پيو، سخت ڪاوڙ منجهان دڙڪا ڏنا هئا. ”ڪارل مارڪس بابت مون ڪي تنهنجو مضمون مليو. توکي سندس تعليمن جي صفا سخت تنقيد ڪرڻ جِي ۽ انهن ڪي غلط سمجهڻ جِي بہ مڪمل آزادي آهي. توکي مارڪس جِي اهڙي سوانح حيات گهڙڻ جي بہ پوري موڪل آهي جيڪا صفا هٿ ٺوڪي هجي، پر جنهن شَي جي توکي ڪڏهن بہ اجازت نہ ڏيندس اها آهي منهنجي مرحوم دوست جي ڪردار بابت تهمتون گهڙڻ.“

اينجلس جڏهن لنڊن ويندو هو ۽ دوستن جي روبرو ملاقات ٿيندي هئي تہ مارڪس جي گهر ۾ سچي خوشي اچي ويندي هئي. مارڪس جون ڌيئر اينجلس ڪي پنهنجو ٻيو پيءُ چونديون هيون. اهو چوڻ ڏکيو آهي جيڪڏهن اينجلس جي سالن تائين رهندڙ بي لوث امداد نہ هجي ها تہ مارڪس ۽ سندس ڪٽنب جو ڇا ٿئي ها. هن جاٽي واٽي پاڻ پنهنجين سائنسي دلچسپين ڪي هڪ پاسي ڪري ڇڏيو ۽ انهن ڪي پنهنجي دوست جي سائنسي مطالعن تي قربان ڪري ڇڏيو. مارڪس جي دل تي سدائين ان جو ڏاڍو بار رهيو.

16 آگسٽ 1867ع تي ٻِي وڳي صبح جو مارڪس ”ناٽي“ جي پهرين جلد جا پروف پڙهي پورا ڪيا ۽ اينجلس ڪي لکيو: ”تہ هيءُ جلد پورو ٿي ويو. اهو فقط تنهنجي ڪري ممڪن ٿيو آهي. مون لاءِ جيڪڏهن تو پنهنجي قرباني نہ ڏني هجي



ها تہ مان تن جلدن لاءِ اهو زبردست ڪم ڪڏهن بہ نہ ڪري سگهان ها. مان توکي ڀاڪر پايان ٿو شڪرگذاريءَ منجهان.“

اينجلس پنهنجيءَ قسمت جي ڪڏهن شڪايت نہ ڪئي، نہ ئي افسوس ڪيو. هُو پنهنجي ڪم ۾ ايڏو خوش ۽ پُرسڪون رهندو هو جڻ ڪارخاني وڃڻ يا آفيس ۾ ويهڻ ڪان وڌيڪ دنيا ۾ ٻيو ڪجهہ آهي ئي نہ.

ان جو اصل ۾ مطلب اينجلس جي لاءِ ڪهڙو هو. ان جو اندازو ايليونورا مارڪس ايولنگ جي يادن جي هيٺئين ٽڪري مان لڳائي سگهجي ٿو جيڪا ان ڏينهن اينجلس جي ئي گهر ۾ هئي جڏهن سندس ”سخت پورهيي سان قيد“ ختم ٿي رهيو هو.

”مان ان فتحمنديءَ کي ڪڏهن بہ وساري نہ ٿي سگهان جنهن سان هن صبح جو آخري ڀيرو آفيس وڃڻ لاءِ بوٽ پاتو ۽ چيو: ’آخري ڀيرو!‘

”ڪجهہ ڪلاڪن ڪان پوءِ اسان ڦاٽڪ تي بيٺا سندس انتظار ڪري رهيا هئاسين. اسان ڪيس، جنهن گهر ۾ هُو رهندو هو ان اڳيان ميدان ۾ ڏٺو. هُو پنهنجي لٺ هوا ۾ لوڏي رهيو هو ۽ ڳائي رهيو هو. سندس منهن ٽڙيل هو. پوءِ اسان جشن ملهائڻ لاءِ ميز سينگاري، شئمپيئن پيتي ۽ خوشيون ملهايون.

”ان وقت مان ان سڀ ڪجهہ کي سمجهڻ لاءِ ڏاڍي ننڍڙي هيس. پر هاڻي جڏهن سوچيان ٿي تہ اکين ۾ ڳوڙها تري اچن ٿا.“

ان ڏينهن اينجلس پنهنجيءَ ماءُ ڪي لکيو: ”مان صفا ٻيو ماڻهو ٿي پيو آهيان ۽ 10 سال ننڍڙو ٿي پيو آهيان.“

اينجلس سان لاڳاپيل هر شَي ۾ حياتيءَ جو جوش ۽ مزو بيساختگي، سگهہ ۽ خاص وضاحت ۽ گرم جوشي ڪيس ڏاڍو وڻندڙ انسان بڻائي پئي. هڪ ڏينهن مارڪس ڪي پنهنجي هيمبرگ جي ناشر جو خط مليو جنهن ڪيس خبر ڏني هئي تہ اينجلس ساڻس ملڻ آيو هو ۽ ان ريت هُو پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ سڀ ڪان وڌيڪ وڻندڙ ماڻهوءَ سان مليو.

مارڪس خط پڙهڻ ڇڏي، ڏاڍي سادگيءَ ڀريي فخر سان چيو: ”ڀلا اهو ڪهڙو شخص هوندو جيڪو فريڊ ڪي ايڏو ئي ملنسار بہ نہ سمجهي جيڏو هُو عالم آهي.“

۽ جڏهن ماڻهو اينجلس جو ”اعتراف“ پڙهي ٿو جيڪو هن مارڪس جي ڌيئرن جي سوالنامي جي جواب ۾ خوش دليءَ سان لکيو هو تہ بہ هُو هڪڙو وڻندڙ خوش مزاج ۽ خوش طبع ماڻهو نظر اچي ٿو.

❊ اوهان جي وڻندڙ خوبي — خوش مزاجي.
❊ مرد جي خاص خوبي — پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ.

| | |
|---|---|
| ❊ عورت جي خاص خوبي | شيون رکي وساري ڇڏڻ. |
| ❊ اوهان جي خاص خاصيت | سڀ شيون ٿورو ٿورو چاکڻ. |
| ❊ اوهان جو خوشيءَ جو تصور | شاتو مارگو 1848ع♥ |
| ❊ اوهان جو ڏک جو تصور | ڏندن جي ڊاڪٽر وٽ وڃڻ. |
| ❊ برائي، جيڪا اوهان معاف ڪري ڇڏيو ٿا | هر قسم جي گهٽائي. |
| ❊ برائي، جنهن سان اوهان نفرت ڪيو ٿا | منافقت |
| ❊ اوهان جي چِڙ | بناوٽي مغرور عورتون. |
| ❊ وڻندڙ مشغلو | ٽوڪ ڪرڻ ۽ مذاق جو شڪار ٿيڻ. |
| ❊ محبوب هيرو | ڪو به نه. |
| ❊ محبوب هيروئن | ڪيئي آهن، نالا نه ٿا ڳڻائي سگهجن. |
| ❊ وڻندڙ گُل | بلوبل. |
| ❊ وڻندڙ رنگ | ڪو به، جيڪو انيلين نه هجي. |
| ❊ وڻندڙ کاڌو | ٿڌو: سلاد، گرم: آئرش اسٽو. |
| ❊ وڻندڙ قانون | ڪوئي قانون نه رکڻ. |
| ❊ وڻندڙ اصول | گهبرائڻ جي ڪا ڳالهه ناهي. |

مارڪس وانگر اينجلس به غير معمولي طور تي ترقي يافته شَي لطيف رکندو هو. ان سان کيس هجرت جي حياتيءَ جو بار کڻڻ ۾ مدد ملي.

اينجلس جي نالي هڪ خط ۾ مارڪس خراب صحت جي ڪري پنهنجين تڪليفن جو ذڪر ڪرڻ کان پوءِ لکيو ته انهن سڀني حالتن باوجود هُو هميشه کان وڌيڪ ان ڳالهه کي محسوس ڪري ٿو ته سندن جهڙي دوستي عظيم خوشي هوندي آهي ۽ اهو ته هُو ڪنهن به ٻئي رشتي جو ايڏو قدر نه ٿو ڪري.

ڪاروبار جي نفرت قابل ويڙهه کي لاهي اڇلائڻ کان پوءِ اينجلس لنڊن اچي ويو ۽ مارڪس جي گهر ويجهو ئي رهڻ لڳو. دوستن منجهه تقريباً ڏهاڙي ملاقات ٿيندي هئي. اينجلس هاڻي تمام گهڻي محنت ڪري رهيو هو ۽ انهن سڀني تخليقي منصوبن کي پورو ڪري رهيو هو جن ۾ خاص منصوبو هو فطرتي سائنسن جي ڪارنامن جو جدلياتي سَتُ پيش ڪرڻ جو عظيم ڪم سرانجام ڏيڻ. 1878ع ۾ سندس ڪتاب "ڪٽيندڙ ڊوئرنگ" ڇپيو جيڪو لينن جي لفظن ۾ فلسفي، فطرتي سائنس ۽ سماجي علمن جي ميدان ۾ انتهائي اهم مسئلن جو

♥ شراب جي هڪ قسم ۽ ان سال جي انقلابي واقعن جو ذڪر آهي.



تجزيو ڪري ٿو. هن قديم ابتدائي سماج جي تاريخ جو اڀياس به ڪيو جڏهن هُو ڪتاب "ڪٽنب، ذاتي ملڪيت ۽ رياست جي ابتدا" لاءِ ڪم ڪري رهيو هو، جيڪو 1884ع ۾ ڇپيو.

پنهنجي خالص سائنسي اڀياسن کان سواءِ اينجلس پارٽيءَ جو تنظيمي ڪم به انتهائي توانائيءَ سان ڪيو. کيس انٽرنيشنل جي جنرل ڪائونسل جو رڪن چونڊيو ويو، جتي سندس ذمي ڪيترن ئي ملڪن لاءِ خط پَٽ لکندڙ سيڪريٽريءَ جا فرض ڪيا ويا.

اينجلس هميشه ڪوشش ڪئي ته پنهنجين سائنسي دلچسپين کي انقلابي جدوجهد جي عملي مقصدن موجب رٽي. ايئن، مستقبل جي ڏُور انديشي ڪندي هن پراڻي وقت جون ٻوليون پڙهڻ شروع ڪيون.

مارڪس ۽ اينجلس مزور طبقي جي تحريڪ جي ڪاميابي پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ ئي ڏسي ورتي. اهي هر فتح جو جشن ذاتي فتح وانگر ملهائيندا هئا. پنهنجي پوڙهپڻ ۾ به اينجلس جرمنيءَ ۾ پارليامينٽري چونڊن جي موقعي تي پنهنجي گهر ۾ حقيقي جشن جو انتظام ڪندو هو. ايڊورڊ ايولنگ ياد ڪري ٿو ته اينجلس خاص جرمن بيئر جو هڪ پيپا (ڪانيءَ يا ڏاتوءَ جو ٿانءُ) خريد ڪندو هو ۽ دسترخوان تي خاص ڪاڏا رکندو هو (اينجلس ڏاڍا سٺا ڪاڏا پچائيندو هو) ۽ پنهنجن ويجهن دوستن کي گهرائيندو هو. "'جنرل' هر هڪ تار کي کوليندو هو ۽ ڏاڍيان پڙهندو هو. جيڪڏهن جيت ٿيندي هئي ته (چونڊن ۾ سوشل ڊيموڪريٽن جي. - مصنف) ته اسان پيئندا هئاسين ۽ هارائڻ جي خبر هوندي هئي ته پيئندا هئاسين."

1883ع ۾ مارڪس جي وفات کان پوءِ اينجلس مزور طبقي جي بين الاقوامي تحريڪ جو مڃيل اڳواڻ ٿي ويو. هن رهنمائيءَ جا فرض نڀايا پر پاڻ اڳ وانگر ئي انڪسار ڪندڙ سادو ۽ ناهه نوهه کان آجو رهيو. پوءِ، هڪ ڏينهن هن پاڻ بابت لکيو: "قسمت جي اها ئي مرضي هئي ته مان، جيئرو رهي پوڻ ڪري اهو اعزاز حاصل ڪيان جيڪو منهنجي فوتي همعصرن جي ڪري ۽ سڀ کان وڌيڪ مارڪس جي ڪم جي ڪري آهن." ۽ هن وچن ڪيو ته هُو پنهنجي بچيل زندگي پرولتاريه جي سرگرم خدمت ۾ گذاريندو ته جيئن گهٽ ۾ گهٽ مستقبل ۾ جيستائين ٿي سگهي ان اعزاز جي لائق بڻجي، جيڪو کيس مليو آهي.

مارڪس ۽ اينجلس پنهنجي حياتيءَ جي آخري سالن ۾ روس ڏانهن ڌيان ڏنو. اينجلس ڪيترن ئي مشهور روسي سوشلسٽن، پليخانوف، زاسوليچ، لوپاتن ۽ ٻين سان خطن وسيلي لک پڙهه ڪندو هو.

روسي انقلابين سان پنهنجيءَ ڳالهه ٻول ۾ اينجلس اصرار ڪندو هو تہ ڪيس بس مارڪس جي لکڻين جا حوالا نہ ڏيڻا پون پر ايئن سوچڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي جيئن مارڪس جيڪڏهن سندس جڳهہ تي هجي ها تہ سوچي ها. هُو سمجهي پيو تہ لفظ ”مارڪسي“ کي صرف انهيءَ ئي صورت ۾ وجود جو حق آهي. اينجلس کي يقين هو تہ روس ۾ ايندڙ انقلاب سڄي عالمي ڪميونسٽ تحريڪ جي مقدر ۾ هڪ اهم حصو ادا ڪندو ۽ سندس خيال غلط نہ هو.

اينجلس کي پنهنجي چونڊيل راهہ جي صحيح هجڻ جو ۽ ان مقصد جي عظيم مستقبل جو يقين هو، جنهن لاءِ هن ۽ مارڪس پنهنجيون سڀ توانائيون وقف ڪيون هيون. ان ڪري زندگيءَ سان اٿاهہ پيار ڪرڻ جو اينجلس کي پورو حق هو ۽ سڀني بارن باوجود اينجلس جي زندگي بہ ايڏي ئي ثابت ۽ شاندار هئي جيڏو هُو پاڻ هو.

مارڪس جي وفات کان پوءِ ”ناڻي“ جي ٻئي ۽ ٽئين جلد جي تڪميل اينجلس جو خاص ڪم هو. پاڻ پنهنجي مسودي ”فطرت جي جدليات“ کي هڪ پاسي ڪري، جيڪو پوءِ مڪمل ٿي ئي نہ سگهيو، اينجلس پنهنجي دوست جي مسودي تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. هن اهو ڪم پنهنجي فوتيءَ کان بس ڪجهہ مهينا اڳ پورو ڪيو پر ان کي انهيءَ ساڳئي ڏيانَ، حد کان وڌ احتياط ۽ ڏاڍي صحيح مواد سان پورو ڪيو جيڪا سدائين سندس خاصيت رهي هئي.

ان ڪري ”ناڻي“ جي ڇپائي ٻن ڏاهن جو ڪارنامو آهي. انسانذات ايڏي روحاني سگهہ رکندڙ ڪنهن ٻيءَ لکڻيءَ کان آگاهہ ناهي جيڪا ان کان پوءِ واري سڄي مقدر تي ايڏي اثرانداز ٿي هجي.

❋❋❋

هاڻ جڏهن تہ اسان کي اهو معلوم ٿي ويو آهي تہ ڪيئن ۽ ڪهڙين حالتن ۾ ”ناڻو“ لکيو ويو، تہ اچو تہ ان حيرت ڀري ڪتاب ڏانهن ڌيان ڏيون. خالص معاشي مسئلن کي ڇڏي ڪري، اچو تہ اسان ان کي هڪ اهڙي ڪتاب وانگر ڏسڻ جي ڪوشش ڪيون جنهن نئين، نج سائنسي عالمي نُڪتي نظر کي، جدلياتي ۽ تاريخيماديت جي فلسفي کي مڪمل وجود ڏنو.



# ”ناڻي“ جو فلسفو

جيڪڏهن مارڪس پاڻ کان پوءِ ڪوئي ”منطق“ (چِٽن اکرن ۾) ناهي ڇڏيو تہ هن ”ناڻي“ جو ”منطق“ تہ ڇڏيو ئي آهي.... ”ناڻي“ ۾ مارڪس هڪ ئي سائنس تي ماديت جي منطق، جدليات ۽ ماديت جي سمجهہ جي نظريي (ٽن لفظن جي ضرورت ناهي: اهو هڪ ئي شَي آهي) کي لاڳو ڪيو جنهن هيگل کان سندس هر قدر قابل شَي کي ڪانئس ورتو ۽ ان کي وڌيڪ سنواريو نِکاريو.

– ولاديمير لينن◆

””ناڻي ‘ جو فلسفو“ ٿي سگهي ٿو تہ گهڻن ئي ماڻهن کي ڪجهہ اچرج جوڳن لفظن جو ميڙ لڳي. اسان ڄاڻون ٿا تہ ”ناڻو“ بورجوا سماج جي معاشي ناتن جو تجزيو آهي. ڪجهہ مغربي مارڪسي ماهر ان ڳالهہ جو انڪار ڪن ٿا تہ ”ناڻي“ ۾ ڪو فلسفو آهي ۽ اهو تہ مارڪس فلسفِي بہ هو. سندن خيالن ۾ فلسفي تہ اهڙو ماڻهو هوندو آهي جيڪو خاص فلسفياڻا ڪتاب لکندو آهي جن ۾ پاڻ پنهنجو خيالن جو نظام پيش ڪندو آهي.

مارڪس اهڙا ڪتاب ناهن لکيا. ڪٿي بہ هن ڪو فلسفياڻو ”نظريو“ ناهي پيش ڪيو. پوءِ بہ سڀني دَورن جو عظيم ترين فلسفِي آهي. مارڪس جي فلسفي، جدلياتي ۽ تاريخي ماديت کي سندس سڀني لکڻين ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ان سوال جو جواب تہ ان کان واقف ٿيڻ لاءِ مارڪس جو ڪهڙو ڪتاب پڙهڻ گهرجي، لازمي طور جواب هيءُ هوندو تہ سندس حياتيءَ جي حاصلات ڀري لکڻي ”ناڻو“ پڙهجي.

◆ وي. اي. لينن، ”هيگل جي جدليات جو خاڪو“، 1915ع.

اهو ئي جواب لينن گذريل (ارڙهين) صديءَ جي آخر ۾ روسي لبرل سماجي ڪارڪن ۽ عمرانياتدان ميخائيلوفسڪِي کي ڏنو هو، جنهن مارڪسزم خلاف پنهنجي هڪ مناظري واري مضمون ۾ اهو خُطباڻو سوال پڇيو هو تہ: ”پنهنجي ڪهڙي ڪتاب ۾ مارڪس پنهنجو تاريخ جو مادي تصور پيش ڪيو هو؟“ ۽ پوءِ پاڻ ئي هن دريافت ڪندڙ غرور منجهان جواب بہ ڏنو تہ مارڪس جي اهڙي ڪا لکڻي ناهي ۽ سڄي مارڪسي ادب ۾ اهڙي ڪائي تصنيف ناهي.

لينن حق تي اعتراض ڪيو تہ ”مارڪس پنهنجي ڪهڙي تصنيف ۾ پنهنجو تاريخ جو مادي تصور ناهي ڏنو؟“ ۽ هن ڏيکاريو تہ بورجوا مفڪرن کي مارڪس ۾ سماجي ارتقا جو ڪوئي فلسفياڻو نظريو ان ڪري نہ ٿو ڏيکارجي جو مارڪس سموري اڳوڻي عمرانيات (Sociology) يعني سماج بابت سڀني تعليمن ۽ نظرين کان بنيادي طور ٻِي شَي جي تخليق ڪئي آهي.

ان دَور جي بورجوا دانشوراڻن ٽولن ۾ معزز ۽ احترام لائق عمرانياتدان اهو ماڻهو هوندو هو جيڪو اهڙن ”گنڀير معاملن“ تي بحث ڪري، جهڙوڪ عام طور سماج ڇاهي، ان جا مقصد ۽ ان جو جوهر ڪهڙو آهي، ”انساني فطرت“ سان هڪجهڙائي رکندڙ سماج کي ڪيئن هجڻ گهرجي. اهي عمرانياتدان، ان حقيقت تي مخلصاڻي بيزاريءَ جو اظهار ڪري تہ موجود نظام عادت خلاف آهي ۽ ”انساني فطرت“ ۽ انصاف جي اصولن سان مطابقت نہ ٿو رکي، تقريباً انقلابيءَ جهڙا بہ لڳي سگهن پيا ۽ روشن خيال ماڻهن جي نظر ۾ کين اخلاقي وقار بہ حاصل ٿي سگهي پيو.

مارڪس کان اڳ وارا عمرانياتدان سماجي عملن ۾ وڏيڪ اونهائيءَ تائين لهي نہ سگهندا هئا ۽ انهن کي وقتي واقعن جي روشنيءَ ۾ ڏسندا هئا. اهي هيءُ سمجهندا هئا تہ سماجي دنيا بادشاهن ۽ شهنشاهن جي فيصلن سان سلهاڙيل هوندي آهي، تہ واقعن جي روش جو دارومدار سندن ئي مرضيءَ تي ۽ انهن مفڪرن جي خيالن تي هوندو هو جيڪي عام راءِ تي اثرانداز ٿيندا هئا. ان خيال جي انداز مطابق تاريخ اهڙن واقعن، عملن ۽ حقيقتن جو هڪ ڍير لڳي ٿي جنهن جو دارومدار مضبوط شخصيتن جي جذبن جي جدوجهد تي هوندو آهي، هڪ اهڙو ڍير جنهن ۾ ضروري ۽ غير ضروري مظهرن جي وچ ۾، گهٽ اهم ۽ وڏيڪ اهم جي وچ ۾ فرق نہ ٿو ڪري سگهجي، جنهن ۾ ماڻهوءَ کي نہ تہ ڪو قانون ڏيکاربو آهي، نہ سماجي ارتقا پٺيان ڪم ڪندڙ مڪينزم (سرشتي) کي سمجهي سگهجي ٿو، نہ اهو تہ ڪيئن ان تي اثر انداز ٿي سگهجي ٿو.

اهو سڀ ڪجهہ عمرانيات ۾ داخليت پرستي، عينيت پرستي (خيال پرستي) هو. فطرت بابت خيالن ۾ عينيت پرستيءَ جي جڏهن کان يوناني فلسفي ۾



شروعات ٿي هئي، تڏهن کان ان جا سخت مخالف يعني ماديت پسند موجود هئا پر سماج بابت خيالن ۾ مارڪس جي دَور تائين عينيت پرستيءَ جو دَور حاوي رهيو.

مارڪس سڀ کان پهرين سماج جي ارتقا تي ماديت جي خيال کي لاڳو ڪيو ۽ اهو، لينن جي لفظن ۾، پاڻ ڏاهپ جو ڪارنامو هو.

مارڪس جذبن، خيالن ۽ مفادن جي ٽڪراءَ کي سبب نہ، پر انساني شعور کان آزاد ڪجهہ وڏيڪ گهِرن سببن جو نتيجو سمجهيو. ڪنهن انسان جو ڪو بہ خيال يا نيت بذات خود ان جي سماجي وجود کان، سماج ۾ ان جي حيثيت سان مقرر ٿيندي آهي. خيالَ تڏهن ئي سماج جي ارتقا تي اثر انداز ٿي سگهن ٿا جڏهن اهي پختين سماجي ضرورتن کي پورو ڪن، جڏهن اهي سماج جي اڪثريت جي مفادن جو، سڀ کان وڌ تہ مادي مفادن جو اظهار ڪن، جيڪڏهن اهي عوام الناس کي فتح ڪري وٺن.

مثال طور ارڙهين صديءَ جي آخر ۾ فرانسي بادشاهت ڇو ختم ٿي وئي؟ ظاهر آهي ان ڪري نہ تہ لوئِي شاٽز ڏَهين هيءَ يا هوءَ سياسي غلطي ڪئي هئي (جيتوڻيڪ اها بہ اهميت رکي ٿي) پر ان ڪري جو مطلق اقتدار ۽ جاگيرداراڻا سماجي ناتا ملڪ جي واپار ۽ صنعت جي ارتقا ۾ رنڊڪ وجهي رهيا هئا ۽ سرمائيداري ۽ بورجوائي جي اڀرندڙ طبقي جي اوسر ۾ رنڊڪ بڻجي ويا هئا جيڪو تنهن وقت معاشي اقتدار تہ رکندڙهو پر سياسي اقتدار کان وانجهيل هو.

سماجي ناتا انساني شعور کان آزاد رهندي ترقي ڪندا آهن ۽ آخري تجزيي ۾ اهي ئي رائج نظرياتي، سياسي ۽ قانوني نظام جو تعين ڪندا آهن. عام طور خيالن جي ڍنگَ جو دارومدار سماجي-معاشي عملن جي ڍنگ تي هوندو آهي، نہ کي ان جي ابتڙ. ان جو مطلب اهو هوندو آهي تہ سماجي ناتا پاڻ ئي مادِي هوندا آهن، معروضي هوندا آهن! اِهو آهي اُهو نتيجو جنهن تائين مارڪس کان اڳ وارا مفڪر نہ پهچي سگهيا هئا.

پر سماجي لاڳاپا انتهائي گهڻ رُخا هوندا آهن. انهن ۾ سڀني کان وڏيڪ اهم اهي هوندا آهن جيڪي پيداواري عمل ۾ پيدا ٿيندا آهن يعني پيداواري ناتا. اهي پاڻ کي ڪهڙيءَ طرح پڌرو ڪندا آهن؟ اهي سڀ کان وڏيڪ پيداوار ڪندڙ ۽ پيداواري ذريعن جي مالڪ جا يعني غلام ۽ آقا جا، هاري غلام ۽ جاگيردار جا، مزدور ۽ سرمائيدار جا ناتا هوندا آهن.

انهن ڦرلٽ ڪندڙ ناتن جي ٽنهي روپن جي وچ ۾ جيڪو بنيادي فرق آهي، اهو سولائيءَ سان ڏسي سگهجي ٿو. ان ڪري اسان انهن سان هڪجهڙائي رکندڙ ٽن سماجي-معاشي جوڙجڪن سان نبري رهيا آهيون جن ۾ قدرتي طور تي پيداواري قوتن جي واڌ ويجهہ جي نتيجي ۾ هڪ مان ترقي ڪري ٻِي ٺهندي آهي.

مارڪس سماج جي اوسر کي هڪڙي قدرتي تاريخي عمل جي حيثيت سان ڏٺو جيڪو اهڙن قانونن جي تابع هوندو آهي جيڪي انساني شعور کان آزاد پر پوريءَ طرح سمجهه جوڳا هوندا آهن.

انهن سڀني خيالن جو اظهار مارڪسزم جي باني 1840ع کان پوءِ واري ۽ 1850ع کان پوءِ وارن ڏهاڪن ۾ ڪري ڇڏيو هو پر لينن جي لفظن ۾، "ناڻي" جي تخليق کان اڳ اهو صرف هڪ مفروضو هو جيتوڻيڪ ان لاءِ سائنسي اساس موجود هو. "ناڻي" جي پڌري ٿيڻ کان پوءِ تاريخ جو مادي تصور ڪو مفروضو نه رهيو پر سائنسي طور ثابت ڪيل دليل رکندڙ دعوىٰ بڻجي ويو ۽ عمرانيات سائنس جي هڪ شاخ بڻجي وئي.

تاريخي ماديت جي جوڙجڪ ۽ قائم ٿيڻ ۾ "ناڻي" ڇو ايڏو اهم ڪردار ادا ڪيو؟ ان ڪري جو مارڪس پاڻ کي انهن قياسي عام بحثن تائين محدود نه رکيو ته سماج ڪيئن منظم آهي، پر هن سرمائيداري جي جوڙجڪ جو مثال استعمال ڪري سماج جي ڪم ڪرڻ جي طريقي جو ۽ ارتقا جي مڪينزم جو تفصيلي اڀياس ڪيو. ان ڪري پڙهندڙ ان سڄي جوڙجڪ کي هڪ جاندار جسماني نظام جي حيثيت سان، ان جي پيداواري قوتن ۽ پيداواري ناتن جي ور وڪڙ جدليات سميت، بورجوازي ۽ پرولتاريه جي طبقن جي عداوت سميت ۽ انهن سياسي، قانوني ۽ نظرياتي ادارن سميت ڏسي سگهي ٿو جيڪي مزور جو استحصال ڪرڻ لاءِ ڪارخانيدار جي حق جي حفاظت ڪندا آهن.

مارڪس اڻٽر منطق سان ثابت ڪيو ته جهڙيءَ ريت جاگيرداريءَ لازمي طور تي سرمائيداريءَ لاءِ جاءِ خالي ڪئي، تهڙيءَ ريت سرمائيداري به ارتقا جي معروضي قانونن سبب پاڻ پنهنجي تباهيءَ جي، هڪ بنا طبقي سماج ڏانهن وڌي رهي آهي. "سرمائي جي حاڪميت پيداواري نموني لاءِ هڪ زنجير بڻجي پوندي آهي جيڪا ان سان گڏ ئي ۽ ان جي تحت وجود ۾ آئي ۽ وڌي ويجهي. پيداواري ذريعن جي مرڪز بنديءَ ۽ محنت جي سماج بندي آخرڪار هڪ اهڙي نُڪتي تي پهچنديون آهن جتي اهي پنهنجيءَ سرمائيداراڻي ڇُلڪي کان ڌار ٿي پونديون آهن. اهو ڇلڪو ڦاٽي پوندو آهي. سرمائيداراڻي نجي ملڪيت جو پڇاڙڪو وقت اچي رسندو آهي. بي جائداد بڻائيندڙ بي جائداد ٿي پوندا آهن."◆

مارڪس قائل ڪندڙ طور ثابت ڪري ٿو ته ڪميونسٽ سماج يوٽوپيائي خواب ڏسندڙن جو آدرش ناهي پر معاشي حياتيءَ جي پوري رَوش جو رخ ٿي انهيءَ

◆ ڪارل مارڪس، "ناڻو"، جلد پهريون.



ڏانهن آهي. خود سرمايو سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي، سڀني پيداواري قوتن جي اوسر کي بنا روڪ ٽوڪ جي تيز رفتار بڻائي هڪ نئين سماج لاءِ، هڪ نئين سماجي-معاشي جوڙجڪ لاءِ مادي شرط پهريائين تيار ڪري وٺندو آهي. پرولتاريه کي وڏن ڪارخانن ۾ متحد ڪري ۽ آباديءَ جي وڏي اڪثريت کي اجوري تي رکيل استحصال جو شڪار مزور بڻائي سرمايو هڪ اهڙي انقلابي قوت تيار ڪري رهيو آهي جيڪا پراڻي سماج جي زنجيرن کي ٽوڙي ڇڏڻ ۽ ان جي نئين سِر تنظيم شروع ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي.

ڪميونزم هڪ اهڙو سماج آهي جتي پاڻ مزدور سڄي مادي ۽ روحاني دولت جا مالڪ آهن، جتي انسان صفا مٽاهون قدر ۽ مقصد ٿي پوندو آهي ۽ هُو سماجي پيداوار جو صرف ذريعو ئي ناهي رهندو. جتي هر ڪنهن جو آزاداڻي سڀ رُخي اوسر جو هڪ شرط هوندو آهي. مارڪس ان سماج جو جيڪو خاڪو پيش ڪيو تنهن ۾ يوٽوپيائيت جو شڪ ئي نه هو ۽ مستقبل جي ڪنهن "روشن دَور" جي من پسند، دل نواز تصويرون پيش ڪرڻ جي ٿوري به ڪوشش نه ڪئي. منطقي تجزيي جي سگهه سان هُو انهن رجحانن ۽ قانونن جو انڪشاف ڪري ٿو جيڪي ڪميونزم کي تاريخي طور اڻٽر بڻائن ٿا ۽ نئين سماج تائين ويندڙ حقيقي راهه ڏيکارن ٿا - پرولتاريه انقلاب ۽ مزور طبقي جي ڊڪٽيٽرشپ منجهان گذري. ايئن سرمائيداراڻي پيداوار جي ڏکئي نظر ايندڙ معاشي تجزيي جي عمل ۾ مارڪس تاريخ جو مادي تصور پيش ڪري ٿو. ساڳيءَ ريت "ناڻو" جدلياتي ماديتي فڪر جو به حامل آهي جيڪو مارڪسي فلسفي جو مغز آهي.

جدلياتي ماديتي فڪر کي خاص اصطلاحن ۾ ناهي ٻڌايو ويو ان کي عمل ۾، سرمائيداراڻي سماج جي معيشت جي تجزيي تي ان جو عملي اطلاق ڪري پيش ڪيو ويو آهي. "ناڻي" جو تجزيو ڪندي اسان ڏسون ٿا ته مارڪس ان فڪر کي ڪيئن ڪتب آندو، ڪيئن ان جو اطلاق ڪيو. ان ڪري "ناڻي" جا پڙهندڙ اهو به سکي وٺن ٿا ته سماج جي اڀياس ۾ جدلياتي ماديتي فڪر جو اطلاق ڪيئن ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪرڻ گهرجي، ڪيئن تصوري فڪر جي ان سگهاري هٿيار جي استعمال ۾ مهارت ماڻي سگهجي ٿي.

سمجهه جي جدلياتي فڪر کي مارڪس کان گهڻو گهڻو اڳ ڪيئي فلسفين نکاريو سنواريو هو. خود ان اصطلاح "جدليات" (Dialectics) جو جنم آڳاٽي يونان ۾ ٿيو هو ۽ ان جي معنيٰ هئي ڪنهن جهڳڙي يا گفتگوءَ کي وڌائڻ جو فن. گفتگو ڪندڙ کي اهڙي حالت تائين پهچائڻ جو ڪم، جتان اهو نڪري نه سگهي. ڪانٽس نيٽ ڪا اهڙي ڳالهه چورائڻ جيڪا ان دعوىٰ جي بنهه ابتڙ هجي جيڪا هن

شروعات ۾ ڪئي هجي. وقت سان گڏ ان اصطلاح "جدليات" جي معنيٰ ڪجهه مختلف ٿي وئي. ان جي معنيٰ ٿيڻ لڳي فطرت، سماج ۽ سوچ جي سچن عملن جي رواني ۽ متضاد نوعيت، ۽ ضدن جي اتحاد ۽ ٽڪراءَ ذريعي سادي کان ڳتيل ڏانهن اوسر. مُهڙيان يوناني فلسفي هراقليطس، اناڪسا غورث، پرمينيدس، زينو، ڊمقراطيس، سقراط ۽ افلاطون ماهر جدلياتدان هئا. اهي ئي ماڻهو هئا جن جدليات کي سوچڻ جو، چؤگرد موجود دنيا جي سمجهه جي شعوري طور تي اطلاق ڪيل فڪر ناهي. سندس تيز فهم فلسفياڻن خيالن جي اهميت ۾ ۽ انهن جي وقتائتو هجڻ ۾ اڄ به ڪا ڪوٽ ناهي آئي. قديم يوناني فلسفي ڪائنات جي هڪ پوري تصوير پيش ڪن ٿا. اهي اهم ترين ۽ آفاقي سببي ناتن کي حسي طور تي سمجهي وٺن ٿا. اهي تفصيل جي دنيا ۾ وڌيڪ گهرائيءَ تائين نه ٿا وڃن - ۽ انهيءَ ۾ ئي آڳاٽي يوناني فلسفي جي خرابي لڪل آهي، جنهنڪري ان کي پوءِ ٻين خيالن آڏو هارائڻو پيو. پر، جيئن اينجلس اصرار ڪيو آهي ته، انهيءَ ۾ ڪجهه انهن محدود تصورن تي ان جي فوقيت به لڪل آهي جن تي فطرتي سائنس پوريءَ طرح اڄ تائين ڪنٽرول حاصل ڪري ناهي سگهي. يوناني فلسفو اسان کي ڪُل تصورن ۽ گروهن جو هڪ سڌريل، جدلياتي طور تي نرم نظام ڏنو آهي جيڪو اڄ به دنيا جي وضاحت ۽ تفسير لاءِ ڪاميابيءَ سان استعمال ڪري سگهجي ٿو. ان جي نمائندن گهڻن ئي سگهارن ۽ سمجُهو مفروضن جي جوڙجڪ ڪئي جن کي پوءِ سائنسي طور تي تجربن ذريعي ثابت ڪيو ويو. عظيم ۽ جديد فزڪس ڄاڻن مان هڪ، ماڪس بورن صحيح چيو آهي ته "فزڪس جيڪو ڪجهه سوچي رهي آهي ان مان گهڻي ڪجهه جي دور انديشي فلسفو ڪري چڪو هو."

اينجلس قديم يونانِي سان گڏوگڏ مارڪس کان اڳ واري جدليات جي هڪڙي ٻيءَ صورت ڏانهن به اشارو ڪيو، جيڪا فطرتي سائنس لاءِ ڪارائتي هئي- ڪلاسيڪي جرمن فلسفي جِي جدليات، جيڪا هيگل جي فلسفي ۾ پنهنجي عروج تي رَسِي.

هيگل ڪُلي تصورن جو هڪڙو طبعزاد نظام قائم ڪيو جنهن ۾ هڪڙي مان ترقي ڪري ٻيو نهندو آهي، جيڪي هڪ ٻئي سان ٽڪراءَ ۾ ايندا آهن ۽، سندس موجب، ان اوسر ۽ جدوجهد ۾ فطرت، سماج ۽ سوچ جي سڀني مظهرن کي جنم ڏيندا آهن. اهي جڻ حقيقت کي مٿي پر بيهاريندا آهن ۽ سمجهندا آهن ته خيالَ، تصورَ ۽ منطقي حدون دنيا جي عڪاسي نه، پر ان جي تخليق ڪنديون آهن. نتيجو اهو هوندو آهي ته هيگل پنهنجي فلسفي کي تخليق جو تقريباً معراج سمجهندو هو ان ڪري جو اهو آخري، مطلق سچائيءَ کي ماڻي وٺندو آهي.



تڏهن به پنهنجي عينيت پرستيءَ ۽ محدوديت باوجود هيگلي فلسفو دنيا جي تفسير ۾ تمام وڏي اڳيرائي هو.

هيگل جي تمام وڏي خوبي هيءَ آهي ته هن فلسفي ۾، فن ۽ فطرتي سائنس ۾، انساني روح جي مڙني ڪارنامن جو خلاصو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. هن پوري قدرتي، تاريخي ۽ روحاني دنيا کي مسلسل تبديليءَ، نئين سِر جوڙجڪ ۽ اوسر جي روپ ۾ پيش ڪيو. قدرت، سماج ۽ سوچ ۾ هڪجهڙا ئي جدلياتي اصول موجود هوندا آهن. انساني سوچ جي تاريخ ۾ ڪڏهن (به) اهڙو شاندار ۽ جامع نظام تخليق نه ڪيو ويو هو.

پر سادي کان ڳتيل، جز کان ڪُل تائين اهي سڀئي شيون موجود آهن، انهن جي اوسر جي هَلت ۽ مڪينزم جو انڪشاف ڪرڻ هيگل جو سڀ کان وڏو ڪارنامو هو جنهن کي هن تجريدي کان ٺوس ڏانهن اُوچو ٿيڻ جو فڪر ڪوٺيو ۽ جيڪو سندس جدليات جي سڀني رُخن، قانونن ۽ عنصرن جو حامل هو. تجريدي کان ٺوس ڏانهن اُوچو ٿيڻ واري هيگلي فڪر جي مدد سان شَي نئين سر پيدا ٿيندي هئي، نه رڳو گڏيل عمل ڪندي پر تاريخي اعتبار کان وڌندي، اُسرندي ۽ ترقي ڪندي به. هيگل وٽ هڪڙي مان ٻين حدن جو "نج" نتيجو جڻ عالمي تاريخ جي اوسر سان حيرت انگيز طور پُور وچوٽ هلي ٿو ۽ جيتوڻيڪ حقيقي امرن جي حالت تصوفياڻي طور تي اونڌي ٿي پوندي آهي جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو آهي ته هيگل وٽ ڪُل سوچيندڙن جي تخليق حقيقي تاريخ جي تخليق آهي، پوءِ به ان سوچ جي انداز ۾ ئي تاريخ جو مادي تصور، سماجي عملن ۽ مظهرن جي اڀياس بابت ۽ انهن جي تصوري نمونن بابت سائنسي رويو پهريون شرط هو.

ان مان ڪهڙو نتيجو نڪتو؟ ظاهر ۾ ايئن ٿو لڳي ته رڳو اهو ڪرڻ جي گهرج آهي ته ماڻهو ان فڪر ۾ مهارت ماڻي وٺي ۽ ان سان پاڻ کي هٿيار بند ڪري وٺي ۽ بس هڪ سگهارو سمجهه وارو اوزار ملي پوندو جيڪو ماڻهوءَ کي سائنس جي سڀني قطعي گهيرن ۾ سندس تمام ڳتيل تصوري سوالن کي حل ڪرڻ ۾ مدد ڏيندو. ڏيندو نه؟

پر گهڻي عجيب ڳالهه هيءَ به آهي ته هيگلي فلسفي جو عظيم ترين ڪارنامو - جدليات - خود فلسفِيءَ جي زندگيءَ ۾ به ۽ سندس فوتيءَ جي گهڻن ئي ڏينهنِ تائين بيڪار رهيو. ڪنهن به نموني جي اطلاق کان سواءِ. ڪنهن به هيگلي جدلياتي فڪر جو اطلاق ڪرڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي. ان تي تنقيد نه ڪئي وئي، بس وساريو ويو. هيگلي "ڊائيي ڊوڪ" (تسلسل - اهو نالو ٿوڪ منجهان اينجلس جرمن يونيورسٽين ۾ هيگلي مڪتب جي سرڪاري نمائندن کي ڏنو هو)

سڪندر اعظم جي جانشينن وانگر پاڻ ۾ ئي وڙهندا رهيا ۽ سندن سمجھ ۾ ئي نہ آيو تہ ان عظيم الشان ورثي جو ڇا ڪن، جيڪو کين مليو آهي.

ايئن ڇو هو؟ سبب، معلوم ٿئي ٿو تہ خود فڪر جي ڪامل نہ هجڻ ۾ لڪل هو. جنهن شڪل ۾ ان کي مستقبل جي حوالي ڪيو ويو هو ان شڪل ۾ اهو عمل لائق نہ هو. ان جي واڌ ويجھ مابعد الطبعياتي تجريدن جي مصنوعي ۽ غير حقيقي ماحول ۾ ڪئي وئي هئي ۽ اهو رڳو عينيت پرست فلسفياڻي نظام جي ضرورتن لاءِ موزون هو جيڪو پاڻ پنهنجي اوسر مڪمل ڪري چڪو هو.

هڪ ڀيري جڏهن هيگل پنهنجي فلسفي ۾ دنيا کي مُنڍيءَ تي بيهاري ڇڏيو تہ اها ان نازڪ مؤقف ۾ رڳو بيهي ئي سگهي پئي، اڳتي وڌي نہ پئي سگِهي. جدلياتي فڪر اهڙي ڪمزور بنياد تي ترقي ڪري نہ پيو سگهي.

مطلق عينيت پرستيءَ جو هيگلي نظام پيش ڪري فلسفي ۾ اهو سڀ ڪجھ ماڻي چڪو جيڪو ماڻڻو هو. جن شين جي سمجھ ماڻڻ جي اهو لائق هو تن جي سمجھ پهريان ئي ماڻي چڪو هو. جيڪو ڪجھ ڪيس چوڻو هو اهو سڀ ڪجھ پهريائين ئي چئي چڪو هو. مطلق سچائي حاصل ڪئي وئي هئي.

ڏرتي سج چوڌاري ڦرڻ بند ڪري سگهي پئي، تارا چمڪڻ ڇڏي سگهن پيا، انسانذات جنگين ۽ انقلابن، جذبن ۽ مفادن کي ڇڏي بهادر جرمن سوچ جي نمايان ڪارنامي جي دائمي مداح بڻجي حيران بڻجي بيهي سگهي پئي، پر ڪنهن ٻئي پاسي وڃڻ جو امڪان نہ هو، ڪوجنا ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪجھ نہ هو. هيگلي فلسفو فطرت، سماج ۽ سوچ جي سڄي تاريخي ڇرپر جو معراج ۽ نتيجو هو.

جدلياتي فڪر جو اطلاق علم جي ٻين شعبن تي ڪرڻ جو سوال ڪٽر هيگلين کي برائي لڳندو هو.

اهو رڳو عينيت پرستاڻي ڪَل کي لاهي ڦٽو ڪرڻ جو سوال نہ هو. عينيت پرستيءَ جي سيني ۾ جيڪا جدليات وڌي ويجهي رهي هئي ان لاءِ عينيت پرستي خارجي شَي نہ هئي. اُن جدليات تي پنهنجي قابيلي مهر هڻي ڇڏي هئي ۽ جدليات سدائين ان جي مرضن ۽ ان جِي ڪمزورين ۾ ڦاٿل رهي.

جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي، هيگلي فلسفي جي مطلق ۽ قطعي سچائيءَ جو دعويدار هجڻ ڪري جدليات جي ٻچڙي ترديد ٿي وئي. ان جا حق فقط سوچ جي ميدان تائين محدود رهجي ويا. قدرت ۽ سماج جي سلسلي ۾ وڌ ۾ وڌ جدليات جي هڪ شَڪ کي جاري رکيو ويو، تقريباً انهيءَ حد تائين جيستائين اها اُن وقت جي ڏار ڏار فطرتي سائنسن جي ڪارنامن ۾ ظاهر ٿيندي هئي.



ان جو پنهنجو منطق هو. جيڪڏهن مادو صرف سمجھ جو اوپرو وجود آهي (اٺويهين صديءَ جي شروعات ۾ مادي جي سمجھ جدليات جي حد تائين نہ پهتي هئي) تہ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ مادو بنيادي طور ترقي ڪيل جدليات کان اوپرو آهي ۽ اتي جدليات کي ڳولڻ اجايو آهي. ان ڪري وڏيڪ تصوري ڳولا جي راهہ عملي طور بند هئي ۽ سوچ پنهنجين ڪاميابين تي مطمئن ٿِي، ڳڻتين کان آجي ٿِي وئي. هيگل جي فلسفياڻي نظام جي حدن کان اڳتي جدليات کي ڪجھ ڪرڻ لاءِ هو ئي نہ، اها مڙني صلاحيتن کان محروم ٿي چڪي هئي.

”خالص سوچ“ جي گهيري ۾ بہ هيگل جي عينيت پرستيءَ سندس جدلياتي فڪر کي متاثر ڪيو. ان جي حدن جون تارازيون اڪثر ڪري پنهنجيءَ مرضيءَ واريون هيون جيڪي سچي منطق ۽ ڪُلي تصورن جي مواد سان هڪجهڙائي نہ رکنديون هيون. هڪ مقرر اسڪيم خاطر هڪ دَور کان ٻئي تائين بيڪار عبورن جِي ۽ ان سان گڏ اجائي لفاظيءَ ۽ ڇڪتاڻ جي ججهائي هئي جنهن منجهان ملائيت ۽ تصوف جي بوءِ ايندي هئي. هيگل کي بہ، ميفسٽوفليز جي ساڙيلي قول مطابق اداڪاريءَ ۾ ڪو عيب نہ هو:

سمجھ کي جڏهن بہ ڪٿي ٿورڙي هارَ ٿِي
ان جو نائب بڻجي ڪوئي لفظ اتي اچي پهتو.

پر ان هوندي بہ جيڪڏهن هيگل نج سوچ جي شعبي ۾ عظيم ڪارناما ڪيا ۽ سڄي اڳوڻي منطق ۽ مابعدالطبعيات کي تقريباً راند ئي راند ۾ ختم ڪري ڇڏيو جيڪڏهن هن، پهرين تہ عينيت پرستاڻي شڪل ۾ ئي، عالمي تاريخ جي اوسر ۽ اندروني تعلق جو انڪشاف ڪيو ۽ علم جي جنهن شعبي کي بہ هن ڇُهيو ان ۾ هڪ مڪمل يادگار دَور ڇڏيو، تہ ان جو مطلب اهو هجڻ گهرجي تہ سندس جدلياتي فڪر ۾ وڏا وڏا امڪان لڪل آهن جن کي ان وقت تائين عمل هيٺ نہ آندو ويو هو.

ان جو مطلب اهو هجڻ گهرجي تہ ان لاءِ هڪ اهڙو ماڻهو گهربل هو جيڪو جدليات جِي تلوار کي نظام جي مياڻ مان ڪڍي، ان جي عينيت پرستيءَ جِي ڪَٽُ کي لاهي ۽ ان کي وري اهڙيءَ ريت ٺاهي جو اها نہ رڳو اهو تہ تصورن جي اڻ ڏٺل پاڇن ۾ گهرِي وڃي پر مادي حقيقت جي انتهائي ڳتيل سماجي ۽ فطرتي عملن جي پروڙ لاءِ هڪ هٿيار بڻجي پوي. اهڙو ماڻهو ڪارل مارڪس هو.

اينجلس، جنهن پاڻ بہ هيگليت کان مارڪسزم تائين جو سفر ڪيو هو، اهو چوڻ ۾ حق تي هو تہ ”مارڪس اڪيلو ماڻهو هو ۽ آهي جيڪو هيگلي منطق مان اها ڳرُ ڪڍڻ جو ڪم ڪري سگهي پيو جيڪا ان کيتر ۾ هيگل جي اصل

كوجنائن تي مشتمل آهي، ۽ جدلياتي فڪر ڪي، ان جي عينيت پرستاڻي هوا کان صاف ڪري ان سادي روپ ۾ ان جي نئين سر جوڙجڪ ڪري سگهي پيو جنهن ۾ اهو سوچ جي ارتقا جي اڪيلي سچي شڪل بڻجي پوي ٿو. ان فڪر کي مرتب ڪرڻ ڪي، جيڪا مارڪس جي سياسي معاشيات جي تنقيد جو بنياد آهي، اسان پاڻ بنيادي ماديت پسند نُڪتي نظر کان ڪنهن طرح به گهٽ اهم نتيجو نه ٿا سمجهون."

نوس سائنسي تحقيقن ۾ جدلياتي فڪر جو اطلاق ڪرڻ جي ڪهڙي معنيٰ آهي؟ ٺهيل ٺڪيل مقرر جدلياتي هيئتون ڪٽڻ ۽ ڏار ڏار سائنسن جي تجرباتي مواد کي ان ۾ رکڻ؟ هيگل وٽ تجريدي کان ٺوس ڏانهن اُوچو ٿيڻ جون جيتريون به ڳنڍيون ۽ تبديليون آهن انهن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ پوءِ بلڪل ان موجب فزڪس، ڪيمسٽري، بائلاجي، عمرانيات ۽ سياسي معاشيات جي مصالحي جي وضاحت ڪرڻ؟ هيگل جي ڪتاب "فلسفياڻن علمن جي انسائيڪلوپيڊيا" جا اصطلاح، گروهه ۽ ڪُلي تصورن تي عبور حاصل ڪرڻ ۽ مطالعي هيٺ حقيقت جي مظهرن ۽ قانونن کان اها ئي ڳالهه چورائڻ جي ڪوشش ڪرڻ؟ جدليات جي قانونن ۽ خاصيتن جو علم حاصل ڪرڻ ۽ فطرتي سائنسن جي گهيري ۾ ان جا وڏ ۾ وڏ نوان مثال ۽ تصديقون ڳولڻ؟

ڇا اهو ئي ان سادڙي يقين جو سرچشمو ناهي جيڪو اڃ تائين برقرار آهي ته سائنسدانن کي رڳو جدليات سان لاڳاپيل رسالن جو اڀياس ڪرڻ جي ضرورت آهي جنهن سان کين سائنس جي قطعي گهيرن ۾ شاندار کوجنائون ڪرڻ جو وجدان حاصل ٿي ويندو؟

مارڪس معاشي تحقيق ۾ جدلياتي شاهراهه کي استعمال ڪرڻ جي مسئلي بابت بنهه ٻيو رويو اختيار ڪيو. هُن حقيقت مٿان جدلياتي هيئتون مَڙهڻ کان انڪار ڪيو. هُن حقيقت کي، هيگل وانگر، ٺهيل ٺڪيل جدلياتي اسڪيمن ۾ فِٽ ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي پر پاڻ معاشي عملن جو غير جانبداراڻو اڀياس انهن جي هئڻ ۽ اوسر ۾، انهن جي لاڙن ۾ ڪيو ۽ تضادن جي ارتقا ذريعي ۽ سندن پنهنجي ضد ڏانهن عبور ذريعي معاشي جسماني نظام جي درجيوار ترقيءَ جي اندروني منطق جو يعني اڀياس جي واقعي موضوع جِي جدليات جو انڪشاف ڪيو. ان ڪري مارڪس چيو ته سندس فڪر هيگلي فڪر جو مڪمل ضد آهي.

جيئن مارڪس چيو آهي، سندس مقصد هو سرمائيداراڻي سماج جي درجيوار ترقيءَ جي معاشي قانون کي کوجڻ. پر "ناڻي" ۾ ڪهڙي قطعي سماج جي تصوير ڏني وئي آهي؟ اهو جرمني ناهي، فرانس ناهي ۽ ايستائين جو انگلئنڊ به ناهي، جيتوڻيڪ مارڪس انگلئنڊ جو حوالو گهڻي ۾ گهڻو ڏي ٿو. اها سرمائيداري جڻ ته پنهنجي نج روپ ۾ آهي. اهو سرمائيداراڻي معيشت جو تصوري نمونو آهي جيڪو



ڪنهن مئل ۽ اڻ بدلجندڙ شَي وانگر ظاهر ناهي ٿيندو پر هڪ اهڙي "جسماني نظام جي حيثيت سان، جيڪو بدلجڻ جي صلاحيت رکي ٿو ۽ مسلسل بدلجي رهيو آهي."

ان جسماني نظام جي نمائندگي ڪُلي تصورن ۾ ڪيئن ڪري سگهجي ٿي؟ ان غير معمولي پيچيدگيءَ ۽ گهڻ رُخائيءَ جو اظهار خيال ۾ ڪيئن ڪري سگهجي ٿو؟ رُخن جي اندروني علت يعني ڍانچي کي صرف پنهنجو منصبي ڪم ڪرڻ جي عمل ۾ ئي نه، پر ان جي تاريخي ارتقا ۾ به ڪيئن سمجهي سگهجي ٿو؟ جيڪا سرمائيداري ناتن جي سطح معلوم ٿئي ٿي ۽ جنهن کي هر ماڻهو ڏسي سگهي ٿو ۽ جيڪا شَي انهن جي ڳجهي جوهر جو جوڙجڪ ڪري ٿي، انهن ۾ تعلق ڪيئن قائم ڪجي؟ سرمائيداراڻي معيشت جي سڄي انوکي تعمير جي عڪاسي گروهن جي نظام ۾ ڪيئن ڪري سگهجي ٿي؟

مارڪس ان بي مثال مشڪل ڪم کي تجريدي کان ٺوس ڏانهن اُوچو ٿيڻ واري جدلياتي ماديتي فڪر جي مدد سان حل ڪيو. جيڪو جيتوڻيڪ هيگل جي فڪر کان سڌيءَ ريت وجود ۾ آيو هو پوءِ به ان کان ايڏو مختلف آهي جيڏو، مثال طور، انسان ۾ پنهنجي عروجي نُڪتي تي رَسندڙ جاندار صورتن جي ڪامليت جو قدرتي تاريخي عمل مختلف آهي هڪ قاروري (پيشاب پريل شيشي) ۾ تِيچ انسان جي تصوفياڻي، ڪيميائي تخليق کان، جيڪا گوئٽي جي "فائوسٽ" ۾ ٻڌائي وئي آهي.

جيڪو سوال ڪانٽس اڳ هيگل اڳيان هو ان سان مارڪس به اٽڪيل هو ته سرمائيداراڻي معيشت جي نظام جِي پنهنجي تصوري عڪاسيءَ کي ڪٿان شروع ڪري؟ ۽ جواب تي گهڻي ڪجهه جو دارومدار هو. ان ڪري جو غلط ابتدائي مقدمو غلط نتيجن جو ڪارڻ بڻبو آهي، ڇو ته لُڏندڙ بنياد تي نظريي جي پُختي جڳهه نه ٿي ٺاهي سگهجي.

اها صفا قدرتي ڳالهه لڳي ٿي ته سياسي معاشيات کي ڪنهن حقيقي ۽ ٺوس شَي مثال طور آباديءَ، قوم، رياست کان شروع ڪجي. ارڙهين صديءَ جي معاشياتدانن اهو ئي ڪيو هو.

پر رياست هڪ ڳتيل ڪُلي تصور آهي. ان کي ان ڳالهه جي علم کان سواءِ نه ٿو سمجهي سگهجي ته رياستي مڪينزم ڪهڙين شين تي مشتمل هوندو آهي، ڪيئن ڪم ڪندو آهي، ڪهڙا سياسي ۽ معاشي جزا ان جي سرگرميءَ جو تعين ڪندا آهن.

جيڪڏهن رياست کان، آباديءَ کان شروع ڪجي ته اها ڪالهه جي تمام اڻ چٽي ۽ گاڏڙ ساڏڙ تصوير هوندي ۽ رڳو وڏيڪ مفصل وصفن ذريعي ئي ماڻهو انهن ڪُلي تصورن جي مختلف ڏار ڏار رُخن تائين پهچي سگهي ٿو. ان جو نتيجو اهو

نڪرندو تہ ماڻھوءَ کي پوئتي موٽي وري آباديءَ ڏانھن، رياست ڏانھن وڃڻو پوندو پر ھن پيري ھڪ گاڏڙ ساڏڙ تصوير جي حيثيت سان نہ، پر اڻ ڳڻين وصفن ۽ ناتن جي رَچيل نتيجي جي حيثيت سان.

ان ڪري شروع تہ ڪرڻ گھرجي ھڪ ڏار ابتدائي، تجريدي ڪُلي تصور کان، پر ڪھڙو؟ اھو ابتدائي جيو-گھرڙو، جيڻ (Gen) ڪٿي آھي جنھن مان سرمائيداراڻي پيداوار جو پورو مڪمل جسماني نظام قدرتي طور تي ترقي ڪري ٿو؟

مارڪس پنھنجو ڌيانُ واپاري جنس تي ڏئي ٿو. ”ناڻي“ جي پھرئين ٽُڪري جي لکت ھيئن آھي: ”انھن سماجن جي دولت، جن ۾ سرمائيداراڻو پيداواري طريقو ھلندڙ آھي، پاڻ کي ’واپاري جنسن جي زبردست جمع پونجيءَ‘ جي حيثيت سان پيش ڪري ٿي ۽ ان دولت جي ايڪائي ھڪ اڪيلي واپاري جنس ھوندي آھي. ان ڪري اسان جي تحقيق واپاري جنس جي تجزئي کان شروع ٿيڻ گھرجي.“

مارڪس ”ناڻي“ کي معيشت جي ابتدائي زندگيءَ کان شروع ڪري ٿو واپاري جنس ۽ واپاري جنس جي ڏي وٺ سان، ۽ اھا تخيل جو ڪو ڪرشمو ناھي، اھا اھڙي شَي آھي جنھن جي سڃاڻپ حواسن سان ڪجي ٿي، ھڪ مادي شَي آھي جنھن سان ھر ماڻھوءَ جو ڏھاڙي تعلق رھي ٿو. جيڪا معيشت جي سڄي جسماني نظام ۾، ان جي سيني جزن ۽ تفصيلن ۾ رچيل وسيل آھي، جيڪا ان جي تاريخي شروعاتي نُڪتي جي جوڙجڪ ڪري ٿي.

ان سان گڏ ئي واپاري جنس جي ڏي وٺ ”بورجوا (جنس جو واپار ڪندڙ) سماج جو سڀ کان سادو، انتھائي معمولي ۽ بنيادي <u>ناتو</u> آھي، اھڙو ناتو جنھن سان اربين ڀيرا واسطو پوندو آھي.“ اھا ھڪ تجريد آھي پر اھڙي تجريد جيڪا سرمائيداري جي مادي وجود مان ئي پيدا ٿي آھي، ان جي وجود ۾ اچڻ دوران بہ ۽ ان جي ترقي ڪيل روپ ۾ بہ. ھيگل جي تجريدن جي ابتڙ اھا پاڻ سوچ جي سرگرميءَ جو نتيجو ناھي. اھا مادي طور حاصل ٿيندي آھي، ھڪ مادي طور موجود نظام جي ھڪ رُخ جي حيثيت سان ۽ ان ڪري ان کي نظام جي تصوري نموني ۾ ھڪ برابر جڳھہ ملي سگھي ٿي ۽ ھجڻ گھرجي.

واپاري جنس جي ڏي وٺ ڇاھي؟ ان جو بنياد ڇا تي آھي؟ واھپي (استعمال) ۽ ڏي وٺ جي قدر جي تضاد تي. مارڪس انھن ضدن کي ۽ تجريدِي ۽ نوس پورھيي جي نتيجو نڪتل تضادن کي جاچي ٿو ۽ قدر جي آفاقي صورت جي وڏيڪ ڳتيل ڪُلي تصور تي ۽ ان کان پوءِ مالي صورت تي پھچي ٿو. سندس خيال جي ارتقا مقرر قانونن موجب ناھي پر منطق مطابق، مطالعي ھيٺ موضوع جِي جدليات مطابق ھوندي آھي.



”ناڻي“ ۾ مارڪس جي فڪر کي ٻڌائيندي اينجلس لکي ٿو تہ ”جيڪو ماڻھو حقيقت جو چٽو مثال ڏسڻ گھري تہ جرمن جدلياتي فڪر پنھنجيءَ تشريح جي موجوده حالت ۾ پراڻو، ڳالھين جو ڳھير، مابعدالطبعياتي فڪر کان گھٽ ۾ گھٽ ايترو برتر آھي جيترو ريل گاڏي وچئين دَور جي اچ وڃ جي ذريعن کان، تہ ان کي ايڊم سمٿ يا ڪنھن بہ ٻئي مشھور سرڪاري معاشياتدان جو مطالعو ڪرڻ ۽ ڏسڻ گھرجي تہ ڏي وٺ جو قدر ۽ واھپي جو قدر انھن ماڻھن لاءِ ڪيڏو نہ ڏکائيندڙ ھو، انھن لاءِ ڪيڏو ڏکيو ھو تہ انھن ٻنھي کي مناسب طريقي سان ڌار رکن ۽ ھر ھڪ کي ان جي مخصوص قطعيت سان سمجھن، ۽ پوءِ ان ماڻھوءَ کي ان جي ڀيٽ ان واضح ۽ سادي وضاحت سان ڪرڻ گھرجي جيڪا مارڪس وٽ ملي ٿي.“

ھڪڙي ڪُلي تصور کان ٻئي تائين، ھڪ حد کان ٻيءَ تائين، سرمائيداراڻي اُپت جي ڍانچي سان بلڪل ھڪجھڙائي رکندي مارڪس جي نظريي جي ھم آھنگ عمارت ٻيني آھي. ھتي پوءِ واري ھر حد لازمي طور پاڻ کان پھريائين واري مان نتيجي طور نڪتل ھوندي آھي، نئين مواد سان رچيل ھوندي آھي ۽ مظھرن جي وڌندڙ وسيع گھيري تائين پھچ ڪندي آھي يعني ٺوس بڻجندي آھي. واپاري جنس جي ڏي وٺ ۾ جيڪو ابتدائي تضاد لڪل آھي ان جو تجزيو سرمائيداراڻي سماج جي ترقي ڪيل تضادن جو انڪشاف ان جي ٺوس علامتن ۾ ڪرڻ جو، ۽ ان جي نتيجي ۾، ان سماج جي اٽل نفيءَ بابت انقلابي نتيجي جو سبب بڻجندو آھي.

پرولتاريہ کي بورجوازيءَ خلاف جدوجھد ۾ ھڪڙو سگھارو تصوري ھٿيار ملي پوندو آھي. سائنس تجريدي کان ٺوس ڏانھن اُوچو ٿيڻ جي جدلياتي ماديتي فڪر سان ھٿياربند ٿي ويندي آھي.

جدلياتي فڪر کي اڃا تائين اھو ڏيکارڻو آھي تہ اھو سائنسي سمجھہ ۾ ڇا ٿو ڪري سگھي. فطرتي سائنسون گڏ ڪيل مصالحي کي عام ڪرڻ جِي، ان کي جدلياتي طور تي تيار ڪرڻ جِي، ھڪ نئين تصوراتي ۽ فڪري مشينريءَ جي مدد سان مختلف رُخن تي سائنسن جي غير لاڳاپيل ڪارنامن کي سالم بڻائڻ جي اشد ضرورت محسوس ڪنديون آھن.

اتان فطرتي سائنس تصوري سوچ جي مٿاھَن گھيرن ۾ داخل ٿي ويندي آھي. لازمي طور سندس آڏو سيني حاصل ٿيل نتيجن کي ھڪ مقرر نظام اندر منظم ڪرڻ جو، ھڪ اڪيلي نظريي جي ڍانچي اندر انھن جي وضاحت ڪرڻ جو فرض آھي. اھڙو فرض اسان فزڪس، بائلاجيءَ ۽ ماحوليات جي ايجنڊا ۾ ڏسي رھيا آھيون. ان کي حل ڪرڻ جو ڪو ٻيو طريقو ناھي سواءِ تجريدي کان ٺوس ڏانھن اُوچو ٿيڻ جي فڪر جي.

جدلياتي ماديتي فڪر محقق جي هٿ ۾ هڪ سگهارو هٿيار آهي. اهو ان کي هڪ صحيح اڳواڻ جي چونڊ ڪرڻ ۾، پنهنجو طرف جو احساس وڃائي نہ ويهڻ ۾، پٽڪي ڪنهن اونداهي گهٽيءَ ۾ نہ پهچڻ ۾ مدد ڏيندو آهي. اهو ڪيس مسئلي کي اهڙين جڳهن تي ڏسڻ ۾ مدد ڏيندو آهي جتي تجربو ۽ رياضياتي تجزيو اجا تائين ان کي کوجي نہ ٿا سگهن. پوءِ بہ اهو سڀ ڪجهہ ان شرط جو پابند هوندو آهي تہ محقق رڳو اهو ئي نہ تہ فلسفياڻا اصول ڄاڻيندو هجي پر هن ان فڪر تي مڪمل عبور حاصل ڪيو هجي.

مارڪسي-ليننی فلسفي کان تقاضا ڪئي ويندي آهي تہ اهو ان تخليقي، متجسس، غير رسم بند سوچ جي فڪرن جي وضاحت ڪري جيڪا عموميت جي مٿاهين سطحن تي عمل ۾ ايندي آهي. ان جو فرض آهي تصوري فڪر جي ڏاڪيوار ترقيءَ جي نون ذريعن، سوچ جي نين صورتن کي دريافت ڪرڻ جيڪي ڪائنات جي جوهري ۽ آفاقي ناتن جي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ گهِري سمجهہ سان تعلق رکنديون هجن. ماديت پسند جدليات، پوري مارڪسزم وانگر، لينن جي لفظن ۾، ”ڪوئي ڪٽر اصول ناهي پر هڪ جاندار عمل جي رهنمائي آهي.“

❋❋❋

ظاهر آهي تہ ”ناٽي“ جي فلسفي بابت مٿي جيڪي ڪجهہ ٻڌايو ويو آهي، اهو تمام مٿاڇرو خاڪو آهي. اهو پيش ڪرڻ ۾ منهنجو مقصد رڳو اهو ڏيکارڻ هو تہ هتي ذهني سرگرميءَ جو هڪ ڏاڍو پرجوش ۽ دلچسپ ميدان موجود آهي. هتي اٿاهہ گهِرايون آهن جن ۾ ٽُٻي هڻڻ اجايو نہ ٿيندو. اسان انهن منجهہ جيترو وڌيڪ گهرائيءَ تائين ويندا سين، اهي روحاني طور تي اسان کي ايڏو ئي وڌيڪ امير ڪنديون. هڪ لاطيني محاوري جو ذڪر اجايو نہ ٿيندو جيڪو پاڻ مارڪس بہ اڪثر ڪري استعمال ڪندو هو ”هتي واهِي آهي، هتان ٽپو ڏيو.“



# پڄاڻي

سندس نالو صدين تائين رهندو ۽ ساڳيءَ ريت سندس ڪم بہ!

– فريڊرڪ اينجلس

جڏهن ڪارل مارڪس جي دل جون ڌڙڪنون بيهجي ويون – سندس وفات 14 مارچ 1883ع تي، پنهنجي زال جي فوتيءَ کان هڪ سال پوءِ ٿي – تہ فريڊرڪ اينجلس چيو: ”انسانذات جو قد ننڍو ٿي ويو آهي ۽ هُو اسان جي دَور جو سڀ کان وڏو سر هو.“

مارڪس جو موت نہ پرجي سگهندڙ نقصان هو. سندس مقصد، سندس خيالَ انسانذات لاءِ هڪ تمام وڏي حاصلات هئا جنهن جي اهميت ۾ وڌاءُ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

انساني تهذيب جي سڄي تاريخ ۾ ڪوئي مظهر اهڙو ناهي ٿيو جنهن جي ڀيٽ مارڪسزم سان ڪري سگهجي. گذريل فلسفين اهڙا نظريا تخليق ڪيا جيڪي ”عقيدتمندن“ جي هڪ محدود گروهہ جي ملڪيت رهيا. اهي نظريا يا تہ حقيقت جي ڌار ڌار رُخن جي حقيقت جي وضاحت ڪرڻ جي دعويٰ ڪندا هئا يا دنيا جي هڪ مثالي اڏاوت ٺيڻ جي.

هنن اهڙن نظامن جي تخليق ڪئي جن بابت، انهن جي ڪٽر عقيدن موجب، سمجهيو اهو ويندو هو تہ اهي سڀني موجود شين جي وضاحت سدائين لاءِ ڪري ڇڏيندا. انهن دنيا جي تفسير ڪندڙ مطلق نظرين جو اعلان ڪيو ۽ مطالبو ڪيو تہ انهن کي بنا شرط جي مڃيو وڃي. مختلف فلسفين جي قياسي اڏاوتن توڙي ڪهڙا بہ مختلف رنگ اختيار ڪيا هجن، هڪڙي شَي ۾ اهي سڀ متحد هئا: انهن جي سوچ ۾ تاريخيت جي اڻاٺ هئي، انهن جو رويو اصول پرستاڻو هو.

انهن مفڪرن جو الميو اهو هو تہ سندن نظريا حقيقت سان گڏ نہ هلي سگهندا هئا. زندگي لڪل جدلياتي قانونن جي تابع آهي ۽ اها اٽڪر طور تي اڳتي وڌي ويندي هئي جڏهن تہ اهي نظريا، جن بابت سمجهيو اهو ويندو هو تہ اهي دنيا کي فتح ڪري وٺندا، تقريباً ٺهندي ئي مايوسيءَ سان گڏ پيٺل پيڻل ٿي ويندا هئا.

"پيارِي! هر نظريو بي رنگ آهي، بس سرمئي
"ها پر ساوڪ پري آهي سونهري خوشحال زندگي."
(گوئٽي، "فائوسٽ")

پر جڏهن هڪ اهڙو نظريو ٺهيو جيڪو نہ صرف حقيقت جا حقَ بجاءِ خود جِي، حقيقت جي ڪنهن نہ ڪنهن ناپائدار مظهر جي عڪاسي ڪندو هو پر حقيقت جي واقعي ارتقا، ان جي دائمي ۽ مسلسل چرپر ۽ تبديليءَ جي عڪاسي ڪندو هو تہ گوئٽي جي ان محڪم قول جي قطعي نوعيت ختم ٿي وئي. سيئي پردا پٽي لاٿا ويا، ڪٽر اصول واري سوچ جا سيئي بغض ڇڏي ڏنا ويا - پهريون ڀيرو دنيا کي هڪ اهڙي نظريي ۾ صفا ايئن پيش ڪيو ويو جيئن اُها آهي، مڪان ۽ زمان (جڳهہ ۽ وقت) ۾ مستقل ارتقا جي سموري پيچيدگيءَ ۽ پُرتضاديت ۾. ان تصور ۾ انساني سماجُ قدرت جي ارتقا جو آفيسر ڏيکارجي ٿو ۽ مقرر ۽ سمجهہ لائق قدرتي تاريخي قانونن موجب ترقي ڪري ٿو.

جيڪڏهن حقيقت جو ادراڪ ڪرڻ جِي فڪرِي نُڪتي نظر کان مارڪسي عالمي نُڪتي نظر جي جوهر جِي مختصر وصف ٻڌائڻ گهرجي تہ اها ڪٽر اصول پرستيءَ کان ان جي پائدار مخالفت ۽ پائدار تاريخيت هوندي.

جيڪي ماڻهو مارڪسزم جي ان جوهر کي نہ ٿا سمجهن انهن کي عام طرح ان ڳالهہ تي حيراني ٿيندي آهي تہ مارڪس ۽ اينجلس اهڙا ڪتاب ناهن لکيا جن ۾ فطرت، سماج ۽ سوچ بابت سندن خيالن جي نظام جي پوري وضاحت ڪئي وئي هجي، تہ هنن "مارڪسزم جو درسي ڪتاب" ناهي لکيو. ان "کوٽ" کي پورو ڪرڻ لاءِ انهن ماڻهن مان ڪجهہ ماڻهن اهڙو "درسي ڪتاب" لکڻ جي بہ ڪوشش ڪئي، پر ظاهر آهي تہ ان قدم جو نتيجو رڳو اهو نڪتو تہ مارڪسزم کي ڇتاٽو بڻايو ويو. ان ڪري جو مارڪسزم مڙني صورتن لاءِ ٺهيل ٺڪيل جوابن جو مجموعو ناهي، ڪائنات جو ڪو تصوري نمونو ناهي، ۽ نہ ئي ڪوئي "آفاقي طور تي لازمي" تاريخي اسڪيم آهي. مارڪسزم ان شَي جي سمجهہ جو فڪر آهي جيڪو پنهنجي مسلسل درجيوار ترقيءَ ۽ تبديليءَ ۾ وجود رکي ٿو. اهو سماجي ناتن جي انقلابي نئين سر تنظيم جو پروگرام ۽ ان نئين سر تنظيم لاءِ جدوجهد جو هڪ هٿيار آهي.



مارڪس کان اڳ بہ انساني ڏاهپ ڪيترن ئي قدرت جي مظهرن ۽ قانونن جي هڪ سائنسي تفسير ڪئي هئي پر سماجي ناتن جي ميدان ۾ ماضيءَ جا مفڪر اونداهين ۾ ڀٽڪي رهيا هئا. مارڪسزم سڀني سماجي مظهرن جِي هڪ قطعي وضاحت ڏيڻ جي کوکلي دعويٰ رد ڪري ڇڏي پر ان انهن جي اڀياس لاءِ هڪڙي اعتبار قابل ۽ صحيح ڪُنجي بہ ڏئي ڇڏي، ان ڪري سماج جو اڀياس پهريون ڀيرو سختيءَ سان هڪ سائنسي بنياد تي قائم ٿيو.

انسانذات جي تاريخ انقلابي اٿل پٿل سان ڀريل هئي پر مارڪس کان اڳ ان وٽ صحيح معنائن ۾ انقلابي عالمي نُڪتي نظر نہ هو. هاڻ عوام جي انقلابي تحريڪ ۽ انقلابي سوچ متحد ٿي ويون. مارڪسزم، تاريخ جي "انجڻ"، ان جي رفتار وڌائيندڙ بڻجي ويو.

جنهن رفتار سان مارڪسي خيالَ پکڙيا ان تي واهہ واهہ ڪرڻ کان سواءِ نہ ٿو رهي سگهجي. جڏهن "ڪميونسٽ مينيفيسٽو" لکيو ويو هو تہ "ڪميونسٽ ليگ" صرف ڪجهہ ڊزن ماڻهن تي مشتمل هئي. 1864ع ۾ بين الاقوامي مزورن جي تنظيم ٺهي جيڪا سڄيءَ دنيا جي پرولتاريہ جي پهرين عوامي مجاهد تنظيم هئي. ڪميونزم مزور طبقي جي هڪ بين الاقوامي تحريڪ بڻجڻ لڳو. 1871ع ۾ فرانس جي پرولتاريہ ڪميونسٽ خيالن کي عمل ۾ آڻڻ جي پهرين بهادريءَ واري ڪوشش ڪئي- اقتدار لاءِ انقلابي جدوجهد ۽ پيرس ڪميون جي تنظيم ذريعي، جيڪو ٽي مهينا هليو.

پيرس ڪميون پهرين انٽرنيشنل جو ثمر هو ۽ ان جي تجربي جي عموميت ڪري مارڪس ان کي هڪ نئين نموني جي رياست، پرولتاريہ جي ڊڪٽيٽرشپ، اهڙي اڪيلي سياسي صورت جي حيثيت سان ڏٺو جنهن ۾ پورهيي جي معاشي نجات شروع ٿي سگهي پئي. مارڪس ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ سچي جمهوريت قائم ڪرڻ پرولتاري رياست جو فرض آهي. هن ان حقيقت جي آجيان ڪئي تہ ڪميون آفيسر شاهِي جي روح کي ئي ختم ڪري رهيو هو. ان سڀني رياستي تنظيمن جي سرگرمين کي عوام جي ڪنٽرول ۾ ڏئي ڇڏيو هو ۽ پنهنجين سرگرمين جو بنياد پورهيت عوام تي رکڻ چاهي پيو.

جيئن اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ مارڪس ۽ اينجلس پنهنجي حياتيءَ جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ روس ڏانهن گهڻو ڌيان ڏنو. جيڪو عالمي تحريڪ جو مرڪز بڻجي ويو هو. روس پهريون ملڪ هو جنهن مارڪس جي ڪتاب "ناڻي" جو ترجمو ڪيو. ۽ انهيءَ کي ئي فتحمند پرولتاريہ جو بہ پهريون ملڪ ٿيڻو هو.

مارڪس زورگي کي لکيو تہ يورپ جي تاريخ ۾ نئين موڙ جو تعلق روس جي واقعن سان هوندو. "روس ۾ مون اُتان جي حالتن جو اڀياس اصل روسي غير سرڪاري ۽ سرڪاري ماخذن مان ڪيو آهي (پوئين تائين تمام گهڻ ماڻهن جي پهچ آهي پر منهنجي لاءِ پيٽرس برگ جي دوستن حاصل ڪيا) گهڻن ڏينهن کان اٿل پٿل جي چانئٺ تي بيٺو آهي، ان جا سڀ عنصر تيار آهن."

اهو چوندي تہ روسي سرڪاري سماج جا سيئي شعبا معاشي ۽ ذهني اعتبار کان انتهائي زوال جي حالت ۾ آهن، مارڪس لکيو: "هن ڀيري انقلاب اوڀر ۾ شروع ٿيندو جيڪو هاڻ تائين انقلاب دشمنيءَ جو اڻٽٽ پُشتو ۽ محفوظ فوج رهيو آهي."

مارڪس کي اها اميد هئي تہ هُو روسي انقلاب تائين جيئرو رهندو. هن ۽ اينجلس پرولتاريہ جي فتحن جي وقت ۽ سندن ويجهو هجڻ جي ڳڻ ۾ ڪڏهن ڪڏهن غلطي ڪئي پر اهي غلطيون انقلاب کي "ستت آڻڻ" جي خواهش جو نتيجو نہ هيون. اهڙو بلانڪستي رويو هنن لاءِ بلڪل اوپرو هو ۽ لينن جو اهو چوڻ بيشڪ صحيح هو تہ اهڙيون غلطيون ــ انقلابي سوچ جي ديوَن جون غلطيون..... سرڪاري لبرل ازم جي ڪِريل سياٽپ جي پيٽ ۾ هزار ڀيرا وڌيڪ اُوچيون ۽ شاندار ۽ تاريخي اعتبار کان وڌيڪ ملهائتيون ۽ سچيون آهن."

جنهن سال مارڪس جي وفات ٿي، ان سال ڏوراهين روسي شهر سمبرسڪ جي جمنازيم جو هڪ شاگرد ولاديمير اوليانوف تيرهن ورهين جو هو ۽ هن انقلابي جمهوري ادب جو اڀياس شروع ڪري ڏنو هو. پندرهن سالن جي ڄمار ۾ هن مارڪس جو ڪتاب "ناڻو" پڙهي ورتو ۽ ستت ئي هو مارڪسزم جو جوشيلو پرچارڪ ۽ روس ۾ مزورن جي انقلابي پارٽيءَ جو اڳواڻ بڻجي ويو.

مارڪسي خيالن جي تخليقي ارتقا ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جو هڪ نئون دَور ۽ ان سان گڏ ئي پنهنجيءَ آزاديءَ لاءِ مزور طبقي جي جدوجهد ۽ هن دنيا جي اڏاوت ۾ هڪ نئون دَور، جنهن جو خاڪو "ڪميونسٽ مينيفيسٽو" ۾ پيش ڪيو ويو هو، ولاديمير لينن (اوليانوف) جي نالي سان سلهاڙيل آهي.

جيڪڏهن اڻويهين صدي سائنسي ڪميونزم جي نظريي جي جنم جي صدي هئي، تہ وِيهين صدي نئين سماج جي صدي، اهڙين قومن جي هڪ سچي برادريءَ جي جنم جي صدي بڻجي وئي آهي جيڪا "ڪميونزم بحيثيت ڪامليت واري انسان دوستيءَ جي" جِي اڏاوت ڪري رهي آهي.

سوشلزم اسان جي دَور ۾ رڳو هڪ عظيم تعليم ئي ناهي. هاڻي اهو ڪيئي ملڪن ۾، جيڪي سوويت يونين جي چوڌير متحد آهن، هڪ حقيقت بڻجي ويو آهي. سوويت ڪميونسٽن پنهنجي 25ــ هين ڪانگريس ۾ فخر سان چيو تہ عوام



جي محنت هڪ اهڙي سماج جي تخليق ڪئي آهي جهڙي سماج کان انسانذات ڪڏهن بہ واقف نہ هئي. اهو اهڙو سماج آهي جيڪو ڦرلٽ کان، سماجي اڻبرابريءَ ۽ انساني وقار جي تذليل جي هر روپ کان پاڪ آهي، اهڙو سماج جنهن جي معيشت روانيءَ ۽ تيزيءَ سان ترقي ڪري رهي آهي، جتي پورهيت عوام جي وڌندڙ مادي خوشحاليءَ سان گڏوگڏ سندس تهذيبي سطح بہ متاهين ٿي رهي آهي ۽ ان جي روحاني دولت وڌي رهي آهي. هڪ اهڙو سماج جتي پورهيت عوام پاڻ ئي مارڪسي ــ ليننيِ عالمي نُڪتي نظر کي راهہ جي مشعل بڻائي شعوري طور تي سيني سماجي عملن جي هدايتڪاري ڪري ٿو جتي مقصد آهي فرد جي همہ گير، غير محدود ارتقا، "پاڻ بدران سيني انساني قوتن" جي ارتقا "بنا لحاظ ڪنهن پهريان کان مقرر ڪيل ماپي جي."

سوشلسٽ ملڪن جي ارتقا، انهن جي طاقت جي واڌ ويجهہ ۽ اهي جنهن پاليسيءَ تي هلندڙ آهن ان جو ــ امن ۽ چڪتاڻ ۾ ڪوٽ جي پاليسيءَ جو ــ ڏينهون ڏينهن فائدو ڏيندڙ اثر انسانذات جي سماجي ترقيءَ جو خاص رجحان، ان عالمگير انقلابي عمل جو خاص رجحان بڻجي وئي آهي جنهن ۾ سيني ملڪن جا ڪروڙين ماڻهو شريڪ ٿيندا پيا وڃن ۽ سامراج خلاف، حاڪميتن جي جبر ۽ تشدد ۽ استعارِي محڪوميءَ جي ورثي خلاف ۽ امن، قومي آزاديءَ ۽ سوشلزم لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن.

ان جدوجهد ۾ انهن جي راهہ کي مارڪسزم ــ لينن ازم ئي روشن ڪري ٿو.

بورجوا نظرئيدان مارڪسزم کي "رد ڪرڻ" ۽ "برباد ڪرڻ" جي پنهنجي هر ڪوشش ڪن ٿا. اهي ان بدران اهڙن "اِزمن" کي آڻڻ گهرن ٿا جيڪي جديد بدتهذيبن لاءِ وڌيڪ قبوليت جوڳا هجن، ان کي بي ساهو بڻائڻ ۽ سائنسي سوشلزم بدران "لبرل سوشلزم" آڻڻ گهرن ٿا، جنهن تي مارڪس ۽ اينجلس وڏي شدت سان ٽنولي ڪئي هئي.

اسان ڏسي سگهون ٿا تہ اهي سڀ ڪوششون لاحاصل آهن. تاريخ اڻٽر طور انهيءَ پاسي وڌي رهي آهي جنهن جو تعين مارڪس ڪري ڇڏيو هو. عالمي ڪميونسٽ تحريڪ اڃا مضبوط ٿي رهي آهي ۽ ان جي سگهہ وڌندي پئي وڃي.

اسان جي سگهاري ۽ تيز دَور ۾ سماجي ۽ سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي ترقي خاص طور تي تيزيءَ سان وڌي رهي آهي. لڳ ڀڳ هر ڏينهن عظيم اهميت وارن سياسي واقعن ۽ نين سائنسي کوجنائن جون خبرون ملن ٿيون. سماج جي ترقيءَ سان گڏوگڏ مارڪسي نظريو بہ مسلسل ترقي ڪري رهيو آهي، نين سچائين کي عام ڪري رهيو آهي ۽ دنيا آڏو نوان اُفق کولي رهيو آهي. جيڪڏهن فلسفو ۽ سماجي

تحقيقون پنهنجين ڪاميابين تي مطمئن ٿي ويهي رهن ۽ پاڻ کي رڳو مشهور ٻڌائڻ ۾ لڳي وڃن تہ لازمي طور تي اهي پنهنجو ضد يعني ڪٽر اصول پرستي ۽ عقيدي پرستي ٻڻجي پونديون آهن.

مارڪسزم-لينن ازم ترڪيبي طور تي جمود کان اوپرو آهي. اها پاڻ کي زندگيءَ سان بي تعلق ناهي ڪندو. پاڻ کي هڪ تنگ نظر عقيدي جي ڪوپي ۾ بند ناهي ڪندو. انسانذات جي سڄي تهذيبي ورثي کي عام ڪرڻ ۽ تنقيدي نئين اڏاوت تي تاريخي لحاظ کان جڙيل مارڪسزم انساني ڏاهپ جي بهترين ڪارنامن کي پاڻ ۾ سمائيندي مسلسل ترقي ڪري رهيو آهي.

مارڪس جي بهادر، تخليقي، تجسس ڀري سوچ اڄوڪي دنيا ۾ زنده آهي ۽ جدوجهد ڪري رهي آهي. اها سائنسدانن، فلسفين ۽ سياستدانن جي ڪم ۾ حصو وٺي ٿي. اها هر ماڻهوءَ کي حياتيءَ ۾ ۽ سياسي جدوجهد ۾ پنهنجي جڳهہ ڳولهڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. اها دنيا کي سڄي سماجي گندگي ۽ گند ڪچري کان نجات ڏيارڻ ۾، انسانذات کي جنگين، تڪليفن، غربت، بُک ۽ نا انصافيءَ کان نجات ڏيارڻ ۾ مدد ڏئي ٿي.

اها ڌرتيءَ تي زندگيءَ کي انسان جي شانَ لائق ٻڻائڻ ۾ مدد ڏئي ٿي.

سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪاميٽيءَ جي جنرل سيڪريٽري ليونڊ بريزنيف جا هيٺيان انتهائي درست لفظَ سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي 25-هين ڪانگريس جي ٽريبون کي چيا ويا هئا: ”درست حڪمت عمليءَ ۽ طريقيڪار جي جوڙجڪ لاءِ مارڪسزم-لينن ازم ئي اڪيلو اعتبار لائق بنياد آهي. اهو اسان کي درست پس منظر ڏئي ٿو سالن تائين اسان جي سماجي، معاشي ۽ سياسي ترقيءَ جي راهن جو تعين ڪرڻ ۾ ۽ بين الاقوامي ارتقا ۾ پنهنجي ڏِسا صحيح طور ڄاڻڻ ۾ اسان جي مدد ڪري ٿو. مارڪسزم-لينن ازم پنهنجي سگهہ پنهنجي مسلسل تخليقي ارتقا مان حاصل ڪندو آهي. اها ئي مارڪس تعليم ڏني هئي. اها ئي لينن تعليم ڏني. اسان جي پارٽي سندن هدايتن جي سدائين وفادار رهندِي!“

(پُورو ٿيو.)



# ڊاڪٽر محبت ٻرڙو

ڊاڪٽر محبت ٻرڙو همہ گير شخصيت جو مالڪ ۽ سنڌ جو هڪ لائق سپوت هو. هُو هڪ ئي وقت سياسي ۽ سماجي اڳواڻ ۽ ڪارڪن، اديب، مترجم، محقق، سياسي- ادبي- سماجي- لسانياتي- تحقيقي تنقيد نگار، صحافي، ايڊيٽر، ’استاد‘، ڊاڪٽر، اتساهڪ ڪردار، ڪاهوڙي فرد، ڌرتيءَ، ڌرتيءَ واسين ۽ ماڻهپي سان پيار ڪندڙ ۽ انساني چڱاين ۾ يقين رکندڙ شخص هو.

ڊاڪٽر محبت علي ولد شوڪت علي ”شوق“ ٻرڙو 25 مارچ 1952ع قنبر ۾ پيدا ٿيو. هن ابتدائي قنبر مان، انٽر سائنس گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان ۽ ايم بِي. بِي ايس لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشوري ۾ ڪئي، جنهن کان پوءِ هن ڪئپٽن ڊاڪٽر جي حيثيت سان ڪمپلسري ملٽري سروس ڪئي، پر پنهنجي آزاداڻي طبيعت سبب ڊاڪٽر محبتَ ڪئپٽن ڊاڪٽر جي عهدي تان مستعفي ٿي موٽي آيو. جنهن کان پوءِ ڪجهہ وقت ڪراچيءَ ۾ پرائيويٽ نوڪري ڪئي، پر سنت ئي نوڪريءَ جي پابندين کان پاڻ کي آجو ڪري، 84-1983ع ڌاري اباڻي شهر قنبر هليو آيو. جتي هن جنرل ميڊيڪل ڊاڪٽر طور لطيف ڪلينڪ هلائي. شاهہ لطيف سان کيس بيحد عقيدت هئي.

ڊاڪٽر محبت ٻرڙي ايل ايم سِي ۾ پڙهڻ دوران مختصر ڪهاڻيون، طنزمزاح جا ليک ۽ مضمون لکڻ شروع ڪيا. جيڪي ”شاگرد“ پبليڪيشن، ”انجيڪشن“ پبليڪيشن ۽ ايل ايم سي جي ”لياقت“ ۽ ٻين مخزنن ۾ ڇپيا. هُو ”سنڌي“ پبليڪيشن ڄامشوري (’سنڌي ڊائجسٽ‘) جِي انين ۽ نائين ڪڙيءَ جي مُرتبن ۾ شامل (اسسٽنٽ ايڊيٽر) ۽ ڇپرائيندڙ رهيو. 1977ع ۾ هُو ”سنڌي شاگرد پبليڪيشن“ جو ايڊيٽر ۽ ”انجيڪشن پبليڪيشن“ ڄامشوري جو ٻانهن ٻيلي ۽ ڪاتب رهيو. جن ۾ هن قلمي نالن سان ايڊيٽوريل ۽ مضمون لکيا. هُو ”رهبر ڊائجسٽ“ حيدرآباد سان سهڪار ڪندڙ رهيو.

ڊاڪٽر محبت ٻرڙي 76_1974ع دوران ”گلن جهڙا ٻارڙا سنگت قنبر“ جي سرپرستي ڪئي. هر هفتي ٻارڙا سنگت جي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ ٻارن کي تربيت ڏيڻ لاءِ ڊاڪٽر محبت ڄام شوري کان قنبر گهڻي ايندو هو. سندس ان عمل سان قنبر ۾ ترقي پسنديءَ جي ڀرپور سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي دَور جي شروعات ٿي. ان ئي تسلسل هيٺ 1977ع ۾ هُو سماجي ڀلائيءَ جي تنظيم ”قنبر ويلفيئر ايسوسيئيشن“ جو باني ميمبر بہ رهيو.

قنبر ۾ اچڻ کان پوءِ ڊاڪٽر محبت ”ستيزن (ويلفيئر) ڪاميٽي قنبر“ جو باني ميمبر ۽ سيڪريٽري 94_1993ع دوران رهيو. هُو 1989ع ۾ ”موهن جو دڙو سائنس ڪلب قنبر“ کان 1997ع ۾ وفات تائين، ان ڪلب جي نئين نالي ”ڪيرٽر سائنس اڪيڊمي قنبر“ سان لاڳاپيل ۽ ان جي فڪري اڳواڻي ڪندڙ رهيو. جنهن پاران هن ڪجهہ ليڪچر بنيادي سائنسي موضوعن تي ڏنا ۽ ”اڪيڊمي“ پاران 1992ع ۾ ٽن مهينن تائين روزانو ”انگلش ٽيچنگ پروگرام“ ۾ رضاڪار ٽيوٽر رهيو. ان کان سواءِ اڪيڊميءَ جي سائنسي پبليڪيشن سلسليوار ”سائنسي سوچ“ جو فڪري اڳواڻ رهيو. ڊاڪٽر محبت 1994ع ۾ ”سنڌ فورم فار اِنٽيگريٽيڊ ڊولپمينٽ حيدرآباد (روشني فورم)“ سان لاڳاپيل رهيو ۽ ان فورم جي گڏجاڻين ۾ هن سرگرميءَ سان حصو ورتو. هُن ”هيومن رائيٽس ڪانفرنس“ لاڙڪاڻي ۾ خصوصي طور هڪ مضمون انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ ”انساني حق ـ هڪ مختصر تاريخي خاڪو“ پڙهيو.

1976ع ۾، ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي سياسي سرگرمين جي ابتدا ايل ايم سي ۾ ”سنڌي شاگرد تحريڪ“ (س ش ت) جو يونٽ کولڻ ۽ ان جو ميمبر ٿيڻ سان ٿي، جنهن جو هُو 1978ع تائين باني سيڪريٽري رهيو. اتي هُن سياسي تعليم جو ڪم سرگرميءَ سان ڪيو. جنهن ۾ خاص طور سماجي، سائنسي، علمي، جدلياتي ۽ فڪري موضوعن تي ڏنل سندس ليڪچر ڌيان لهڻ ٿا. 79_1978ع دوران ڊاڪٽر محبت سنڌي شاگرد تحريڪ، سنڌ، جو ٻيهريون ۽ چونڊيل مرڪزي صدر رهيو. ان عرصي ۾ هن پنهنجي علمي سياسي ڪم کي وڌيڪ پکيڙيو ۽ سڄيءَ سنڌ ۾ سوَن جي تعداد ۾ ليڪچر ڏنا، جن مان ڪيترائي ليڪچر ڪلاڪن جا ڪلاڪ هليا. اهو مارشل لا جو ڪهري دَور هو، جنهن ۾ سياسي سرگرمين تي وڏي سختي هئي ۽ لينن، مارڪس ۽ اينجلس جي ڪتابن تي وٺ پڪڙ هئي، جيڪي ڊاڪٽر محبت جي قنبر واري گهر توڙي ڄام شوري ۾ هاسٽل تي گهڻي تعداد ۾ موجود هئا. هيءَ دَور سندس لکڻ بدران مطالعي سميت عملي ڪم جو هو جنهن ۾ مٿس سياسي ڪيسَ بہ داخل ڪيا ويا. ڄام شوري ۾ تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ



ڊاڪٽر محبت عوامي تحريڪ ۾ شامل ٿيو ۽ پوءِ ان جي ٺهيل ”مرڪزي تعليمي ڪاميٽيءَ“ جو بنيادي ميمبر بہ رهيو جنهن ۾ هن 50 کان وڌيڪ موضوعن تي، 500 کان وڌيڪ ليڪچرَ سنڌ جي مختلف يونٽن ۾ ڏنا. جن تنظيم اندر سياسي سجاڳيءَ ۾ وڏو ڪم ڪيو.

ڊاڪٽر محبت ٻرڙي 1988ع ۾ سياسي ـ تنقيدي ادب جو شاندار ڪتاب ”...جيڪو سچ چوي“ (قلمي نالن ’لطيف ۽ سچڻ‘ سان) لِکِيو. ”...جيڪو سچ چوي“ جو آخري باب ”هٽ وڌايو ـ سنڌ بچايو“ نالي سان الڳ ڪتابي روپ ۾ 1988ع ۾ ڇپيو. ساڳئي عرصي ۾ هن جا ٻيا ڪيئي ننڍا وڏا ڪتاب ڇپيا.

1990ع کان ڊاڪٽر محبت سياسي صورتحال تي مضمونَ لکڻ ۽ ترجما ڪرڻ، مختلف علمي مقالا ۽ مضمونَ لکڻ ۽ ترجمو ڪرڻ، انسائيڪلوپيڊيا سنڌيڪا جوڙڻ، سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ سائنسي اصطلاح سازي ڪرڻ، سنڌي ٻوليءَ، ان جي لفظن ۽ گرامر تي تحقيق ڪرڻ، علمي ليڪچر ڏيڻ ۽ سماجي ۽ ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. سندس اهو ڪم تمام گهڻو، گهڻ طرفو ۽ ڳُوڙهو آهي. سياسي سرگرمين کان پوءِ ڊاڪٽر محبت جي اها هڪ اهم ۽ پائدار پيش رفت هئي، جنهن ڪيس سنڌ جي علمي، ادبي ۽ تحقيقي دنيا ۾ هڪ نئون ۽ اهم تعارف ڏنو. هن تمام گهڻا اهم علمي ڪتاب ۽ مقالا ۽ مضمون ان دَور ۾ لکيا. جيڪي سندس وفات کان پوءِ هر سال سندس ورسيءَ جي موقعي تي ڇپجندا رهيا آهن.

سنڌي ادبي سنگت قنبر شاخ سان ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي ويجهڙائي رهي. سنگت قنبر جي گڏجاڻين ۽ پروگرامن ۾ وقتاً فوقتاً شريڪ ٿيندو ۽ پنهنجون مفيد صلاحون ڏيندو رهيو. هو سنگت قنبر جو 1995ع ۾ باضابطا ميمبر ٿيو.

هن عالم، اڻ مُلهہ ۽ محبتي شخص ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي وفات دل جي دَوري سبب، 9 اپريل 1997ع تي، قنبر ۾ ٿي، جنهن ساڻس واسطيدار هر ماڻهوءَ کي بيحد ڏکوئي وڌو.

ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي وفات کان پوءِ سندس ويجهن دوستن ۽ شاگردن، سندس ياد ۾، ”ڪيرٽر سائنس اڪيڊمي“ جو نالو تبديل ڪري ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي رکيو جنهن جي منشور ۾ هڪ نُڪتو ڊاڪٽر محبت ٻرڙي جي ڪيل ڪمن کي وڌائڻ ۽ ويجهائڻ شامل آهي. ”اڪيڊمي“ هر سال ڊاڪٽر محبت جي ورسي منعقد ڪري ٿي. اڪيڊميءَ پاران 2002ع کان وٺي، ورسيءَ جي موقعي تي، علمي، ادبي ۽ سماجي شعبن ۾ ڪم ڪندڙ نمايان شخصيتن کي ڊاڪٽر محبت ٻرڙو ايوارڊ پڻ ڏنا وڃن ٿا.

# رياضت ٻرڙو

رياضت ٻرڙو سنڌي ٻوليءَ جو ليکڪ (شاعر، ڪهاڻيڪار، مضمون نويس)، مترجم، پبلشر ۽ رسالي ”سائنسي سوچ“ جو ايڊيٽر آهي. هُو 27 فيبروري 1970ع تي، شوڪت علي ”شوق“ جي گهر ۾، قنبر ۾ پيدا ٿيو. هن ايم.ايس سِي. (فزڪس، 1995ع)، ايم.اي (سنڌي، 2000ع) ۽ ايم.ايڊ. (2000ع) جي تعليم پِرائي آهي. هُو 2001ع ۾ شاهه لطيف ڊگري ڪاليج قنبر ۾ فزڪس جو ليڪچرر مقرر ٿيو. هاڻ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ سندس مقرري آهي.

هن 88_1987ع ۾ ترجمن وسيلي ادبي دنيا ۾ شامل ٿيو. ڪيس گهر ۾ ئي ادبي ماحول مليو. ادب ۾ سندس رهبري نالي واري اديب ڀاءُ ڊاڪٽر محبت ٻرڙي ڪئي ۽ شاعريءَ ۾ رهنمائي مشهور شاعر سرمد چانڊيي ڪئي. سندس هڪ ڪهاڻي- ڪتاب ”پيار جي ڪهاڻي“ (1994)، ٻه شعري مجموعا ”شام جي هوا“ (2004) ۽ ”ديوانِ رياضت“ (2005)، ايڊٽ ڪيل ۽ سهيڙيل تاريخي ڪتاب ”قنبر: هڪ اڀياس“ (2006)، ”چانڊوڻا چمڪن“ (2007)، ”ڏات ڏيئا ٻاريا“ (2010) سميت، ٻين ڪجهه سهيڙيل ڪتابن کان سواءِ، ڊاڪٽر محبت جا 13 ڪتاب سندس وفات کان پوءِ سهيڙي ڇپرايا اٿائين. هُن ماهوار ”سائنس“ ۽ ٻين رسالن ۾ پڻ مختلف ذميواريون نڀايون آهن. هو سنڌي ادبي سنگت قنبر شاخ جو 5 ڀيرا سيڪريٽري پڻ رهيو آهي ۽ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو 05_2004ع دوران مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري به رهيو. سائنسي، تعليمي ۽ سماجي طور ”موهن جو دڙو سائنس ڪلب“ قنبر کان وٺي ”ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي“ قنبر تائين مختلف عهدن تي سرگرم رهيو آهي. پبلشنگ جي شعبي ۾ هن وقت ”ڏاهپ پبليڪيشن لاڙڪاڻي“ جو باني آهي. هو لاڙڪاڻي ۾ آرٽس ڪائونسل جو ميمبر ۽ انڊس لٽرري فورم (الف) جو جوائنٽ سيڪريٽري پڻ آهي.

سندس رهائش پروفيسرس ڪالوني، لاڙڪاڻي ۾ آهي.